# نئون ديرو

## نوان ۽ پراڻا ورق



NAUDERO HISTORICAL SOCIETY

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئون ديرو

## نوان ۽ پراڻا ورق

HISTORICAL NAUDERO SOCIETY

نئون ديرو هسٽاريڪل سوسائٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جو نالو: ٺٽون ڏيرو: نوان ۽ پراڻا ورق
ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 2001ع
تعداد: هڪ هزار
ٽائيٽل اسڪيچ: اختر حيات قاضي
ڪمپيوٽر لي آئوٽ
نياز حسين گبول
پيسٽنگ: قمر گهانگهرو
ڇپائيندڙ: ٺٽون ڏيرو هسٽاريڪل سوسائٽي
ٽيڪنيڪل سهولتون: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
قيمت: پاڪستان ۾ =/350 رپيا
بين الاقوامي: US 10 $

**ڪراچي ايڊريس**

هائوس نمبر 112/1 8th lane
خيابانِ راحت فيز VII
ڊفينس هائوسنگ سوسائٽي ڪراچي.
فون/فيڪس: 5847477 (021)
E-mail: qqazi 2000@yahoo.com

**ٺٽون ڏيرو ايڊريس**

سولنگي هائوس، ٺٽون ڏيرو.

---

هي ڪتاب منار سولنگي سيڪريٽري
ٺٽون ڏيرو هسٽاريڪل سوسائٽي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ
وٽان ڇپرائي ٺٽون ڏيرو مان پڌرو ڪيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

هي ڪتاب ارپيون ٿا
شروعاتي دؤر جي اُنهن مسڪين پر وڏن ۽ عظيم ماڻهن
ڏانهن جن هن شهر جو بنياد وڌو ۽ ان جي اوسر ۾
اهم ڪردار ادا ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇَرَ جيئن ڇيري ۾،
ٻيهر چنڊ ٻري جڏهن،
نئين ديري ۾.

ـ شيخ اياز
(چنڊ چنبيلي ۽ وَل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻياري جي چيله تي، گھاگھر جيئن سونهين،
نئون ڏيرو ائين، سنڌوءَ ساڄي ڪپ تي.

[غلام حسين ڪٽير]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| * پنهنجي پاران | قمرالدين قاضي | 9 |
| * مهاڳ | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | 15 |
| * تاريخي پسمنظر ۽ جاگرافيائي بيهڪ | قمرالدين قاضي | 31 |
| * بازاريون | قمرالدين قاضي | 47 |
| * مواصلات | قمرالدين قاضي<br>غلام نبي شاهاڻي | 75 |
| * ننون ديري جي پرپاسي جا ڳوٺ | امام راشدي | 87 |
| * شخصتيون (سياسي ۽ سماجي) | پير علي محمد راشدي<br>قمرالدين قاضي<br>حسين بخش ناريجو<br>غلام حسين ڪٽپر<br>منٺار سولنگي<br>ابراهيم خليل<br>سراج ڪٽپر<br>ظهيرالدين "خادم" شاهاڻي<br>خالد غلام نبي شاهاڻي<br>هريش ڪمار پمناڻي | 159 |
| * استاد | قمرالدين قاضي<br>ڊاڪٽر غلام علي سانگي<br>محمد بخش ڪٽپر<br>سراج ڪٽپر | 243 |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| * قلمڪار | منٺار سولنگي | 281 |
| * ننون ديرو بابت شاعري | منٺار سولنگي | 405 |
| * سگهڙ | قاضي مقصود گل | 413 |
| * صحافت ۽ صحافي | عبداللطيف سولنگي | 447 |
| * لائبريريون | اعجاز حسين سيال | 453 |
| *ڪلاڪار | منٺار سولنگي<br>عبيد ڪنڀر<br>سراج ڪنڀر<br>قلب سومرو | 465 |
| * ڪردار | پير علي محمد راشدي<br>قمرالدين قاضي<br>پروفيسر نذير احمد سومرو<br>عبيد ڪنڀر<br>عبداللطيف ڪرتيو<br>ظهير الدين "خادم" شاهاڻي | 501 |
| * ادارا ۽ اوسر | | |
| ـ تعليمي ادارا | ڊاڪٽر غلام علي سانگي<br>سراج ڪنڀر | 531 |
| ـ صحت جا مرڪز | سراج ڪنڀر | 543 |
| ـ صنعتي ادارا | مختار گهمرو<br>سراج ڪنڀر | 545 |
| ـ سماجي ادارا | سراج ڪنڀر | 556 |
| * ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون | قمرالدين قاضي<br>منظور منگي<br>آغا رفيق وقار کهڙو | 563 |
| * ننون ديري شهر جو پروفائيل | عبداللطيف ڪرتيو | 573 |

# پنهنجي پاران

1988ع ۾ ڳوٺ جي چند سجاڳ نوجوانن سان علمي ادبي ڪچهرين دؤران ادبي ۽ سماجي سنگت جوڙڻ جو خاڪو پيش ٿيو جنهن ۾ مان، عبدالغفار تبسم، غلام حسين ڪنڀر، ديوان لوڪچند، منٺار سولنگي، منظور منگي، فداحسين سومرو، ابراهيم خليل ۽ ظهير الدين شاهاڻي شامل هيا. ۽ پوءِ جهٽ پٽ "سماجي ثقافتي سنگت نئون ديرو" جي نالي سان سنگت جو وجود ۾ پئجي ويو. نوجوان ساٿين سان گڏ عبدالغفار تبسم ۽ مان ٻانهن ٻيلي هياسين. سنگت جي ٻين ڪمن ۽ پروگرامن سان گڏو گڏ هڪ اهم پروجيڪٽ نئون ديري جي تاريخ مرتب ڪرڻ به هيو. ڇوته تاريخي، سياسي، ادبي، ثقافتي، سماجي لحاظ کان سنڌ جي ڪيترن شهرن ۽ ڳوٺن وانگر بلڪ ڪيترن پهلوئن کان وڌيڪ نئون ديري کي اهميت حاصل آهي، ڇوته هڪ ته جاگرافيائي لحاظ کان عربي سمنڊ، بلوچستان، افغانستان، هندوستان ۽ ڏکڻ، اوڀر ايشيا کي ڳنڍيندڙ فطري زميني رستي تي هي شهر واقع رهيو آهي، جنهن رستي تان يوناني حڪمران سڪندر اعظم جو گذر ٿيو هو. سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي، هن شهر جو وجود، زرخيز زمين، وڻج واپار ۽ پوءِ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ درياءَ جي تاريخي ڦاٽ "گهاڙ واهه" جي ڪپ تي هجڻ به شهر جي اهميت جو سبب رهيو آهي. بر صغير جي ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ پنهنجي قوم جي هندوستان ۽ پاڪستان ۾ خصوصي ڪردار هن ڳوٺ جي اهميت کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. ننڍڙي ڳوٺ هجڻ جي باوجود علائقي جي زبري سياسي ذاتين ۽ شخصيتن جهڙوڪ ڀٽا، کهڙا، راشدي، نئون ديري کي مرڪز بڻائي ملڪي سياست ڪندا رهيا ۽ اهم عهدا ۽ وقار حاصل ڪيو. فطري طرح علائقي جي ماڻهن تي سنڌن ماحول جو اثر شخصيت جا جبلتي رويا به تبديل ڪري ٿو، ان ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙڪاڻو ضلعو عمومي طور ۽ ٺٽون ديرو خصوصي طور تي سياسي مرڪز سڏبا آهن. ۽ حقيقت به ائين ئي آهي ته اسان واري ڳوٺ جو به هر شخص سڌي يا اڻ سڌي طرح سياست سان منسلڪ ۽ متعلق رهيو آهي، جيڪا روايت اڄ تائين اڳي ڪان اڳري آهي، ظاهر آهي ته سياسي طور سجاڳ ماڻهو، زندگيءَ جي هر مسئلي ۾ سجاڳ هوندو آهي. اهڙي طرح راشدي پيرن جو ٺٽون ديرو ۾ عمل دخل خصوصاً پير علي محمد شاهه راشدي ۽ پير حسام الدين شاهه راشديءَ جي ڪري علم ۽ ادب جو ماحول ٺهيو ۽ سندن رڪيل ٻوٽو اڄ سرسبز ۽ شاداب گلستان بڻجي چڪو آهي ۽ ادبي سرگرميون عروج تي آهن.

انهن خصوصي پهلوئن کي نظر ۾ رکندي سماجي ثقافتي سنگت جي دوستن اهو اهم ڪم شروع ڪيو. آءٌ، خاص طرح جناب لوڪ چند ۽ جناب عبدالغفار تبسم جو ٿورائتو آهيان، جن جي رهنمائيءَ ۽ رهبريءَ سان نوجوان ساٿين منٺار سولنگي (سنڌي ادبي سنگت جي حوالي سان وڏو نالو)، سنو شاعر، اديب)، ابراهيم خليل، ظهير شاهاڻي، امام راشدي ۽ ٻين نوجوان دوستن در در وڃي بزرگ ماڻهن کان انٽرويو ڪيا، حوالا ورتا، لئبررين جاڪوڙيون، پراڻا ڪتاب ڪڍيا، تاريخ جي استادن سان مليا ۽ ڪجهه ئي عرصي ۾ ڍير سارو مواد گڏي ورتو ۽ سندن مسلسل جاکوڙ جاري رهي. انهن ئي ڏينهن ۾، ميونسپل ڪاميٽي هال ۾ هڪ سيمينار ڪوٺايو ويو، جنهن جي صدارت سنڌ جي مشهور محقق ۽ تاريخدان ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي مرحوم ڪئي. ميمڻ صاحب عمومي طور "ديرو" جي حوالي سان جڙيل ڳوٺن جو تاريخي پس منظر پنهنجي صدارتي تقرير ۾ بيان ڪيو ۽ خصوصي طرح ٺٽون ديري جي تاريخ تي روشني وڌي، سندن اها صدارتي تقرير ڪتاب ۾ مقدمي طور شامل ڪئي اٿس.

بهرحال، ڪن سببن جي ڪري ۽ ڪجهه دوستن جي نوڪريءَ سانگي ڳوٺ کان ٻاهر رهڻ جي ڪري سماجي، ثقافتي سنگت جون سرگرميون جاري رهي ڪونه سگهيون ۽ سنگت عملي طور غير مائر تي وئي، پر پوءِ به خاص طرح منٺار سولنگي، امام راشدي ۽ اسانجو دوست سراج ڪنڀر انهيءَ جاکوڙ کان پري ڪونه ٿيا ۽ پنهنجي ڏن ۾ مگن



HISTORICAL SOCIETY

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيا . ايڏو سارو قيمتي مواد زيان ٿيڻ هڪ وڏو قومي نقصان هيو، انهيءَ مقصد کي نظر ۾ رکي وکريل پراڻي مواد کي مختلف جڳهن کان وري هٿ ڪيو ويو، وري در در تي وڃي مزيد حقائق، واقعات، ماڻهو، رويا، معلوم ڪيا ۽ مسلسل مون سان رابطي ۾ رهيا ۽ پوءِ تازو ئي اگسٽ 2001 جي آخري هفتي ۾ "نئون ديرو هسٽاريڪل سوسائٽي" وجود ۾ آئي، مواد پريس ۾ پهتو ۽ هي ٽئي نوجوان پنهنجا سمورا ڪم ڪار ڇڏي، اچي ڪراچيءَ پهتا، محدود وسيلن جي باوجود الله جي آسري تي ڪم شروع ڪيوسين ۽ اڄ اسان جو اهو پورهيو هڪ خوبصورت ڪتاب جي شڪل ۾ اوهانجي هٿن ۾ آهي.

تاريخ لکڻ، هڪ خصوصي فن آهي، جنهن کي تاريخ دان ۽ تاريخ سان متعلق ڏاها ۽ تاريخ جي ٽيڪنيڪل فن کان واقف شخص ئي بهتر نموني لکي سگهن ٿا. مان ۽ منهنجا هي نوجوان، نه ئي تاريخ لکڻ جي فن کان ٿورڙي جو گهڻو واقف آهيون ۽ نه ئي تاريخ جا ٽيڪنيڪي زاوين ۽ تحقيق جا ماهر آهيون. ها البت مون کان سواءِ منهنجا ساٿي ادبي لکڻين ۾ مهارت رکن ٿا، ان ڪري بغير ڪنهن رک رکاءَ جي جيڪو به مواد جيئن به جنهن ڏنو آهي، اُن کي ٿورڙي گرامر جي تراش خراش سان پڙهندڙ آڏو پيش ڪريون ٿا. ڪجهه مضمونن ۾ هڪجهڙائي ڪري يا ڪن مضمونن ۾ گهٽي مواد جي ڪري معذرت سان ڪٽوتي ڪئي وئي آهي، ان ڪري مواد لکندڙ ساٿين کان معذرت ڪريون ٿا.

بهرحال، جيئن ته مان مٿي گذارش ڪئي آهي ته سمورين ڪمين بيشين ۽ اسان جي تاريخي پهلوئن کان اڻ ڄاڻائيءَ باوجود اسانجي هيءَ ننڍڙي ڪوشش مستقبل جي ڏاهن ۽ تاريخدانن لاءِ هڪ بنيادي دستاويز جي حيثيت ضرور رکي ٿو. ۽ مستقبل جا لکندڙ انهيءَ مواد کي بهتر کان بهتر بڻائي سگهن ٿا.

ان کانسواءِ، اسان جي سمورن ساٿين جي حتي الامڪان جاکوڙ باوجود اسان محسوس ٿا ته ڪيترين اهم شخصيتن جا حوالا اسان کان رهجي ويا هوندا، ۽ ممڪن آهي ته ڪيترين اهم شخصيتن جي احوال ۾ انهن جي شخصيت مطابق انصاف نه ٿي ڪري سگهيو هجي. زندگي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي ۽ صحت ۽ همت ساٿ ڏنو ۽ وسائل ذرائع پيدا ٿيا ته ايندڙ ايڊيشن ۾ ڪمين ڪوتاهين کي دور ڪري وٺبو.

ڪلهه جا واقعات، شخصيات، ماڳ ۽ مڪان اڄ جي تاريخ آهن ۽ اهڙيءَ طرح اڄ جا واقعا سڀاڻي جي تاريخ آهن. تاريخ جو رڪارڊ نه هئڻ ڪري اڄ جو نسل ڪلهه کا ناواقف آهي ۽ ظاهر آهي ته سڀاڻي وارو نسل اڄوڪين ڳالهين کان اڻ واقف هوندو. انهيءَ زاويي کي مدنظر رکي هي ڪتاب هر گهر، هرذات، قوم، شخص، علمي ادبي ڏاهي ۽ طالبِ علم لاءِ هڪ سٺو دستاويز آهي. شال قبول پوي.

قمر الدين قاضي

چيئرمين

نئون ديرو- هسٽاريڪل سوسائٽي

- ڪراچي

05-09-2001



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

## ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي



ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو عالم ۽ اسڪالر هو جيڪو اسان جي گذارش تي ٿورن ڏينهن ۾ آيو هو ۽ ٿورن ڏينهن ۾ ان جي پسگردائي بابت هڪ ليڪچر جي صورت ۾ تفصيلي ڄاڻ ڏني هئائين.

دراصل اهو ليڪچر ئي اسان جي هن ڪتاب جو بنيادي محرڪ هو، جو اسان سيني دوستن ڊاڪٽر صاحب جن جي ليڪچر جي روشنيءَ ۾ تحقيق ڪري هي مواد گڏ ڪيو. جيڪو اوهان جي هٿن ۾ ڪتاب جي صورت ۾ آهي. اڄ جيتوڻيڪ ڊاڪٽر صاحب هن دنيا ۾ موجود نه آهي پر سندس اهو يادگار ليڪچر اسان هن ڪتاب جي مهاڳ طور شامل ڪندي خوشي محسوس ڪيون ٿا.

(ادارو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# نئون ديرو جا نوان ۽ پراڻا ورق

سماجي ثقافتي سنگت جا عهديدارو ۽ معزز حاضرين!

آءُ اوهان جو نهايت ٿورائتو آهيان جو اوهان هن محفل ۾ مون کي شريڪ ڪيو. اها تمام سٺي ڳالهه آهي ته ماڻهو پنهنجي تاريخ کان واقف ٿين ۽ تاريخ جو مطالعو ڪن ۽ تاريخ جي روشنيءَ ۾ پنهنجيون غلطيون درست ڪن ۽ پنهنجي ڀلائيءَ لاءِ سوچن. تاريخ پڙهڻ جو ۽ تاريخ لکڻ جو اصل ۾ اهوئي مقصد هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته تاريخ اسان لاءِ هڪ آئينو آهي ۽ اسان جو هڪ سلسلو ان سان قائم رهندو اچي ٿو.

تاريخ ۾ مختلف ملڪ ۽ شهر وڏي اهميت جا حامل رهيا آهن جهڙي طرح عراق آهي، ننڍو آهي ۽ اهڙي قسم جا ٻيا شهر آهن. نه فقط اهي پر هر شهر ۽ هر ڳوٺ ڪانه ڪا خصوصيت رکي ٿو. انهن سان ڪي واقعا وابسته آهن يا انهن ۾ ڪن اهم شخصيتن جنم ورتو آهي. شهرن جي تاريخ ۽ جاگرافي، سنڌ جي سياست ۽ درياهه جي وهڪري سان گڏ بدلبي رهي آهي. نئون ديرو تي ان نالي جي پوڻ تي اڄڻ کان اڳ، پهرين آءُ سنڌ ۾ جيڪي مختلف شهر آهن ۽ انهن تي جيڪي نالا موجود آهن انهن جو تعارف ڪرائيندس ته جيئن اوهان کي هن نالي جي پوڻ جو سبب معلوم ٿئي يا اهو تعين ڪري سگهجي ته هي نالو ڪهڙي دور ۾ پيو.

اوهان سنڌ جي تاريخ يا جاگرافي تي نظر وجهندا ته اوهان کي سنڌ جا ڪيترائي شهر مختلف نالن سان نظر ايندا پر انهن ۾ ڪي اهڙا شهر به آهن جن جي نالن ۾ ڪانه ڪا ڳالهه هڪجهڙي هوندي آهي. مثلاً: اوهان ڏسندا ته اسان وٽ ڪي اهڙا شهر آهن جن جي نالن پٺيان "ر"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جهڙي طرح سان ”ڪشمور“ آهي يا ”پنيور“ وغيره آهي. ٻيا اوهان کي اهڙا شهر نظر ايندا، جن جي نالن پٺيان ”آباد“ آهي، ”حيدرآباد“ يا ”نصيرآباد“ وغيره. ڪي اهڙا شهر آهن جن جي پٺيان ”پور“ آهي. نصرپور وغيره. ڪي اهڙا شهر آهن جن جي پٺيان ”جي“ آهي، مديجي، آدمجي ۽ ڦلجي وغيره. هاڻي انهن مختلف نالن وارن شهرن ۾ جيڪا شيءِ هڪجهڙي هئي اها ڪنهن نہ ڪنهن خصوصيت جي يا ڪنهن نہ ڪنهن دور جي عڪاسي ڪري ٿي. مون ڪٿي پڙهيو تہ دراوڙي قومن جي زبان جيڪا ڏکڻ هندوستان ۽ سري لنڪا ۾ ڳالهائي وڃي ٿي ۾ ”ما“ يا ”مئہ“ جي معنيٰ آهي ”هندّ“، ”آباد“، ”جڳهہ“ يا ”مڪان“. اوهان ڏسندؤ تہ اوهان جي هن علائقي ۾ اوهان جي هن ملڪ ۾ انهيءَ نسبت سان اوهان کي ڪي نالا ملندا جيئن ”ماتيلو“ اوري ايندوءَ ”ماهوتا“ ملندو، اڳتي ويندؤ، ”موهن“ ملندو، تہ منهنجي تحقيق آهي تہ اهي شهر ان دور ۾ آباد ٿيا جنهن دور ۾ هت دراوڙ قومن جي ڪثرت هئي ۽ انهن جي ٻولي هت ڳالهائي ويندي هئي ۽ اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ موئن جي دڙي ۾ دراوڙ قومون رهنديون هيون.

سرزمينِ سنڌ هميشہ خوشحال ۽ آباد علائقو رهي آهي، هن ۾ پاڻيءَ جي فراواني هئي، ان جهجهو هو ۽ ماڻهو ٿورا هئا. اوهان جيڪڏهن ”گزيٽيئر“ ڏسندؤ تہ اوهان کي انگريزن جي شروعاتي دور ۾ تمام گهٽ آدمشماري نظر ايندي. هن جي سرسبزي ۽ خوشحاليءَ ٻاهرين قومن کي هت آندو آهي. ڪي قومون بولان لڪ کان آيون تہ ڪي قومون خيبرلڪ کان آيون ۽ هتي آباد ٿيون. ڪي قومون هاڻوڪي ”عراق“ جنهن کي اڳ ”بابلان“ يا ”بابل“ چئبو هو، ان جي شهر ”ار“ کان آيون. انهن پنهنجن آبادين جي نالن پٺيان پنهنجي شهر ”ار“ جي نسبت سان ”ر“ ڳنڍي جيئن، ”ڪشمور“، ”پنيور“ ۽ ”جهڪر“ وغيره. ان کان پوءِ ان دور ۾ جنهن ۾ سنڌين جي پنهنجي اڪثريت ٿي ۽ پنهنجي حڪومت ٿي تہ انهن پنهنجي ٻولي جي نسبت سان نالا رکيا. مثلاً: آدمجي، ڦلجي ۽ مديجي وغيره. انهن نالن پٺيان ڪو ٻيو لفظ بہ هوندو جيڪو ”واندِ“ يا ”وستي“ چئي سگهجي ٿو، آدم جي وستي، ڦل جي وستي، مدي جي وستي يا واند وغيره. اهي نالا وڏا هجڻ ڪري ڪجهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت کان پوءِ صرف آدمجي ۽ مديجي وغيره ٿي ويا.

سمن کان پوءِ ڪلهوڙن جو دور اچي ويو، ڪلهوڙن کي مغلن جاگيرون ڏنيون هيون ۽ هو هت پير ٿي آيا هئا. انهن "گهاڙ واهه" جيڪو هڪ قدرتي ڦاٽ هيو، کي کاٽي ڪري سُڌاريو ۽ وڏايو ويجهايو ۽ ان مان ننڍيون ننڍيون شاخون ڪڍرايون. آدم شماري تمام گهٽ هئي، ان ڪري انهن ٻاهرون ماڻهو گهرايا، خاص ڪري "ديره جات" کان آڻي انهن کي هت آباد ڪيو، جيئن هو سندن ساڻ ڏين جوڙ ابڙن جي اڪثريت هئي ۽ ڪلهوڙن انهن کان زمينون کسيون هيون. اهو زمانو اڄ کان اڍائي ٽي سؤ سال پراڻو چئي سگهجي ٿو. شاهل محمد کان ٽورو اڳ اهي قومون هتي آيون. انهيءَ زماني ۾ هي لفظ "ديرو" هن علائقي ۾ رائج ٿيو. رتوديرو، بنگل ديرو، خيروديرو ۽ ان سان گڏ ننون ديرو وغيره. ٻيا جيڪي به ديره آهن ڪنهن نه ڪنهن شخصيت ڏانهن منسوب آهن، رتو ديرو، رتي جلباڻي، ڏانهن منسوب آهي ته ان آباد ڪيو ۽ خيروديرو، خيرمحمد جي نالي پٺيان هوندو. هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو ته هن "ننون ديرو" تي "ننون" جو نالو ڇو پيو!؟ ۽ ڪنهن ماڻهون سان ان جي نسبت آهي يا نه!!؟

انهيءَ سلسلي ۾ آءٌ هن علائقي جي جاگرافي تي نظر وجهندس. درياهه هن علائقي جي ويجهو وهي ٿو. گهاڙ جيڪو اڳ هڪ ڦاٽ جي شڪل ۾ موجود هو، هن علائقي جي سرسبزي ۽ شادابي ڪافي وقت کان هئي ۽ آهي. منهنجو اندازو آهي، تاريخ ان سلسلي ۾ خاموش آهي پر اسين حقائق جي روشنيءَ ۾ ڪي نتيجا قائم ڪندا آهيون، اهي حقائق اسان روايت جي صورت ۾ ٻڌندا آهيون ۽ انهن کي دلائل يعني عقل جي ڪسوٽي تي پرکيندا آهيون، انهن ڳالهين جي روشنيءَ ۾ منهنجو اندازو آهي ته هت ڪونه ڪو شهر آباد هو، پوءِ اهو شهر ويران ٿيو آهي يا درياهه پائي ويو آهي يا گهاڙ جي پيٽ ۾ اچي ويو آهي، پوءِ جڏهن ڪلهوڙن جي دور ۾ شاهل محمد جي زماني ۾ جڏهن گهاڙ واهه کي هڪ نئين ۽ باقائده واهه جي صورت ڏني وئي ته ان وقت هن شهر کي به ٻيهر آباد ڪيو ويو ۽ جيئن ته ان زماني ۾ جيڪي شهر آباد ٿيندا هئا انهن شهرن جي نالن ۾ لفظ "ديرو" ضرور هوندو هو تنهن ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن شهر کي نئين صورت ڏيئي "ٺٽون ڏيرو" جو نالو ڏنو ويو، اهو منهنجو اندازو آهي جنهن جا سبب ٻه آهن.

ان جا سبب هي آهن ته بولان لڪ کان جيڪا سڙڪ هيڏي ايندي هئي اها جيڪب آباد جي پاسي کان نڪري شڪارپور شهر ۽ شڪارپور ضلعي جي شهرن، نوشهرو، امروٽ، ۽ اورنگ آباد کان ٿيندي مديجيءَ وٽان لنگهي، هن شهر پرسان لنگهي، ماهوٽن وٽان ٿيندي، جهڪر وٽان لنگهي موهن جي دڙي پهچي ٿي ۽ موهن جي دڙي کان وڌي پنيور وڃي ٿي ۽ ان سڙڪ جا نشان اڄ به اوهانجي شهر جي ٻاهران موجود آهن. سڪندر جو لشڪر ان سڙڪ سان لنگهيو هو (يونانين جي تاريخ ۾ ماهوٽن جو ذڪر ملي ٿو). اڳتي مديجيءَ جي شهر وٽان ماٺو درياهه ٽپي هن پار ويندا هئا ۽ پڻ اوهان جي شهر وٽان به ماٺو درياهه ٽپي هن پار ويندا هئا. سيد احمد شهيد (جيڪو سکن سان لڙائي ڪرڻ لاءِ نڪتو هو ۽ هيئين سنڌ کان مٿي آيو هو ۽ پير ڳوٺ ۾ پير صاحب پاڳاري سان به ملاقات ڪئي هئائين جنهن سندس مدد ڪئي هئي) به مديجيءَ وٽان درياهه ٽپي هن پار ويو هو ۽ پوءِ اها سڙڪ وٺي شڪارپور ويو هو (شڪارپور جو شهر پوءِ آباد ٿيل آهي پر اها سڙڪ قديم آهي)، شڪارپور پرسان هن سڙڪ مان هڪ ٻيو رستو نڪري ٿو جو بکر يا اروڙ تائين وڃي ٿو. هڪ ته اهو قديم رستو هتان گذري ٿو ۽ هي علائقو سرسبز ۽ شاداب آهي تنهن ڪري اسان جو پختو يقين آهي ته هن علائقي ۾ ڪو شهر آباد ٿيل هو. ماهوٽا جو وجود ثابت آهي (جو يونانين جي تاريخ ۾ ان جو ذڪر ملي ٿو) پر آدمجي، ڦلجي ۽ مديجي وغيره به ان دور ۾ آباد ٿيا پر انهن جو ذڪر يونانين پنهنجي تاريخ ۾ نه ڪيو آهي صرف ماهوٽن جو ذڪر ملي ٿو، ٿي سگهي ٿو ته ماهوٽا ان دور ۾ وڏو شهر هجي. بهرحال منهنجو اندازو آهي، تاريخ خاموش آهي پر انهن ڳالهين جي روشنيءَ ۾ منهنجو اندازو آهي ته هتي ڪونه ڪو شهر آباد هو جنهن جو نالو ڪهڙو به هو اهو اسان کي معلوم ناهي. باقي جيڪو ٺٽون ڏيرو جو موجوده شهر آهي اهو اٽڪل ٽي سؤ سالن کان وڌيڪ پراڻو نه آهي ڇاڪاڻ ته جيڪو شهر جو نالو آهي اهو ٻڌائي ٿو، نشاندهي ڪري ٿو ڪلهوڙن جي دور جي، جڏهن ديره جات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ماڻهو آيا ۽ انهن پنهنجا شهر آباد ڪري پنهنجي وطن جي نسبت سان شهر جي نالن ۾ لفظ "ديرو" استعمال ڪيو.

هاڻي هن شهر جون آباد ڪندڙ قديم قومون آهن، اهي قومون جيڪي ڪڇي ۾ رهنديون هيون، کهڙا، سولنگي، ميراڻي ۽ ناريجا وغيره اهي ڪڇي جون قومون آهن ۽ اهي ڪڇي مان هت آيون آهن. اصل ۾ انهن جو تعلق ڪڇي سان ۽ درياهه سان آهي. ابڙا ۽ چنا ب سنڌ جون قديم قومون آهن اهي مٿس علائقي ۾ جتي واهن تي آبادي ٿيندي آهي اتي آباد هيون. (١)

ٽالپرن جي زماني ۾ جيڪي شهر آباد ٿيا انهن جي نالن ۾ لفظ "ٽنڊو" استعمال ٿيندو هو. اڄ ب اوهان کي بهاولپور يا رحيم يارخان ضلعن ۾ "ترندا" جي نالن سان ڳوٺ ملندا. "ترندا" ۽ "ٽنڊا" هڪ ئي ڳالهه آهي اسان ٽي چوندا آهيون هو "تري" چوندا آهن. "ٽنڊا" يا "ترندا" جي معنيٰ آهي "ننڍو شهر يا ڳوٺ". اهڙي قسم جا نالا اوهان کي سنڌ جي هن حصي ۾ نہ ملندا، ڇوتہ ٽالپرن جو اثر رسوخ سنڌ جي هن حصي ۾ نہ هو ۽ هنن آبادي حيدرآباد ۾ ڪئي. هتي ڇڙتو شڪارپور ضلعي ۽ سيوهڻ ۾ ترنڊا يا ٽنڊا جي نالي سان ڳوٺ آهن پيا ٽنڊا اوهان کي اڪثر حيدرآباد جي پاسي ملندا. ڳوٺن جا اهي نالا پنهنجو پاڻ ٻڌائن ٿا تہ اسين ڪهڙي دور ۾ آباد ٿياسين. تنهن ڪري هت هڪ ڳالهه ثابت ٿئي ٿي تہ هي شهر نئين صورت ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ آباد ٿيو.

ڪلهوڙن جي دور ۾ گهاڙ واهه وڏي اهميت رکي ٿو، انهن جي ٻين ڪمين ڪوتاهين جي باوجود ڪلهوڙن جو سنڌ تي وڏو احسان آهي جو انهن هڪ منتشر زماني ۾ سنڌ ۾ هڪ مرڪزي ۽ مضبوط

---

(١) ڊاڪٽر صاحب نئون ديرو جو ڪلهوڙن جي دور ۾ آباد ٿيڻ هن حقيقت مان ب ثابت ڪيو آهي تہ ٽالپرن جي دور ۾ جيڪي شهر آباد ٿيا انهن جي نالن ۾ اڪثر "ٽنڊو" جو لفظ موجود آهي. جڏهن تہ جيڪي ڪلهوڙن جي دور ۾ شهر آباد ٿيا، انهن ۾ لفظ "ديرو" استعمال ڪيو ويو ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ اهي شهر سنڌ جي هن حصي ۾ آباد ٿيا ڇوتہ ڪلهوڙن جو اثر هت وڌيڪ هو جڏهن تہ ٽالپرن جي دور ۾ جيڪي شهر آباد ٿيا اهي حيدرآباد ۽ ان جي آسپاس آهن ڇوتہ ٽالپرن جو اثر وڌيڪ هو. ادارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت قائم ڪئي. انهن پنهنجي طاقت ۽ سياست جو جيڪو پهريون مرڪز ٺاهيو اهو هو لاڙڪاڻو ۽ هنن ئي لاڙڪاڻي کي وڏيڪ آباد ڪيو. ڪلهوڙن کي خاص دلچسپي زراعت ۽ آبپاشيءَ سان هئي ڇوته جي آبپاشيءَ جا وسيلا سدارا ته زمينون به آباد ٿينديون ۽ خوشحالي ٿيندي. تنهن ڪري هنن گهاڙ واهه کي نئين صورت ڏني، وڏايو ويجهايو ۽ ان جون شاخون ڪڍايون ۽ ان کي جهاز رانيءَ جي قابل بڻايو. گهاڙ واهه تي لاڙڪاڻي وٽ هڪ بندر هيو جتان ٻيڙا حيدرآباد ۽ ٺٽي تائين ويندا هئا. بولان لڪ ذريعي جيڪي قافلا، ايران، بلوچستان ۽ افغانستان کان ايندا هئا اهي هن رستي سان لاڙڪاڻي ايندا هئا جتي قافلا سراءِ ۾ رهندا هئا جيڪا اڄ به مشهور آهي. اهي قافلا ٻيڙن ذريعي اوهان جي شهر وٽان لنگهندا هئا. چاڪاڻ ته گهاڙ واهه درياهه جو قدرتي ڦاٽ هو جيڪو، نئون ديري جي بلڪل ويجهو هو ان جا نشان اڄ به موجود آهن.

هن علائقي جي خوشحالي جو وڏو سبب مال، اَن، باغ، ميوا ۽ وڻ آهن. اهي سموريون شيون لاڙڪاڻي لاءِ ڇيون وڃن ٿيون پر لاڙڪاڻي کان نئون ديرو تائين اهو سڄو علائقو انهن شين سبب مشهور آهي ۽ سرسبز ۽ شاداب آهي. انهيءَ زماني ۾ مال تمام گهڻو هوندو هو ايتري قدر جو تاريخ ۾ آيل آهي ته هن علائقي ۾ مکڻ ايترو ته گهڻو ٿيندو هو جو ڪنهن ٿانون جي بجاءِ ٻيڙيون صاف ڪري مکڻ سان ڀريون وينديون هيون جيڪو حيدرآباد تائين ويندو هو ۽ اتي ڪوڏر جي لپي جي تور وڪامندو هو. مثلاً، چار لپا، ٽي لپا ڪوڏر جا روپئي ۾ ۽ اڄ به اوهان ڏسندؤ ته رتوديرو ۽ نئون ديرو کير جي پيداوار سبب مشهور آهي ۽ کير مکڻ جون ٽرڪون ڀرجي حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ تائين وينديون آهن.

ڪلهوڙن جي دور کان اسين هن شهر جي نئين تاريخ شروع ڪري سگهون ٿا، پراڻي تاريخ بابت ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي. پراڻي تاريخ بابت ماڳ مڪان ۽ آثار معلوم ڪري سگهجن ٿا. اوهان جيڪڏهن پراڻي تاريخ بابت ڪجهه ڪرڻ گهرو ٿا ته اوهان هن شهر جي پسگردائي ۾ پراڻا ماڳ مڪان ڳوليو ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن شهر جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آثار، اهڃاڻ اوهان کي ملي وڃن. قديم تاريخي سڙڪ جا نشان اڄ به موجود آهن باقي ڪنهن شهر جا نشان اوهان ڳولي سگهو ٿا.

هن علائقي جي هڪ ٻي خصوصيت هڪ اهم شخصيت به آهي. مان سمجهان ٿو ته سنڌ ۾ به اهڙا جرنيل پيدا ٿيا جن جهڙا وري پيدا نه ٿيا، جن سنڌ جو تحفظ ڪيو، سنڌ کي ڌارين جي حملن کان بچايو. جيستائين پاڻ جيئرا رهيا، انهن ڪڏهن به شڪست نه کاڌي اهي به جرنيل هئا، سمن جي دور جو جرنيل دولهه دريا خان ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ شاهه بهارو.

شاهه بهارو سنڌ جو بهادر ۽ جراءت مند جرنيل هيو، جنهن ڪلهوڙن جي حڪومت کي مضبوط بڻايو، امن ۽ سلامتي قائم ڪئي ۽ ٻاهرين حملن کان هن علائقي کي بچايو. هن بلوچستان يا قلات جي حاڪمن سان چوراسي جنگيون ڪيون ۽ هڪ جنگ ۾ به شڪست نه کاڌي، جيستائين هو جيئرو رهيو. افغانستان جي حاڪمن کي به جرئت ٿي نه سگهي، جڏهن هن وفات ڪئي پوءِ نادر شاهه هت آيو. اوهان تاريخ پڙهندا ته معلوم ٿيندو ته جڏهن نادر شاهه هت آيو ته ميان نور محمد ڪلهوڙو هت لاڙڪاڻي ۾ موجود هو. هن پاڻ ۾ نادر شاهه سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت نه سمجهي، تنهن ڪري هو هتان فرار ٿي عمرڪوٽ پهتو. نادر شاهه به سندس پيڇو ڪندي عمر ڪوٽ پهتو. ميان نورمحمد ڪلهوڙو جي عمرڪوٽ فرار ٿي وڃڻ جا به فائدا ٿيا. اوهان ميان نور محمد جي فرار ٿي وڃڻ کي بزدلي چئي سگهو ٿا پر حقيقت ۾ اها هن جي دانائي هئي. هي، هن علائقي يعني ننون ديرو، لاڙڪاڻو کي ڌارين جي گهوڙن جي سنبن هيٺان لتاڙجڻ کان بچائڻ لاءِ عمرڪوٽ فرار ٿي ويو. جيڪڏهن هو هتي هجي ها ته هڪ وڏي جنگ ٿئي ها ۽ هن سرسبز ۽ شاداب علائقي ۾ وڏي تباهي ٿئي ها جنهن ۾ اسان جو ڪافي نقصان ٿئي ها. لاڙڪاڻي جو هي علائقو جيڪو ڪلهوڙن وڏي چاهه سان آباد ڪيو هو ان کي بچائڻ لاءِ هتي جنگ نه ڪئي وئي جنهن ڪري هي علائقو هڪ وڏي تباهي کان بچي ويو. اها ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي هڪ وڏي دانائي هئي. نادر شاهه جهڙي ظالم ۽ جابر حڪمران جنهن دهليءَ کي تباهه ۽ برباد ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيو، هت آيو ته تباهي ۽ بربادي ته ٿي پر اها ميان نور محمد جي دانائي سبب تمام گهٽ هئي. نادر شاهه جڏهن عمرڪوٽ پهتو ته ميان نور محمد ڪلهوڙي سوچيو ته نادر شاهه سان مقابلو ڪرڻ پنهنجي لاءِ تباهي ۽ بربادي آڻڻ آهي تنهن ڪري هن نادر شاهه ڏي صلح جو پيغام موڪليو. جيئن ته نادر شاهه به تمام گهڻو ٿڪجي پيو هو تنهن ڪري هن اها ڳالهه قبول ڪئي. جڏهن ميان نور محمد نادر شاهه وٽ آيو ته پاڻ سان به ڊبليون کڻي آيو. نادر شاهه چيس ته تو وٽ وڏو مال دولت ۽ هيرا جواهر آهن، اهي ڪٿي آهن؟" ميان نورمحمد چيس، "بلڪل اهي هنن ڊبلين ۾ آهن" انهن ڊبلين کي کوليائين ته انهن مان هڪ ۾ ڪڻڪ جو اٽو ۽ ٻئي ۾ ڳاڻو گيهه هو. ميان نورمحمد چيس ته اها سنڌ جي وڏي ۾ وڏي دولت آهي ۽ ان تي اسان کي ناز آهي. ٻين ملڪن ۾ هيرا جواهر هوندا پر اهي ماڻهو نه کائي سگهندو. هيءَ اها دولت آهي، جيڪا ٻين کي هيڏانهن ڇڪي ٿي. "نادر شاهه سندس ان دانائي کان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ صلح ڪري هليو ويو.

لاڙڪاڻو ڪلهوڙن جي دور ۾ وسيو ۽ لاڙڪاڻي جي آسپاس جيڪي آباديون هيون انهن هڪ نئين صورت اختيار ڪئي. اها ٽالپرن جي دور ۾ به قائم رهي. ٽالپرن جي دور ۾ نواب ولي محمد خان لغاري لاڙڪاڻي جو گورنر هيو جنهن جا آثار لاڙڪاڻي ۾ موجود آهن. تجرباغ (جناح باغ) ۾ اوهان کي هڪ پراڻي جڳهه ملندي (نيشنل سينٽر جي پرسان) نواب ولي محمد خان جڏهن وفات ڪئي ته کيس اتي امانت طور دفنايو ويو هو ۽ بعد ۾ کيس حيدرآباد کڻائي ويا هئا. ميان نورمحمد کان پوءِ هي ٻيو ماڻهو هو جنهن لاڙڪاڻي جي خوشحالي ۽ امن و امان کي قائم رکيو.

هن علائقي جي قدامت جا موئن جي دڙي کان سواءِ ٻيا به گهڻا ثبوت آهن. جهڪر جو دڙو لڳ ڀڳ موئن جي دڙي جيترو قديم آهي. جنهن وقت "ار" جون قومون هت آيون.ان کانسواءِ ڏامراهن جي ويجهو هڪ ٿل آهي. ٿل ته هونءَ به ٻڌ ڌرم جي نشاني آهي جنهن کي اسٽوپا چئبو آهي. جيئن موئن جي دڙي ۾ به آهي. هي اسٽوپا آهي جنهن ۾ ٻڌ جي رک جي ڊبلي هوندي هئي. ڪلهوڙن جي دور ۾ هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿل کي هڪ ٻئي ڪم لاءِ استعمال ڪيو ويو. ان دور ۾ بلوچستان يا ، قلات کان گهلر ايندا هئا جيڪي ڦرون لٽون ڪندا هئا. انهن ڦرن کان لاڙڪاڻي کي بچائڻ لاءِ ان ٿل تي هڪ پير رکي وئي. ان تي هڪ ماڻهو وينو هوندو هيو. جيڪڏهن هو ڏسندو هو ته ڪا ڌوڙ اڏندي نظر ٿي اچي يا گهوڙن جي سنبن جو آواز ٿو اچي ته هو سمجهي ويندو هو ته ڪي گهلر ٿا اچن يا ڪا گهل ٿي اچي. پوءِ هو پير وڄائيندو هو جنهن جو آواز لاڙڪاڻي تائين پهچڻ ۾ ايندو هو جتي لشڪر تيار ٿي ويهندو هو. اهو ڪلهوڙن جي دور ۾ شاهه بهاري جو اقدام هو جيڪو پوءِ به قائم رهندو آيو. مون عرض ڪيو ته هن شهر کي شاهه بهاري جي حوالي سان به وڏي اهميت حاصل آهي. قوي امڪان آهي ته هن شهر کي وڏائڻ ۽ سڌارڻ ۾ شاهه بهاري به ڪا ڪوشش ورتي هجي. چاڪاڻ ته انهن جا ڳوٺ به هن شهر جي پرسان آهن. تنهن ڪري ضرورت آهي ته خود شاهه بهاري تي به ڪا تحقيق ڪئي وڃي. هن تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي. ان جي ڪارنامن کي روشن ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ هن تي تفصيل سان لکڻ جي ضرورت آهي.

ان ڪانسواءِ به لاڙڪاڻي ۽ هن سرزمين کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي. سياسي لحاظ کان، ثقافتي لحاظ کان ۽ ادبي لحاظ کان هنن علائقن نئون ديرو، خيروديرو، لاڙڪاڻو ۽ پنجو ديرو ۾ مسلمان توڙي هندن ۾ وڏيون شخصيتون پيدا ٿيون آهن. جن سياست ثقافت ۽ ادب ۾ وڏو مقام حاصل ڪيو. ان سان گڏ طيب ۽ ٻيا سڀ ڳوٺ ۽ شهر اهم آهن.

ريڊيو پاڪستان جي هڪ ڪيسيٽن جي لئبريري آهي جنهن ۾ هنن مختلف ماڻهن جا انٽرويو ۽ خيال معلوم ڪري محفوظ ڪيا آهن. ان سلسلي ۾ مون کان هڪ دفعي هنن پڇيو هو ته "آخر ڪهڙو سبب آهي جو لاڙڪاڻو هڪ سياسي، ثقافتي ۽ ادبي مرڪز آهي. هن علائقي ايترين شخصيتون ڪيئن پيدا ڪيون آهن!؟ مان پاڻ ان سوال تي منجهي پيس. مون کي ان جي روايت موئن جي دڙي سان ملائڻي پئي. قديم زماني کان هن خطي تي قدرت جي مهرباني رهي آهي. هت واپار جا وڏا مرڪز رهيا آهن. جن ۾ اسان نئون ديرو به شامل ڪري سگهون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿا. ڇاڪاڻ ته لاڙڪاڻي ۾ جڏهن بيڙا ايندا هئا ته هتان لنگهندا هئا يا هت بيهندا هئا.

هن موجوده دور ۾ به هن سر زمين سياست، ادب ۽ ثقافت ۾ اهم مشهور شخصيتون پيدا ڪيون آهن. قاضي قمرالدين صاحب ان سلسلي ۾ سٺو مضمون لکيو آهي پنهنجي شهر متعلق، شخصيتن متعلق، جنهن ۾ هن قومن جو ذڪر به ڪيو آهي. ماڻهن اديبن ۽ شاعرن جو به ذڪر ڪيو آهي. اوهان جي سرزمين ۾ ڪلهوڙا ۽ پٺا ۽ جلباڻي ڪلهوڙن جي دور ۾ اچي آباد ٿيا ۽ ڪجھ قومون ٽالپرن جي دور ۾ ميان ولي محمد خان لغاري جي وقت ۾ آيون، شاهه بهاري ڪان ڪجھ وقت پوءِ به ڪجھ قومون هت آيون انهن ۾ پٺا به هئا جيڪي هن شهر جي پرسان ننڍا ڳوٺ آباد ڪري ويٺا. ننون ديرو شهر انهن جو آباد ڪيل نه آهي. جيئن قاضي صاحب به لکيو آهي ته رسول بخش خان پٺو ماڻهن جي عرض ڪرڻ تي هت اچي ويٺو ۽ ان شهر جي سڌارڻ ۾ وڏو حصو ورتو.

اسان جي سنڌ جي سياست جي اهم شخصيت شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو تعلق به هن سر زمين سان آهي. هن نه فقط ملڪ جي ماڻهن جي خدمت ڪئي پر مسلمانن کي متحد ڪرڻ ۽ انهن جي مقصد کي اڳتي وڌائڻ ۾ به هن وڏو ڪم ڪيو. منهنجو خيال آهي ته ڀٽو صاحب مرحوم کي الله تعاليٰ، جيڪا عزت بخشي ان جو مکيه سبب اهو آهي ته هن قاديانين کي غير مسلم قرار ڏنو. هن وقت تائين جيڪو دور گذريو آهي ان ۾ ڪنهنکي به جرئت نه ٿي ته هنن کي غير مسلم اقليت قرار ڏي. ايتريقدر جو اسانجو جڏهن پاڪستان ٺهيو ته ان جي ٺاهيندڙن کي به خبر نه هئي ته قادياني مسلمان نه آهن. انهن هڪ قادياني کي فارين منسٽر ڪيو. جنهن هتي قاديانين جي طاقت کي وڌايو ۽ انهن کي سياسي ۽ مالي طرح بي انتها مضبوط ڪيو. نه فقط ايترو پر ان قاديانين جي تعداد کي به وڌايو. پر جيڪي ڪجھ چند ٿيا اهي به ان جي وقت ۾. جهڙوڪ ايڏي وڏي طاقت سان مقابلو ڪري هن مذهبي ۽ سياسي طرح سان وڏو ڪردار ادا ڪيو. مان ان کي سلام ٿو ڪريان! منهنجو ذاتي خيال آهي ته الله تعاليٰ ان ماڻهو کي عزت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ انهن ڳالهين سبب ڪڏهن ڪڏهن هنن علائقن کي نقصان پهچائيندي‌يون، پر الله تعاليٰ جو شڪر آهي جو ڪلهوڙن جي دور کان اڄ ڏينهن تائين تاريخي لاهين چاڙهين جو باوجود (نادر شاهہ آيو، احمد شاهہ آيو يا ٻيون ڪي ڳالهيون ٿيون) لاڙڪاڻي جو وار بہ ونگو نہ ٿيو ۽ لاڙڪاڻي سان وابستہ ٻيا شهر ۽ وستيون بہ آهن انهن مان هڪ وستي ۽ شهر نئون ديرو بہ آهي.

دوستو! مون اوهان جو ڪافي وقت ورتو آهي. مان اوهان کي گذارش ڪندس تہ جيڪڏهن اوهان پنهنجي شهر تي لکڻ گهرو ٿا تہ اها سٺي ڳالهہ آهي. ان جا مختلف پهلو آهن. هڪ ان جي جاگرافيائي پوزيشن آهي. اوهان ان کي هن صورت ۾ لکي سگهو ٿا تہ هي شهر ڇو آباد ٿيو؟ هن جي ترقيءَ جا ڪهڙا سبب آهن!؟؟ (ترقيءَ جا مکيہ سبب آهن سرسبزي شادابي، مال جي فراواني، گيهہ، مکڻ ۽ کير وغيره) هن رستي سان ڪهڙيون قومون هن شهر وٽان لنگهيون ۽ هن رستي سياست ۽ ثقافت تي ڪهڙا اثر ڇڏيا؟ اقتصادي طور هن رستي ۽ هن شهر جي پنهنجي پسگردائي، ملڪ ۽ هن علائقي کي ڪهڙو فائدو رسايو آهي. جهڙي طرح سان زيتون ۽ ساريون. اهي ٻاهرين علائقن ڏانهن وڃن ٿيون تہ اقتصادي طرح سان ڪهڙو فائدو پهتو آهي. نہ فقط ادب ۽ تاريخ جي لحاظ کان پر سياست جي لحاظ کان بہ مختلف پهلو آهن جن تي لکي سگهجي ٿو. ۽ ان کان سواءِ ادبي شخصيتون آهن شاعر آهن ۽ سگهڙ آهن. سگهڙ هن علائقي ڏاڍا سٺا پيدا ڪيا آهن. مان هت سگهڙن جي ڪچهريءَ ۾ آيو هوس ۽ سگهڙن پنهنجو پاڻ موکيو هو ۽ اهي پڪڙيل آهن مدئجي تائين ۽ هن علائقي ۾ ڏاڍيون سٺيون محفلون مچن ٿيون. اسان جو قديم لوڪ ادب ۽ قديم زبان انهيءَ لوڪ ادب سان ئي وابستہ آهي سو انهيءَ کي بہ ڪجهہ واضح ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ ان تي لکڻ جي ضرورت آهي ۽ اهي شخصيتون جن ضروري ناهي تہ ادب ۽ سياست، پر ڪنهن ٻئي هنر وغيره ۾ پنهنجو پاڻ موکيو يا انهن انسانذات جي خدمت ڪئي اٿئون يا انسان جي ڀلائي جا ڪم ڪري رهيا آهن (انهن تي بہ لکڻ جي ضرورت آهي) حال ۽ مستقبل جي انهن ڳالهين تي لکڻ ضروري آهي. آءٌ اميد ٿو ڪريان تہ اوهان انهن پهلوئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي مون کان وڌيڪ روشني وجهي سگهندا. مان فقط سنڌ جي تاريخ جي هڪ ادنيٰ طالب علم جي حيثيت ۾ هي ڳالهيون ڪيون آهن، جيڪي منهنجي ذهن ۾ آيون ۽ مون جيڪي ڪجهه ڏٺو.

هيءَ سرزمين پنج هزار سالن کان خوشحال رهي آهي. اوهان ٻڌو هوندو ته لاڙڪاڻي جو علائقو "ميل" سڏبو آهي. ان جا سبب آهن ته هي علائقو ميل ڇو سڏبو آهي؟ هي علائقو ميل ان ڪري سڏبو آهي جو درياهه جا ٻه وهڪرا هت ملن ٿا. ان زماني ۾ هڪ وڏو وهڪرو گهاڙ واهه هو. ڪنڌڪوٽ وٽان هڪ ٻيو وهڪرو نڪرندو هو جيڪو شڪارپور ۽ جيڪب آباد کان ٿيندو قمبر واري علائقي مان ۽ حاڪم شاهه پٽ وارو جتي وارهه وهي ٿي. ان جو پيٽ آهي ۽ اتان غيبيديري وٽ ايندو هو، غيبي ديرو ان زماني ۾ وڌيڪ آباد هو ۽ اتي هڪ پَتڻ هو. اُتي اهو مَنڇر ۾ چوڙ ڪندو هو. (منڇر وٽ ان جا آثار اڄ به آهن) هاڻي جتي رائيس ڪئنال چوڙ ڪري ٿو. ان کي چنبڻ به چوندا آهن. درياهه جا هي قدرتي وهڪرا جت هڪ ٻئي سان ملندا هئا ان کي "ميل" چئبو هو. ان۾ قمبر جو ٿورو هيڏانهن وارو حصو ميهڙ ۽ نصيرآباد وارو علائقو جهڪر ٿائين اچي وڃي ٿو. ان کان پوءِ نارو هيو. ناري کان پوءِ گهاڙ جي اهميت آهي.

هن علائقي ۾ ڪنهن به وقت پاڻيءَ جي کوٽ نه رهي آهي. ان ڪري سڄي سنڌ ۾ قديم زماني کان، چانورن جي گهڻي پيداوار ڏيندو اچي ٿو. چانور سنڌ جي ڪنهن بي علائقي ۾ ايتري مقدار ۾ نه ٿيندا آهن. پاڻي جي ڪري مينهون به گهڻيون ٿين ٿيون. تنهن ڪري هن علائقي ۾ ڪاڏي جون مکيه شيون به چانور، ماهيو گوشت ۽ کير وغيره آهن. ماهي گوشت سان هن علائقي جي ماڻهن جي جيڪا دلچسپي آهي اها ڪنهن ٻي علائقي ۾ ناهي. ڇاڪاڻ ته کير گهڻو تڏهن ٿيندو آهي جڏهن مينهون ٿينديون ۽ مينهون گهڻيون اتي ٿينديون آهن جتي پاڻي هوندو آهي ڇاڪاڻ ته مينهن جو گذر پاڻي تي آهي.

اهي اقتصادي ۽ جاگرافيائي سبب آهن جيڪي هن علائقي کي سرسبز ۽ خوشحال بنائن ٿا ۽ بنائيندا رهيا آهن گذريل ٥ هزار سالن بلڪ ٨ هزار سالن کان. تنهن ڪري هن علائقي ۾ ننون ديرو جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علائقي ۾ ڪوئي ڪو شهر ضرور هوندو جيڪو پنج هزار سال اڳ کان آباد ٿيندو آيو آهي ۽ پوءِ اهو ويران ٿيو آهي ڇوته درياهن جا يا درياءَ جي ڦاٽن جي وهڪرن جا رخ بدلبا رهيا آهن. (۽ رخ بدلجڻ سان) ڪي شهر ويران ٿيا آهن ۽ ڪي ٻيا آباد ٿي ويا تنهن ڪري اهي شهر يا شهر برباد ٿي ويا هوندا. ۽ هي شهر نئون آهي ۽ ڪلهوڙن جي دورَ جي نشاني آهي ڇوته اهو ظئي آهي ته "ديرو" لفظ ڪلهوڙن جي دور ۾ رائج ٿيو جڏهن ديره جات کان ماڻهو هت آيا.

آءُ وري به اوهان جو شڪر گذار آهيان جو اوهان هي موقعو ڏنو ۽ مون پنهنجيون ڦڪيون مٺيون ڳالهيون پيش ڪيون جيڪي منهنجي جي دل جي گهراين مان آهن ۽ منهنجي تاريخ جي مطالعي مان آهن. آءُ اوهان جا ٿورا ميڃي اوهان کان اجازت وٺان ٿو. السلام عليڪم!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جاگرافيائي بيهڪ
# ۽ تاريخي پسمنظر

تحقيق

**قمرالدين قاضي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي ٻن خوبصورت ڪئنالن، رائيس ڪئنال ۽ دادو ڪئنال جي وچ ۾ سرسبز ۽ شاداب ٽڪرو "ٺٽون ديرو" جي نالي سان مشهور آهي. ١٨٣٨ع ۾ هڪ انگريز عملدار ايسٽ انڊيا ڪمپني جي نمائندي طور جڏهن لاڙڪاڻي ۽ ماهوٽن ڪان ٿيندو ٺٽون ديري پرو ٿيو ته هُن هِن کي "باغن جو شهر" سڏيو. در اصل ڪئپٽن ايسٽ وِڪ سان هڪ گجراتي مسلمان لطف الله سنڌس ترجمان طور ساڻ هو. جنهن پنهنجي سوانح عمري لکي، جنهن ۾ هن سنڌ جي سفر جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. ڪئپٽن ايسٽ وڪ پنهنجي ملازم ۽ ترجمان جي پورهئي جو فڪر ڪندي سندس سوانح حيات جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائي (Autobiography of lutufullah) جي نالي سان ڪتاب ڇپرايو. اها سوانح عمري سنڌ جي هڪ سروي رپورٽ به هئي، جنهن انگريزن کي سنڌ متعلق مڪمل ڄاڻ مهيا ڪئي. ساڳي ڪتاب جي انهيءَ حصي جو جنهن ۾ سنڌ جو ذڪر هيو ١٩٥٦ع ۾ قادربخش نظاماڻي "سنڌ جو سفر" جي نالي سان ترجمو ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ ان کي شايع ڪيو. هن ڪتاب ۾ ٺٽون ديري جو ذڪر به ملي ٿو.

ڪيپٽن ايسٽ وِڪ سان گڏ لطف الله ٺٽون ديري جي سونهن ۽ سوڀيا مان ڏاڍو متاثر ٿيو جنهن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"ٽيرنهن تاريخ صبح جو اسين اٺ ميل مارچ ڪري ٺٽون ديري ۾ آياسين، رستو سنئو هيو، هي ملڪ ڪافي آباد تي ڏسڻ ۾ آيو ڳوٺن جي پسگردائي انبن ۽ ڪجيءَ جي باغن سبب ڏاڍي وڻندڙ ٿي لڳي. اسين هڪ باغ واري بنگلي ۾ ٽڪياسين" لطف الله اڳتي هلي ٺٽون ديري متعلق لکي ٿو: "ٺٽون ديرو وڏو ڳوٺ آهي جو مير محمد خان جو آهي. هن جي طرفان محمد خان سيال نالي هڪ پيرسن شخص ڳوٺ جو انتظام سنڀاليندو آهي. هتي ڪاڏي پيتي جي شين جي حيرت انگيز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سستائي آهي. مون ٻن ٻن پئسن ۾ وڏيون وڏيون ڪڪڙيون خريد ڪيون جيڪي لنڊن ۾ هڪ هڪ ٻن ٻن روپين ۾ هوند ملن. ٻيون شيون پڻ اتان جي ڀيٽ ۾ ڪافي سهانگيون هيون.

سندس بيان ۾ ذڪر ڪيل ٻن شخصن ميرمحمد خان ۽ محمد خان سيال جو ذڪر ملي ٿو. مير محمد خان حيدرآباد جي ميرن مان هيو. جيئن ته چانڊڪو پرڳڻو حيدرآبادي ميرن جي انتظام ۾ شامل هيو، تنهنڪري مير محمد خان پاران هن شهر جي، سنڀال لاءِ محمد خان سيال مقرر ڪيل هيو.

هاٽي ته باغ خال خال ئي بچيا آهن پوءِ به ساوڪ ۽ سبزه زار هن خوبصورت شهر جي گلي ۾ هار ٻڌيا بيٺا آهن هن شهر کي خدا جي هر نعمت حاصل آهي هتي ربيع ۽ خريف جا ھيٺي فصل پريل ۽ ترپل ٿين ٿا. خاص طور چانور، ڪڻڪ هتان جي اهم پيداوار آهن. ستر جي ڏهاڪي ۾ شگرمل جي قائم ٿيڻ کان پوءِ ڪمند جو فصل به خوب ٿيو. ننڍا ۽ وڏا زميندار ڪمند جي پيداوار تي چڱي توجهه ڏين پيا. زمينون آباد پاڻيءَ ۾ پاڻ پريون، ڪچي ۽ پڪي جي بهتر آبادي ڪري هي علائقو بهراڙيءَ جي ماٺهن جي خاص توجهه جو مرڪز آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو سراسري طور هتان جو ماڻهو سٺيو آهي. (نوٽ: شگر مل هاٽي بند ٿي چڪي آهي)

گهاڙ واهه جي قدرتي وهڪري سبب هن خطي کي اڄ جيان پراڻي وقت ۾ به ساڳي ئي اهميت حاصل هئي. هن شهر جي آباد ٿيڻ جي ڪا حتمي تاريخ ته ڪونه ٿي ملي پر اها حقيقت آهي ته هي شهر ڪلهوڙن جي دور ۾ آباد ٿيو. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي چواڻي ته هن شهر "نئون ديرو" جي نالي ۽ هتي جي جاگرافيائي اهميت کي پيش نظر رکي اهو چئي سگهجي ٿو ته هتي يا هن شهر جي ڀر پاسي ڪو شهر يا ڳوٺ آباد هيو جو ڪنهن سبب ڪري منجي ويو ۽ بعد ۾ هن نئين نالي سان هي ڳوٺ آباد ٿيو جنهن کي نئون ديرو ٿو سڏجي. ميمڻ صاحب جي انهيءَ راءِ کي رد نه ٿو ڪري سگهجي، ۽ جيئن ته ديرا مثلاً: بنگلديرو، رتوديرو، پنجو ديرو، خيرو ديرو ۽ سوڀوديرو وغيره ڪلهوڙن جي دور ۾ آباد ٿيل آهن. ان ڪري هي نئون شهر يا ڳوٺ به ڪلهوڙن جي دور ۾ ئي آباد ٿيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پراڻي دؤر جي هڪ يادگار جڳهه، جنهن تي ڪاٺ جو خوبصورت ڪم ٿيل آهي



لاڙڪاڻي کان نئون ديرو ايندي شهر جي مهڙ جو دروازو



سنڌو جي قليم ڦاٽ گهاڙ واهه جي موجوده شڪل



ڪتابن ڪان خالي لائبريري جي خوبصورت عمارت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ان عيد گاھ جو مکيو دروازو جتي شهيد پنّو
شهرين سان گڏجي عيد نماز پڙهندو هو



ريلوي اسٽيشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



شهر جي مني اسٽيڊيم




گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول جي مين گيٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## قومون ۽ ذاتيون

شروع شروع ۾ نئون ديرو چند گهرن واري ڳوٺڙي جي صورت ۾ گهاڙ واهه جي ڪناري تي آباد هيو. جتي ميربحرن جا ڪُجهه گهر آباد هوندا هيا. سندن ڪم ٻيڙيون هلائڻ هوندو هو. هتي اهم پتڻ هيو، جتي وڏا وڏا ٻيڙا اچي لنگر انداز ٿيندا هئا. انهيءَ ڪري هي علائقو خصوصي اهميت حاصل ڪندو رهيو. اهڙي طرح مٺي پاڻيءَ ۽ مڇُن ماڻهن جي هن شهر سڀ کان اول گهراماڻي قوم جي توجهه حاصل ڪئي جيڪي اڍائي سؤ سال اڳ بلوچستان مان اچي هن ڌرتي تي آباد ٿيا ۽ هتان جا ئي ٿي رهجي ويا. گهراماڻي علم ۽ تعليم جي ڪري قاضي سڏيا ويا. ڪن ڏسندي ڏسندي پرپاسي آباد ٿيل ٻيون قومون ۽ ذاتيون آهستي آهستي اچي نئون ديري پريون ٿيون. جن ۾ ڪنڀر، کهڙا، چنہ ۽ ناريجا خاص طور ذڪر لائق آهن. هڪ خاص ڳالهه توجهه طلب آهي ته اهي سڀ گهٽو ڪري گهاڙ پر- ئي آباد ٿيا ڇوته ان وقت گهاڙ واهه کي ئي خصوصي اهميت حاصل هئي. وڻج واپار ۽ مواصلات جو خاص ذريعو گهاڙ واهه ئي هيو ڇوته ننڍا ٻيڙا ۽ ٻيڙيون سنڌوءَ جي هن قدرتي وهڪري کي ئي سکر کان وٺي چانڊڪا پرڳڻي تائين ۽ اڳتي هيٺ استعمال ڪنديون هيون. ان کان سواءِ ٻيڙيون هلائڻ ۽ مڇي مارڻ ميربحر قبيلي جي روزگار جو هڪ اهم ذريعو هيا. زراعت جو دارومدار به گهاڙ واهه تي ئي هيو.

هن آباديءَ کي وڌندي ۽ ماڻهن کي وڻج ۽ واپار ۾ پاڻ پرو ٿيندي ڏسي هن ڳوٺ ٻين قومن ۽ ذاتين کي به پاڻ ڏانهن متوجه ڪيو ۽ پرپاسي وارن علائقن کان ٻيا ڪيترائي ماڻهو لڏ پلاڻ ڪندي نئون ديري پرا ٿيا. قاضين جي محلي پرسان اتر طرف گهاڙواهه سان ٽين لائين ۾ هندو اچي آباد ٿيا جن مان پهريون آباد ٿيندڙ "مکي" مشهور ٿيا ۽ آهستي آهستي "مکي پاڙو" آباد ٿي ويو. ٻين هندن کي به واپار جو خاص اسڪوپ نظر آيو ۽ مکين کي ڏسندي ترائي جا هندو به وڏي تعداد ۾ (جيتوڻيڪ ترائيءَ ۾ به هو سکيا ۽ سٺيا هيا پر هتان جي ڳالهه ڪجهه ٻي هئي) اچي مکين جي پرسان ۽ شهر جي ٻين علائقن ۾ آباد ڪاري ڪئي. ساڳي دور ۾ ڪڇي جي علائقي مان ناريجا قوم جا



HISTORICAL SOCIETY NAUDERO
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قسم جا دڪان جوڙي سڄي ۽ سهڻي بازار قائم ڪيائون. چانورن جي فصل ڪري چانورن جي ڇڙائي جا ڪارخانا به لڳا جن جو ڪاروبار به هندن پنهنجي هٿ ۾ رکيو. ننڍن توڙي وڏن زميندارن کي اڳواٽ قرض ڏئي فصل مان آمدني جا اميدوار ٿيا ۽ اهڙي طرح هي ترقي جو قافلو وڌندو رهيو. انهيءَ دوران پين ڪيترين ئي ذاتين ۽ برادرين جا ماڻهو به ٿوري ٿوري تعداد ۾ پرياسي وارن ڳوٺن مان يا ٻين ماڻهن کي سکيو ستابو ڏسي پري پري وارن علائقن مان هتي اچي آباد ٿيا. جن ۾ مهر، ماڇي (سولنگي)، شيخ، سومرا، منگي، دايا وغيره قابل ذڪر آهن. اهڙي طرح ويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي تائين هي شهر پنهنجي عروج تي پهتو. انهيءَ دوران شاهاڻي قوم جا ڪجھ گهر ڳوٺ دارا مان لڏي اچي هت آباد ٿيا. اهڙي طرح اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته شهر جي اصل آبادي ۾ هيٺيون ذاتيون نمايان رهيون آهن.

| | |
|---|---|
| ١ـ قاضي (گهراماڻي) | ٨ـ سيد (بخاري) |
| ٢ـ ميراڻي | ٩ـ ناريجا |
| ٣ـ ڪنٻر | ١٠ـ پٺي |
| ٤ـ کهڙا | ١١ـ سولنگي |
| ٥ـ پٺا | ١٢ـ ڪرٽيا |
| ٦ـ چنا | ١٣ـ شيخ |
| ٧ـ هندو | ١٤ـ شاهاڻي |

## ذاتين جون اهم شخصيتون

### قاضي (گهراماڻي)

قاضين جي آباد ٿيڻ ڪري شهر جي ٻين سڀني ذاتين ۽ برادرين سندن وڏي عزت ڪئي. پٺو خاندان به کين شهر جو اصل مالڪ سمجهندو هيو. ۽ هر معاملي ۽ مسئلي ۾ کين پيش پيش رکيو ويندو هو. انهيءَ حقيقت جي باوجود ته مالي اعتبار کان هي خاندان ڪو خاص سگهارو ڪونه هيو تنهن هوندي به سندن عزت ۽ وقار ۽ مان مرتبو اڻانهون هيو. وڏيرو رسول بخش خان پٺو ۽ خانبهادر احمد خان پٺو سندن تمام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ ڪين به وڏيري جي لقب سان پڪاريندا هئا. قاضي خاندان جي چڱي مڙس وڏيري ڪريم بخش جو نالو ڪافي مشهور هيو. ڪيس پٽ جي اولاد نه هجڻ ڪري سندس وفات کان پوءِ پڳ سندس ڀائيٽي قاضي علي گوهر خان تي پئي. قاضي علي گوهر خان ١٩٨٥ع ۾ وفات ڪئي ۽ پڳ سندس وڏي فرزند قاضي قمرالدين کي ٻڌائي وئي جيڪو ٽيليفون جي محڪمي ۾ ڊائريڪٽر آهي. قاضي علي گوهر خان جو ننڍيو پٽ قاضي صدر الدين آهي جيڪو بينڪ آفيسر آهي.

نئون ديري جي قاضي خاندان جو ويجهو مٽي وارو تعلق رتيديري جي مشهور قاضي خاندان سان رهيو آهي جن مان قاضي عبدالحي "قائل" جو نالو ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي. پاڻ سٺو استاد شاعر اديب ۽ صحافي هيو. علائقي جي هر شخص لاءِ قابلِ احترام. سندن وفات ١٩٨٩ع ۾ حج دوران حجاز مقدس ۾ ٿي ۽ مڪي شريف ۾ جنت المعليٰ ۾ دفن ٿيا. سندن پٽن مان قاضي خضر حيات سول انجنيئر ۽ نالي وارو آرٽسٽ آهي ۽ سندس ٻيو پٽ قاضي مقصود گل مشهور شاعر آهي، قاضي اختر استاد ۽ قاضي منظر حيات ڊاڪٽر ۽ مشهور شاعر ۽ اديب آهي.

## ميراثي:

ميراثي گهراڻي کي جيڪڏهن استاد گهراڻو سڏجي ته شايد وڌاءُ نه ٿيندو ڇوته هن خاندان جا چڱا مڙس پنهنجي خاص عزت ۽ احترام وارا هيا پر استادي جي لحاظ کان به شهر جو هر ماڻهو سندن عزت ۽ احترام ڪري ٿو. هن خاندان ۾ استاد ولي محمد خاص نالي وارو شخص ٿي گذريو آهي ۽ سندس شاگرد ٽين نسل جا سٺا استاد آهن. استاد ولي محمد ميراثي کي هڪ سٺي استاد طور سڃاتو وڃي ٿو ۽ انهيءَ حيثيت ۾ خانبهادر احمد خان به کيس خاص جڳهه ڏيندو هو. سندس بهتر پرورش ڪري هن خاندان به ٻيا سٺا استاد پيدا ڪيا. جن ۾ استاد عبدالغفور مرحوم ۽ استاد محمدصديق مرحوم به نالي وارا استاد هيا جيڪي استاد ولي محمد جا پٽ هيا. سندس خاندان مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد مراد ميراڻي چڱو نالي وارو مڙس آهي ۽ پنهنجي والد جيان اجان ٻه اوطاقي جوان آهي ۽ ميراڻي محلي ۾ سندس اوطاق کي خاص اهميت حاصل آهي.

ميراڻي خاندان ۾ محترم چتو خان ميراڻي پڳ وارو جوان هيو، جنهن کي شهر ۾ هڪ خاص اهميت حاصل هوندي هئي. سندس وفات کان پوءِ پڳ استاد علي شير خان کي ٻڌائي وئي. هي تقريب ميراڻي محلي ۾ ٿي. استاد علي شير خان کي شهر جي چڱن مڙسن ۾ وڏي اهميت حاصل هوندي هئي ۽ پاڻ تمام وڏي سوچ ۽ سمجهه وارو جوان هو. سندس وفات کان پوءِ پڳ سندس وڏي فرزند جناب غلام قادر خان ميراڻي کي ٻڌائي وئي جيڪو واپڊا ۾ انجنيئر هيو ۽ هاڻي رٽائرڊ زندگي گذاري رهيو آهي. سندس ٻيو فرزند محترم غلام حسين ميراڻي جيڪو پڻ سينئر استاد ۽ سيڪنڊري اسڪول هيڊماسٽر رهي چڪو آهي.

ميراڻين ۾ جناب مرحوم درمحمد خان ميراڻي پنهنجو مٽ پاڻ هيو. سندس وفات کان پوءِ سندس فرزند استاد نور محمد ميراڻي ٻه مذهبي طرح سان سندس جانشين رهيو آهي. سندس مذهبي جذبو ٻه سدا قائم ۽ دائم رهيو آهي. امام بارگاهه جي عزت ۽ وقار کي برقرار رکيون پيو اچي ۽ مذهبي رسمون ۽ رواج ٻه ساڳي ئي سلسلي سان ڪندو پيو اچي.

**ڪنڀر**

ڪنڀر خاندان ۾ جندل خان نالي وارو مڙس هيو. پڳ جو مالڪ، چڱن مڙسن جي جوڙ ۾ عقل ۽ فهم وارو. سندس راءِ کي چڱا مڙس ۽ پنو خاندان وڏي اهميت ڏيندا هئا. سندس وفات کان پوءِ پڳ محترم محمد بخش ڪنڀر تي پئي. سندن پٽن مان وڏو ڊاڪٽر خليل احمد ڪنڀر عزت ۽ پيار ڏيندڙ نوجوان آهي. ۽ هر دلعزيز شخصيت جو مالڪ آهي. اهڙيءَ طرح ٻيو نمبر پٽ رشيد احمد ڪنڀر انجنيئر آهي ٽيون نمبر پٽ بشير احمد ڪنڀر بينڪ آفيسر آهي ۽ ننڍو پٽ عزيز احمد ڪنڀر ڪسٽم کاتي ۾ انسپيڪٽر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڀر خاندان علم ۽ ادب جي حوالي سان سٺو ناميارو آهي. ۽ فطري صلاحيتن سان مالا مال آهي. هن خاندان ڪافي سٺا اديب ۽ شاعر پيدا ڪيا آهن. جن ۾ مرحوم محمد سليمان "سالم" هڪ وڏو ۽ ناميارو شاعر هيو. ان کان سواءِ مولوي محمد ابراهيم مشوري (مشوري خاندان جو تعلق به ڪنڀرن سان آهي) پنهنجي وقت جو تمام وڏو عالم شاعر استاد محقق، سماج وادي ۽ نوجوانن جو رهنما هيو. (پر افسوس جو ٻئي شخصيتون تمام ننڍي عمر ۾ وفات ڪري ويون) ان کان سواءِ محمد عالم ڪنڀر مرحوم به هڪ سٺو فنڪار ۽ شاعر هيو. (انهن شخصيتن جو ذڪر تفصيل سان ٻين حصن ۾ ايندو) ساڳي خاندان ۾ استاد ڪريم بخش گهايل ۽ محمد آچر مخمور به سٺا شاعر ۽ اديب هيا. ڪنڀر خاندان ۾ استاد احمد بخش ڪنڀر پروفيسر آهي. غلام حسين ڪنڀر پڻ پروفيسر آهي. ڊاڪٽر محمد يوسف ڪنڀر هر دلعزيز ماڻهو آهي ساڳي خاندان ۾ غلام سرور دائود پوٽو مرحوم (دائود پوٽا به ڪنڀر آهن) رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر هيو. پير بخش ڪنڀر شاهنواز ڀٽو شگر مل ۾ ڪين مينيجر هيو. ۽ سڪندر علي ڪنڀر ميونسپل ڪاميٽي ننون ديرو جو ميمبر رهي چڪو آهي.

## کهڙا:

کهڙا خاندان جو تعلق ڪچي جي علائقي مٺي ڳوٺ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن سان رهيو آهي. پڳ جو بار محترم ڪريم بخش خان کهڙي تي آهي. پاڻ سٺو استاد ۽ هڏ ڏوکي انسان آهي. شهرين جو هڪ وڏو تعداد سندس شاگرديءَ ۾ رهيو آهي. انهيءَ خاندان مان هڪ هر دلعزيز شخصيت امداد علي خان کهڙي جي آهي. هن جوان جي تعريف ۾ جيترو لکجي گهٽ آهي. پاڻ ٻيلي کاتي ۾ ڊويزنل فاريسٽ آفيسر آهي. سڄي سنگت جي هر دلعزيز شخصيت، محترم ۽ پيار واري، ڪيتري به عزت ڪجي ڪيترو به ٻائنجي ۽ ڪيترو به پيار ڪجي گهٽ آهي.

## ڀٽو خاندان:

ننون ديرو شهر کي ڀٽو خاندان جي ڪري وڏي اهميت حاصل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي. جناب وڏيري رسول بخش خان مرحوم جي پڳ جو وارث خانبهادر احمد خان ٿيو. پاڻ وڏو سماج سڌارڪ، عالمن ۽ اديبن جي عزت ڪندڙ ۽ تمام گهڻو محترم شخص هيو. سندس شخصيت جي ڪري ٺٽون ديرو سنڌ ۽ پاڪستان جو مرڪز هيو. وڏا سياسي اڳواڻ ۽ حڪمران سندس دعوت تي ٺٽون ديري ايندا رهندا هيا. سياستدانن ۾ جي- ايم سيد، محمد ايوب کهڙو، دولتانه، پير پاڳارو صاحب، ۽ حڪمرانن ۾ سڪندر مرزا ۽ ايوب خان ڪيترائي دفعا خانبهادر احمد خان جي دعوت تي ٺٽون ديري آيا. شهر جي صفائي سٿرائي ۽ امن امان جو خاص خيال رکندا هيا. سندس ئي وقت ۾ شهر ۾ پهريون دفعو سينيٽري ڪميٽي جڙي، جنهن جا چيرمين پاڻ ٿيا. اسڪول اسپتالون ٺهرائڻ ۽ ٻيا سماجي ڪم ڪرائڻ ۾ سندن خاص حصو هو. پاڻ سياست ۾ لوڪل باڊيز جي سطح تائين حصو وٺندا هئا. باقي ملڪي سطح تي سياست جو ڪو خاص شوق نه هين. پاڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو سهرو هيو.

جيئن ته ڪين پٽ جي اولاد ڪونه هئي، ان ڪري سندن وفات کان پوءِ ١٩٦٢ع ۾ پڳ سندن نياڻي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي ٻڌرائي وئي. عيد گاهه گرائونڊ ٺٽون ديري ۾ پڳ ٻڌڻ جي تقريب ٿي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي شهر جي سيني برادرين جي چڱن مڙسن پڳ جا ور ڏنا جن ۾ قاضي علي گوهر خان، محمد بخش ڪنڀر، علي شير ميراڻي، قاري عبدالحميد، حاجي سعدالله شيخ جا نالا ياد اٿم ۽ ٻه ور شايد ٻن ٻين چڱن مڙسن ڏنا هيا.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، حڪومت پاڪستان ۾ وزيرِ آبپاشي بجلي، وزير خارجه ۽ پوءِ صدر پاڪستان ۽ وزير اعظم پاڪستان رهيا ۽ ١٩٧٧ع ۾ مارشل لا جي نتيجي ۾ سندن حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ ڪين ١٩٧٩ع ۾ ڦاسي ڏني وئي. ان کان پوءِ سندن ننڍي فرزند شهيد شاهنواز ڀٽو کي ١٩٨٥ع ۾ فرانس ۾ زهر ڏئي ماريو ويو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي فرزند مير مرتضيٰ ڀٽي جي ١٦ سال ملڪ کان ٻاهر هجڻ ڪري پڳ ٻڌائڻ جي رسم نه ٿي سگهي. مير صاحب جي جلاوطني ١٩٩٤ع ۾ پوري ٿي ۽ واپس وطن موٽي ايو پڳ ٻڌرائڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي رسم کان اڳ ئي ڪيس ٢٠ سيپٽمبر ١٩٩٦ع تي ڪراچيءَ ۾ ڪوڙي پوليس مقابلي ۾ شهيد ڪيو ويو. محترم بينظير ڀٽو پنهنجي والد جي ذميوارين کي سنڀاليون پئي اچي. جيڪا ڊسمبر ١٩٨٨ع ۾ وزير اعظم پاڪستان ٿي. سندس حڪومت کي ٦ اگسٽ ١٩٩٠ع تي ختم ڪيو ويو. ان کان پوءِ وري ١٩٩٣ع وارين چونڊين ۾ محترم ٻيهر وزير اعظم ٿي ۽ ڪيس آڪٽوبر ١٩٩٦ع ۾ ٻيهر هٽايو ويو ۽ هن وقت پنهنجي طور جلا وطني جا ڏينهن گذاري رهي آهي.

**چنا:**

چنا خاندان به شهر جي پراڻن آباد ٿيندڙن مان هڪ آهي. سندن گهڻا گهر گهاڙ پر قاضي محلي ۾ آهن ۽ ڪجهه گهر پوسٽ آفيس پر سان. سندن پڳ جو مالڪ علي نواز چنو هيو. سندس وفات کان پوءِ پڳ محمد عرس چني تي آئي ۽ سندس وفات کان پوءِ پڳ سندس پٽ اختر حسين چني تي آئي. اختر حسين چنو لوڪل باڊيز ۾ آفيسر آهي ۽ ننڍو سجاد حسين بئنڪ آفيسر آهي.

چنا گهراڻي علم ۽ ادب ۾ به چڱو نالو پيدا ڪيو آهي. محترم محمد عيسيٰ چنو هڪ سٺو استاد هيو ۽ سڀ کين عزت جي نگاهه سان ڏسندا هيا.

**هندو:**

جيئن مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته هندن ۾ مکي خاندان شهر ۾ آباد ٿي، شهر جي واپار ۾ هٿ وندرائي ترقي جو باعث بڻيو. مکي خاندان ۾ مکي پارو مل نالي وارو مڙس هو. ڀٽو خاندان ۽ شهر جا سمورا چڱا مڙس مکي پارو مل جي تمام گهڻي عزت ڪندا هيا. مکي پارو مل جو سنڌ جي ناميارن اڳواڻن هندو توڙي مسلمانن سان سٺو تعلق هيو. انهيءَ ڪري سندس اثر رسوخ جو مالڪ هيو. سندس خاندان مان آرت مل پڙهيل لکيل ماڻهو هيو. ۽ اڄڪلهه مولچند سندس ويجهن عزيزن مان رهيو آهي. جيڪو شگر مل ۾ ملازم هيو. ديوانن ۾ سيٺ نانڪرام سٺي عزت واري جڳهه ماڻي، سندس ذريعو به واپار هيو ۽ واپار ۾ سٺو نالو ڪمايائين. هندن جي پنچائت جو به پنهنجي زندگيءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخري گهڙين تائين چڱو مڙس رهيو.

بعد ۾ آيل هندن ۾ لوڪچند پڙهيل ڳڙهيل ۽ سٺي اثر رسوخ وارو جوان آهي. سندس ذريعہ روزگار بہ واپار آهي ۽ پاڻ مسلسل هندن جي نمائنده طور ميونسپل جو ميمبر رهندو آيو.

هندن ۾ نامديو هڪ سٺو پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو آهي ۽ پنهنجي ڪميونٽي ۽ شهر ۾ سٺي عزت اٿس، پاڻ اليڪٽريڪل انجنيئر آهي پر گذر سفر واپار تي اٿس ۽ واپار تي سٺو عبور حاصل اٿس. پاڻ ميونسپل ڪاميٽي ٽنون ڏيرو جو چيئرمين بہ رهي چڪو آهي. هينئر ڪراچيءَ ۾ پنهنجو بزنس ڪري رهيو آهي.

## سيد (بخاري)

١٩٥٠ع ڌاري بخاري سيدن جو خاندان لڏ پلاڻ ڪري ٽنون ڏيري جي اترين پاسي اچي آباد ٿيو. عام طور تي سندن تعلق ملازمت سان رهيو آهي. سيد محمود شاهہ ۽ سيد حيدر شاهہ نالي وارا ماڻهو هن خاندان پيدا ڪيا. ٻيا بہ ڪيترائي نوجوان ملازمت سان آهن.

## ناريجا:

ناريجا شهر جا پهريان ۽ پراڻا آباد ڪرڻ وارن مان آهن. ڪڇي جي علائقي مان لڏ پلاڻ ڪري شهر جي آباد ڪاري ۾ حصو ورتائون. سندن زياده تر پيشو ڪرَمت آهي. ميان محمد ابراهيم ناريجو پهريون شخص هيو جنهن سرڪاري ملازمت ڪئي. پاڻ سيشن ڪورٽ سان وابستہ هيو. شهر جي ماڻهن کي سرڪاري ملازمت ڏانهن مائل ڪرڻ ۾ سندس وڏو هٿ هيو. سندس هڪ پٽ امان الله ناريجو وڪيل آهي ۽ ٻيو پٽ حبيب الله ناريجو سياست سان وابستہ هيو. ڪيس لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي گهر جي ٻاهران گولي هڻي قتل ڪيو ويو.

ناريجن جي خاندان ۾ مرحوم امير بخش ناريجي جي اولاد بہ سٺو نالو پيدا ڪيو آهي. جناب الهڏنو ناريجو تعليم کاتي سان وابستہ آهي. هينئر رٽائر ڪري چڪو آهي ۽ سندس ذڪر استادن واري مضمون ۾ آيل آهي. حسين بخش ناريجي جو نالو ملڪي سياست ۾ مان ۽ مرتبي وارو آهي. سندس تعلق عوامي تحريڪ سان رهيو آهي ۽ ايم آر ڊي جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪزي ڪنوينر به رهي چڪو آهي. اڄڪلهه سنڌ قومي انقلابي پارٽي ڏاهي اٿس.

ناريجا خاندان ۾ استاد محمد جڙيل ناريجو سٺي استاد جي حيثيت سان نالو پيدا ڪيو ۽ پاڻ پرائمري اسڪول جو هيڊماسٽر ٿي رٽائر ڪيائين.

## پنّي:

پنّي خاندان جو تعلق ميرپور پنّي سان آهي. پنّو خاندان جي ملازمن جي حيثيت سان هي خاندان ٺٽون ديري ۾ اچي آباد ٿيو. هن خاندان ۾ هڪ نالي وارو شخص منشي قادر بخش پنّي هئا. پاڻ خانبهادر احمد خان جا مينيجر هيا. پنهنجي اهليت، قابليت، ايمانداري، فهم ۽ فراست سبب پنّو خاندان ڪانسواءِ سڄي شهر ۾ به وڏي عزت جي نگاهه سان ڏٺا ويندا هئا. سندس اولاد مان عبدالرشيد پنّي هڪ استاد جي حيثيت ۾ رٽائر ڪيو ۽ عبدالغفار پنّي سنڌ جو ناميارو شاعر. تبسم جي تخلص سان سڃاتو ويندو آهي. پاڻ پي- آءِ- اي ۾ هڪ اعليٰ عهدي تي فائز آهي.

هن ئي خاندان ۾ هڪ نالو استاد عبدالرزاق پنّي جو آهي. جيڪو بهترين استاد جي حيثيت سان سڃاتو وڃي ٿو. پاڻ شهر جي تقريباً سيني انگريزي جي شاگردن جو استاد ٿي رهيو آهي. سندس اولاد پڙهيل ڳڙهيل آهي ۽ اڄڪلهه لاڙڪاڻي ۾ آباد آهن.

## سولنگي:

سولنگي (ماڇي) برادري پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هن شهر ۾ اچي آباد ٿي. سڀ کان پهرين انهيءَ برادريءَ جا چار ڀائر غلام حسين، منٺار علي، واحد بخش ۽ مينهون خان (هينئر چارئي فوت ٿي چڪا آهن) هتي اچي هاٿوڪي ميونسپل ڪاميٽي لڳ گهر اڏيائون. انهن مان غلام حسين انتهائي معتبر شخص ۽ ڪافي اثر رسوخ وارو ماڻهو هو جنهن هتي اچي (جنهن کي بعد ۾ قتل ڪيو ويو) پنهنجي حيثيت ۽ اهميت کي مڃرايو. سندس علم و ادب سان به واسطو هو ۽ شعر گوئي به ڪندو هو. ڪيس پنهنجو مال متاع هو ۽ ڪافي هلندي پڄندي وارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو هو.

**ڪرٽيا:**

ڪرٽيا برادري به پاڪستان کان اڳ هن شهر ۾ اچي آباد ٿي. ارباب علي خان ڪرٽيو، نيڪ محمد ڪرٽيو، نذر محمد ڪرٽيو، عطا محمد ڪرٽيو ۽ محمد ايوب پيراٽي (ڪرٽيا پيراٽي به سڏائيندا آهن) ناليوارا ماڻهو رهيا آهن. هن وقت به ڪرٽيا شهر ۾ ڪافي تعداد ۾ رهن ٿا. جيڪي گهڻي ڀاڱي پڙهيل لکيل ۽ سرڪاري ملازمتن ۾ آهن. جن ۾ نواب علي ڪرٽيو، منور علي ڪرٽيو، لياقت علي ڪرٽيو ۽ عبداللطيف ڪرٽيو قابل ذڪر آهن. هن برادري جو پڳدار ارباب علي خان ڪرٽيو هيو جنهنجي وفات کان پوءِ سندس پڳ سندس فرزند عبداللطيف ڪرٽيو تي آهي.

**شاهاڻي:**

شاهاڻي خاندان جو اصل ڳوٺ شاهاڻي ديهه دارانپور آهي. ۱۹۴۰ع واري ڏهاڪي ۾ اچي ٺٽون ديري ۾ آباد ٿيا. مالي طرح خوشحال ۽ پڙهيل لکيل آهن. هن خاندان ۾ غلام نبي شاهاڻي ۽ گل حسن شاهاڻي ناليوارا مڙس آهن.

**شيخ:**

شهر جي معززن ۾ هڪ نالو حڪيم شيخ سعدالله جو آهي. سندس اصل ڳوٺ مرزا پور هو جتان پاڻ هتي ۱۹۵۰ع ڌاري لڏي اچي آباد ٿيا.

سندس اولاد مان وڏو پٽ اسدالله پروفيسر آهي. ننڍيا به پٽ سليم الله ۽ خليل الله ڊاڪٽر آهن ۽ سندس ورثي ڪي ساڻس گڏ سنڀاليون اچن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# GAZETTEER

OF THE

# PROVINCE OF SIND.

COMPILED BY

A. W. HUGHES, F.R.G.S., F.S.S.,

BOM. UNCOV. CIVIL SERVICE.

*Second Edition.*

*WITH MAPS AND PHOTOGRAPHIC ILLUSTRATIONS.*

LONDON: GEORGE BELL AND SONS,

YORK STREET, COVENT GARDEN.

1876.

[All rights reserved.]

**Nawa Dera**, a Government town in the Rato-dēro talūka of the Lārkāna division, 12 miles north-east from Lārkāna; it has road communication with Lārkāna, Shikārpur, Rato-dēro and Fatehpur.—The Ghar canal flows past the town. It is the head-quarter station of a Tapadār, and has besides police lines for 5 men, a Government school, district bangalow, dharamsāla, and cattle-pound. The population, numbering in all 1125, consists of 703 Musalmāns of the Saiyad tribe, and 422 Hindūs mostly Brahmans. Their chief occupations are trade and agriculture.

لندن مان شايع ٿيل گزيٽيئر 1876ع ايڊيشن جو عڪس جنهن ۾ ٺئون ديرو جو ذڪر آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# A GAZETTEER

OF

# THE COUNTRIES ADJACENT TO INDIA

ON

# THE NORTH-WEST;

INCLUDING

## SINDE, AFGHANISTAN, BELOOCHISTAN, THE PUNJAB, AND THE NEIGHBOURING STATES.

COMPILED BY THE AUTHORITY OF

THE HON. COURT OF DIRECTORS OF THE EAST-INDIA COMPANY,

AND

CHIEFLY FROM DOCUMENTS IN THEIR POSSESSION,

BY

EDWARD THORNTON, Esq.

*Author of the "History of the British Empire in India."*

IN TWO VOLUMES.

VOL. II.

LONDON:

WM. H. ALLEN AND CO.

1844.

لنبن مان شايع ٿيل گزيٽيئر 1844ع ايڊيشن جو عڪس جنهن ۾ ٺٽون ديرو جو ذڪر آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بازاريون

تحرير

قمرالدين قاضي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بازاريون هر شهر جي رونق ۽ رنگينيءَ جو اهم حصو هونديون آهن. ڪنهن به شهر جي سونهن، آسودگيءَ ۽ آسائش جو اندازو ان شهر جي بازارين جي رونق ۽ چهل پهل ڪي ڏسي ئي لڳائي سگهبو آهي. سنڌ‌ڙيءَ جي هر سهڻي شهر جيان هن من موهيندڙ مٽيءَ جي مٽي ملڪ ۾ به هر دؤر ۾ خوبصورت بازاريون موجود رهيون آهن. بدقسمتيءَ سان ١٩٥٠ع کان اڳ جي بازارين متعلق ڪو خاص مواد ملي ڪونه سگهيو آهي، ان ڪري هت صرف ١٩٥٠ع کان پوءِ اڄ تائين موجود بازارين ۽ انهن بازارين ۾ ڪن خاص مرڪزن، دڪانن ۽ دڪاندارن جو ذڪر ڪيندو، جيئن مستقبل جا شهر واسي گهٽ ۾ گهٽ موجوده بازارين جي هئيت، حيثيت ۽ نموني کي آئيندي جي نموني سان ڀيٽي سگهن.

خدا جي فضل سان جيئن ته هي شهر هميشه کان وني سگهارو ۽ سٺيو رهيو آهي، ان ڪري هت اصل کان وني هر قسم جا دڪان پريل تريل رهيا آهن. ويهين صديءَ جي شروعاتي دؤر ۾ جيئن جيئن هن شهر جي آبادي وڌي تيئن تيئن هت بازارين جي رونق ۾ اضافو ٿيو. انهيءَ دؤر ۾ جيئن ته، هندن جو واپار تي گهڻو عمل دخل هيو، ان ڪري سٺا سٺا دڪان هندن جا هُئا. هت هر قسم جا دڪان موجود هُئا ۽ اهو ئي سبب هيو ته ڪيترائي ماڻهو ڄمڻ کان وني مرڻ تائين شهر کان ٻاهر نڪرڻ ضروري نه سمجهندا هئا، ڇوته هِتِ انساني ضرورت جي هر شيءِ موجود هئي. ورهاڱي کان پوءِ به ڪيترائي هندو واپار سان منسلڪ رهيا ۽ اڄا تائين آهن ۽ ڪن ڪن دڪانن تي مهاجر يا پنجابي قابض ٿيا يا وري سنڌي مسلمانن ڏنڌن ۾ پير پاتو ۽ ڪيترائي ماڻهو ڏنڌي ۾ ترقي ڪري ڪافي پئسو ۽ نانءُ ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

هڪ مزيدار ڳالهه اها آهي ته پراڻي وقت کان وني بازار ۾ هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص ترتيب هُئي. جيڪا اڄ تائين ڪنهن قدر باقي آهي. البت حال واري بازار جي ترتيب ۾ ڪافي جڳهن تي بي ترتيبي اچي وئي آهي. چوته هڪ ئي نموني جي دڪانن ۾ ڪن ٻين نمونن جي دڪانن لڳڻ ڪري ترتيب ٽٽي پئي آهي. جيئن ته اڳ۾ سونارڪي بازار ۾ صرف سونارا، ڪپڙي بازار ۾ صرف ڪپڙي وارا ۽ درزي ۽ اهڙي طرح هڪ ئي قسم جي ڪم ولرا هوندا هُئا ۽ اڄڪلھ بي ترتيبي ضرور آئي آهي.

## بازارين جي بيهڪ ۽ جوڙ جڪ:

اصل ۾ شهر جي هڪ ئي وڏي بازار آهي. جنهن جي ڊيگھ اندازاً ٽي ڪلوميٽر ٿيندي ۽ انهيءَ بازار جا ڪيئي حصا مختلف ڪاروبار لاءِ مخصوص هيا ۽ ڪي قدر آهن. بازار جي شروعات شهر جي ڏکڻ اوپر واري حصي کان اجوڪي چوڪرن جي پرائمري اسڪول ع۳ ۽ چوڪرين جي سيڪنڊري اسڪول کان ٿئي ٿي ۽ اندازاً ٻه سؤ ميٽرن تائين اتر طرف هلي ٿي ۽ اجوڪي بخشي واري ٻيڙين جي مانڊٽيءَ جي سنگم کان بازار اولھ طرف روان آهي ۽ تقريباً ۴۰۰ ميٽر اولھ طرف هلي ٿي جتان گوپالي جي جنرل اسٽور (هن وقت اتي پنسارڪا دڪان آهن) وٽان وري اتر طرف هلي ٿي جتان اندازاً اڍائي سؤ ميٽر اتر طرف هلي لعل چند جي ميڊيڪل اسٽور (هاڻي شهباز ميڊيڪل اسٽور) وٽان وري اولھ طرف وڃي ٿي ۽ ٻه سؤ ميٽرن تائين مٺائيءَ ۽ هوٽلن جي سنگم تان وري ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿي. هڪ حصو اولھ طرف لاڙڪاڻي روڊ ڏانهن پنج سؤ ميٽرن تائين ۽ ٻيو حصو اولھ، اتر طرف اجوڪي سبزي مارڪيٽ تائين تقريباً ڏيڍ سؤ ميٽر ۽ اڳتي مينهل ماچي جي هوٽل (هاڻي اتي پيٿالوجي ليبارٽري آهي) کان وري اتر طرف اسٽيشن روڊ ڏانهن اٽڪل هڪ ڪلوميٽر تائين آهي.

اهڙي طرح هن ڊگھيءَ بازار کي هيٺين حصن۾ ورهائي سگھجي ٿو.



HISTORICAL SOCIETY NAUDERO

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| پهريون حصو: پرائمري اسڪول کان | بخشي جي ٻيڙين جي ماڊٽي ۲۰۰ ميٽر |
| ٻيو حصو: بخشي جي ماڊٽيءَ کان | گوپالي جو جنرل اسٽور ۴۰۰ ميٽر |
| ٽيون حصو: گوپالي جي جنرل اسٽور کان | لعلچند جو ميڊيڪل اسٽور ۲۵۰ ميٽر |
| چوٿون حصو: لعل چند جي ميڊيڪل اسٽور کان | مٺائيءَ جو دڪان ۲۰۰ ميٽر |
| پنجون حصو: مٺائيءَ جي دڪان جي سنگم کان مينهين خان جي | هوٽل تائين ۱۵۰ ميٽر |
| ڇهون حصو: مٺائيءَ جي دڪان جي سنگم کان اوله طرف لاڙڪاڻي | ڏانهن ۵۰۰ ميٽر |
| ستون حصو: مينهين خان جي هوٽل کان | اسٽيشن روڊ تائين هڪ ڪلو ميٽر |
| اٺون حصو: سبزي مارڪيٽ | ۱۰۰ ميٽر |
| نائون حصو: مڇي بازار | اٺ دڪان |
| ڏهون حصو: گوشت مارڪيٽ | چند دڪان |

هيءَ سموري بازار پنهنجي هڪ مخصوص انداز ۾ مختلف طرفن کان وَرَ وڪڙ کائيندي وقت جي وهڪري سان ڪن حصن جي رونق کي وڌائيندي ۽ ڪن حصن جي رونق کي گهٽائيندي ٿي وڃي. ۱۹۶۰ع جي ڏهاڪي تائين مٿي ڄاڻايل پهريان ٽي حصا وڌيڪ بارونق هيا ۽ هاڻ پهرين حصن جي رونق گهٽجي وئي آهي ۽ ٽين حصي کان وٺي اٺين حصي تائين رونق ۾ چهل پهل ۾ اضافو ٿي ويو آهي. ان جو مکيه سبب هي به آهي ته، آباديءَ جو گهڻو دٻاءُ شهر جي اتر واري حصي تي آهي ۽ فطري طرح جتي شهر جي آبادي وڌيل هوندي اتي رونقون به سرسُ هونديون.

هيٺ اڳين دؤر کي نظر ۾ رکندي اجوڪين بازارين جو تقابلي جائزو ڏجي ٿو. مختلف قسم جي بازارين ۽ انهن ۾ ڪن خاص دڪانن ۽ دڪاندارن جو ذڪر پڻ ڏبو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄي شهر ۾ ڪي ٿي چار دڪان باقي آهن. جن ۾ هڪ مرحوم ڄڳي سوناري جو دڪان بازار جي ٽين حصي ۾ واقع آهي ۽ ٻيو مرحوم علي نواز سوناري جو دڪان بازار جي چوٿين حصي ۾ واقع آهي ۽ ٻيو ٻه ڪو اڙيو ٽڙيو دڪان آهي.

## اناج بازار

هيءَ بازار، اڄوڪي بازار جي ٻي حصي جي اٽڪل اڌ برابر هُئي. يعني بخشي جي ٻيڙين جي مانڊڻيءَ کان وٺي ٺاڪو مل جي جنرل اسٽور تائين. هن بازار ۾ گهڻو ڪري دڪان هندن جا هوندا هئا. مال سان ڀريل اناج ۽ روزمره جي سمورين ڪاڌي پيتي جي شين سان ڀرپور اٺل مل جو دڪان جيڪو گهڻو ڪري سندس والد ۽ چاچو هلائيندا هئا، پنهنجي مخصوص لباس يعني ڌوتيءَ، پهرڻ ۽ خاص ٽوپيءَ سان ويٺل هوندا هئا. تمام گهڻو مشهور دڪان هيو. گراهڪن جي آمد رفت ٻين دڪانن جي مقابلي ۾ هن دڪان تي ڪجهه سرسُ هوندي هُئي. هنن ٻن بزرگ هندن جي فوت ٿيڻ کان پوءِ اٺل مل جي ڪاروبار ۾ نه اها برڪت رهي ۽ نه مزو ۽ آهستي آهستي هلي هي دڪان به بند ٿي ويو، هن بازار ۾ هڪ اڌ درزڪا دڪان پڻ هيا، جن مان نبن درزي (نبي بخش مهيسر) هڪ هر دلعزيز ۽ تمام بهترين ٽيلرماسٽر هيو. درزڪي ڪم سان گڏو گڏ هو هڪ بهترين ڳائڻو به هيو. سندس ڳلي ۾ خدا واهه جو ميٺاج ڀري ڇڏيو هيو. سندس ذڪر ٻين بابن ۾ آيل آهي. هي دڪان شهر جي ادب ۽ موسيقيءَ جي دوستن جو مرڪز هيو ۽ سڀا ڪپڙا پائيندڙ نوجوان پڻ هن دڪان تي تمام گهڻو وقت ويٺي نظر ايندا هئا. نبي بخش مهيسر هڪ من موهيندڙ انسان هيو ۽ سندس وفات سان گڏ هن دڪان جون رنگينيون به وفات ڪري ويون.

ساڳي بازار ۾ علي خان حجم صندل تي ويهي حجامت جو ڪم ڪندو هيو، جنهن اڳتي هلي "هيئرڪٽنگ سيلون" کولي. هيءَ سيلون جيئن ته انگريزي وارن ٺاهڻ جي شهر جي پهرين سيلون هُئي، ان ڪري شهر جا فيشن پسند نوجوان گهڻو ڪري هتي نظر ايندا هئا. علي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امارات ڏانهن هليو ويو آهي. استاد دين محمد کي گهڻا شهر وارا اڃا ياد ڪن ٿا.

سڀ واري ڍاڪي ۾ ساڳي بازار ۾ عبدالمجيد ڪوريءَ جنرل اسٽور جو دڪان کوليو، جنهن پڻ تمام سٺو ڌنڌو ڪيو. عبدالمجيد ڪوري مرحوم ته فوت ٿي ويو آهي پر سندس اولاد ڌنڌي کي زنده رکيون اچن. عبدالمجيد پنهنجي ڀاءُ الهيار سان گڏ ڌنڌو ڪندو هيو ۽ سندس دڪانداريءَ جو مخصوص اسٽائيل هوندو هيو. شهر جو نوجوان طبقو سندن دڪان تان خريداري ڪندو هيو. قيمتون ٻيٽيون ٻڌائيندا هئا ۽ هڪ قيمت ٻڌائيندو هيو ته ٻيو قسم ڪڍندو هيو ته انهيءَ قيمت ۾ اوهان کي ڏيون ٿا ۽ اسان کي فلاڻو قسم اسان کي نقصان آهي. بهرحال پوءِ به ٻئي ڀائر شهر ۾ هر دلعزيز هئا. اسڪول جي ڇوڪرن جي جڏهن به هڙتال ٿيندي هئي ته هي ٻئي ڄڻا لالچ ڪري دڪان بند ڪرڻ کان ڪيٻائيندا هئا ۽ نتيجي ۾ اسڪول جا سڀئي شاگرد سندن دڪان جو ڪافي نقصان ڪندا هيا.

ساڳي بازار ۾ هڪڙو ڪپڙي جو دڪان مولوي محمد اسماعيل پنهور جو به هيو. ڪپڙي جا ٿان ته ٿورا هوندا هيا ۽ اڪثر شوڪيس خالي هوندا هيا پر دڪان سندس هڪ ديني مدرسي طور استعمال ٿيندو هيو. شام جي وقت چند شاگرد اڪثر فارسي گلستان ۽ بوستان پڙهندي نظر ايندا هئا يا وري عربي صرف ۽ نحو جا ڪتاب پيو پڙهائيندو هيو. فارسي شاعري، شيخ سعدي رح جا ڪتاب گلستان ۽ بوستان ۽ جامي جو ڪتاب زليخان مزا وٺي پڙهائڻ سندس مخصوص طريقو هيو. پاڻ نيڪ صفت ماڻهو آهي. اڄڪلهه حال حيات آهي ۽ يونيٽ پور ۾ پيش امام آهي. خدا کيس زندگي ڏي. پر اڄڪلهه نه سندس دڪان آهي ۽ نه ئي وري سندس شاگرد. مولوي صاحب وٽان پڙهيل شاگرد سٺن عهدن تي فائز آهن ۽ اڄ به کيس عزت سان ياد ڪن ٿا.

هن بازار جي وچان نڪرندڙ گهٽيءَ ۾ هڪ ڊسپينسري هئي، جنهن کي ڊاڪٽر سيد عسڪري هلائيندو هيو. پاڻ هندوستاني پناهگير هيو ۽ پاڪستان ۾ اچڻ کانپوءِ کيس ڪليمن ۾ ڪافي زمينون مليون، ان ڪري تمام سٺو زميندار ٿي ويو. ڊسپينسري تمام سٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمارت ۾ هئي ۽ ان عمارت جي سامهون سنڌس عاليشان گهر هيو. پر ائين چئجي ته اها سموري ڳلي ٻنهي طرفن کان سنڌس ملڪيت ۾ هئي. ڊاڪٽر صاحب ڊگري يافته ته ڪونه هيو. پر پوءِ به سڀ ڊاڪٽر تسليم ڪيو ويندو هيو. سنڌس ڊسپينسريءَ ۾ چڱا خاصا مريض ڏسڻ ۾ ايندا هيا. سنڌس زمينون گهٽ ڪري ديهه شادي اگهم ۾ هيون، جتي سنڌس زيتونن ۽ انبن جو باغ مشهور هيو. سنڌس وفات کان پوءِ ڪيس باغ جي ئي پرسان دفنايو ويو، جوته والده به سنڌس اتي ئي دفن ٿيل هئي. سنڌس فوت ٿيڻ کان پوءِ اها ڳلي پنهنجيون پراڻيون رونقون وڃائي ويٺي آهي. سنڌس ڪلينڪ تي سنڌس پوين مان به ڪو طبيب ته ويٺل نظر ايندو هيو پر مريض ندارد (مريض نه هوندا هيا). هاڻي ته سنڌس پراڻي رهائش گاهه به خالي آهي، جوته سنڌس اولاد لڏ پلاڻ ڪري وڃي ٻيا ماڳ وسايا آهن ۽ هن ورسائيندڙ ڌرتي کي پنهنجو نه سمجهي پنهنجن واهر ٿيا آهن.

## عام بازار

مٿي بيان ڪيل خاص بازارين کان هيٺ سموري بازار کي عام بازار چئي سگهجي ٿو، جنهن ۾ هر قسم جا دڪان، هر قسم ۽ نوع جو واپار هلندو هيو ۽ هلندو آهي. اهڙي طرح بازار جي ٽين حصي کان وٺي ستين حصي تائين، حصي جي حساب سان ذڪر ڪندا سين. انهن حصن ۾ خاص طرح جي دڪانن ۽ خاص دُڪاندارن جو ذڪر تفصيل سان ايندو.

### (ا) حصو پهريون:

هي ٢٥٠ ميٽرن جو ٽڪرو پراڻي گوپالي مل جي دڪان کان وٺي هاٿوڪي شهباز ميڊيڪل اسٽور تائين مشتمل آهي. هن حصي ۾ مختلف نمونن جا دڪان هُيا. جن مان ڪي باقي آهن ۽ ڪن جو وجود ختم ٿي ويو آهي. ڪيترن دڪانن جي وچ ۾ چوڪ هيو، جنهن کي مهاجرن پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ "پاڪستان چوڪ" نالو رکيو. هن چوڪ جي اردگرد ڪيترائي مهاجرن گهر ٺهرائي ڪيا ۽ اتي ئي رهڻ لڳا. ان کان اڳ ان چوڪ جي چوڌاري هندن جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيري ۾ آباد ٿيا. شهر ۽ پسگردائي جا سيوئي ماڻهو قاري صاحب جن کان واچون ٺهرائيندا هيا. تنهن وقت هي شهر جو اڪيلو دڪان هيو. سندن وفات کان پوءِ سندن پٽ عبدالستار ساڳيو ڪم جاري رکيو. عبدالستار جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سندس اولاد لڏي وڃي ڪراچي ويٺو آهي ۽ اتي به ساڳيو ئي خانداني ڪم جاري رکيون پيا اچن.

**گُتو:**

موالين جو مرڪز گتو ڪافي اهميت وارو دڪان هيو. سرڪار کان لائيسنس ورتل هوس. ڀنگ، آفيم چرس، سُپٽ ۽ نشي وارين سان واسطو رکندڙ هر شيءِ ڪا چوري ڪا ساڀيان هن دڪان تان ملي ويندي هئي. مخصوص طرز جي سائي رنگ ڏنل ڪائونٽر، جنهن ۾ گتي وارو تقريباً لڪل ويٺو هوندو هيو ۽ گراهڪ اُبو بيهي پنهنجي ضرورت جي شئي وٺندو هيو. گتي جي موجودگيءَ ۾ موالين کي مزا هيا، هر شيءِ سولي ۽ بنا تڪليف جي. هاڻ جيئن ته گتو ختم ٿي ويو آهي، موالي ماڻ ڪيو ته ڪونه ويٺا آهن ۽ ضرورت جي شين کي ڪٿان نه ڪٿان پيا پٿدا ڪن پر ڄڻ گتي جي گھٽتائي ضرور محسوس ٿئي ٿي.

**ڏڙ:**

بازار جي ٽين حصي پوري ٿيڻ واري سنگم تي هڪ گهٽي اوبر طرف کان اچي بازار ۾ پوي پئي. انهيءَ گهٽيءَ ۾ قاضي حڪيمن جي اسپتال هُئي. قاضي صاحب پير جي ڳوٺ جو هيو ۽ اڳتي اوبر طرف پنهنجي مخصوص طرز سان "ڏڙ" جو اڏو هيو. ماروئڙا ۽ جهانگيئڙا پنهنجي ڀنين مان سبزي، ميوو، ۽ ٻئي ڪچي مال متاع جا ٽوڪرا کڻي اچي ڀنيرڪي جو شهر ڀيڙا ٿيندا هُيا ۽ ڏڙ تي صبح تائين چڱو خاصو اجتماع ٿي ويندو هيو. ٻئي طرف سبزي وڪڻندڙ دڪاندار روزانو اڳھ کي مدنظر رکندي ٻولي ڏيندا هيا ۽ ڀلارا ڀلاوِٽا بغير پئسو خرچ ڪرڻ جي پيا واڪ ڏيندا نظر ايندا. هڪ عجيب قسم جو منڊل متل نظر ايندو هيو ۽ ٻه چار ڪلاڪ هارين، ڀلا وٽن ۽ سبزيءَ جي دڪاندارن جي ويڙهاند کان پوءِ سودو وڪرو ٿيڻ کان پوءِ وايو منڊل مٺبو ويندو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

. ونندڙ پنهنجا دڪان سجائيندا ته مارون منڙا پنهنجا ڪيسا پُر ڪري وڃائين واپس ٿيندا ۽ صبح جي سمي ڪان پوءِ هي محفل برخواست ٿي ويندي. ڪجھ عرصي ڪان پوءِ اهو "ڌڙ" اتان هليو ويو ۽ اتي پوءِ دڪان ٺهيا. ڪجھ عرصو اڳ پنجوديري جي لاڙڪ ڊڪٽن جا فرنيچر جا دڪان هيا ۽ ان ڪان پوءِ هڪ دڪان ۾ اتي فوٽو اسٽوڊيو ٺهيو ۽ ساٿس گڏ ٻي ٻيا دڪان پڻ ٺهيا ۽ هاڻي ته گهڻو ڪجھ تبديل ٿي چڪو آهي.

## (٢) حصو چوٿون:

هي حصو هاٽوڪي لعل شهباز ميڊيڪل اسٽور ڪان شروع ٿي ڪورين واري مناٿيءَ جي دڪان تائين اچي ٿو ۽ اندازاً ٻه سؤ ميٽر آهي. لعل چند واري ميڊيڪل اسٽور سان گڏ واري دڪان ۾ غوث بخش پناهگير جو مشينري ريپئرنگ جو دڪان هوندو هيو. دڪان ۾ هر قسم جي سيڪنڊ هينڊ مشينري پئي ٺهندي هئي. پوري دڪان ۾ پيٽرو ميڪس، فونا، سلائي مشينون، ڪلف ڪڙا پريا پيا هوندا هيا ۽ مستري صاحب پنهنجي ٻن پٽن سان گڏ وينومرمت جو ڪم ڪندو هو. صاحب تمام گهڻو محنتي ۽ ٽيڪنيڪل ماڻهو هيو. پريل جسم، اکيون وڏيون ۽ ڳاڙهيون، ڏاڙهي وڏي، اڌ اڇي ۽ اڌ ڳاڙهي ۽ ڪپڙا گريس ۾ پريل، مستري صاحب جو عام لباس هوندو هيو. مستري صاحب پوءِ وري اهو ساڳيو دڪان ڪجھ عرصي بعد محمد عالم جي حوالي ڪري ڇڏيو، جنهن اتي لوهه جي ويلڊنگ ۽ ڳنڍ ٽوپ جو ڪاروبار ڪيو. هاڻي اتي ٻيا دڪان ٺهي ويا آهن.

## نور محمد پاڪستاني:

پاڪستاني اصل ۾ هندوستاني هيو ۽ ١٩٤٧ع ۾ نئون ديري آيو. انگريز ٽائيپ هُليو، ڪلين شيو، رنگ جو پورو، سنهو ۽ ڊگهو ۽ هر فن مولا هيو. دنيا جو شايد ئي ڪو اهڙو فن هجي جو ڪيس نه ايندو هجي. ڪابه مشين، بجليءَ جي هجي يا مينوئل هجي، ڪنهن ڏني هجئين يا نه، سرڪٽ ڊايا گرام ڏسڻ ڪان سواءِ سندس نقص جي تهه تائين پهچي وڃڻ پاڪستانيءَ جو فن هو. ريڊيو، گرامو فون، سلائي مشينون،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطلب ته دنيا ۾ موجود هر شيءِ جو بهترين مڪينڪ هيو. ڪجھ عرصو قلفين جو به ڪاروبار ڳنوگڏ ٺي هلندو رهيس ۽ سوين دٻا قلفيءَ جا پاڪستانيءَ جي نالي سان پيا هلندا ۽ ڪپندا هيا. پاڻ سان گڏ پنهنجن پٽن کي به ماهر ڪيائين. جيڪي ڪو وقت ته ساڳيو ٺي ڌنڌو جاري رکيون آيا پر پوءِ ڪراچيءَ لڏي ويا ۽ هاڻي نورمحمد پاڪستاني ٺٽون ديري جي تاريخ جو حصو بڻجي چڪو آهي.

## حڪيم سعدالله جي اسپتال:

حڪيم صاحب جو شهر جي معزز شخصيتن ۾ شمار ٿئي ٿو. پاڻ پاڪستان ٺهڻ کان جلد پوءِ هتي آيا ۽ موجوده اسپتال جي جڳهه تي هڪ ننڍڙي دڪان ۾ ڪاروبار شروع ڪيائون. سندن محنت ۽ قابليت جي ڪري سندن نالو جلد ٺي شهر ۽ پسگردائي ۾ مشهور ٿي ويو ۽ سندس هٿ جي شفا خوشبو جيان ڦهلجي وئي. ڏيهان ڏيهه حڪيم سعدالله جو نالو روشن ٿي ويو ۽ مريض ڏيهن کان ڪهي اچي حڪيم صاحب جي اسپتال ۾ شفاياب ٿيندا هيا. پراڻن دڪانن کي ڍهرائي موجوده شڪل جي اسپتال سٺ واري ڏهاڪي ۾ ٺهي آهي. حڪيم صاحب جي اسپتال شهر جي معزز ماڻهن، عالمن ۽ مذهب سان محبت رکندڙ ماڻهن جو مرڪز هيو. حڪيم صاحب جن جيئن ته زنده دل عالم، تاريخ دان آهن، ان ڪري سندن محققاڻا ڳالهين، بذله سنجيءَ جي ڪري سندن محفل هميشه مچيل رهندي هئي. هاڻ سندن فرزند جيڪي پڻ بهترين ڊاڪٽر آهن اڪثر اسپتال کي اهي هلائيندا آهن ۽ حڪيم صاحب جن به پاڻ ڪجھ وقت اسپتال کي ڏيندا آهن. خدا هن اسپتال کي سدا قائم ۽ شان وارو رکي. آمين.

## نوران جو هوٽل

حاجي صاحب جي اسپتال واري لائين ۾ اڳتي هلي ٽن طرفن کان آيل چوڪ جي اوپر واري ڪنڊ تي هڪ هوٽل هوندو هو. هي هوٽل مائي نوران جي هوٽل جي نالي سان مشهور هيو. مائي نوران ذات جي ميربحر، مڙداڻي زائفان هئي ۽ هن هوٽل کي هلائيندي هئي. هن هوٽل تي فارغ وقت ۾ نوجوانءِ پوڙها سڀوئي اچي پنهنجو پاڻ وندرائيندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيا ۽ چانهه جي لذيذ پيالي پيئندا هيا. اڳتي هلي هن هوٽل جو قبضو محمدپناهه کي مليو. جنهن ڪافي عرصو هوٽل کي هلائڻ کان پوءِ هوٽل کي ڊهرائي ان جاءِ تي هينئر شاپنگ سينٽر ٺهرايو آهي، جنهن ۾ هينئر مختلف قسم جي سامان جا ننڍا ننڍا جنرل اسٽور ۽ ٻيا دڪان کلي ويا آهن.

### چوڪ جي چهڪ:

مائي نوران جي هوٽل جي سامهون، چئن طرفن کان ملندڙ ڳليون ۽ بازارين جو هي چوڪ هميشه چهڪندڙ ۽ بارونق رهيو آهي. چانهه جو هوٽل، مٺائيءَ وارا دڪان، آئيس ڪريم جا گاڏا، ڪولڊ ڊرنڪس، خشڪ ۽ تازو ميوو هميشه حاضر. نئين نسل جي نوجوانن جو آماجگاهه، ادبي، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي سنگتين جا دوست، دل ڪشادي ۽ ڪيسا ڪليل رکندا آهن. عجيب سمو هوندو آهي. هي رونقون هيءَ چهڪ ۽ مهڪ ڪيتري ئي عرصي کان جاري آهي ۽ خدا ڪندو سدائين وڌندي ۽ ويجهندي رهندي. هن چوڪ ۽ علائقي کي ”ريسٽارنٽ چوڪ“ چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. هن چوڪ جي آس پاس ۾ ڪيئي ننڍا ۽ وڏا هوٽل۽ ريسٽارنٽ هوندا هيا. ڪجهه عرصو اڳ نوران جي هوٽل سامهون ٽڪنڊيءَ ۾ هڪ خوبصورت پبلڪ پارڪ ١٩٦٥ع ۾ ٺهيو، جيڪو ٽائون ڪميٽيءَ طرفان تعمير ڪرايو ويو هيو. هڪ خوبصورت آئيڊيا هئي ۽ ان آئيڊيا کي عملي شڪل ڏني وئي. انهيءَ دؤر ۾ آغا محمدحسن پٺاڻ ٽائون ڪميٽيءَ جو چيئرمين هيو. پبلڪ پارڪ جي ٽن ڪنڊن تي دڪان ٺهيا. اولهه، اتر واري ڪنڊ تي ۽ اولهه ڏکڻ واري ڪنڊ تي هڪ هڪ دڪان ۽ اتر واري ڪنڊ تي ريسٽارنٽ لاءِ هڪ وڏو دڪان، سيمنٽ جي ڳرل سان جنگلو، پارڪ جي وچ ۾ هڪ خوبصورت ڦوهارو ۽ ڦوهاري جي چوگرد سيمنٽ سان ٺهيل ٻنچون. اتر واري ڪنڊ واري وڏي دڪان ۾ گلشن سومري وارن هڪ خوبصورت ريسٽارنٽ کوليو، جيڪو پنهنجو مٽ پاڻ هيو. ماڊرن اسٽائيل جو هلڪي روشنيءَ سان هي ٺهيل ريسٽارنٽ ڪراچيءَ جي ريسٽارنٽن جي سِڪ لاهيندو هيو. هميشه پرپور، خوبصورت ماحول ۾ واهه جو مزو ايندو هيو. پر بدقسمتيءَ سان وقت جي ظالم هٿن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاقانونيت، ڪم توجهيءَ جي ڪري نہ اهو پبلڪ پارڪ بچيو آهي ۽ نہ ئي وري اهو مڌر موسيقيءَ وارو خوبصورت ريسٽارنٽ، هينئر ان ريسٽارنٽ واري جڳهہ تي هڪ ميڊيڪل اسٽور آهي ۽ پارڪ واري جڳهہ تي دڪان ٺهي چڪا آهن.

هن ئي چوڪ جي اوپر واري حصي ۾ محمد پناهہ جي ٻيڙين جي مانڊڻيءَ جي سامهون حاجي لوهر جو دڪان هوندو هيو. جتي سندس والد صاحب ۽ حاجي صاحب اڪثر لوهہ جو ڪم ڪندا هيا. هي دڪان ٻہ ماڻهن جي اچڻ وڃڻ ۽ ويهڻ ڪري ڪافي مشهور هيو، حاجي لوهر جو والدصاحب، بزرگ شخص، سفيد خوبصورت چهرو، سفيد ڏاڙهي ۽ ڪجهہ ڪمزور هڏ ڪاٺ. سندن حياتيءَ ۾ حاجي صاحب جو خاندان ڪافي سٺيو هيو.

## پنجون حصو

هي حصو مناٿيءَ واري دڪان واري چوڪ کان لاڙڪاڻو روڊ تي اندازاً ۵۰۰ ميٽرن تائين ڦهليل آهي. هن حصي سٽر جي ڏهاڪي کان پوءِ ڪافي ترقي ڪئي آهي. هن حصي ۾ هڪ هوٽل ۽ مختلف قسمن جا دڪان آهن ۽ سيوئي تمام سٺو ڏنلو ڪن ٿا. هاڻي هي حصو اڳتي وڌي وڃي تقريباً شگرمل سان لڳو آهي ۽ ان حصي ۾ واٽر سپلاءِ جي وڏي ٽانڪي، گورنمينٽ ڪمرشل ٽريننگ سينٽر، نامڪمل ٽائون هال، ڪتابن کان خالي لائبريريءَ جي بلڊنگ ۽ گرلس هاير سيڪنڊري اسڪول جي نئين عمارت پڻ ٺهي ويا آهن.

### سسئي سنگيت سينٽر:

هن حصي ۾ سسئي سنگيت سينٽر ڪجهہ وقت اڳ سٺي اهميت حاصل ڪئي. جيڪو بازار جي هن حصي ۾ اسٽيشن کان اينڊڙ روڊ جي بلڪل سامهون، موجوده ميڊيڪل اسٽور پرسان قائم ٿيو. خاص ڳالهہ هي آهي تہ هي سينٽر جناب عبدالغفار پنٽيءَ جي محنت سان ٺهيو. پنٽي صاحب اڳتي هلي ٺٺون ديرو ميونسپل ڪميٽيءَ جو هڪ ٽرم لاءِ چيئرمين پڻ رهيو. پر پنٽي صاحب جي ڪم توجهيءَ جي ڪري ڪجهہ عرصي کانپوءِ هي سينٽر بند ٿي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڇهون حصو:

هي حصو چوڪ کان شروع ٿي اتر- اولهه طرف واري ڪنڊ تائين تقريباً ١٥٠ ميٽرن تائين اڳوٽي مينهين ماڇيءَ جي هوٽل تائين وڃي ٿو. هن حصي کي خصوصي اهميت آهي. هن حصي ۾ شهر جا مشهور هوٽل، بڪي جو هوٽل ۽ مينهين خان ماڇيءَ جو هوٽل خصوصي نانءُ رکندا هيا. ان کان سواءِ ڪافي حصي ۾ نانواين جا دڪان هيا، جتي تمام سٺو ڪاڙهو ملندو هيو. هاڻي نه نانواين جا دڪان ۽ نه ڪونهن ۽ بڪي ۽ مينهين ماڇيءَ جي هوٽل جون به رڳو يادگيريون باقي آهي. ڪورين جي دڪان سان ٿورو اڳتي ويهر گهر جي پر سان هڪ پان، ٻيڙيءَ جو پناهگير چوٽي خان جو دڪان هيو. جتان بهترين پان ملندا هيا، سونف الائچي خوشبو، سادا، پتيءَ وارا ۽ هر طرح جا پان ملندا هيا. لساني فسادن کان پوءِ پناهگير لڏي ويا ۽ هينئر هي حصو وڏي وڃي ٽاٽي جي ويجهو تائين پهتو آهي. نيشنل بئنڪ پوسٽ آفيس روڊ کان منتقل ڪري عيدگاهه جي سامهون ڪرائي جي دڪانن ۾ کولي وئي آهي. ٿورو اڳتي پرائمري اسڪول ع١ ۽ ع٢ آهن.

## بڪي جو هوٽل:

بڪو ويچارو مسڪين، سادڙو ۽ غريب ماڻهو، هوٽل به سادڙو ڀـ ٻنچان ٻاهر باقي سڀ خير، بقول استاد بخاريءَ جي ته

"مان سادڙو مسلمان..... منهنجو ثواب سادو"

پر سندس هٿ ۾ ڪو قدرتي ڪمال هيو. بڪي جي جنهن به چانهه پيتي، سمجهو ته اهو ڇٽو، جهڙو هيروئن جو موالي، ڳيرا ڳري ويندس. ڦريو گهريو بڪي وٽ وينو هوندو. ڀـ ٽي ڀڳل ٻنچون پوريون ٿي ڪونہ پونديون هيس، پوءِ هي موالي مڙس سيني کي پيو راضي ڪندو هيو. ڪيئي همراهه رات جي ٻئي پهر تائين ويٺا بڪي جي چانهه جون پياليون پيئندا هيا ۽ اڌ رات ڌاري وڃي گهر پرا ٿيندا هيا ۽ وري بانگ ملڻ کان اڳ ۾ اچي "جاڙا خان ڪتي کان بيهجانءِ" مصداق بڪي خان جي مٿان وڃي بيهندا ۽ پوءِ سڄو ڏينهن، اڌ رات تائين پيو اهو گردان هلندو رهندو ۽ اهڙي طرح بڪو خان ٺٽون ڊيري جي تاريخ جو حصو بڻجي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مينهين ماڇيءَ جو هوٽل:

مينهون خان ماڇي ۽ پنهنجو مٽ پاڻ هيو، سندس ذڪر هڪ ٻئي باب ۾ آيل آهي. مخصوص لباس، صحتمند جسم جو مالڪ، ڪوبو جوان، واهه جو قربائتو هيو. هوٽل ته ڪاروبار جو بهانو هيو، پر اصل ۾ شل نه ڪنهن چڱي ماڻهوءَ کي ڏسي، وڏو پاڪر پري پيار ۽ محبت سان خدمت ڪبي، يارن کي مفت ۾ چانهيون ۽ بسڪوٽ کارائبا. ڪچهريون ڪبيون، وڏا ٺهڪ ڏبا ۽ اهڙي طرح قربائتا ڪم ڪري پنهنجو نالو امر بڻائبو. اهو هيو متو هن ماڻهو جو. پڙهيل ڳڙهيل، معزز ماڻهو گهڻو ڪري مينهين خان جي مهمانداريءَ ۾ ويٺل نظر ايندا. مينهون خان ته اصل ڏيهه هليو ويو پر سندس هوٽل ۽ هاڻي نه رهيو آهي. مينهين خان جي هوٽل جي سامهون واري حصي کان وٺي لاڙڪاڻي روڊ واري ڪنڊ تائين ٻن ٽن دڪانن جو ذڪر ضروري آهي.

## سڪندر ڪٽپر جو دڪان:

هي اصل ۾ ريڊيو جي مرمت جي دڪان طور ٺهيو هيو ۽ مختلف وقتن ۾ هن دڪان جي ڪاروبار جي نوعيت مٽبي رهي آهي. هي دڪان ڪجهه وقت کان وٺي شهر جي محدود سياست جو مرڪزي نقطو رهيو آهي. هن دوڪان جي ٻاهر شهر جا ڪجهه چڱا مڙس تقريباً روزانو ويهندا آهن ۽ سياست تي پيا تبصرا ڪندا آهن.

## سيٺ نانڪرام جي ڪوٺي

سڪندرڪٽپر جي دڪان سان گڏ آنجهاني نانڪرام سيٺ جي ڪوٺي هوندي هئي. هڪ سيمنٽ جي اونچي ٿلهي تي گول آرامده ويهاڻو پيو هوندو هيو. جنهن تي سيٺ نانڪرام ٽيڪ ڏيو ويٺو هوندو هو. ڪوٺي سان گڏو گڏ ڪيس اناج جو گودام ۽ هوندو هيو. سيٺ صاحب پاڻ سپر جسم جو ماڻهو ۽ پنهنجي پنچائت جو چڱو مڙس هيو. ڪافي عرصي کان ٽائون ڪميٽيءَ ۽ ميونسپل ڪميٽيءَ ۾ هندن جي نمائندي ميمبر طور پئي رهندو آيو. سندس فوت ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه وقت سندس پٽن ڪوٺي سنڀالي، پر هاڻي سندس ڪوٺيءَ جي جاءِ تي ميڊيڪل اسٽور وغيره ٺهيل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ستون حصو:

هي حصو مينهن ماچيءَ جي هوٽل کان وٺي اسٽيشن روڊ سان تقريباً هڪ ڪلوميٽر ڊگهو آهي. هن حصي تازوئي ترقي ڪئي آهي. ستر جي ڏهاڪي تائين هتي چند دڪان هوندا هيا. جيڪي هاٽي وڏي تقريباً اسٽيشن تائين پهتا آهن.

## سيٺ طفيل خواجه جو دڪان:

هن حصي ۾ ميونسپل ڪميٽيءَ جي سامهون ۽ پوءِ ميونسپل ڪميٽي جي اوپر واري ڪنڊ سان لڳ سنڌس دڪان هيو. خاص ڪاروبار جانورن جي چمڙن جو هيس ۽ ان سان گڏ ڪٽيءَ جو ڪاروبار پڻ ڪندو هيو. هن دڪان پاهران شهر جا نوجوان شام جي وقت ڪافي وقت گذاريندا هيا. طفيل خواجه جي وفات کان پوءِ اهو دڪان مشتاق احمد خواجه سنڀاليو ۽ اڄڪلھ هو ڪاروبار اتان منتقل ڪري ٿورو اڳيرو وڃي ٻئي ڪنهن قسم جو ڪاروبار ڪري رهيو آهي.

## گل محمد لباٽي جو دڪان

طفيل خواجه جي پرسان گل محمد لباٽي جو سائيڪلين جو دڪان هيو، جيڪو ڪجھ عرصي کان پوءِ بند ٿي ويو. هن حصي ۾ مختلف قسمن جا ڪافي دڪان اسٽيشن تائين ڦهليل آهن. ٽيليفون ايڪسچينج بلڊنگ جي اوپر واري پاسي بس اسٽينڊ آهي، جتي پڻ ڪيترن ئي قسمن جا هوٽل ۽ دوڪان آهن. خدا ڪين اڃا وڌائي ۽ ڪين ترقي ڏي. آمين.

## اٺون حصو

## سبزي مارڪيٽ

١٩٧٠ع کان اڳ ڪو مقرر ٿيل سبزي مارڪيٽ ڪونه هيو، سبزيءَ جا دڪان ڇڙوڇڙ هيا، جنهن کي جت آيو پٽي اتي سبزيءَ جو دڪان پٽي لڳايائين. ١٩٧٠ع ۾ ميونسپل ڪاميٽيءَ ويمر گهر جي اولھ واري پاسي کان هي مارڪيٽ ٺهرايو. جنهن ۾ اندازاً ويھ کن دوڪان آهن، جيڪي گهڻو ڪري سبزيءَ جا آهن. ڏڙ به اتي ئي آهي، اڳ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبزيءَ جا دڪان ڪجهه ته پراڻي ڏڙ جي پرسان هوندا هيا، ڪجهه دڪان جن جو جهجهو انداز هيو، جڳي مل جي دڪان ۽ اجوڪي شهباز ميڊيڪل اسٽور جي وچ واري حصي ۾ هوندا هيا ۽ اهي دڪان به ڪافي پريل تريل هوندا هيا. هڪڙو دڪان قاضي درمحمد جو ياروحجم جي دڪان جي پر سان "پاڪستان چوڪ" تي هوندو هيو.

انهيءَ ئي چوڪ تي بعد ۾ جاجي مل جو پڪي سيڌي سامان جو دڪان هوندو هيو (اُتي هاٽي هولي مل جو دڪان آهي) پر اصل ۾ اهو دڪان ڪچي سبزيءَ جو هوندو هيو، جيڪو سندس پيءُ نيٽو مل هلائيندو هيو ۽ جاجي به ساڻس گڏ ڪم ڪندو هيو.

منجي وڃن ٿا مهل ۾ منظر نوان نوان!

## نائون حصو

### مڇي بازار

پراڻي مڇي بازار جو ذڪر مٿي بازار جي ٻي حصي ۾ ٿي چڪو آهي. موجوده مڇي بازار گرلس هاءِ اسڪول جي اولهه واري پٽ سان لڳو لڳ آهي، ڇهه ستَ دڪان آهن. گهڻو ڪري مڇيءَ جي واپار تي موهلن ڳوٺ جي ميربحرن جو عمل دخل آهي. لونگ خان ميربحر مڇيءَ جو وڏو واپاري آهي.

سندس مڇي ملڪ جي ڏورانهن علائقن تائين وڃي ٿي. هي مڙس پريل تريل جسم جو جوان آهي ۽ واپار تي ڪافي ملڪو حاصل اٿس. مارڪيٽ ۾ وڪڻڻ لاءِ هر قسم جي مڇي مثلاً ڏنيرو، وڏي مڇي، ننڍيون ڪرڙيون، پوئڪي، سينگاري، ڪگو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پلو به آڻي ٿو. مڇيءَ جو ڪاروبار شهر ۾ ساڳئي پراڻي آن ۽ شان سان قائم آهي. پر مڇي مارڪيٽ زبون حاليءَ ۾ آهي.

### گوشت مارڪيٽ

اڄ ڪلهه جيڪڏهن ڏسندؤ ته گوشت مارڪيٽ جو ڪاروبار ڪنهن مخصوص جڳهه تي نه ٿو ڪيو وڃي. گوشت جي دڪانن جو پورو ڪاروبار ڇڙوڇڙ آهي. ڪو دڪان ڪٿي آهي ته ڪو ڪٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳ ۾ هي ڪاروبار هڪ ئي چار ديواريءَ ۾ ٿيندو هيو ۽ لاڙڪاڻي روڊ تي رائيس مل جي پرسان واري حصي ۾ گوشت مارڪيٽ ٺهيل هيو. جتي گوشت جا شاهي دڪان هيا. پر اتان گوشت، جانور ذبح ڪري، ڪاسائي شهر جي مختلف جڳهن تي کڻي وڪڻن پيا.

## هٽيون ۽ هٽ:

هن بازار کان سواءِ شهر جي مختلف محلن ۾ ننڍيون هٽيون ۽ هٽ به قابل ذڪر آهن. ڏئو وجي ته هندو اڪثر ڪري وڏي محنت ذريعي هٽين کي هٽ بڻايو وينا هوندا هيا. يا اجان به وينا آهن ۽ سنڌي مسلمانن ته گهڻو ڪري هٽيءَ مان هٽ بڻائڻ بجاءِ هٽيون ئي چٽ ڪري ڇڏيون آهن. ڪن مشهور پراڻن ۽ نين اهڙين هٽين ۽ هٽن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

## ٽڪيو پساريءَ جو هٽ

پرائمري مين اسڪول ع۳ جي سامهون جتي ڪنعيا لعل ڊاڪٽر جي ڪلينڪ هوندي هئي، اتي هڪ مشهور پساري ٽڪيومل هوندو هيو، سنڌس سُتيون ڦڪيون پوري شهر ۽ پرپاسي وارن ڳوٺن جا مريض حڪيمن جي لکي ڏنڻ کان پوءِ نسخا ڏيکاري وٺندا هيا. ٽڪيو مل پنهنجي ليکي به بيماري پڌي ڦڪيون ڏيندو هيو. انهيءَ دڪان گهڻا ڪاروبار ڏٺا، ڪجھ وقت اڳ اتي مرحوم غلام قادر ميراڻي گيھ جو دڪان به ڪليو، جنهن ڪري "غلام گيھ وارو" مشهور ٿيو. جيڪو ڪجھ وقت ڪائونسلر به رهيو.

## قاضي ڪريم بخش جو حڪمت جو دڪان

ٽڪيو پساريءَ جي دڪان سان لڳو لڳ اولھ واري حصي ۾ وڏيري قاضي ڪريم بخش خان جي حڪمت جو دڪان هوندو هيو. وڏيري سان گڏ ميان لعل شاھ بخاري به ويهندو هيو. ان کان پوءِ اڳتي هلي ساڳي دڪان ۾ نثار مهاجر مائي جي ٽي هٽي، پر اڄ ڪلھ اتي جيهن جو هوٽل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيڪي جو هٽ

بِيڪي جي هٽ کي تاريخي اهميت حاصل آهي. بيڪو قاضي محلي، ڪنڀر محلي جو ناميارو هٽ وارو هيو. پر ائين ڪٿي چئجي ته پراڻي شهر جو ڏاڪٽو اوپر وارو ۽ ڪجھ حصو اتر وارو، سمورو علائقو بيڪي مل جو گراهڪ هيو. قاري صاحب جي مسجد جي گهڻيءَ کان گهاڙ ڏانهن وڃبو ته اڳتي ٽواٽي تي بيڪي مل جو هٽ ايندو.

هٽ نه هو هڪ ڊپارٽمينٽل اسٽور، هڪ هٽ ۾ سمايل هيو. جيبي بسڪيٽن کان وٺي چانورن ۽ اٽي لٽي تائين هر شيءِ سستي ۽ ارزان ملندي. سمورا ماڻهو بيڪي جا قرضي. مهيني جي پهرين تاريخن تي قرض جو حساب ڪري قرض واپس ڪبو. بيڪو ويچارو ته هندستان هليو ويو پر پنهنجو نانءُ هتي ڇڏي ويو. ساڳئي هٽ ۾ اڳتي هلي انور لاکي دڪان کوليو، جيڪو ڪجھ وقت هليو، پر پوءِ بند ٿي ويو. هاڻ ته انهيءَ هٽ جو ڪو نالو نشان ئي ڪونه آهي. البت انهيءَ هٽ جي پرسان فاضل مشوري ڪافي وقت تائين ڪاروبار ڪندو رهيو. فاضل جي فوت ٿيڻ کان پوءِ نه اهي ماڳ رهيا ۽ نه مڪان ئي ظاهر آهن.

## سيتل مل جي بيڙين جي مانڊڻي

بِيڪي مل جي دڪان جي ڏکڻ ۾ سيتل مل جي بيڙين جي پڙي، هوندي هئي. مانڊڻي چا هئي، هڪ ٿاهوڪو دڪان هيو، هڪ ئي وقت ڏهه ٻارنهن ڪاريگر پيا بيڙيون ٻڌندا هيا. سگريٽن جي مقابلي ۾ بيڙين جي کپت زياده هئي. سڄو ڏينهن ۽ رات جي ڪافي دير تائين مانڊاڻ متل هوندو هيو. ٻن ٽن قسمن جون اخبارون هٽ تي اينديون هيون. هٽ جي ٻاهران موڙا، ڪرسيون ۽ بنچون رکيل هونديون هيون. جتي محلي جا جوانڙا ۽ پوڙها اخبار جي واري جو انتظار ڪندا هئا ۽ مختلف خبرون پڙهي باقي وقت بحث مباحثي ۽ ڏاڙن ڏشن ۾ گذاريندا هيا. هوءَ هتي يا هٽ سدائين روشن هوندو هيو. ۽ هڪ عجيب ماحول پيدا ڪندو هيو. دڪان تي سندس چارئي پٽ، ٿاڪو مل، چيلو مل، نارو مل ۽ آسودو مل واري واري تي ويهندا هئا. اڳتي هلي ٿاڪو مل ۽ چيلي مل جدا ڪاروبار ڪيو ۽ شهر جي بازار ۾ جنرل اسٽور ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ته سيتل مل سان سندس ٻه پٽ نارو مل ۽ آسودو مل ساڳيو ڪاروبار جاري رکيون آيا. ڪجهه عرصي کان پوءِ آسودي مل ۽ نارومل نوران جي هوٽل جي ڀرسان بازار ۾ ساڳئي قسم جو دڪان کوليو ۽ هن هٽ تي صرف سيتل مل ئي رهجي ويو ۽ سيتل مل جي فوتي کان پوءِ چيلي مل هن هٽ کي سنڀاليو.

## پريو مل جو هٽ

ساڳئي محلي ۾ اوپر واري گهٽيءَ ۾ پريي مل جو هٽ وڏي اهميت وارو هٽ هيو. هٽ کي پريو مل ۽ سندس پٽ مولو مل هلائيندا هيا. بيڪي جي هندوستان وڃڻ کان پوءِ هن هٽ به سڀني اهميت اختيار ڪئي. اڄ ڪلهه ته هي هٽ ڪونه آهي، ان جاءِ تي ڊاڪٽر خيل احمد ڪٽپر جي ڪلينڪ آهي.

## چمن مل جو هٽ

سيڊن ۽ کهڙن جي محلي جو مرڪزي هٽ هيو. تمام گهٽو ڀريل تريل، پوري محلي جي ماڻهن جو مرڪز هيو. هن هٽ کي به بيڪي مل جي هٽ واري اهميت حاصل هئي. هاڻي ساڳئي جڳهه تي اٽي پيهڻ جي مشين آهي.

## عظيم ڪلئي گر جو هٽ

پرائمري اسڪول ع٣ جي سامهون وارن هٽن ۽ دڪانن جي ڀرسان پنهنجي طرز جو هڪ واحد هٽ عظيم ڪلئي گر جو هيو. گهر جا سمورا برتن ڪلئي لاءِ وٽس ڍير لڳا پيا هوندا هيا. هن وٽ وقت ڪونه هيو ته ڪنهن کي جلد ڪلئي ڪري ڏي. اڄ نه اهي ڪلئي ڪرائڻ وارا برتن آهن ۽ نه ئي ڪو عظيم ڪلئي گر. اسٽيل ۽ پلاسٽڪ اچڻ کان پوءِ عظيم ڪلئيگر جهڙا ڪيئي ڪلئيگر پنهنجي ڌنڌي جو ڪوبه وارث پوئتي ڇڏي ڪونه سگهيا آهن. ساڳي دڪان ۾ هينئر علي بخش (علڻ پڪوڙائي) جو دڪان آهي.

## حبو ڊڪڻ جو هٽ

نالو ته هيس حبيب الله ڊڪڻ پر مڙس سڏائيندو "حبو" هيو. ۽ سچ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇ هليو ڏسي محسوس ٿيندو هيو "حبو" اهو ئي همراهه آهي. ننڍو قد، بت جو پريل، ڏاڙهي وڏي، جاڏي تاڏي ڦهليل جنهن جو وار وڻڻ به گناهه ڪبيرو سمجهندو هيو. ڪو خاص مذهبي ماڻهو به ڪونه هو، پر پوءِ به ڪنهن ڪنهن کي سجدو ڏئي وٺندو هيو. وڏو پهراڻ ۽ اڇي گوڏ هن جي سڃاڻپ وارو لباس هو. هٽ پرائمري اسڪول ۳ جي ڏاکڻي دروازي جي سامهون هوندو هوس. ڪاريگر به خاص نه هو. پر مجال آ جو ڪوئي سندس ڪم مان نقص ڪڍي، گراهڪ جي زبان پٽي ڪڍي. پئسي جي حساب سان مڙس مسڪين، پر ڪاوڙ ڪنڊي تي چڙهيل هوندي هيس. گهٽو ڪري بيل گاڏيءَ جا ڦيٿا ۽ پاچاريون ٺاهيندو هيو، پر هميشه ڦيٿي کي گراهڪ واپس ضرور آڻيندو، پاچاري ڪنهن سڌي ۽ بئلنس واري ڪونه هوندي. پر پوءِ به مسڪين گراهڪ هن وٽ ضرور ڦاسندا هيا. ڪانيءَ کي وڏي ڪهاڙيءَ سان چلهيندي يا وڏي ڪارائي هلائيندي، هميشه پيو پنهنجي ساٿي همراهه جو ساهه ڪڍندو ۽ کيس پيو وڏي آواز سان ڏاٻيندو.

شل نه ڪا گهٽيءَ مان جچ لنگهي، ڪارائي، ڪهاڙا ڇڏي وڃي ڍُهلاريءَ سان گڏ جهمر تي شروع ٿيندو. بقول ڪنهن شخص جي ته "جچ پرائي احمق نچي". احمق هوندي به هن شخص کي پسند ڪرڻ وارا ڪيئي ماڻهو هوندا هيا. پر هُيا دل وارا جيڪي هن مردم بيزار ماڻهوءَ سان سنگت رکڻ کي برداشت ڪري پئي سگهيا. اها حقيقت هُئي ته ظاهري طرح همراهه سخت مزاج ضرور هيو، پر اندر سندس شيشي جان اڇو ۽ اُجرو هيس ۽ ٻهارَ جي ٻوءِ سان ڀريل هيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مواصلات

ليکڪ

قمرالدين قاضي

غلام نبي شاهاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاگرافيءَ جي نقطهءِ نگاهه کان ٺٽون ديرو سنڌو نديءَ جي ساڄي ڪپ تي ۽ درياهه کان هڪ ڪلوميٽر اتر طرف واقع آهي. خوش قسمتيءَ سان شهر کي مواصلات جا سڀ ذريعا آئيڊيل طور تي ميسر آهن. ملڪ جي ڏورانهن علائقن تائين ريل ۽ ٽيليفون جي سڌي سرشتي ۽ پوسٽ آفيس جي اطمنان ڪن نظام وسيلي ڳنڍيل آهي. پراڻي دؤر ۾ گهاڙ واهه جو قدرتي ڦاٽ جيڪو ڪلهوڙن جي دؤر ۾ بهتر هئيت ۾ آيو ۽ پڻ مواصلات ۽ وڻج واپار جو سٺو وسيلو هيو. ساڳي ئي زماني ۾ لاڙڪاڻي (چانڊڪا) کان وٺي شڪارپور تائين ۽ اڳتي بلوچستان تائين ٻئي طرف سکر تائين ڪچي سڙڪ ذريعي ڳنڍيل هيو. جيڪي رستا اڳتي هلي پڪن روڊن جي حيثيت ۾ حاصل ٿيا. اتر طرف رتيديري سان پڻ ڪچي سڙڪ ذريعي ڳنڍيل هيو، جنهن کي بعد جي زماني ۾ پڪو ڪيو ويو. هن باب ۾ مواصلات جي مڙني ذريعن، وسيلن ۽ انهن جي تاريخي حيثيت جو تفصيلوار ذڪر ڪندا سين.

(قمرالدين قاضي)

## (الف) گهاڙ واهه

اڳين وقت ۾ تاريخي گهاڙ واهه وڻج واپار ۽ سفر جي ذريعي طور استعمال ٿيندو هيو. ميان شاهل محمد نهايت مٿانهين درجي جو بزرگ هيو. منجهس عمراني ۽ انتظامي صلاحيتون اعليٰ پيماني تي موجود هيون. گهاڙ واهه جيڪو هڪ قدرتي ڦاٽ هيو، ميان شاهل محمد کيس هڪ بهتر ترتيت ڏني. انگريز ليکڪ مسٽر ايٽن سنڌ گزيٽيئر ۾ لکي ٿو، "ميان آدم شاهه جي پوٽي شاهل محمد کي زراعت جي ڪاروبار سان خاص دلچسپي هئي. لاڙڪاڻو واهه انهيءَ ئي کوٽايو هيو."

اصل ۾ گهاڙ واهه جي "ڦاٽ" جي حيثيت ختم ڪري ميان شاهل محمد انهيءَ کي هڪ وڏي ڪئنال جي شڪل ڏياري جيڪو مختلف شهرن، ڳوٺن، وستين، وٽاڻن تان ٿيندو اوپر کان "ٺٽون ديرو" پهتو ۽ پوءِ اڳتي لاڙڪاڻي ۽ قمبر تائين هليو ويو. اصل ۾ گهاڙ واهه کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهتر هيئت ڏيڻ جو مقصد زرعي زمين کي آباد ڪرڻ هيو. "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري" جو مصنف مسٽر هيگ لکي ٿو ته، "ڪلهوڙن جو هي شيوو هوندو هو ته جارحانه حرڪتن ۽ ڦرمار سان گڏوگڏ پوک جي ڌنڌي ۾ سخت محنت ڪندا هيا. هي اهي هيا، جن لاڙڪاڻي جي پرسان گهاڙ واهه کوٽايو ۽ چانڊڪي پرڳڻي کي سڀ کان اول سنڌ جو گلزار بڻايو." ٻين مختلف تاريخ جي ڪتابن مان واضح آهي ته ميان شاهل محمد بن دائود بن آدم شاهه، پيري مريديءَ جي مسند تي ويٺو، سنڌس ايامه ڪاريءَ ۾ سندس زمينداريءَ ۽ مريدن ۾ اضافو ٿيو. ميان صاحب گهاڙ واهه کوٽايو. ابڙا مريد جن جون گهاڙ واهه جي ٻنهي ڪپن تي زمينون هيون تن تي ميان شاهل محمد قبضو ڪري اهي پنهنجن کي ورهائي ڏنيون، جنهن ڪري ابڙن جو وڏيرو جلال خان بکر جي مغل نواب وٽ دانهن کڻي ويو. آخر مغلن جي لشڪر سان گڏجي ابڙن ميان سان جنگ جوٽي، جنهن ۾ ميان صاحب شهيد ٿي ويو ۽ قمبر جي اوريان گهاڙ جي ڪپ تي کيس دفنايو ويو.

چانڊڪي پرڳڻي ۾ سنڌو درياهه جي ساڄي ڪپ تي جيڪي ڳوٺ آباد آهن، اهي اڪثر گهاڙ واهه يا ان مان نڪتل شاخن جي ڪپ تي يا انهيءَ جي پرسان ٻڌل آهن. گهاڙ واهه جي منهن تي ڳوٺ دوسو دڙا آباد هيو. جيڪو بعد ۾ سنڌوءَ جي پائيندڙ جي نذر ٿي ويو. گهاڙ واهه جو وهڪرو اوير کان اولهه طرف هيو. اولهه طرف اڳتي ميربحرن جا ڪجهه گهر هيا جن کي "چتي ميربحر" جا گهر سڏيو ويندو هيو. هينئر انهيءَ خاندان جا پونئر ننون ديري ۾ آباد آهن ۽ "ميراڻي" سڏائن ٿا. اڳتي جيئن هيٺ هلبو هڪ وسندي شاهاڻي ڳوٺ نالي سان آباد آهي جنهن ۾ شاهاڻي قوم جا باشندا رهن ٿا. دوسو دڙا ڳوٺ کان ٻن فرلانگن تي پير پريل شاهه جو مقام هيو، جيڪو پوءِ درياهه جي ويرن جي ور چڙهي ويو ۽ هاڻ ان جو ڪوبه نشان موجود نه آهي. پريل شاهه سان لڳو لڳ واڻيد غلام نبي جوٽيجو هئي جيڪا هينئر پانچي ويئي آهي ۽ اتان ماڻهو لڏي وڃي شاهاڻي ڳوٺ ۾ آباد ٿيا آهن ۽ پوءِ واڏل ڪڪراڻي، سُهيجا، ٻهمڻ آباد آهن (ٻهمڻ ڳوٺ تاريخي حيثيت جو حامل آهي. هن ڳوٺ ۾ جڳ مشهور شخصيتون پير علي محمد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راشدي ۽ پير حسام الدين راشدي پيدا ٿيا). اڳتي ڳوٺ پونيٽ پور واقع آهي (ڳوٺ پونيٽ پور جو مشهور وڏيرو مرحوم جان محمد خان. ابڙو ۽ سندس پائيتو وڏيرو نادر خان ابڙو برک زميندارن ۾ شمار ٿيندا هيا. وڏيري جان محمد جو ذڪر پير علي محمد راشدي پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" جي پهرين جلد ۾ "وڏيرو سائينءَ" جي عنوان سان ڪيو آهي). اڳتي اوپر طرف ڳوٺ راهوجا، ڳوٺ پير جان محمد، ڳوٺ عزت جي واند، ڳوٺ قلپوٽا کان ٿيندو اچي "ٺٽون ديرو" تائين پهچبو.

ٺٽون ديرو کان هيٺ اولهه طرف گهاڙ واهه جي ڪابي ڪپ تي موهل، پير جو ڳوٺ، آگاٽي ۽ ساجي ڪپ تي سعدو ديرو، ڪيهر، ماهوٽا، چوهڙ پور، دودائي ۽ پوءِ لاڙڪاڻو ايندو هيو. اهڙي طرح هي پاڻيءَ جو رستو اڳتي قمبر علي خان تائين پهچندو هيو. گهاڙ واهه جي اوج واري زماني ۾ بين شهرن ۽ وڏن ڳوٺن جيان ٺٽون ديرو کي وڻج واپار جي لحاظ کان بندر جي حيثيت حاصل هئي. اونهاري جي موسم ۾ لاڙ يا سري کان گهڻو ڪري واپاري پنهنجو سامان ڪٺي سنڌوءَ کان اچي گهاڙ واهه وٺندا هيا ۽ ٺٽون ديرو کان ٿيندا لاڙڪاڻي تائين ۽ ان کان به هيٺ مال پهچندو هيو.

گهاڙ واهه مان جدا جدا هنڌن تان جيڪي نياڻ ڪڍرايا ويا جن وسيع ايراضيءَ کي سيراب ڪيو انهن مان مکيه هئا: نصرت واهه جنهن کي الهندي طرف قادو واهه سڏيو ويندو هو. نصرت انسپيڪشن بنگلا ۽ نصرت ريلوي اسٽيشن به انهيءَ نياڻ جي نالي سان وابسته آهن.

پٽو واهه جيڪو موجوده نصرت اسٽيشن وٽان لنگهي ٿو.

ڏٽر واهه نصرت ۽ پٽو واهه جي درميان وهندو هو.

ٻچيري واهه پونيٽ پور ڳوٺ جي لڳ اولهه طرف کان وهندو هو.

خانواهه جنهن جي ڪپرن تي پير جان محمد جو ڳوٺ آباد آهي سو پنجو ديري جي اولهه طرف کان وهندو هو.

انڊو واهه ۽ پٽو واهه ٺٽون ديري شهر جي اوپر طرف کان وهندا هئا.

ميرا واهه ٺٽون ديري کان اوپر طرف ڪجهه فاصلي تي وهندو هو. هي ڪشادو نياڻ هوندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) ٺٽون ديرو- سکر روڊ
(٣) ٺٽون ديرو- رتوديرو روڊ
(٤) ٺٽون ديرو- ڦلپوٽا روڊ
(٥) ٺٽون ديرو- موهل وڏا روڊ

## (١) ٺٽون ديرو- لاڙڪاڻو روڊ

هيءَ ڪچي سڙڪ قديم زماني کان موجود آهي. سڪندرِ اعظم هن ئي سڙڪ رستي ماهوٽن کان ٿيندو اڳتي وڌيو هيو. (ان وقت ۾ شايد ٺٽون ديرو شهر جو وجود ڪونہ هجي، يا وري ڪنهن ٻئي نالي ۽ ٻئي محلِ وقوع تي هجي). اٺويهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ انگريز حڪمران ڪيپٽن ايسٽ وِڪ بہ هن ئي رستي سان آيو ۽ اچي هڪ ڏينهن ٺٽون ديري ۾ گذاريائين. اهڙيءَ طرح تاريخ مان واضح طور تي هي ثبوت ملي ٿو تہ خشڪيءَ جي ذريعي هيءَ سڙڪ مواصلات جو اهم ذريعو رهي آهي. هن سڙڪ جي ١٩٥٠ع کان پوءِ پڪين سرن سان فرش بندي ٿي ۽ ٿوري ئي عرصي کان پوءِ ڪيترين جڳهن تان اها فرش بندي اکڙندي وئي. ۽ پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت جي وقت ۾ ١٩٧٢ع ۾ باقاعده طور هن سڙڪ کي پڪو ڪيو ويو ۽ ڪارپيٽ روڊ ٺهيو. هيءُ روڊ ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي جي انجنيئرن جي نگرانيءَ ۾ ٺهيو. هن روڊ تي ميتلا، ڪيهر، ماهوٽا، چوهڙ پور، دودائيءَ جا ڳوٺ ٺٽون ديري ۽ لاڙڪاڻي سان ڳنڍيل آهن. ١٩٣٠ع جي ڏهاڪي ۾ سکر پل ۽ ڪئنالن جي ٺهڻ کانپوءِ رائيس ڪئنال ۽ دادو ڪئنال جا انسپيڪشن پاٿ بہ اهم ماڻهن جي مواصلات جو ذريعو هوندا هئا. جن تان اهم ماڻهن جون موٽرون پرمٽن ذريعي انسپيڪشن پاٿ تي چڙهيون وينديون هيون. مفاصلو ١٢ ميلن جو آهي.

## (٢) ٺٽون ديرو- سکر روڊ

ٺٽون ديرو ڪچي سڙڪ سان شڪارپور ۽ سکر سان ڳنڍيل هيو، هيءَ سڙڪ بہ لاڙڪاڻي ٺٽون ديرو سڙڪ جو سلسلو رهي آهي. جتان ڪيئي فاتح فوجون گذرنديون رهيون آهن. متي بيان ڪيل سڪندرِ اعظم جو بہ اهو ئي رستو ثابت آهي ۽ اهڙي طرح انگريز آفيسر بہ ساڳي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رستي سان سکر ۽ شڪارپور پهتل ٿو ڏسجي. هيءَ ۴۰ ميلن جي سڙڪ به اڳين سڙڪ وانگر سنڌو درياهه سان پور وچوٽ پئي هلي. هن سڙڪ کي به پنّو حڪومت ۾ پڪو ڪيو ويو هيو ۽ ۱۹۷۷ع ڌاري باقاعده طور ٽريفڪ لاءِ کلي هئي.

هن روڊ تي پنجو ديرو، مدئجي، جندوديرو، ڏڙو، مرزا پور، امروٽ شريف ڳنڍيل آهي ۽ لکي غلام شاهه تائين پهچي، سکر، شڪارپور روڊ سان ملي ٿي، جتي اُتر طرف شڪارپور پهچي سگهجي ٿو ۽ ڏکڻ طرف سکر اٿس.

سکر وڃڻ لاءِ پڻ هن روڊ نهڻ کان اڳ دادو ڪئنال ۽ رائيس ڪئنال جا انسپيڪشن پاٿ استعمال ٿيندا هيا.

### (۳) نئون ديرو - رتوديرو روڊ

هن رستي جي ڊيگهه ۱۰ ميل آهي. هي رستو به ڪچي سڙڪ جي صورت ۾ قديم زماني کان موجود آهي. ۱۹۵۰ع کان پوءِ پڪين سرن سان هن روڊ جي فرش بندي ٿي ۽ ۱۹۶۰ع جي ڏهائيءَ ۾ هن جو ڪجهه حصو پڪو ٿيو، جڏهن ته ۱۹۷۰ع جي شروعات ۾ باقاعده طور تي روڊ جي مڪمل طور ري ماڊلنگ ڪئي وئي. هن رستي سان ڳڙهي خدابخش ڀنو، خانواهه، آباد، ميرپور ڀنو، طيب، نئون ديري ۽ رتيديري سان ڳنڍيل آهن. رتيديري کان اتر طرف جيڪب آباد ۽ اوپر طرف ڳڙهي ياسين ذريعي، شڪارپور سان ڳنڍيل آهي.

### (۴) نئون ديرو - ڦليوٽا روڊ:

هي رستو تقريباً ۲ ڪلوميٽر ڊيگهه جو آهي. ڪچي سڙڪ شهر کان درياهه تائين موجود هئي ۽ ساڳي سڙڪ کي ۱۹۷۳ع ۾ پڪو ڪيو ويو آهي. هن سڙڪ ذريعي درياهه تائين پهچي سگهجي ٿو. هن سڙڪ ذريعي ڦليوٽا، عزت جي واڊ ڳنڍيل آهن. ساڳي پڪي سڙڪ اڳتي هلي دادو ڪئنال جي ڪپي پاسي ٻين پسگردائيءَ جي ڳوٺن تائين وڃي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**(ه) ننون ديرو - موهل ننڍا روڊ:**

هڪ ڪلوميٽر جو هي رستو، اڳ ڪان موجود ڪچي سڙڪ کي پڪو ڪري ٺاهيو ويو، جيڪو دادو ڪئنال تائين پهچي ختم ٿي وڃي ٿو. دادو ڪئنال تي پل پوڻ ڪان پوءِ هن رستي کي مٺي کهڙي جي ڳوٺ تائين وڌايو ويو آهي.

**(ج) ريل جا رستا:**

هي شهر ١٩٣٥ع ۾ ريل جي رستي ملڪ جي اهم شهرن سان ڳنڍيو ويو. شهر جي ريلوي اسٽيشن جو نالو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي والد سرشاهنواز ڀٽي جي نالي پويان شاهنواز ڀٽو ريلوي اسٽيشن پيو. جنهن جو پهريون نالو ننون ديرو اسٽيشن هيو. هڪ طرف هيءَ ريلوي اسٽيشن لاڙڪاڻي جنڪشن سان ته ٻي طرف حبيب ڪوٽ جنڪشن سان ڳنڍيل آهي. لاڙڪاڻي جنڪشن تان ريل بدلائڻ تي قمبر علي خان ۽ شهداد ڪوٽ ڪان ٽيندو جيڪب آباد تائين پهچبو ته ٻئي طرف ساڳي ريل ذريعي دادو، ڪوٽڙي ۽ ڪراچيءَ تائين پهچبو. حبيب ڪوٽ ذريعي هيءَ اسٽيشن هڪ طرف سکر ۽ روهڙيءَ سان ته ٻئي طرف جيڪب آباد ۽ ڪوئيٽا سان ڳنڍيل آهي. هن اسٽيشن تان ٽرين ذريعي ڪراچيءَ تائين، ڪوئيٽا تائين ۽ روهڙيءَ تائين پهچي سگهجي ٿو.

شروع ۾ هن ريلوي اسٽيشن جي عمارت ساڳيءَ جڳهه تي هيٺانهينءَ تي ٺهيل هئي ۽ پوءِ ١٩٧٣ع ۾ نئين عمارت ٺهي ۽ پراڻي عمارت کي مسمار ڪيو ويو. هن ريلوي اسٽيشن تي مسجد شريف خانبهادر احمد خان ڀٽي ٺهرائي هئي.

**(د) ٽيليفون:**

هي شهر ٽيليفون جي ڊائريڪٽ ڊائلنگ ذريعي ملڪ جي تمام شهرن سان ڳنڍيل آهي. شروع ۾ ٣٠ لائينن جي مئگنيٽو ٽائيپ جي ايڪسچينج ١٩٦٢ع ۾ ڪرائي جي جاءِ ۾ قائم ٿي، جنهن کي اڳتي هلي، ١٩٧١ع ۾ سي. بي ايڪسچينج سرشتي ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ ٥٠ لائينن جي سي- بي ايڪسچينج قائم ٿي جيڪا ١٩٧٥ع ۾ وڌي سؤ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لائينن تائين پهتي. ١٩٧٣ع ۾ ٽيليفون جي محڪمي اسٽيشن روڊ تي زمين حاصل ڪئي ۽ اُتي پنهنجي سرڪاري عمارت جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪرايو، جيڪو ١٩٧٥ع ۾ تڪميل تي پهتو ۽ ١٢ لکن جي خرچ سان محڪمي جي عمارت تيار ٿي، جتي ڪرائي جي جاءِ مان سي. بي ايڪسچينج شفٽ ڪري سرڪاري عمارت ۾ لڳائي ويئي. جون ١٩٨٥ع ۾ سي. بي سرشتي کي تبديل ڪري نئون ڊائريڪٽ ڊائلنگ سسٽم ٢٠٠ لائينن جي آٽوميٽڪ مني ايڪسچينج قائم ڪئي وئي، جيڪا قاضي قمر الدين ڊويزنل انجنيئر ڊولپمينٽ جي حيثيت سان لڳرائي، اڳتي هلي ١٩٨٩ع ۾ بلڊنگ جي خسته حاليءَ کي درست ڪيو ويو ۽ عمارت جي مرمت ڪرائي ويئي ۽ مٿن بلڊنگ سان گڏو گڏ ٻي بلڊنگ ٺهرائي اُتي ڊپارٽمينٽل ٽيليگراف آفيس D.T.O ساڳي سن ۾ قائم ڪيو ويو، جتي ٽيلي پرنٽر جي سهولت مهيا ڪري تار جو سڌو ڳانڍاپو قائم ڪيو ويو ۽ ايڪسچينج جي توسيع ڪري ٣٠٠ لائينون ٺاهيو ويو.

ان کان سواءِ اڳ ۾ ٽرنڪ جي ذريعي نئون ديرو صرف رتوديرو ۽ لاڙڪاڻي سان ڳنڍيل هيو جنهن کي لاڙڪاڻي جي هڪ ڪان ٻن ٽرنڪ لائينن ذريعي ڳنڍيو ويو ۽ اضافي طور تي هڪ سکر جي ٽرنڪ لائين ۽ هڪ ڪراچيءَ جي سڌي ٽرنڪ لائين ڏني وئي. ان کان پوءِ ڳوٺاڻي مواصلات (رورل ڪميونيڪيشن) جي Analogue نئين سسٽم TDMA (ٽائيم ڊويزن ملٽي ايڪسينر سسٽم) ذريعي لاڙڪاڻي جي ڊجيٽل ايڪسچينج سان ڳنڍيو ويو آهي. هي سسٽم ١٩٩٤ع ۾ ڊجيٽل سسٽم ۾ تبديل ٿيو ۽ ٧٥٠ لائينن جي گنجائش رکي وئي ۽ اڄ جديد ترين دور جي ٽيڪنالوجي منجهس موجود آهي ۽ سموريون ويليو ايڊيڊ سهولتون مثلاً: ڪال ويٽنگ، CLI، ڪال ڊائورشن وغيره وغيره استعمال ڪري سگهجن ٿيون ۽ ٢٠٠١ع جي شروعاتي ڏينهن ۾ انٽرنيٽ ذريعي دنيا سان ڪمپيوٽر جي نظام سان جوڙيو ويو آهي.

(قمرالدين قاضي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئين ديري جي پرپاسي
# واراڳوٺ

تحقيق ۽ تحرير

امام راشدي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### پير جو ڳوٺ:

هي ڳوٺ گهاڙ واهه جي ڪاهي ڪپ تي اوائلي زماني کان وٺي آباد آهي، ۽ نهايت شاندار تاريخ جو مالڪ آهي. ٽالپرن جي دؤر ۾، راشدي خاندان جي مورث اعليٰ حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحہ، جن جي ٻاءُ حضرت پير سيد مرتضيٰ علي شاهه رحہ المعروف "پڪي وارو شاهه" ، هن وسنديءَ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي. انهيءَ ڪري هيءَ وَستي "شاهه جو ڳوٺ" سڏجڻ لڳي. راشدي پيرن جي گهڻائي سبب هي ڳوٺ "پير جو ڳوٺ" جي نالي سان پڻ گهڻو مشهور آهي.

پير سائين مرتضيٰ علي شاهه (متوفي ١٢٣٥ هجري) هت هڪ خوبصورت مسجد تعمير ڪرائي، جيڪا سندن فرزندن حضرت پير محمد عطا شاهه رحہ ۽ حضرت پير سائين پنهل رحہ جن جي نگرانيءَ ۾، سن ١٢٢٠ هجري ۾ جُڙي راس ٿي. ٽِن گنبذن تي مشتمل هيءَ عاليشان مسجد، اڄ به قائم آهي. ٻہ صديون پُراڻي هيءَ مسجد سڄي ڳوٺ لاءِ باعثِ رحمت بڻيل آهي. مسجد ۾ پٿر تي اُڪريل هڪ فارسي ڪتبو پڻ نصب ٿيل آهي، جنهن مان تعمير جو سن نڪري ٿو،

در زمان مرشدي عالم امام، ميڪنم تاريخ اظهر اخضا
شپد بنا اين مسجد لي سي الحرام، عين ري درڪاف حي آمدشمار

سنڌ جي ناميارو تاريخدان ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکيو آهي تہ، "هيءَ مسجد پير ڳوٺ لڳ ننون ديرو تعلق رتو ديري ۾ آهي. چيو وڃي ٿو تہ هيءَ مسجد مغلن جي زماني جو يادگار آهي."
(لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو- ص ٢٠١)

هن مسجد ۾ مير معصوم بکري جو هڪ فارسي ڪتبو پڻ رکيل هو، جيڪو ڪنهن کوهہ تي پيل هو، جتان ڪٽي مسجد ۾ رکيو ويو هو. ڪتبي تي سن ١٠١١ هجري لکيل آهي. اهو يادگار ڪتبو سنڌ جو عظيم محقق ۽ تاريخدان پير حسام الدين راشدي ڪڍائي ويو هو. ان جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذڪر ۽ عڪس پير صاحب، مير معصوم جي سوانحي ڪتاب، "امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بکري" ۾ پيش ڪيو آهي.

مٿين ٻنهي حوالن جي روشنيءَ ۾ ڏسجي ته، هن ڳوٺ جي قدامت ڇئن صدين کان به مٿي بيهي ٿي.

پير ڳوٺ جي راشدي خاندان جو پهريون پڳدار حضرت پير سيد مرتضيٰ علي شاهه آهي بعد ۾ پڳ پير سيد محمد شفيع شاهه تي آئي، پر پاڻ پڳداريءَ جي بار کان انڪار ڪيائون، ۽ پڳ پنهنجي ڀاءُ جي حوالي ڪيائون. ٻيو پڳدار پير سيد محمد عطا شاهه، ٽيون پڳدار پير سيد محمد ارشد شاهه، چوٿون پڳدار پير سيد حبيب الله شاهه، پنجون پڳدار پير سيد عبدالحئي شاهه عرف بخشڻ شاهه، ڇهون پڳدار پير سيد محمد ارشد شاهه عرف نالي چڳو شاهه، ستون پڳدار پير سيد محمد امام شاهه، اٺون پڳدار پير سيد ذوالفقار علي شاهه (مشهور شاعر ۽ نقاد) ۽ نائون ۽ موجوده پڳدار پير سيد عبدالحئي شاهه راشدي آهي.

پير سائين مرتضيٰ علي شاهه جو اولاد "شاهاڻي" سڏجي ٿو، جيڪو سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ آباد آهي. جن ۾، وڳڻ، لعلورئنڪ، گهنهڙ، شريفاڻي، ٻُٽ سرائي، لاڙڪاڻو، ٻُڪيجا، وارهه، خيرپور ناٿن شاهه ۽ ٻيا شامل آهن.

هي ڳوٺ بنيادي طور تي. شاندار ماضيءَ جو مالڪ رهيو آهي، هتان جا راشدي حڪيم ڏيهان ڏيهه مشهور آهن. سنڌن شفاخانا هندستان، آفريڪا ۽ بلوچستان تائين هلندا هئا. هت جيڪي وڏا جراح ۽ حاذق حڪيم ٿي گذريا آهن انهن ۾، حڪيم يُورل شاهه راشدي، حڪيم محمد زمان شاهه راشدي، حڪيم باقر شاهه راشدي، حڪيم شاهه محمد شاهه راشدي، حڪيم اسد نبي شاهه راشدي، حڪيم سعد الله شاهه راشدي، حڪيم محمد مُقيم شاهه راشدي، حڪيم محمد حفيظ شاهه راشدي، حڪيم شمس العارفين شاهه راشدي، حڪيم نظام الدين شاهه راشدي، حڪيم بدرالدجيٰ شاهه، راشدي، حڪيم عبدالستار شاهه راشدي، حڪيم محمود شاهه راشدي، حڪيم عبدالغفار شاهه راشدي، حڪيم قاضي محمد بخش ۽ ٻيا حڪيم مشهور آهن.

"مُورخ سنڌ" پير حسام الدين راشدي هتان جي حڪمين جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذڪر پنهنجي مشهور ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" (صفحو ٣٠٦) ۾ هن طرح ڪيو آهي،

"مثلاً" پير جي ڳوٺ (لڳ نئو ديرو) وارن پيرن مان پير محمد زمان شاه، پير پورل شاه ۽ پير شاه محمد شاه وغيره نهايت اعليٰ درجي جا طبيب هئا ۽ سندن شاگردن جو سلسلو پري پري تائين ڦهليو. بلوچستاني حڪيم گهڻو ڪري انهيءَ گهراڻي جا شاگرد آهن. پير باقر شاه ۽ پير بدر الدجيٰ شاه اجا تائين طبي مشغلو جاري رکندا اچن ٿا.

هن وقت طب جو رجحان ختم ٿيندو پيو وڃي. پوءِ به ڳوٺ جي باقيات مان حڪيم عَلم الدين شاه راشدي، حڪيم شمس الضحيٰ شاه راشدي، حڪيم قمرالدين شاه راشدي، حڪيم شفن شاه راشدي وغيره پنهنجي وڏن جو ورثو سنڀاليون اچن ٿا.

يوناني طب جي حوالي سان هي ڳوٺ مرڪزي حيثيت جو مالڪ آهي، ۽ اهوئي سبب آهي جو، هي ڳوٺ "ننڍڙو يونان" جي نالي سان به گهڻو مشهور آهي. ڳتيل آباديءَ واري هن ڳوٺ جي اوڀر ۾ ننڍيا موهل ڳوٺ ۽ نئون ديرو شهر، اولهه ۾ باغ ۽ نئون ڳوٺ، اتر ۾ گهاڙ واهه ۽ شگر مل، ۽ ڏکڻ ۾ سرسبز پنيون ۽ دادو ڪئنال واقع آهن.

هن وقت هي ڳوٺ ميونسپل ڪاميٽي نئون ديرو ۾ شامل آهي ۽ ان جو اهم محلو شمار ٿئي ٿو. هي ڳوٺ ديه شادي اگهم ۽ يونين ڪائونسل بهمڻ ۾ آهي.

هت ١٩١٥ع ۾ هندن جو جوڙايل هڪ پرائمري اسڪول به قائم آهي. جنهن تي اسڪول جي تعمير جو سن لکيل هو، ۽ هڪ پٿي ڪتبي تي اسڪول ۾ نلڪو هڻائڻ جي عبارت اُڪريل آهي. اهو نلڪو هتان جي مشهور هندو هرچي مل، پنهنجي پيءُ جميعت راءِ جي ياد ۾ هڻايو هو. ١٩٩٨ع ۾ اسڪول جي ساڳئي پُراڻي بنياد تي نئين عمارت جوڙي وئي آهي. ١٩٩٩ع ۾ هت مڊل اسڪول کُليو آهي، جنهن جي عمارت ڳوٺ ننڍيا موهل ۾ پير جمال الله شاه راشدي جي ڏنل پلاٽ تي ٺهي آهي. جو ته هتان جي پيرن اسڪول لاءِ پلاٽ فراهم نه ڪيو.

پير جي ڳوٺ ۾ ڪيترين ئي ڪَسب واريون ذاتيون، شروع کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي وينل آهن. جن ۾، ڪنڀر، لوهر، موچي، سونارا، ڪوري، ڏڪڻ، کٽي ۽ شيخ وغيره شامل آهن. هت نڪر جا ٿانوَ نهايت اعليٰ درجي جا ٺهندا آهن، جيڪي نفاست ۽ پائيداريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن ۽ پري پري تائين مشهور آهن حاجي محمد قاسم، حاجي فيض محمد، حاجي بهادر، بکر، نظر محمد، ديدار علي، شاهن ۽ ٻيا ڪنڀر پنهنجي فن ۾ شهرت رکن ٿا. سونارڪي ڪم جو ب ڪوٺاني نہ هو، ڪڇي ۽ خيرپور رياست تائين هتان جا زيوَر پسند ڪيا ويندا هئا. لوهارڪو ۽ موچڪو ڪم اعليٰ پيماني تي ٿيندو هو. انهن هنرمندن ۾ شاهہ ڪاريگر ٿي گذريا آهن. ان کان ڪانسواءِ هت جيڪي ٻيون ذاتيون آباد آهن انهن ۾، عاربي، ڪلهوڙا، کٽي، کُوکاري، ڪوڪر، چاڪي، پرچوند، ڪڇي، دايا، مير بحر، ماڇي، مهاجر، پنجابي، جاگيراڻي، حجم، موهل، سيال وغيره شامل آهن. هت هڪڙو شيدين جو گهر هوندو هو، جيڪو راشدي پيرن ( پير محمد مقيم شاهہ) کي ٻانهپ ۾ مليل هو.

هتان جي موچين جو ٻاڙهو قرآن سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. جڏهن ب ڪا چوري وغيره ٿيندي آهي، تڏهن هي قرآن پاڪ گهمايو ويندو آهي ۽ ٿيل چوري واپس ملي ويندي آهي. هي قلمي قرآن ستين هجريءَ جو ٻڌايو وڃي ٿو. خود ڳوٺ جي راشدي پيرن جي گهرن ۾ ناياب قلمي قرآن، طب تي لاجواب شهپارا ۽ ٻيا بيشمار تاريخي ڪتاب ۽ ٻيون نوادرات موجود آهن. سيد قطب ضياءَ شاهہ راشدي ۽ ذوالفقار راشدي جا ڪتب خانا اهڙين اٿلپ شين سان پرپور آهن.

هن ڳوٺ ۾ هندو وڏي تعداد ۾ رهندا هئا. سندن بنگلا، ماڙيون ۽ دڪان مشهور هيا. ورهاڱي کانپوءِ گهڻا هندو ڀارت هليا ويا، ۽ ٻيا نئون ديري، لاڙڪاڻي ۽ ٻين شهرن ۾ وڃي ويٺا، هندن جا سوَ کان مٿي گهر هوندا هيا، اڪثريت دڪاندارن جي هئي، ڪن کي ٻنيون باغ ۽ ڪارخانا وغيره ب هئا. نئون ديري شهر ۾ ب هتان جي هندن جا ڪيترائي دڪان هوندا هئا. هندن جو ٽِڪاڻو، آکاڙو ۽ ڳوٺ کان ٻاهران مَساڻ ب هوندا هئا. چوڳي مل جي وڏي عاليشان ماڙي ب گهڻو مشهور هئي. هت ملاٽي، گربخشاڻي، روهڙا ۽ ٻيون هندن جون ذاتيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندڙ هيون. راماڻي هتان جو مُکي گهراڻو هوندو هو. هرچو مل، چوڳو مل، پرسُو مل، پمن داس، پريتم داس، ٺهليو مل ۽ ٻيا بيشمار نالا، مشهور هندن جا ملن ٿا. ٺٽون ديري جا مشهور برادران چيلا رام، ٺاڪو مل، نارو مل ۽ آسودو مل جو تعلق پڻ هن ڳوٺ سان آهي.

هندن جي وڃڻ کان پوءِ سندن ڇڏيل جايون ۽ ملڪيتون هندستان مان آيل مهاجرن ۽ پنجابين ڪانسواءِ ڳوٺ جي ماڻهن کي مليون- هندن جون ڪيترين ئي جايون اڄ به قائم آهن. هن وقت هتان مهاجرن ۽ پنجابين جو وڏو تعداد شهرن ۾ منتقل ٿي ويو آهي. هن وقت مُستقيم (مهاجر) ۽ چوڌري خوش محمد (پنجابي) جا گهراڻا آباد آهن.

هن ڳوٺ جا استاد سڄي سنڌ ۾ مثالي حيثيت جا مالڪ رهيا آهن. سندن تعليمي خدمتون سڄ جيان روشن آهن. حاجي در محمد سومرو، گهنشام داس، حاجي عبدالحميد سومرو، محمد علي سومرو، محمد سچڻ عاربي، خير محمد چنو، مينهان خان چنو، گل حسن سومرو، مولا بخش سومرو، غلام رسول ڪلهوڙو ۽ ٻيا ناميارا استاد مشهور آهن.

هتان جي ديني استادن ۾ مرحوم استاد حاجي احمد دايو، استاد محمد صفر ڪُوڪاري، محمد رمضان مير بحر، حافظ غلام قادر جکرو ۽ ٻين جون ديني خدمتون مقبول آهن. ڳوٺ جا ڪجھ آفيسر به مشهور آهن. مرحوم محمد صالح ڪوکر (ايگريڪلچر جو ماهر ۽ آفيسر)، غلام عباس ڪوکر، سيد محمد مقيم شاهه راشدي (رجسٽرار، زرعي يونيورسٽي، ٽنڊو ڄام) لطف علي شاهه راشدي (پي. آءِ. آفيسر)، سيد علي اڪبر راشدي، سيد قطب ضياءَ شاهه راشدي (رٽائرڊS. D.E.O) ۽ ٻيا آفيسر شامل آهن.

هي ڳوٺ شروع کان ئي علم ۽ ادب جو گهوارو رهيو آهي. هتان جا قادر الڪلام شاعر ۽ اديب، سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ نمايان حيثيت رکن ٿا. اڳاٽن شاعرن ۾ جيڪي اهم نالا ۽ سندن ڪلام مليو ٿو انهن ۾، پير ڪليم الله شاهه راشدي (جنم ١٨٧٦ع) مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. سندس اردو ڪلام سنڌ جي هاڪاري محقق ۽ تاريخدان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي اردو ڪتاب، "سنده مين اردو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري" ۾ پيش ڪيو آهي. ان کان علاوه جن ٻين پراڻن شاعرن جو ڪلام ملي ٿو انهن ۾، پير محمد مقيم شاهه راشدي، پير محمد حفيظ شاهه راشدي، پير شهاب الدين شاهه راشدي، ذوالفقار راشدي (سنڌيءَ ٻوليءَ جو ناميارو شاعر ۽ نقاد) حاجن شاهه عاجز راشدي، محمد جمن قاضي، غلام حيدر ڪلهوڙو "ذڪايل" ۽ ٻيا شامل آهن. موجوده دور ۾ جيڪي اديب ۽ شاعر سنڌي ادب ۾ پاڻ ملهائي رهيا آهن، انهن ۾، امام راشدي، امتياز سومرو، پروفيسر نظير احمد سومرو، پرهه روبينه سومرو، سنجها راشدي، عزره عروج سنڌي، شائسته راشدي، سعيد قاضي، سرفراز عباسي، نياز ڪلهوڙو، فاروق راشدي، فهيم مڪول، ڪاشف پنهور، عبدالحئي شاهه راشدي ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا.

هتان ١٩٩٩ع کان ٻاراڻو رسالو "روشن راهه" سرفراز عباسي ڪڍي رهيو آهي. ناليوارو سُگهڙ محمد بخش شيخ جو تعلق هن ڳوٺ سان هيو. هُو ڏور، بيت ۽ قصن ڪهاڻين جو ماهر ليکيو ويندو هو.

ڪنهن زماني ۾ هي ڳوٺ سر سبز شاداب باغن جي وچ ۾ هوندو هو. چوڌاري انبن ۽ ڪجين جا عاليشان باغ هوندا هئا. انهن باغن جي انبن ۽ ڪجين جون لاتعداد جنسون مشهور هونديون هيون. آڏل وارو باغ، تڪاڻي وارو باغ، پير سائين پنهل جو باغ، باقر شاهه جو باغ، رُوپي وارو باغ، عطاءَ الله شاهه جو باغ، حفيظ شاهه جو باغ ۽ ٻيا باغ گهڻي شهرت رکندڙ هئا.

ڪمال فقير شيخ، ميرو فقير، حاجي محمد سليمان، مُلان جاڙو ڪتي، ملان ڪالو ۽ ٻيا جُهونڙا ڳوٺ جي خاص ڪردارن طور مشهور ۽ معروف هيا.

پنهنجي عظيم تاريخ جو پنڊارُ شاهه جو ڳوٺ، عرف "پير جو ڳوٺ" ۾ ڪيترين ئي مَهان هستين ايندين رهيون آهن، جن ۾، عظيم تاريخدان پير حسام الدين راشدي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، پير صاحب پاڳارو، پير علي محمد راشدي، عبدالحميد خان جتوئي، علامه سيد نجيءَ الله شاهه راشدي، ممتاز علي ڀٽو. استاد بخاري. عبدالله ورياهه، نسيم کرل، ڊاڪٽر غلام علي الانا، دادا سنڌي، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، انيس انصاري، احمد خان مدهوش، منير سولنگي، اياز گل،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالغفار تبسم، ڪيهر شوڪت. واجد، مدد علي سنڌي، روشن علي تنيو، سردار منل خان وڳڻ، محمد پنهل ڌهر ۽ ٻيون نامور شخصيتون شامل آهن.

والي بال راند جي حوالي سان، هي ڳوٺ پڻ وڏي شهرت جو مالڪ آهي. نظام الدين عرف منل شاهه راشدي، محمد اعظم عرف ڏاڏو شاهه راشدي، ڀائي خان ڪٽي، سڪندر علي سونارو ۽ ٻيا رانديگر مشهور آهن. انهن مان مَنل شاهه ۽ ڏاڏو شاهه پاڪستان ليول تي کيڏندڙ رانديگر آهن.

هتان جي مشهور ۽ معروف شخصيتن ۾، پير عبدالرزاق شاهه، پير عبدالغفور شاهه، پير منير شاهه، پير علي حيدر شاهه، پير زنيل شاهه، پير عطاءُ الله شاهه ۽ ٻيا شامل هئا.

هن ڳوٺ ۾ ڊراماٽڪ سوسائٽيون به قائم هيون "چاند تارا ڪلب" ۽ "يوٿ ڪلب" جي پليٽ فارم تان ڪيترائي ڊراما ڪيا ويا. جن ۾ "ليليٰ مجنون" ۽ "سسئي پنهون" ١٩٦١ع ۾ پيش ڪيا ويا ۽ گهڻو مقبول ٿيا. انهن ۾، ولي محمد سومرو، محمد جمن قاضي، غلام سرور قادري، نظير احمد پنجابي، علي مصطفيٰ شاهه راشدي، محمد پچيل سونارو، آصف علي، علي حيدر شاهه ۽ ٻيا نوجوان سرگرم هيا. بعد ۾ قاضي راهب علي "زيب" به ڪجھ ڊراما ڪرايا ۽ مشهور ٿيا. مقامي ليول تي مشهور نعت خوان ممتاز علي ڪلهوڙو به هن ڳوٺ سان تعلق رکي ٿو.

## ڳڙهي خدا بخش ڀٽو:

هي ڳوٺ، اٽڪل ٻـ سوَ سال پراڻو آهي، جيڪو خدا بخش خان ڀُٽي جو ٻڌايل آهي. ڀُٽا خاندان جو تفصيلي ذڪر جي، ايم سيد پنهنجي ڪتاب، "جَنبُ گذاريم جن سين" ۾ ڪيو آهي. هن ڳوٺ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"سر شاهنواز خان جي ڏاڏي جو نالو خدا بخش هو، جنهن پنهنجي نالي سان "ڳڙهي خدا بخش خان" ڳوٺ، رتيديري تعلقي ۾ ٻڌايو هو."

شروع کان ئي، هي ڳوٺ ڀٽا خاندان جو مَسڪن رهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوَن ٿا ته، هت ڀٽن جون زمينون هونديون هيون، جن ۾ چند گهر هارين جا وينل هئا. پوءِ خدا بخش خان، پنهنجي وڏڙن سان ڪاوڙجي اچي هت رهڻ لڳو ۽ پنهنجي زمينن تي خاص توجه ڏئي سنڀالڻ لڳو. هن پنهنجي رهائش لاءِ هتي هڪ خوبصورت عمارت تعمير ڪرائي، جنهن سبب هن ڳوٺ کي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو سڏڻ لڳا. ڳڙهي معنيٰ ننڍو قلعو يا وڏي ديوار آهي.

بعد ۾ ڪسب وارن ماڻهن کي مختلف هنڌن تان لڏائي، هت ويهاريو ويو ۽ اهڙي طرح هي ڳوٺ نه رڳو وڌندو ويو. هن وقت هي ڳوٺ وڏو ۽ مثالي ٻٽيل آهي. هي ڳوٺ، سڄي ملڪ ۾ مشهور آهي، پر عالمي ليول تي به سڃاتو وڃي ٿو.

ڀٽو خاندان، پاڪستان جي سياست ۾ نهايت عزت ۽ احترام رکي ٿو. ملڪ جو هي واحد گهراڻو آهي، جنهن سان عوام بيپناه محبت ڪري ٿو. ائين چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته، پاڪستان جي سموري تاريخ ڀٽو خاندان جي ذڪر کانسواءِ ادوري ۽ اڻپوري ليکي ويندي.

ڀٽو خاندان لاءِ ٻڌجي ٿو ته، محمد خان نالي هڪ وڏڙو پنجاب مان لڏي اچي سنڌ ۾ وينو، چوَن ٿا ته، ڀٽا آرائين قوم جي شاخ آهن، يا هي اصل ۾ جيسلمير جي راجپوت گهراڻي جي ڀٽي قوم مان آهن. جن مان هڪڙي وڃي پنجاب ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ آرائين قوم سان مٽي مائٽي ڪيائين.

سنڌ ۾، ڀٽا خاندان جي خوشحاليءَ جا ڏينهن سنڌن وڏي دودا خان جي ڏينهن ۾ آيا- جي. ايم سيد پنهنجي ڪتاب، "جنب گذاريم جن سين" ۾ لکيو آهي ته، "ڀُٽن جو بخت وڏيري دودا خان جي ڏينهن ۾ وريو، جنهن پنهنجي محنت ڪفايت شعاريءَ ۽ قابليت سان زمينداري ۽ ملڪيت وڌائي"

هي ڳوٺ، نئون ديري کان پنجن ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي، اتر طرف ديه پاٽڙو ۾ واقع آهي. جيڪا تپو نئون ديرو جي هڪ ديه آهي.

بنيادي طور تي هي ڳوٺ، ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. ٻئي حصي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي "صاحب جو ڳوٺ" سڏجي ٿو.

هت وڏي ۾ وڏو ۽ اهم يادگار، "ڀٽا خاندان" جو تاريخي قبرستان آهي. جنهن ۾ سياست جون تاريخون دفن آهن. وسيع ايراضيءَ واري هن شهر خموشان ۾، خدا بخش خان ڀٽو، غلام مرتضيٰ خان ڀٽو، سر شاهنواز خان ڀٽو، امداد علي خان ڀٽو، سڪندر علي خان ڀٽو، علي گوهر خان ڀٽو، شهيد ذوالفقار علي خان ڀٽو، شهيد مير مرتضيٰ خان ڀٽو، ۽ شهيد شاهنواز ڀٽو کان علاوه، ڀٽو خاندان جا ٻيا نيڪ مرد، عورتون ۽ ٻار مدفون آهن. تقريباً هرٿي قبرون سنگ مرمر جون ٺهيل آهن، جن تي نهايت نفيس ۽ خوبصورت گلڪاري ٿيل آهي. هن سڄي قبرستان تي عاليشان عمارت زير تعمير آهي. هر سال چوٿين اپريل تي هڪ وڏو اجتماع ٿيندو آهي، جنهن ۾ ايشيا جي عظيم ليڊر، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ويندو آهي. ان کان علاوه ٢٠ سيپٽمبر تي پڻ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي ورسي وڏي پيماني تي ملهائي ويندي آهي. هتان جا بنيادي وڏيرا ٻه ڀٽا آهن. امداد علي خان ۽ سڪندر علي خان ڀٽو ناليوارا وڏيرا ٿي گذريا آهن. جيستائين حال حيات هئا ته، ڳوٺ جي لٺي ايري جا مالڪ هيا. امداد علي خان کي پٽ جو اولاد ڪونه هو. پاڻ اوچتو وفات ڪري ويو. پوليس جي اعليٰ منصب تي پڻ رهيو. سندس دور ۾ گورا ۽ ڪليڪٽر ٻه سلامي رهيا. سڪندر علي خان دور انديش ۽ مانيٽي طبيعت وارو ناليرو مڙس هيو. مظفر علي خان ڀٽو وڏي دٻدٻي وارو ماڻهو هو، ڪائنس تر جا ماڻهو ٻه لنوائيندا هئا. عشاق علي خان ۽ مشتاق علي خان عوامي سطح تي گهڻو مقبول رهيا.

ڀٽا صاحبان راڳ رنگ ۽ طنزو مزاح جا وڏا مداح رهيا آهن. ماسٽر چندر، جيوڻي ٻائي، ۽ خان صاحب الهڏنو نوناري وٽن ايندا هئا. هڪڙي ڀيري جيوڻي ٻائي ۽ خير محمد ڪنهن ٻئي هنڌ ڳائڻ لاءِ رائيس ڪئنال جي ٿاپ سان گاڏيءَ ۾ وڃي رهيا هئا ته، هنن راڳ جي متوالن پنهنجي ڪامين ۽ بنگلي جي ماڻهن هٿان، انهن کي پنهنجي ڳوٺ گهرايو ۽ اڳ ۾ پاڻ راڳ ٻڌائون، بعد ۾ ٻئي هنڌ ويا.

حقيقت ۾ ڏٺو ته وڃي ته، ڳڙهي خدا بخش نه صرف سياستدانن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڳوٺ آهي، بلڪ اديبن، شاعرن ۽ عجيب ڪردارن جو ڳوٺ به آهي. هتان جي اديبن ۽ شاعرن ۾، ذوالفقار علي ڀٽو. محترما بينظير ڀٽو، شبنم ڀٽو. رخسانا ڀٽو ("شب گزيده سحر" ۽ "موسم گل اداس هي" شعري مجموعن جون خالق)، مشتاق علي خان ڀٽو، عبدالواحد اسير ڪلهوڙو، منظور منگي، امتياز ڪلهوڙو، جمن لغاري، اياز لغاري، شبير پريمي ڪلهوڙو ۽ ٻيا شامل آهن.

ڳڙهيءَ جا ڪردار به لاجواب خوبين جا مالڪ هئا. انهن ۾، باجو لغاري، ڳلو حجم (جنهن کي ڳلو ڏاڙي به سڏيو ويندو هو. ۽ ڀُٽن صاحبن جي دل وندرائيندو هو.) علي محمد لغاري، جيئند ڪنير، واڌل شيخ، مولڻ فقير دايو. ڪاڪو شيرل قلفين وارو. واڌو شيخ، بهادر شيخ، ڏنو ملان ڪافي مشهور آهن.

هت ڪلهوڙا، لغاري، سومرا، ڪنير، ابڙا، دايا، چانڊيا، ناريجا، سيد، موچي، منگي، شيخ، ميربحر ۽ ٻيا رهن ٿا.

ڳوٺ ۾ ۹۹ گهرن تي مشتمل هڪ خوبصورت ڪالوني جوڙي وئي آهي، جنهن ۾ انهن ماڻهن کي رهايو ويو، جيڪي شهيد ڀٽي جي مزار واري ايريا ۾ ويٺل هئا. ڪالونيءَ جو سنگِ بنياد ۱۹۹۴ع ۾ رکيو ويو. ۽ ۱۹۹۵ع ۾ اها ڪالوني ماڻهن کي رهڻ لاءِ ڏني وئي.

هتان جو استاد مُلان محمود ڀٽو، گهڻو مشهور هيو. مرحوم پير ڳوٺ جي راشدي پيرن جو مريد هيو. مُلان محمود شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي جنازي نماز پڙهائي، ۽ محترما بينظير ڀٽو جو نڪاح به پڙهايو هو.

ممن فقير منگي، مشهور راڳي ٿي گذريو آهي. هُو ستار تي راڳ ڳائيندو هو. ڀُٽن جو مٽس گهڻو راض هوندو هو، ۽ ڀُٽا کيس پنهنجو ڳويو سڏيندا هئا. حاجي نيباهوُ خان منگي پڻ راڳ ويراڳ ڪندو هو.

تعلقي رتيديري ۾ هي "ماڊل ڳوٺ" آهي. جتي ماڻهن کي زندگيءَ جون سموريون سهولتون ميسر آهن. ٽي هزار کن آباديءَ واري هن ڳوٺ ۾، ٻه هاءِ اسڪول (گرلس ۽ بوائز)، هڪ ووڪيشنل اسڪول، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ ٻه پرائمري اسڪول، پوسٽ آفيس، رورل هيلٿ سينٽر، فون، گئس، بجلي، واٽر سپلاءِ، لئبريري ۽ ٻيون سهولتون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود آهن.

ڳوٺاڻا اڪثر پڙهيل لکيل ۽ نوڪرين ۾ آهن. ڪجھ هاريو به ڪن ٿا. مولانا حافظ حاڪم علي منگي (دستاربند عالم) به هن ڳوٺ سان تعلق رکي ٿو.

**بهمڻ:**

هن ننڍڙي ڳوٺ جي تاريخ ۽ شهرت لاءِ پير علي محمد راشدي ۽ پير حُسام الدين راشدي به، وڏا حوالا آهن. سنڌ جو هي ننڍڙو ڳوٺ عالمي شهرت جو مالڪ آهي، جنهن جو بنيادي ڪارڻ هي ٻئي راشدي برادران آهن. سندن علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتون بين الاقوامي طور تي مشهور هيون.

هن ڳوٺ کي "امين جو ڳوٺ" ۽ "چنا وليج" به چيو ويندو آهي، پر گهڻو "بهمڻ" جي نالي سان مشهور آهي. بهمڻ هن وقت ديهه ۽ يونين ڪائونسل به آهي، جنهن ۾ ڪيترائي ڳوٺ اچي وڃن ٿا. "بهمڻ" نالي بابت مقامي طور تي ڪا به روايت نه ٿي ملي. تاريخ مان پتو پوي ٿو ته "بهمن" ايران جو بادشاهه هو. جنهن سنڌ ۾ "برهمن آباد" جو شهر تعمير ڪرايو هو، جيڪو هن علائقي مان لنگهيو به هو ۽ هتي منزل انداز به ٿيو هو، تنهن جي ڪري هن جُوءِ کي "بهمن" سڏجي ٿو. نه صرف ايترو پر، ايران جي شهنشاهه دارا اول جي چوڻ تي يوناني مُهم جُو "اسڪائليڪس" (٥٥٠ سال قبل مسيح) سنڌو درياهه جي مهم تي آيو هو. شهنشاهه دارا پنهنجي حڪومت جي زماني ۾ سنڌ کي ايران ۾ شامل ڪري ڇڏيو هو. سنڌو درياهه جي ساڄي ڪناري وارو وڏو حصو، ايرانين جي حڪومت جو ستون حصو رهيو آهي. تاريخ مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته، دارا پاڻ يا سندس فوج اچي هن علائقي ۾ پڙاءُ ڪيو هو جنهن ڪري هن علائقي کي "داراپور" سڏيو ويو. اڄ به ديهه دارپور موجود آهي، منجهس ڪيترائي ڳوٺ آباد آهن. "بهمڻ" ۽ "داراپور" ٻئي ايران جون باقيات آهن.

هن ڳوٺ ۾ راشدي خاندان صدين کان آباد آهي. انهيءَ خاندان جي بزرگن ۾ پير شاهه راشدي ۽ پر حامد علي شاهه راشدي، پنهنجي تَر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا مشهور زميندار، معزز ۽ اعليٰ قدرن جا امين ٿي گذريا آهن، سندن نانءُ ۽ نيڪي اڄ سوڌو پئي ڳائجي ٿي.

ويهين صديءَ جي شروع ۾، هن ڳوٺ جي راشدي خاندان ۾ ٻه اهڙيون عظيم شخصيتون پيدا ٿيون، جن تي سنڌ ۽ سنڌي قوم کي بجا طور تي فخر حاصل آهي. اهي ٻه عظيم شخصيتون پير علي محمد راشدي ۽ پير حسام الدين راشديءَ جون آهن پير علي محمد راشدي سياست جو شهسوار، صاحب طرز قلمڪار ۽ وڏو دانشور ۽ اديب هو. سندس يادگيرين جو ڪتاب "اُهي ڏينهن اُهي شينهن" (ٽن جلدن ۾) گهڻو مشهور آهي. ان جي برعڪس پير حُسام الدين راشدي، سنڌ جو قومي تاريخدان، محقق، ڏاهو ۽ مجيل اسڪالر هو.

ٻهمڻ ڳوٺ نصرت ريلوي اسٽيشن جي اتر ۾ سڏپنڌ تي واقع آهي. ڀرپائين هي ڳوٺ اسٽيشن وٽ هوندو هو، پر اسٽيشن پوڙ جي ڪري، هي موجوده ڳوٺ آباد ڪيو ويو. پنهنجي دور ۾، هي ڳوٺ نهايت خوبصورت ۽ مثالي حيثيت جو مالڪ رهيو آهي. راشدي پيرن جو بنگلو ۽ ان ۾ عاليشان باغيچو هميشه ماڻهن جي توجهه جو مرڪز رهيو. بنگلي جي اڱڻ ۾ ڪچنار جو وڻ ۽ ان جي ٿڌي ڇانوَ جو ته ڪو مثال ئي ناهي. اهو ڪَچنار جو وڻ. راشدي برادران جي ڏاڏي پير پيرشاهه راشدي بمبئي مان آندو هو. هن سموري علائقي ۾ ڪچنار جو هي اڪيلو وڻ آهي، جيڪو اڄ به پنهنجي شان ۽ شوڪت سان بيٺو آهي. هن جي ڇانوَ ۾ سائين احمد شاهه راشدي (پير علي محمد راشدي ۽ پير حسام الدين راشدي جن جو پاءُ) جي ڪيل ڪچهرين جو ته ڪو جواب ئي نه هو.

ٻهمڻ جو اوج ۽ سُونهن جنهن به ڏٺي هوندي، تنهن ڪان اهو منظر ڪڏهن به نه وسرندو، خوبصورت ۽ من موهيندڙ باغيچي ۾ ناريل، انب، ليمان، مالٽا، جمون، قسمين قسمين گل، سائي ڇٻر ۽ وچ ۾ پاڻيءَ جو ڦوهارو روح کي راحت ۽ ذهن کي طراوت بخشيندا هئا. اهڙي ماحول ۾ لڳندڙ ڪچهريءَ جو مزو ئي نرالو هوندو هو. اهي سڀ شيون ٻهمڻ کي بهشت بڻايون بيٺيون هيون، هر وقت ماڻهن جا ميڙا متل هوندا هئا. اڄ نه اُهي مٿيادار ماڻهو رهيا آهن ۽ نه وري اُهي باغ ۽ بسُتان رهيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ويا موز مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو"

هن جنت نما ڳوٺڙي ۾ ڪيترائي وڏا سياستدان، عالم، اديب ۽ ٻيون اهم شخصيتون پنهنجا پير گهمائي ويون آهن. جن ۾ عالمي شهرت يافتہ اسڪالر ڊاڪٽر اينِي ميري شمل، آمريڪي اسڪالر گلشن کاڪي، باباءِ اردو مولوي عبدالحق، خان محمد پنهور، ذوالفقار علي ڀٽو، خان عبدالغفار خان، ولي خان، غلام رسول شاهہ جيلاني، مولانا غلام رسول مهر ۽ ٻيا اهم ماڻهو شامل آهن.

راشدي خاندان جي ٻين اهم شخصيتن ۾ پير احمد شاهہ ۽ سندن پٽ سلطان شاهہ راشدي زميندايءَ ۾ نالي وارا ٿي گذريا آهن. ٽڙ جو فوٽو گرافر اياز راشدي، سينيئر حسين شاهہ راشدي ۽ شمن شاهہ راشدي (مجيل فوٽو گرافر) هن ڳوٺ جي سڃاڻ آهن. سنڌ جي ناماري سُگهڙ محمد عمر چنّي ۽ نوجوان ليکڪ گلشن شيخ جو تعلق بہ هن ڳوٺ سان آهي. ٻهمڻ ۾ هڪ پرائمري اسڪول ۽ هڪ سرڪاري ڊسپينسري بہ ٺهيل آهي. ٺٽون ديري کان اٺ ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي، ڀنڀور جيان اُجڙيل هي ڳوٺ پنهنجي شاندار ماضيءَ تي ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهي.

## پنجُو ديرو:

هي ڳوٺ ديهہ پنجو ابڙو ۾ اٽڪل ٽن صدين کان آباد آهي. روايتون ٻڌائين ٿيون تہ، هي ڳوٺ تاريخ کان اڳ جو آباد ڪيل آهي. ڳوٺ جي ٻاهران موجود هڪ پراڻو دڙو، ڳوٺ جي قدامت جي ساک ڀري رهيو آهي. رائيس ڪئنال جي ساڄي ڪناري ۽ سکر- لاڙڪاڻو هاءِ وي تي، ٺٽون ديري کان ڇهن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي واقع هي ڳوٺ پنجو مل هندوءَ جو ٻڌايل آهي. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ، پنجُو ابڙي جو ٻڌايل ڳوٺ آهي. هتي هندن جي جهجهي آباديءَ وارو پسمنظر ٻڌائي ٿو تہ، هي ڳوٺ هندن جو آباد ڪيل آهي. هتان جي هندن جو ذڪر پير علي محمد راشديءَ، پنهنجي مشهور ڪتاب، "اهي ڏينهن اُهي شينهن" ۾ بہ ڪيو آهي هُو لکي ٿو تہ،

"پنجو ديرو، ٺٽين ديري کان ٽن ميلن جي پنڌ تي هندو ڪامورن جو هڪ مکيہ شهر هوندو هو. شهر جي وڏيرپ تہ هوندي هئي ڇهڙن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيرن جي ناليءَ ۾ ، پر اصلي اقتدار جا مالڪ هوندا هئا. هندو عامل، جن مان ڪيترائي انگريزي پڙهي سرڪاري نوڪرين ۾ گهڙي پيا هئا ۽ باقي رهيل ڳوٺ ۾ رهي پيا زمينداري ڪندا هئا."

هندن جو اثر رسوخ ورهاڱي تائين هليو. ديوان آسن داس جو نالو ڳوٺ جي چڱي مڙس طور ڳڻجي ٿو. شروع کان ئي هن ڳوٺ جا وڏيرا "سرائي چچڙا" رهيا آهن ۽ اڃا تائين ڳوٺ جي سنڀال سندن هٿ ۾ آهي. سرائي شاهه محمد چچڙ ۽ سرائي غلام سرور چچڙ مشهور وڏيرا ٿي گذريا آهن. هڪ اندازي موجب هن ڳوٺ جا اَسي سيڪڙو ماڻهو تعليم يافته ۽ ملازم پيشه آهن. باقي ماڻهو پوکي راهي ۽ ڌنڌو ڪن ٿا. مجموعي طور تي هن ڳوٺ جي آبادي ڇهن هزارن کان مٿي آهي، جڏهن ته گهرن جو تعداد پنج سَون کان وڌيڪ آهي.

هتي لاڙڪ، چچڙا، سومرا، ابڙا، دايا، ڪنبر، چنا، پنهور، سيد، کوکر، منگي، ميمڻ، جويا ۽ ٻين، ذاتين وارا رهن ٿا. جڏهن ته جروار، شيخ، ناريجا، ڀيل ۽ ماڇي هن ڳوٺ جا اهم پاڙا يا محلا شمار ڪيا وڃن ٿا. ڳوٺ جي ٻاهران هڪ آڳاٽي دڙي جا اُهڃاڻ به آهن. هي دڙو آثار قديمه سان تعلق رکي ٿو. هن دڙي مان اڄ تائين قديم شيون لڀن ٿيون. هن وقت دڙي تي ڀيل قوم جا گهر اڏيل آهن.

ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول ١٨٨٦ع کان قائم آهي. جڏهن ته هتي هڪ گرلس پرائمري اسڪول، هڪ بواءِ هاءِ اسڪول ۽ هڪ گرلس هاءِ اسڪول قائم آهي ڳوٺ کي بجلي، فون، گئس، پوسٽ آفيس، فرش بندي، ۽ ڪني پاڻيءَ جي نيڪالي لاءِ ناليون ۽ ٻيون سهولتون مليل آهن. هت ٩ مسجدون، عيد گاهه، ٻه امام بارگاهه ۽ هڪ سرڪاري ڊسپينسري پڻ موجود آهي.

ان ڪانسواءِ هتي ڪيتريون ادبي ۽ سماجي تنظيمون به قائم آهن، جيڪي ڳوٺ جي ڀلائي وارن ڪمن لاءِ پاڻ پتوڙي رهيون آهن. انهن ۾ ، بزمِ لطيف ( ٥٨_١٩٥٩) ، اتحاد ادبي سنگت (١٩٦٩ع) ، ولیج ويلفيئر ايسوسئيشن (١٩٧٢) ، ينگ لاڙڪ ايسوسيشن (١٩٧٥) ، ۽ سنڌي ادبي سنگت (١٩٩٣) شامل آهن.

هن ڳوٺ جا والي بال راند جا پليئر به تمام گهڻو مشهور آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرائي اعجاز علي، سرائي مختيار علي، صابر سومرو، استاد همت علي ابڙو، سرائي غلام سرور، استاد دوست محمد لاڙڪ ۽ سرائي علي گوهر پنهنجي وقت جا مشهور رانديگر هيا.

هي ڳوٺ علم ۽ ادب ۾ به گهڻي شهرت رکي ٿو، هت ڪيترائي شاعر ۽ اديب پيدا ٿيا آهن، جن سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي. انهن ۾ سڀني کان اهم نالو پريو وفا جو ملي ٿو. جيڪو هن ڳوٺ ۾ (١٩،٩،١٩١٥) ڄائو. هن وقت ممبئي انڊيا ۾ رهي ٿيو. سندس شاعريءَ ۾ پنجو ديري جو ذڪر ملي ٿو،

ڳوٺ پنجو ديرو
ڪبُوتر منهنجي ڪمري ۾
ٺاهيو آکيرو.

ان کان علاوه مرحوم عبدالخالق لاڙڪ، لعل محمد لاڙڪ، امام بخش ابڙو، عبدالصمد ابڙو، عبدالڪريم عبد ميمڻ. ايوب قادري، پنهل پنجو ديرائي، جمن مسرور لاڙڪ، انعام آزاد لاڙڪ، پير بخش پياسي ڪنير، قلب سومرو، لڏو خان منگي، جاويد منگي، ابرار شاه ۽ ٻيا سنڌي ادب جي سِينڌ سنواري رهيا آهن. سُگهڙن ۾، راهب موچي، صاحب موچي. اصغر سومرو ۽ ٻين جا نالا ملن ٿا.

هتان جي لوڪ فنڪارن ۾، مٺل منگي (مزاحيه ڪردار، الغوزه ۽ طلبه نواز)، محمد ملوڪ لاڙڪ (مزاحيه ڪردار ۽ تاريخ جو وڏو ڄاڻو) ۽ استاد خير محمد سومرو (الغوزه نواز، ريڊيو، اسٽيج ۽ ٽي وي جو مقبول فنڪار) سنڌ ۾ گهڻو مشهور رهيا آهن.

هي ڳوٺ لطيف شاهه، حسين شاهه، حاجي شاهه، پير خميسڙو، ڏاڏا نوڙهو ۽ ميان مَنڌن جهڙن بزرگن ۽ اوليائن جي ڪري به وڏي شهرت رکي ٿو. انهن ۾ لطيف شاهه اولياءَ جي زيارت گاهه اهم آهي، جتي هر سال رمضان شريف جي ١٥- ١٦- ۽ ١٧ تاريخ تي وڏو ميلو لڳندو آهي. سندس مزار جو خدمتگار سيٺ جڳو مل (جڳت مل) پڻ اتي دفن ٿيل آهي. هن ڳوٺ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي ڀاءُ سڪندر علي خان ڀٽو جي تاج پوشي پڻ ڪرائي وئي هئي.

**سعدو ديرو:**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سعدو ديرو، هن علائقي جو مشهور، تاريخي ۽ واڻڪو ڳوٺ آهي. ڇَون ٿا تہ هت پنجهتر سيڪڙو آبادي واڻين جي هوندي هئي. هندو واپار وڙو ڪندا هئا. ان لحاظ ڪان هي ڳوٺ وڏو واپاري مرڪز رهيو آهي، جتي پري پري ڪان ماڻهو واپار سانگي ايندا هئا. واڻين کي اَن ڇڙڻ جا ڪارخانا بہ هوندا هئا. هندن جو هن ڳوٺ تي وڏو ڏاڪو ويٺل هوندو هو. مُکي جادل مل ۽ پريل داس جا نالا ٻُڌجن ٿا. مُکي جادل مل جي تہ جڻ سڄي ڳوٺ تي حڪمراني قائم هوندي هئي. نهايت رعب تاب ۽ دٻدٻي وارو هوندو هيو. جڏهن تہ هن جي ڪل پونجي هڪ جريب يا ڏهہ ويسا زمين هئي، پر هُن جي حشمت وڏي هئي. هندن جون شاندار جايون اڄ بہ موجود آهن، جن ۾ هيئنر ٻيا ماڻهو رهن ٿا.

هي ڳوٺ، ٽنون ديري شهر جي اولهہ طرف. رائيس ڪئنال جي ساڄي ڪناري سان پنج ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آهي. هي ڳوٺ تي- چار صديون جُهونو آهي. روايتن مان معلوم ٿئي ٿي تہ، هن ڳوٺ جو بانيڪار "سعدو" نالي هڪ هندو آهي. ٻي روايت تہ، هت سيد گهڻا رهندا هئا، تنهن ڪري "سيد ديرو" آهي. ٽين روايت ۾ هن ڳوٺ جو آبادڪار "سعدو مگسيجو" ٻڌايو وڃي ٿو. شروع ڪان زميداري مگسيجن جي رهي آهي. محمد هاشم مگسيجو ۽ محمد صالح مگسيجو ناليوارا زميندار ٿي گذريا آهن. بعد ۾ سردار خان مگسيجي پنهنجي وڏڻ جي زميداري ۽ ملڪيت تباهہ ڪري ڇڏي. هت سيد، مگسيجا، سيڙا، دايا. گوپانگ، ڏوڪي، موچي، سومرا، پتافي، مگھار، حجم ۽ ڪوڪر وغيره رهندڙ آهن.

بيراج وهڻ ڪان اڳ ۾ هت هڪ سَوِيهہ کُوهہ هوندا هئا. جنهن تي مختلف پوکون ٿينديون هيون. هت تماڪ جي پوک زياده ٿيندي هئي. ان زماني ۾ سعدو ديرو تماڪ جي پيدوار ۾ تمام گهڻو مشهور هيو.

تعلقي رتيديري جي وڏي ۾ وڏي يونين ڪائونسل سعدو ديرو آهي. ۽ ديهہ بہ سعدو ديرو آهي. هن وقت ڳوٺ جي آبادي ٻہ هزار کن آهي. جڏهن تہ گهرن جو ڳاڻيٽو ١٢٠ آهي. ڪنهن زماني ۾ درياهہ يا ان جي ڪا شاخ هن ڳوٺ جي پرسان وهندي هئي، ۽ هت ٻيڙا لنگرانداز ٿيندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. ان زماني جو هڪ ڪنڌيءَ جو وڻ اڃا تائين بيٺل آهي.

هتان جا ماڻهو اڪثر پنهنجون پوکون ڪندا آهن. زمينون سڀ رائيس ڪئنال تي آباد ٿينديون آهن. هت پراڻي گهاڙ واهه مان نڪتل خان واهه، دودو واهه ۽ راڄ واهه به وهندا رهن ٿا، جيڪي هينئر رائيس ڪئنال مان نڪرن ٿا. هتان جي ڪيترن ئي ماڻهن کي نوڪريون به آهن.

ورهاڱي کانپوءِ هندن جي لڏي وڃڻ سان، هن ڳوٺ جو اوج ختم ٿي ويو. ڳوناڻن جي پاڻ ۾ نااتفاقيءَ سبب هي ڳوٺ، پنهنجو جوڀن وڃائي ويٺو آهي. هت مهاجر به جهجهي تعداد ۾ آباد ٿيا. بعد ۾ هوريان هوريان هتان وڏن شهر ۾ منتقل ٿي ويا. هندن جي دؤر ۾ هي ڳوٺ ڏاڍو خوشحال هيو. سيتل داس جو هت وڏو پسارڪو دڪان به هوندو هو. هندن جي معتبر ماڻهن ۾ ايسر داس، منگهن داس وغيره جا نالا ملن ٿا. هڪڙي زماني ۾ هندن کي ڌاڙو به لڳو هو. جنهن سبب سڄي ڳوٺ ۾ خوف ڇانيل هيو. پائي ڇيلو هتان جو وڏو صوفي سنت ۽ درويش انسان ٿي گذريو آهي. سندس سماڌي به ٺهيل هئي، جنهن تي قبو اڏيل هو، ڪجھ سال ٿيندا ته، اهو قبو ڊهي ويو، ۽ سندس نشان پڻ ختم ٿي ويا. هت ٽڪاڻو به هوندو هو ۽ مساڻ به هئي.

ڳوٺ جي چوڌاري باغ به هوندا هيا. هت ڏنل شاهه، ميان چيزل، گلڻ شاهه، اچن شاهه ۽ پير وزير جهڙن بزرگن جون مزارون عام زيارتگاهه بڻيل آهن. ان کان علاوه ڳوٺ ۾ ٽي مسجدون، هڪ امام بارگاهه، مڊل اسڪول، به پرائمري اسڪول، گورنمينٽ ڊسپينسري، ويٽ گهر، بجلي، گئس، روڊ، فرشبندي ۽ نالين وغيره ٺهيل آهي. هتان جي مشهور استادن ۾. فتن داس، برج لعل، حاڪم علي سپڙو ۽ غلام قادر مگسيجو (شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جو استاد) قابل ذڪر آهن. سيد محمد شاهه ديني عالم، ۽ سيد ثابت علي شاهه نقوي ذاڪر ۽ قصيده خوان طور مشهور آهن. ڪرڪيٽ جو نوجوان رانديگر سيد طاهر حسين شاهه جو تعلق پڻ هن ڳوٺ سان آهي. درويش محمد شاهه، ڏنل شاهه، حسين شاهه ۽ ٻيا معزز ماڻهن ۾ شمار ٿيندا هئا.

**يُونيٽ پور:**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ٿيندو هو. خاص ڪري لوهرن جون ٺهيل ڪھاڙيون سنڌ ۽ بلوچستان تائين مشهور هيون، ان ۾ عثمان لوهر وڏو ناليوارو ڪاريگر ٿي گذريو آهي.

۱۹۴۲ع ۾ جڏهن وڏي ٻوڏ آئي، تڏهن هي ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ اچي ويو. بعد ۾ حڪومت هر گهر جي اڏاوت لاءِ چار سؤ رپيا ڏنا. جن مان ٽي سؤ رپيا گهر ٺاهڻ تي خرچ ڪيا ويا، باقي هڪ سؤ رپيا امانتو قرآن شريف ۾ رکيا ويا هئا. هت ابڙا، ٻوهڙا، راهُوجا، پنهور، ڏيٿا، تاجيجا، ابڙي پوٽا، ميربحر، ٻُرڙا، عباسي، موچي، منگي، ٻُکيجا، ۽ ٻين ذاتين جا ماڻهن رهن ٿا.

ٻه هزار کن آباديءَ واري هن ڳوٺ ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ ٻه پرائمري اسڪول آهن. هڪ سرڪاري ڊسپينسري ۽ هڪ ڪلينڪ به آهي، هڪ جامع مسجد ۽ عيدگاهه پڻ آهي. "انوار مصطفيٰ" جي نالي سان هڪ ديني مدرسو به قائم آهي، جيڪو استاد مولوي محمد اسماعيل پنهور ۱۹۹۵ع ۾ کوليو آهي. مولوي محمد اسماعيل پنهور ڪي ٺٽون ديري جي ڪپڙي بازار جي هڪ دڪان (جنهن ۾ هينئر بشير احمد ميراڻي جو درزڪو دڪان آهي) ۾ ديني مدرسو پڻ هوندو هو، جتي عربي فارسي پڙهائي ويندي هئي.

ڳوٺ ۾ بجلي، گئس، فون ۽ روڊ جون سهولتون مليل آهن. هي ڳوٺ ريلوي لائين سان، نصرت اسٽيشن جي ويجهو آهي. ڳوٺ جا بنيادي وڏيرا 'ابڙا' آهن جان محمد ابڙو، نادر خان ابڙو ۽ عطا محمد ابڙو ناليوارا وڏيرا ٿي گذريا آهن. هن وقت ڪامران ابڙو ڳوٺ جو چڱو مڙس آهي. علم و ادب جي حوالي سان نوجوان ليکڪ احسان راهوجو ۽ سگهڙ بشير احمد ڏيٿو مشهور آهن. ٺٽون ديري شهر جي ٽپال گهر جو مشهور ٽپالي عبدالرحيم ٻوهڙو جو تعلق هن ڳوٺ سان هيو، هينئر سندس پٽ فقيرالله ڏنو پوسٽ ماسٽر آهي. ڳوٺاڻن جي گهڻائي پنهنجون ٻنيون سنڀالي ٿي، ۽ ڪجهه نوڪرين ۾ آهن، امن امان جي بگڙيل صورتحال سبب، ڪافي ماڻهو هتان لڏي ويا آهن. ٺٽون ديري جي مشهور مذهبي شخصيت فقير محمد عيسيٰ ڪنڌر ۽ سندس ڀاءُ فقير محمد موسيٰ جو تعلق هن ڳوٺ سان آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪُبڙو:**

باغن جي جهُڳٽن ۾ آباد، ڳوٺ "ڪُبڙو" گهڻي زماني کان آباد آهي. هي ڳوٺ ٽِن حصن ۾ ورهايل آهي. انهن مان هڪ حصو ڦِٽل دڙي ۾ تبديل ٿيل آهي، جنهن کي قديم "سندڙو تهذيب" ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. اڄ تائين انهيءَ دڙي مان سِڪا، مٽيا، ٿانوَ، زيور ۽ ٻيون شيون لڀن ٿيون. ڳوٺاڻا ان کي غرق ٿيل يا اونڌو ٿيل شهر سڏين ٿا. هن ڳوٺ ۾ ڪلهوڙا دؤر جي هڪ تاريخي مسجد بہ جُڙيل آهي، جيڪا ڪلهوڙن جي ٺهرايل آهي. مسجد جون هن وقت رڳو ديوارون بيٺل آهن. ڳوٺاڻن ان جي مرمت وغيره ڪرائي، ان کي عيد گاهہ بڻايو آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ، هي ڳوٺ ڪلهوڙن جي توجهہ جو پڻ مرڪز رهيو آهي.

جاگرافيائي بيهڪ جي لحاظ کان اهو واضح ٿئي ٿو تہ، هي قبل مسيح جو هڪ اوچ پريو شهر هو. جيڪو تاريخ ۾ ڪنهن گمنام وسنديءَ جي صورت ۾ موجود رهيو آهي.

ڳوٺ جي موجوده نالي بابت روايت آهي تہ، ڳوٺ جو هڪ حصو هيبت خان چانڊيي نالي هڪ پير مرد جو ٻڌايل آهي، جيڪو ڪُبو هوندو هو. انهيءَ ڪري هي سڄو ڳوٺ "ڪُبڙو" سڏجي ٿو. هيبت خان اڳاٽي زماني ۾ ڪاهُون ڪنڌڙ گهڙن هٿان مارجي ويو هو.

هي ڳوٺ، نئون ديري جي اولهہ طرف، ڇهن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي آهي، يونين ڪائونسل سعدو ديرو ۾ واقع هن ڳوٺ کي، تپي ۽ ديهہ جي حيثيت بہ حاصل آهي. تپو ڪبڙو ڇٽن ديهن مُلان ڪلهوڙو، ڀارو پتافي، دودا خان پٽنو، خدابخش پٽنو ۽ ڪُبڙو تي مشتمل آهي.

ورهاڱي کان اول هت هندو بہ گهڻا رهندا هئا. مُکي سترام داس مشهور هندو هيو. هن وقت هتي جوڻيجا، سيد، ڪنير، موچي، ڪوري، ماڇي، چانڊيا ۽ ڪوسا رهن ٿا. هن ڳوٺ ۾ ڪنڀار ڪو ڪم بہ تمام سٺو ٿيندو هو. هت هڪ سرڪاري ڊسپينسري، گئس، بجلي، اسڪول، چار مسجدون، امام بارگاهہ ۽ هڪ مدرسو "امام حسن عسڪري" جي نالي سان قائم آهي. ڳوٺاڻا تعليم يافتہ آهن. ڪجهہ نوڪرين ۾ بہ آهن. گهڻائي هاريو ڪندڙن جي آهي. هت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو ته، اها پنهنجي بزرگن مان هڪ جي نشاني آهي. اهو به چيو وڃي ٿو ته، اها دونهين مٿين بزرگن جو ڏنل هڪ تحفو آهي، جيڪو هتان جي هڪ موريي فقير کي مليل هيو، جنهن اها دونهين هميشه دکائي رکي، ۽ اڄ تائين سندس پونيرَ ان کي دکايون اچن ٿا. البت اهو خيال به ظاهرِ ڪيو وڃي ٿو ته، هت باهه جي پُوڄا ڪندڙ (مُجوسي) رهندڙ هئا، ۽ هيءَ دونهين انهن جي باقيات آهي.

موريا، طب، فقيري ۽ دعا سڳي ۾ گهڻو مشهور آهن. ڪين "ميان" به سڏيو ويندو آهي. ڳوٺ جي شهرت جو هڪ اهم سبب باغ به آهن. هت انبن ۽ زيتونن جا تمام سٺا ۽ وڏا باغ هوندا هئا. جن ۾ چؤبار باغ، ڪوٺوءَ وارو باغ، ليمن وارو باغ ۽ ٻيا مشهور هئا. هن وقت ٻيرن جا تمام سٺا ۽ وڏا باغ آهن، ٻيرن جي پيداوار ۾ هي ڳوٺ گهڻو مشهور آهي.

ڪنهن زماني ۾ هت هندو گهڻا رهندا هئا. بنيادي سهولتون نه هجڻ ڪري هتان جا گهڻا ماڻهو لڏي وڃي ٺٽون ديري ۽ لاڙڪاڻي ۾ آباد ٿيا. هن وقت موريا، سيد، ڍڪڻ، ڪنير، ڪوري، منگي ۽ ناريجا رهن ٿا. اندازاً ٣٠ گهرن تي مشتمل، هن ڳوٺ جي آبادي ٻه سوَ ڪن ٿيندي.

اڪثر ڳوٺاڻا پنهنجا ڏنڌا، ٻنيون ۽ باغ آباد ڪن ٿا. تعليم جو رجحان گهٽ آهي. هتان جيڪي ماڻهو شهرن ۾ لڏي ويا انهن مان اڪثريت تعليم يافته ۽ اهم عهدن تي آهن. محمد عمر موريو (ڊي آءِ جي ٽريفڪ) عنايت الله موريو (وڪيل)، ستار موريو (جيئي سنڌ جو اڳواڻ)، حزب الله موريو (وائيس چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي ٺٽون ديرو ۽ سڳا ٺٽون ديرو جو اڳواڻ) ۽ ٻيا هن ڳوٺ سان تعلق رکن ٿا. هتان جا حڪيم تمام گهڻو مشهور آهن. جن ۾، حڪيم ميان غلام محمد موريو، حڪيم ميان سراج الدين موريو، حڪيم ميان ثناءُ الله موريو، حڪيم ميان عبدالعزيز موريو، حڪيم عزيز الله موريو، حڪيم مظهر الدين موريو، حڪيم غلام سرور موريو ۽ ٻيا شامل آهن.

هي ڳوٺ ديهه موريا فقير ۽ يونين ڪائونسل سعدو ديرو ۾ آهي. ڳوٺ جو اصل وڏيرو ميان فقير محمد موريو هو. هن ڳوٺ ۾ ڪدڙو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنڻ نہ ايندو آهي. چون ٿا ته، هڪڙي موربي فقير ڪدڙي کي بددعا ڏني هئي ته، ڏکو ٿيندين. قدرت خدا جي اهو ڪدڙو واقعي ڏکو ٿي پيو انهيءَ سبب جي ڪري هت ڪدڙو نہ ايندو آهي. ڳوٺ ۾ ڇهہ مسجدون آهن. هڪ پرائمري اسڪول بہ آهي، جتي اٺين درجي تائين پڙهائجي ٿو. ڳوٺ جي لڳ پير الهرکيو، پير قادن ۽ پير عين الحق اوليائن جون زيارت گاهون بہ آهن، جتي پري پري کان زائرين اچن ٿا. ڪنهن وقت ديني تعليم ۽ قرآن جي حافظن ۾ بہ هي ڳوٺ مشهور هيو. حاجي الهداد موريو صوفياڻي راڳ ۾، ۽ سُگهڙ محمد سليمان ناريجو ۽ سُگهڙ هوت ناريجو هن ڳوٺ جا رهواسي ۽ ناليوارا آهن. ڳوٺ کي بجلي، پي سي او ۽ روڊ جون سهولتون مليل آهن.

## قلپوتا:

قُلپوتا ڳوٺ ٺٽون ڏيري کان هڪ ڪلوميٽر جي پنڌ تي اوير ۾ دادو ڪئنال جي ڪاٻي ڪَپ تي آباد آهي. روايت آهي تہ هي ڳوٺ مُغلن جي آخري حڪمران بهادر شاھ ظفر جي دور ۾ آباد ٿيو آهي. پهريائين هت گهاڙ واھ تي هڪڙي ميربحر جو گهر هوندو هو. اهو ميربحر گهاڙ واھ ۾ ٻيڙي هلائي ماڻهو پار پُهچائيندو هو. اهو ئي سبب آهي جو، سندس خاندان کي ”گهاڙائي ميربحر“ پڻ سڏيو ويندو آهي. بعد ۾ گهاڙ واھ جي شاخ شير واھ تي وينل قُلپوتا قبيلي جا ماڻهو، پنهنجي ماڳن تان، گهلن ۽ ڦورن کان تنگ ٿي لڏي اچي هت ويٺا. انهيءَ ڪري هن ڳوٺ تي ”قلپوتا“ نالو پئجي ويو. اصل ۾ هي ڳوٺ پراڻي گهاڙ واھ جي ڪنڌيءَ تي آباد ٿيو هو. ڪچي کي ويجهو هئڻ ڪري، هن ڳوٺ کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. هت ميربحر، قلپوتا، سومرا، سيد، مگنيجا، مهيسر، جَت، لوهر، چنا، شيخ، ناريجا، ۽ ٻين ذاتين وارا ماڻهو رهن ٿا. ست هزار آباديءَ واري هن ڳوٺ ۾ تقريباً سوا چار سؤ گهر آهن. هي ڳوٺ ديھ قُلپوتا ۽ يونين ڪائونسل ڀمڻ ۾ واقع آهي. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ بہ پرائمري اسڪول آهن. هڪ مڊل اسڪول بہ آهي. ڳوٺ کي بجلي گئس، فون ۽ ڊرينيج سسٽم جون سهولتون مليل آهن. هت ست مسجدون، هڪ عيد گاھ ۽ بوڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علي شاهه بخاري (بودل شاهه) جي مزار عام زيارتگاهه ٺهيل آهي. هت ٿيو جو ميلو به لڳندو هو، جنهن ۾ لڳندڙ بازار گهڻو مشهور هئي.

سڄي تر ۾ هن ڳوٺ جو "حُر تحريڪ" ۾ پڻ مثالي ڪردار رهيو آهي. هتان جي ٻن حُر مجاهدن فقير محمد قاسم مگنيجي ۽ ڪمال فقير مگنيجي کي حُر تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جي ڏوهه ۾ انگريزن ڳيا ڳيا ڪري شهيد ڪيو. هتان جي حُر مجاهدن فقير امير بخش مگنيجي، ڪمال فقير مگنيجي ۽ فقير محمد قاسم مگنيجي گڏجي ريل به ڪيرائي هئي.

هن ڳوٺ ۾ پير سائين شهيد سورهيه بادشاهه رحه به پير گهمائي ويو آهي. هتان جا دڪڻ، ڏاند گاڏيون ٺاهڻ ۾ گهڻو مشهور ٿي گذريا آهن. خاص طور تي عبدالله سومرو ناليوارو ۽ سٺو ڪاريگر هو. هت لوهارڪو هنر به سٺو ٿئي ٿو. مال جا چڙا ۽ چڙيون وڏي پئماني تي تيار ٿين ٿا. هن ڳوٺ جي ٻي اهم سُڃاڻپ درزي آهن. ٺٽون ديري شهر ۾ جيڪي به مشهور درزي آهن، انهن مان گهڻائي هن ڳوٺ سان واسطو رکي ٿي. هتان جو پهريون درزي هڪ هندو وليرام هو. بعد ۾ جيڪي ٻيا درزي مشهور ٿيا، انهن ۾، غلام حسين سومرو، نبي بخش مهيسر (جيڪو نبن درزي جي نالي سان مشهور هو. پاڻ سٺو ڳائڻو ۽ اداڪار به هيو)، محمد آچر مگنيجو، غلام رسول قلپوٽو، واحد بخش قلپوٽو، بشير احمد ميراڻي، رانجهن خان چنو، غلام حسين سپڙو، محمد ابراهيم مگنيجو، امير بخش سپڙو، محمد جمن سومرو، الله ڏنو لاشاري ۽ ٻيا شامل آهن.

هن ڳوٺ ۾ يوڳائي ماڻهو پڻ گهڻا رهن ٿا. چنُو فقير شيخ مرحوم ان حوالي سان وڏي اهميت رکي ٿو. هُو بيشمار پکين ۽ جانورن جون ٻوليون ڄاڻيندو هو، ۽ طرحين طرحين مشڪريون وجهي ماڻهن کي وندرائيندو هو. ان ئي حوالي سان ميهر شيخ جو مزاحيه ڪردار به وسارڻ جهڙو ناهي. هتان جا سُگهڙ تمام گهڻو مشهور آهن. سنڌن فن کي، سنڌ جي جڳ مشهور عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پڻ ساراهيو آهي. مجنون فقير ٻرڙو، محمد عظيم جت. ٽالپر شيخ، پهلوان شيخ، گلشن جت، مير جت، ميانداد قلپوٽو ۽ ٻيا سگهڙ مشهور آهن. مشهور نعت خوان قربان علي ناريجو ۽ الغوزه نواز محمد بخش ميراڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتان جا رهواسي آهن.

هن ڳوٺ جا بنيادي وڏيرا "ڦلپوٽا" آهن. در محمد، شير محمد جنهن لاءِ مشهور آهي ته، هُن شيرواه کٽايو هو. چون ٿا ته. هُن انهيءَ واه کٽائڻ ۽ زمين جي حوالي سان ڪلهوڙن جي نامياري سپه سالار شاه بهاري سان جنگ ڪئي هئي، جنهن ۾ هار ٿيس. انهيءَ تي هڪڙي شاعر جلال ڪٿي ڪجھ شعر به ٺاهيا. جنهن مان هيٺيون شعر تمام گهڻو مشهور ٿيو،

بازي بهارو شاه، ڪٽي ويو شير ڪنئون

ٽڳيل خان، علي نواز خان، شمن خان، شاه محمد خان، الاهي بخش خان، غلام رسول خان، الهر ڪيوخان، علي مدد خان، غلام قادر خان ۽ سڪندر علي خان مشهور وڏيرا ٿي گذريا آهن. هن وقت گلشن علي خان ڦلپوٽو ڳوٺ جي چڱ مڙسي سنڀالي ٿو. ڳوٺ ۾ ڦلپوٽن جو هڪ تاريخي قبو پڻ آهي، جنهن ۾ سندن وڏڙا مدفون آهن.

هتان جي مشهور شخصيتن ۾، مرحوم ملان بخشيل سومرو، محمد بخش مهيسر، سيد عارب شاه، خادم حسين سميجو، علي نواز ڦلپوٽو، شهازي خان چنو، جعفر موچي ۽ ڊاڪٽر غلام حسين ڦلپوٽو شامل آهن جڏهن ته نورالدين ميراڻي، امير علي ميراڻي، محمد عيدن چنو، عبدالحليم ڦلپوٽو، محمد ايوب ڦلپوٽو، وڏيرو شمس الدين ڦلپوٽو ۽ ٻيا ڳوٺ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندا رهن ٿا.

مائي صدوري بروهي نالي هڪ دلير عورت بهادريءَ ۾ تمام گهڻو مشهور هئي، جنهن کي تازو ٢٠٠١ـ ٦ـ ٢٧ تي ڌاڙيلن ڪيس گهر ۾ ڌيءَ سميت شهيد ڪري ڇڏيو.

### نئون ڳوٺ:

هي ڳوٺ، پير ڳوٺ جي لڳ آهي. اصل ۾ هي اسماعيل شاه جو ڳوٺ آهي. جيڪو اڳ ۾ پرسان ٿي پير ڏينل شاه جي مزار وٽ آباد هيو. بنيادي طور تي هي راشدي پيرن جو ڳوٺ آهي، جنهن جي هلائي چلائي به راشدي پيرن وٽ هوندي هئي. پير صاحبان پاڻ ۾ نااتفاقيءَ سبب هتان لڏي، خيرپور رياست هليا ويا. بعد ۾ ٻين ويٺل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن اڃي هي موجوده ڳوٺ وسايو، جنهن کري "ننون ڳوٺ" سڏجڻ لڳو. رڪارڊ ۾ هن ڳوٺ جو نالو "شاهه مردان جو ڳوٺ" لکيل آهي. مجموعي طور تي اڍائي صديون پراڻو ڳوٺ آهي.

هن ڳوٺ جي اهم سڃاڻ سونارا آهن. هت سونارڪي بازار هوندي هئي. سونارڪو ڪم اعليٰ نموني جو ٿيندو هو، سونارا سڄي رات ڪم ڪندا هئا. سونارن جي ٺڪ ٺڪ جو آواز پري پري تائين ٻڌبو هو. سونارڪي ڪم ۾، واڌل سونارو، اڪُ سونارو، محمد پناهه سونارو، عبدالخالق، محمد علي، نظر محمد ۽ ٻيا ڪاريگر وڏي شهرت رکندڙ هئا. سڄي ضلعي ۾، هتان جا ٺهيل زيور پسند ڪيا ويندا هئا. هن ڳوٺ جا ٻُوٽا پڻ مشهور هيا. جيڪي ڦَٽن ڦُرڙين جو ٺاهوڪو علاج ڪندا هئا. انهن ۾، عبدالرحمان، منو، ماڪوڙو ڏتو ٻوٽو ۽ ٻيا مشهور هيا. هن وقت الله ڏنو ڪوري ڳوٺ جي اڳواڻي ڪري ٿو. هتان جي راشدي خاندان ۾ پير محمد زمان شاهه لاثاني حڪيم ٿي گذريو آهي. هن وقت هن ڳوٺ مان گهڻا ماڻهو لڏي ويا آهن. ننون ديري جي اولهه ۾ واقع هن ڳوٺ ۾ سونارا، ڪوري، سُپڙا، ميربحر ۽ ڪوڪر رهن ٿا. ڳوٺ ۾ ٽيهارو گهر آهن. هت اسڪول ۽ هڪ مسجد به آهي. ڳوٺ جي پر ۾، پير ڏينل شاهه مست جي مزار به آهي.

هن ڳوٺ جي اڌو چند گهر ڪلهوڙن جا وينل آهن. جن مان ولي محمد ڪلهوڙو ڳوٺڙي جو مُهندار آهي. نوجوان ليکڪ سرفراز عباسي انهيءَ ڳوٺڙي جو واسي آهي، جيڪو ٻارن لاءِ "روشن راهه" رسالو ڪڍندو رهي ٿو.

## ننڍا موهل:

هي ڳوٺ، سري واري علائقي مان لڏي آيل هڪ نيڪ مرد سرائي خدابخش موهل جو ٻڌايل آهي. سرائي خدا بخش پنهنجون اباڻيون زمينون وڪڻي، هن علائقي جي ديهه شريف پور ۾، جاگير جيتري زمين هٿ ڪري اچي ويٺو. بعد ۾ پنهنجي پُٽ سرائي عبدالرحمان موهل کي هت رهائي، پاڻ ڪچي ۾ ٻيو ڳوٺ آباد ڪري ويٺو، جيڪو سنڌس ئي نالي سان سڏجي ٿو، پر گهڻو مشهور "وڏا موهل" جي نانءَ سان آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. ويجهو ئي جمال شاهه بزرگ جي مزار ۽ هڪ ننڍي مسجد به آهي.
مشهور استاد خدا بخش سانگي مرحوم جو تعلق پڻ هن ڳوٺ سان آهي ۽ هتي ئي دفن آهي.

## خدا بخش موهل:

ديهه شادي اڳهم ۾ آباد هي ڳوٺ تقريباً اڍائي صديون پراڻو آهي. هن ڳوٺ کي "وڏا موهل" به سڏيو ويندو آهي. ڳوٺ جو باني سرائي خدا بخش موهل آهي، جنهن اڳ ۾ "ننڍا موهل" ڳوٺ پڻ ٻڌايو هو. هن ڳوٺ کي ايراضيءَ جي لحاظ کان "وڏا موهل" سڏجي ٿو. بند جي وَٽِ ۾ هُجڻ سبب، ڪچي جي بلڪل ويجهو آهي.

هن وقت هتي موهل ۽ ميربحرن جا ٽيهارو کن گهر آباد آهن. اڳ ۾ هت موهل، ميربحر، ڪنبر، شيخ، ڪٽي، ميمڻ مڱڻهار، سِک ۽ هندو جججهي تعداد ۾ رهندا هئا. سِکن جو الڳ ويڙهو هوندو هو، جنهن ۾ چاليهه پنجاهه گهر هيا. هرئي سک مالوند ۽ خوشحال هيا. گهڻن کي نوڪريون به هيون ۽ ڪيترا مَلهه پهلوان به هيا. گولو سنگهه ۽ سِٽڪو سنگهه مشهور مُکي هوندا هيا. سيئي سِک سنڌي ڳالهائيندا هئا. جڏهن ملڪ جو ورهاڱو ٿيو، تڏهن سِک هندستان هليا ويا. البت انهن مان مُکي گهراڻي جو "پورڻ سنگهه" نالي هڪڙو نوجوان اسٽيشن تان واپس موٽي آيو ۽ ڳوٺ ۽ سنگت نه ڇڏيائين. بعد ۾ هُو مسلمان ٿيو ۽ دين محمد شيخ نالو رکايائين. هُو اڄ به حال حيات آهي، ۽ هن وقت ڳوٺ "ننڍا موهل" ۾ سرائين وٽ تنها زندگي گذاري رهيو آهي.

هتان جي هندن کي پنهنجا دڪان هوندا هئا، ڪي واڙيون ڪندا هئا، ته ڪي وَري ڪچي مان مکڻ ڪٺندا هئا. ڳوٺ ۾ هندن جو مندر پڻ هوندو هو. هندو بعد ۾ ٺٽون ديري شهر ۾ وچي ويٺا ۽ ڪجهه هندستان هليا ويا.

ڳوٺ ۾ بجلي، پرائمري اسڪول ۽ هڪ مسجد به آهي. يونين ڪائونسل بهمڻ ۾ آباد هتان جا ڳوٺاڻا پنهنجون پنيون آباد ڪن ٿا. ١٩٩١ع ۾ ڌاڙيلن هن ڳوٺ تي ڪاهه ڪري پنج ڄڻن کي قتل ڪري ڇڏيو. هي ڳوٺ ٺٽون ديري کان چار ڪلو ميٽر پري آهي. هت سوئرن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هڪ ڪوٺ به نهيل آهي، جنهن ۾ اڪثر سوئر ۽ ڪتن جي بچ ڪرائي ويندي آهي. هت هڪ جو هُنر پڻ سٺو ۽ معياري ٿئي ٿو، جن ۾ وچڻا، پنڊبون ۽ ٻيون شيون تيار ٿين ٿيون.

## منشي خدا بخش ڦلپوٽو:

هن ڳوٺ جو باني، منشي خدا بخش ڦلپوٽو آهي. منشي صاحب اصل ۾ ڳوٺ ڦلپوٽا جو ويٺل هو ۽ زميندار هو. سندس زمينون ذوالفقار علي ڀٽي صاحب پنهنجي فارم لاءِ ورتيون. جنهن ڪري منشي صاحب هن موجوده هنڌ تي ٻنيون حاصل ڪيون ۽ اتي ١٩٦٩ع ۾ گهر اڏي، ڳوٺ آباد ڪري ويٺو. هن وقت، "ڳوٺ منشي خدا بخش ڦلپوٽو" سڏجي ٿو.

منشي خدا بخش ويجهڙ ۾ جُون ٢٠٠١ع تي وفات ڪري ويو. هُو نيڪ سيرت، سباجهو، ڪفايت شعار، دور انديش، فقيراڻي طبيعت جو مالڪ ۽ سخي مرد هو. شروع کان ئي ڀٽن صاحبن جو منشي ٿي رهيو. سر شاهنواز خان ڀٽي کان وٺي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي تائين هن منشائپ ڪئي. پاڻ منشي سڏائڻ تي خوش ٿيندو هو. ماڻهو سندس سادڙي ۽ سباجهڙي طبيعت تي حيرت ڪائيندا هئا ته، ڀٽي صاحب جو منشي ۽ گوڏ گنجيءَ ۾! مرحوم اڪثر هڪ ئي لباس ۾ نظر ايندو هو. فرق رڳو انگوچي ۽ پوتڙي جو هوندو هو. عموماً صدري يا چولو پائيندو هو. هٿ ۾ لڪڻ کڻندو هو ۽ عينڪ پائيندو هو. ڪيس ڏسي "مهاتما گانڌي" ياد ايندو هو. ڪيس "ننون ديري جو گانڌي" سڏيو ويندو هو.

هي ڳوٺ، ننون ديري جي پسگردائي وارن چند خوبصورت ڳوٺن منجهان هڪ آهي. دادو ڪئنال جي ڪاهي ڪپ تي ٻڌل هن ننڍڙي ڳوٺ جي آڏو سهڻيون ٻنيون، پاسي ۾ باغ ۽ رستي سان وڻراهه هن جي حُسن ۾ اضافو ڪن ٿا. ننون ديري کان هڪ ڪلو ميٽر جي پنڌ تي ڏکڻ ۾ واقع آهي. جنهن ۾ ڦلپوٽا، شيخ، ڪوري، سومرا ۽ ٻيا وئيل آهن. هت هڪ خوبصورت مسجد ۽ اسڪول به آهي.

هن ڳوٺ وٽ ١٩٩٥ع ۾ دادو ڪئنال تي هڪ پُل ٺاهي وئي، جيڪا هن سموري علائقي لاءِ سُک جو سبب بڻيل آهي. ڳوٺ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳ روڊ آهي جيڪو مختلف ڳوٺن ڏانهن وڃي ٿو. ان مان هڪڙو روڊ وڏن موهلن تائين، ٻيو منهي کهڙي تائين، ٽيون بخشيل شيخ ۽ مورين فقيرن مان ٿيندو وڃي ٽڳڙن تائين پهچي ٿو. جتان اهو آگاٽي روڊ سان ملي وڃي لاڙڪاڻو- نئون ديرو روڊ ۾ پوي ٿو. هن ڳوٺ جي لڳ پير چوڙي جي مزار پڻ آهي. نئون ديري شهر جو مشهور ڪردار ڀٽيل "مامو مولا بخش قلپوٽو" وڏن وارن وارو هن ڳوٺ جو واسي آهي. هن وقت ڳوٺ جي سنيال وڏيرو سائينداد قلپوٽو ڪري رهيو آهي.

### جهان خان جروار:

هي ڳوٺ، گهٽو سانول جروار جي نالي سان سڏجي ٿو. ڪنهن زماني ۾ هتي سانول نالي هڪ واٽيو هوندو هو، جنهن جو هن ڳوٺ ۾ شاهي دڪان هوندو هو. هُن جو دڪان ايترو ته مشهور هيو جو، پر پاسي جي ڳوٺن وارا ماڻهو به هتان اچي سودو وٺندا هئا. اڪثر چيو ويندو هو ته، "هلو ته سانول جي هَٽَ تان سودو وٺي اچون." اهو ئي سبب آهي جو هن ڳوٺ تي سانول نالو پئجي ويو.

بنيادي طور تي هي ڳوٺ جروارن جو آهي، جنهن کي جهان خان جروار نالي هڪ نيڪ مرد ٻڌايو. هي ڳوٺ تقريباً ٻه صديون قديم آهي. ديهه خانواهه ۽ يُونين ڪائونسل پير بخش پنٽو ۾ آباد آهي. ڳوٺ ۾ اڍائي سوڪن گهر آهن. جن ۾، جروار، سيد ۽ چنا شامل آهن. هت هندو به گهٽائي ۾ رهندا هئا، جيڪي ورهاڱي ۾ هليا ويا. مرحوم صاحب خان "دردي" جروار هن ڳوٺ جو سٺو استاد ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. ان کان علاوه حُب علي "سڪايل" جروار ۽ محمد بخش جروار پڻ شاعر طور سڃاتا وڃن ٿا. فقير صاحب ڏنو جروار صوفياڻي ڪلام جو راڳي هو. ڳوٺ ۾ سيد لعل شاهه بخاري ۽ سيد سلطان شاهه بزرگن جون زيارتگاهون به آهن. هت ٻه پرائمري اسڪول ٽي مسجدون آهن. ڳوٺ کي روڊ به مليل آهي. هي ڳوٺ نئون ديري کان ٦ ڪلو ميٽر پري اتر طرف رتيديري واري روڊ سان واقع آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**حسن واهڻ:**

هي ڳوٺ، حسن خان مگنيجي جو ٻڌايل آهي. جيڪو اٽڪل ٻہ صديون پراڻو آهي. هن ڳوٺ کي "مگنيجا" پڻ سڏيو ويندو آهي. هت مگنيجن جي اڪثريت آهي. البت چند گهر موچين ۽ ڪنڀرن جا بہ وينل آهن. هي ڳوٺ نئون ديري جي اولہ ۾، لاڙڪاڻو- نئون ديرو روڊ سان ٽن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي. هت بہ مسجدون ۽ ٻہ پرائمري اسڪول بہ آهن، وڏيرو شير محمد مگنيجو نالي وارو شخص ٿي گذريو آهي. هن وقت محمد جُڙيل مگنيجو ڳوٺ جي سنڀال ڪري ٿو.

**ٻُرڙا:**

هي ڳوٺ، درياهہ جي ڪنڌيءَ تي آباد آهي. هن ڳوٺ کي درياهہ هميشہ پائيندو رهيو آهي ۽ وري وري ٻڏبو رهيو آهي. هي درياهہ جو سٽائو پٽڻ بہ آهي. قدامت جي لحاظ کان هي نهايت تاريخي ڳوٺ آهي جنهن جي وجود جو ڪاٿو، اٽڪل هڪ هزار سالن تائين لڳايو وڃي ٿو، ڪنهن وقت تہ هتي اڍائي- ٽي سؤ گهر آباد هيا، ۽ هاڻي چند گهرن تي مشتمل ڳوٺ آهي. هي هندن جو بہ اهم ڳوٺ رهيو آهي. هتان جا هندو زمينداريءَ ۾ مشهور رهيا آهن. انهن ۾، جوتو مل منگت راءِ ناليوارو زميندار ٿي گذريو آهي. جنهن کي نئون ديري شهر ۾ بنگلو پڻ هوندو هو. جيڪو بعد ۾ پير حسام الدين راشدي ورتو ۽ اڄ تائين راشدي صاحب جي نالي سان سڏجي ٿو. جڏهن تہ بنگلي جي ٻاهرين ڪُنڊ تي جوتو مل جي نالي وارو هي ڪتبو پڻ لڳل آهي. "سنجوتو مل سنگت رام روچلداساڻي زميندارڳوٺ ٻرڙا".

هت هندن سان گڏ سک بہ رهندا هئا. ان کان علاوه ٻُرڙا ۽ ماڇي بہ وينل هئا. ١٩٧٦ واري ٻوڏ هن ڳوٺ کي تمام گهڻو نقصان رسايو، جنهن ڪري اڪثر ڳوٺاڻا لڏي ويا. هن وقت ڪڇي مان لڏي آيل ناريجا وينل آهن. هي ڳوٺ ديهہ نور پور ۽ يونين ڪائونسل ڀهمڻ ۾ واقع آهي. هت ممتاز علي ڀُٽي جا لانڍ بہ نهيل آهن. جن ۾ ڪُتا رهندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پير جان محمد ڪلهوڙو:

پير جان محمد، ڪلهوڙا خاندان سان تعلق رکي ٿو، جيڪو فقيريءَ ۾ مشهور آهي. پير جان محمد ڪلهوڙي جو هت آخري آرامگاهه آهي جتي ماهه ڦهريون سومر ۽ جمعو وڏي پيماني تي ملهايو ويندو آهي. هي ڳوٺ اٽڪل اڍائي صديون پراڻو آهي. هت ٻرڙا ۽ جوڻيجا رهن ٿا. جوڻيجا پير جان محمد جا متولي به آهن. هي ڳوٺ ريلوي لائين ۽ دادو ڪئنال جي لڳ آهي. هت سوڪن گهر آهن. هڪ اسڪول ۽ ٻه مسجدون به آهن. سنڌ جو مشهور سُگهڙ حافظ علي گل ٻرڙو ۽ ٽي وي اداڪار غفور ٻرڙي جو تعلق هن ڳوٺ سان آهي. هي ڳوٺ، نئون ديري جي اتر ۾، ٽن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي ديهه پنجو ابڙو ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ واقع آهي.

## ٽڳڙ:

هن ڳوٺ جي خاص سُڃاڻپ گلاب جا گل آهن. يعني هي خوشبوئن وارو ڳوٺ آهي. سڄي تعلقي رتيديري ۾ هي واحد ڳوٺ آهي. جيڪو گلن جي پيداوار ۾ مرڪزي حيثيت رکڻ سان گڏ تمام گهڻو مشهور به آهي. گلن کان علاوه زيتونن جا باغ به هن ڳوٺ جي سڃاڻپ آهن.

ڪنهن زماني ۾ هي شاهي ڳوٺ هوندو هو، جيڪو گهاڙ واهه جي ڪاٻي ڪپ تي آباد هيو. جڏهن بيراج ٺهيا ته، دادو ڪئنال هن ڳوٺ جي وچان ڪڍيو ويو جنهن ڪري هي ڳوٺ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. ٻئي حصي کي بالاٽي ٽڳڙ چئجي ٿو.

هت واٽين جي گهٽائي رهندڙ هئي، مُکي سانول مل، گوپالو ۽ ڏرمو مل جا نالا ملن ٿا. هي ڳوٺ اٽڪل ٻه سوَ سال پراڻو آهي، ۽ دادو ڪئنال جي ڪاٻي ڪناري تي ٻڌل آهي. چون ٿا ته ٽڳڙ اصل ۾ پنجاب کان آيا هئا. هت ٽڳڙن جي چئن ڀائرن ٻڌيو، ڪبير. رشيد ۽ ٻالڻ جو اولاد رهي ٿو. جيڪي پاڻ کي ٻُڌاٽي ڪبيراٽي، رشيداٽي (احمداٽي به سڏائين ٿا) ۽ بالاٽي چوائن ٿا. هت ٽڳڙ، سرڪي، منگي، چانڊيا، پنٽي، لاڙڪ ۽ ٻانهاٽي ويٺل آهن. اٽڪل اڍائي سوَ گهرن واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڳوٺ جي آبادي ٻه- اڍائي هزار کن آهن. اڪثر ڳوٺاڻا هاريو ۽ زمينداري ڪن ٿا. ڪافي ماڻهو مختلف کاتن ۾ نوڪريون به ڪن ٿا. هتان جا ڪيترائي آفيسر به مشهور آهن. جن ۾، مرحوم حمز علي ٽگڙ (انجنيئر شگر مل ٺٽون ديرو) محمد امين ٽگڙ، نظر محمد ٽگڙ، عبدالسلام ٽگڙ، ڊاڪٽر عبدالواحد ٽگڙ ۽ ٻيا شامل آهن. شير محمد منگي ديني عالم آهي. جڏهن ته ڳوٺ جي وڏيرن ۾ محمد حسين ٽگڙ ۽ مير محمد ٽگڙ شهرت رکندڙ هئا. عطا محمد ٽگڙ هتان جو مشهور استاد ٿي گذريو آهي. هت ٺٽون ديري شهر جي مشهور درزي استاد دين محمد مهاجر جي شاگرد گل ٽگڙ جو درزڪو دڪان به آهي. هن ڳوٺ جي اڌو ڏکڻ ۾، سنڌ جي مشهور شاعر عبدالغفار تبسم جون زمينون ۽ باغ وغيره هوندا هيا، جيڪي ڪجھ عرصو اڳ وڪرو ڪيا ويا آهن.

هي ڳوٺ ديھ موريا فقير ۽ يونين ڪائونسل سعدو ديرو ۾ واقع آهي ۽ ٺٽون ديري کان اٺ ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي اولھ طرف موجود آهي. ڳوٺ تائين روڊ آهي. هت هڪ مدرسو، چار مسجدون ۽ ٻه پرائمري اسڪول پڻ آهن.

## امير بخش ناريجو:

ٺٽون ديري کان چئن- پنجن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي، اوڀر طرف ريلوي لائين سان هي ڳوٺ، گهڻي زماني کان آباد آهي. هت ڀرين نصرت اسٽيشن به هوندي هئي، جيڪا بعد ۾ ٻهمڻ وارن راشدي پيرن پنهنجي ڳوٺ وٽ قائم ڪرائي آهي. اسٽيشن تي هڪ پراڻي کوهي به آهي. پير علي محمد راشدي ۽ پير حسام الدين راشدي جڏهن، ان پراڻي ريلوي اسٽيشن جي بابوءَ وٽ انگريزي پڙهڻ ايندا هئا تڏهن ان کوهيءَ مان پاڻي پيئندا هئا.

ڪنهن زماني ۾ هي ڳوٺ وڏو هوندو هو. جنهن ۾ هندو پڻ رهندا هئا. چَون ٿا ته هي ڳوٺ اصل ۾ راهوجن جو هيو. هن وقت هتي پندرنهن کن گهر ناريجن جا آباد آهن.

سنڌ جو مشهور سياستدان، ايم. آر. ڊي تحريڪ جو ڪنوينر ۽ "سنڌ انقلابي پارٽي" جو سرواڻ حسين بخش ناريجو هن ڳوٺ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعلق رکي ٿو. هن ڳوٺ جا ماڻهو تعليم يافته ۽ اهم عهدن تي فائز آهن. هي ڳوٺ ديه شادي ابڙو ۽ يونين ڪائونسل بهمڻ ۾ واقع آهي.

## ماڇي:

هي ڳوٺ، سو سال پراڻو آهي. ماڇي ڪچي مان لڏي اچي هت ويٺا. هن وقت ڳوٺ جو نالو "الهورايو سولنگي" رکيو ويو آهي. نئون ديري جي اتر ۾ آباد، هن ڳوٺ جي پر ۾ ٦٦ ايڪڙن تي ڦهليل هڪ تاريخي قبرستان پڻ آهي، جنهن ۾ عاليشان قبرون جُڙيل هيون. هن قبرستان کي "پير غريب شاهه جو مقام" ۽ "شهيدن جو قبرستان" پڻ سڏيو ويندو آهي. چون ٿا ته هت شاهه بهاري جي جنگ لڳي هئي، جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا هئا، جيڪي هت دفن آهن. جن ۾ سورهيه ۽ بهادر شامل آهن. ڳوٺ جي آبادي وڌڻ سبب ماڻهن هن قبرستان ۾ به گهر ٺاهيا آهن. هت ماڇي، سيد، ڪلهوڙا، ڪوڪر، ناريجا ۽ ٻيا ويٺل آهن. هت هڪ مسجد ۽ هڪ اسڪول به آهي. ڳوٺ جي اڌو ٽي- چار گهر جوٽيجن جا ويٺل آهن. ڳوٺ جو نيڪ مرد "فقير" محمد اسماعيل سولنگي آهي.

## ڪوٽ پُنو:

هي ڳوٺ، نئون ديري شهر جي اولهه طرف ست ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي. هن ڳوٺ جو آبادڪار الاهي بخش پنو آهي. چون ٿا ته، ڳوٺ کي ڪوٽ ڏنل هوندو هو جنهن ڪري "ڪوٽ پنو" سڏجي ٿو. هي ڳوٺ تقريباً به اڍائي صديون پراڻو آهي ۽ رڪارڊ ۾، "ڪوٽ الاهي بخش پنو" جي نالي سان درج آهي.

هت واڻيا به گهڻا رهندڙ هئا. هن- اڍائي سوَ گهرن تي مشتمل هن ڳوٺ ۾ پنا، ناريجا، موچي، ڪنير ۽ ٻيا رهن ٿا. هي ڳوٺ ديه دودا خان ۾ آهي هت هڪ مسجد، هڪ اسڪول، هڪ امام بارگاهه ۽ هڪ سرڪاري ڊسپينسري آهي. ڳوٺاڻا اڪثر هاريو ڪن ٿا، ڪافي نوڪريون به ڪن ٿا. خاص ڪري ٽيليفون کاتي ۾ هتان جا ماڻهو گهڻا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڳوٺ جي اهم سڃاڻ، سنڌ جو مشهور عالم دين مولانا عبدالڪريم ڪورائي عرف مولانا ڪهاڙو آهي. مولانا ڪهاڙو ديوبندي عالم هيو. هن هڪ نو مسلمان چوڪري سان پنهنجي نياڻيءَ جي شادي ڪرائي هئي. اهو نوجوان مولانا امروٽيءَ جي هٿ تي مسلمان ٿيو هو، سندس نالو نورالحق شيخ رکيو ويو. سندس اولاد ۾، ڇهه ڌيئر ۽ ٻه پٽ آهن. جن مان هڪ پروفيسر ڊاڪٽر نور مصطفيٰ شيخ، يونيورسٽيءَ ۾ ڪمپيوٽر ۽ ميٿميٽڪس ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين آهي ۽ ٻيو پٽ ڊاڪٽر آهي. جڏهن ته هتان جي ٻين آفيسرن ۾ ڊاڪٽر حسين بخش پنو، منٺار علي پنو، رياض احمد پنو ۽ ٻيا شامل آهن.

## پير متارو:

هي ڳوٺ، هڪ بزرگ پير متاري جي نالي سان گهڻو مشهور آهي. جنهن جو خوبصورت مقبرو پڻ ٺهيل آهي. بزرگ جو نالو "پير شير محمد شاهه متارو" آهي، پر عام طور تي پير متاري جي نالي سان گهڻو مشهور آهي. هن بزرگ جا مُجاور ڪنڌر آهن. ڳوٺ ۾ ڪنڌر، ابڙا، ڪرٽيا ۽ ٻيا رهن ٿا. هي ڳوٺ، ننون ديري جي اوڀر ۾ پنجن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي لاڙڪاڻو- سکر روڊ تي واقع آهي.

## وانڊ سڪندر علي خان ڀٽو:

هي چند گهرن تي ٻڌل هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو آهي، جيڪو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڀاءُ سڪندر علي خان ڀُٽي جي نالي تي ٻڌل آهي. هتان جا واسي هاريو ڪن ٿا. هي ڳوٺڙو، ننون ديري جي اتر ۾ آباد آهي.

## بخشيل شيخ:

هي اصل ۾ شيخن جو ڳوٺ آهي. جنهن جو آباد ڪندڙ بخشيل نالي هڪڙو نيڪ مرد آهي. اڌ صدي کن پراڻو ڳوٺ آهي. اڳ ۾ هي شيخ، پير ڳوٺ جي راشدي پيرن جون (حڪيم پير بدرالدجيٰ شاهه راشدي) ٻنيون آباد ڪندا هئا. بعد ۾ پنهنجي حرفت ۽ هوشياريءَ سان


HISTORICAL SOCIETY
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرن کان زمينون ڪيرائي پاڻ حاصل ڪيائون، ۽ اهڙيءَ طرح ڪرڙميءَ مان زميندار ڀڄي ويا. هن وقت ڪمدار غلام حسين شيخ ڳوٺ جو مُهندار ٻڌيل آهي. هي ڳوٺ موريا فقيرن جي ويجهڙو آهي. ڳوٺ ۾ اسڪول، مسجد ۽ بجلي به آهي.

## راهُوجا:

راهوجا ڳوٺ ١٩٣٠ع ڌاري، وڏيري علي بخش خان راهوجي ٻڌايو هو. هي ڳوٺ هن وقت ٽيون پيرو آباد ٿيل آهي. اصل ۾ هي ڳوٺ ديهه شادي ابڙو ۾ "طاهر جو ڳوٺ" جي نالي سان قائم هيو، جنهن کي درياهه بادشاهه ڦٽايو. ڳوٺ جي هڪ چڱي ماڻهو محمد موسيٰ راهوجي ديهه راهوجا ۾ هڪ نئون ڳوٺ آباد ڪيو. اتي ڳوٺاڻن کي وڏيري جان محمد ابڙي (يونٽ جو وڏيرو) گهر پڻ ٺهرائي ڏنا هئا. اهو ڳوٺ به گهاڙ واهه کي ڪنڊ لڳڻ سبب ٻڏي ويو ۽ ماڻهو لڏي اچي، هي موجوده ڳوٺ آباد ڪري ويٺا. هن وقت راهُوجا، سيد. ڪنير، ماڇي، ڪلر ۽ ٻين ذاتن وارا رهن ٿا.

تقريبا نوي گهرن تي مشتمل هن ڳوٺ ۾ به مسجدون ۽ هڪ پرائمري اسڪول پڻ آهي.

هي ڳوٺ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ديهه شادي ابڙو ۾ واقع آهي. هتان جا ماڻهو اڪثر پنهنجا ڏنڊا ۽ ٻنيون ڪندا آهن، ڪجھ نڪريون به ڪن ٿا. هتان جو هڪ ڳوٺاڻو عيسو راهوجو (محمد عسيٰ) مشهور و معروف آهي، جنهن شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي تي زمين کسڻ جو ڪيس ڪيو هو.

## شاهاڻي:

هي ڳوٺ، اٽڪل اڍائي صديون پراڻو آهي. جيڪو شاهاڻين جو ٻڌايل آهي. شاهاڻي، اڳ ۾ ديهه راڄو ديرو ۾ ويٺل هئا بعد ۾ شاهاڻين جي وڏڙن، ديهه دارا پور ۾ زمينون هٿ ڪري، هي ڳوٺ آباد ڪيو. وقت ٽائين پشت بپشت زميناري شاهاڻين جي هلندي اچي ٿي. هن ڳوٺ کي "دارانپور وارا" ۽ "ڪرڙي محمد علي وارا" به سڏجي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن زماني ۾ هي ڳوٺ ڏاڍو برسيل ۽ وڏو هوندو هو. پر درياهه بادشاهه هن ڳوٺ سان ڪڙاند ڪئي، جنهن سبب هتان ماڻهو لڏي ويا. درياهه هتان ڪان ٻه اڍائي ڪلو ميٽر دور وهندو هو ۽ هاڻي هن ڳوٺ جي بلڪل ويجهڙو وهي ٿو.

جهلي بند جي ونڊ ۾ آباد هن ڳوٺ جا شاهاڻي زميندار، تعليم يافته ۽ اعليٰ عهدن تي فائز آهن. هن وقت هت پنجويهه کن گهر آهن. ڳوٺ جي سنيال نثار شاهاڻي ڪري رهيو آهي، جڏهن ته گل حسن شاهاڻي پڳدار آهي.

هت هڪ مسجد، هڪ اسڪول، سرڪاري ڊسپينسري، بجلي، فون، ٽاٽو، روڊ ۽ ٻيون سهولتون ميسر آهن. هت شاهاڻي، شيخ، ڪوري ۽ سيد رهن ٿا. هي ڳوٺ ديهه دارانپور ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ واقع آهي.

هتان جي مشهور شخصيتن ۾، سرائي محمد پريل خان شاهاڻي، علي گوهر خان شاهاڻي، غلام نبي شاهاڻي، علي محمد خان شاهاڻي، الاهي بخش شاهاڻي ۽ ٻيا شامل آهن. هت پير پريل شاهه بزرگ جي مزار پڻ هئي، جنهن کي درياهه پائي ويو. هي ڳوٺ ننون ديري ڪان ڏهه ڪلو ميٽر اوبر طرف درياهه جي ڪنڌيءَ تي آباد آهي.

## عزت جي وانڊ:

هي ڳوٺ، شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي زرعي فارم ۾ آباد آهي جيڪو اصل ۾ عزت خان ماڇي نالي هڪ نيڪ مرد جو ٻڌايل آهي. هن جي ويجهڙو، ڳوٺ پانڌي خان ناريجو ۾ وينل ڳوناٽن ڪي، ڀُٽي صاحب پنهنجي وزير خارجه واري دور ۾ لڏائي اچي هت ويهاريو ۽ ڳوٺ جو نالو "غلام مرتضيٰ ڀٽو" رکيائين، پر مشهور "عزت جي وانڊ" سان ٿيو. وانڊ چند گهرن واري ڳوٺ کي چوندا آهن. هن وقت هي ڳوٺ ٻه سوکن گهرن تي مشتمل آهي، جيڪو ديهه ڀُٽا ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ واقع آهي. هت ناريجا، شيخ، سيد، ڪوکر ۽ ڪُڙيا وينل آهن. ڳوٺ جو چڱو مُڙس ڪمدار علڻ خان ناريجو آهي.

هتان جا سُگهڙ پڻ مشهور آهن. جن ۾ مجنو ناريجو، عطا محمد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻرڙو، محمد بخش شيخ، مير محمد ناريجو، لطف ناريجو ۽ ٻيا شامل آهن. نوجوان شاعر نظر محمد ناريجو پڻ هن ڳوٺ جو آهي. هي ڳوٺ نئون ديري جي اوڀر ۾ چار ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي آهي. جتي اسڪول، مسجد، عيدگاهه، ڊسپينسري، گئس ۽ بجلي وغيره آهي.

## خان شيخ جو ڳوٺ:

هي ڳوٺ، دادو ڪئنال جي ڪاٻي ڪپر تي آباد آهي، جنهن ۾ ڏهاڪو کن گهر شيخن جا ويٺل آهن. ڳوٺ جو آباد ڪار خان محمد شيخ آهي، جيڪو اصل ۾ ڳوٺ قلپوتا ۾ ويٺل هو. پنجيتهه سال کن اڳ، اتان لڏي، اچي هي ڳوٺ آباد ڪري ويٺو، هن وقت سيئي هاري ڪن ٿا. هن ڳوٺ جا نوجوان نعت خوانيءَ ۾ مشهور آهن. جن ۾، شاهنواز شيخ، اوشاق علي شيخ ۽ غلام سرور شيخ شامل آهن.

## سيٺار:

هي ڳوٺ اصل ۾ واٽين جو هو، ورهاڱي ۾ جڏهن واٽيا هليا ويا، تڏهن ڪچي ۾ آباد ڳوٺ سيٺار مان ماڻهو لڏي اچي هت ويٺا ۽ هي ڳوٺ سيٺار سڏجڻ لڳو. هي ڳوٺ، پراڻي گهاڙ واهه جي ڪاٻي ڪناري سان آباد آهي. نئون ديري کان پنجن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي ڏکڻ طرف واقع، هن ڳوٺ ۾ ويهارو کن گهر سيٺارن جا ويٺل آهن ۽ پنهنجون ٻنيون آباد ڪن ٿا. رڪارڊ تي هن ڳوٺ جو نالو ”خدا بخش سيٺار“ آهي. هت هڪ مسجد ۽ اسڪول به آهي. مشهور نعت خوان سچڻ سيٺار جو تعلق هن ڳوٺ سان آهي. هت هڪ فقير، ڏوڙيل فقير جي مزار به آهي.

## مِنو کهڙو:

هي ڳوٺ، جيتوڻيڪ تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ۽ ڪچي ۾ آباد آهي، پر هتان جي ماڻهن جي اُٿا ويٺي ۽ ڪار وَهنوار، نئون ديري شهر سان آهي، درياهه جي ڪنڌيءَ تي آباد هي ڳوٺ، نهايت قديم ڳوٺن ۾ شمار ٿئي ٿو. هي درياهه جو پتڻ به آهي. هي ڳوٺ ”مِنو کهڙو“ نالي هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڪ مرد جو پڌايل آهي. هت کهڙا، ميربحر، ڪوري ۽ ٻيا ماڻهو رهن ٿا. گهرن جو تعداد چاليھ کن ٿيندو. بنيادي سهولتون نه هجڻ سبب هتان گهڻا ڳوناٽا لڏي وڃي، وڏن شهرن ۾ وينا.

ڪچي ۾ هُجڻ سبب هي ڳوٺ، اڪثر ٻوڏ جي لپٽ ۾ ايندو رهندو آهي، پر ڳوٺ مٿاهينءَ تي هجڻ ڪري گهٽي نقصان کان بچندو آهي. ٺٽون ڏيري کان پنج ڪلو ميٽر ڏکڻ طرف واقع، هن ڳوٺ تائين روڊ نهيل آهي.

## پرچُوند:

هي ڳوٺ، هن وقت ٺٽون ڏيرو ميونسپل ڪاميٽيءَ ۾ شامل آهي. ٺٽون ڏيري جي اولھ ۾ شگر مل سان لڳ باءِ پاس روڊ جي ونٽ ۾ آهي. بنيادي طور تي هي ڳوٺ اڍائي صديون کن قديم آهي. هن ڳوٺ جا آبادڪار پرچُوند آهن. اٽڪل سٺ گهرن واري هن ڳوٺ ۾ پرچوند، جکرا، ڪنير ۽ جت رهن ٿا. هت هڪ اسڪول ۽ هڪ مسجد آهي. ڳوٺ کي بجلي، گئس ۽ ٻيون سهولتون مليل آهن. ڳوٺ جي ٻاهران ٻن بزرگن پير خميسو ۽ گل شاھ جون مزارون ٻه آهن. هت نڪر جا ٿانوَ تمام سٺا ۽ معياري ٺهن ٿا. ڳوناٽا اڪثر هاريو کن ٿا، ۽ ڪجھ تعليم يافتہ به آهن هي ڳوٺ، پير ڳوٺ. ٺٽون ڳوٺ ۽ ننڍا موهل ڳوٺ سان گڏ شمار ڪيو ويندو آهي. هتان جي معتبر ماڻهن ۾، الله بخش پرچوند، جان محمد جکرو، محمد ابراهيم پرچوند ۽ ٻيا شامل آهن. نوجوان شاعر اختيار ادبي هن ڳوٺ جو واسي آهي.

## ڏڙو الاهي بخش:

هي ڳوٺ، ٺٽون ڏيري شهر جي اولھ ۾ چئن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي آهي. جيڪو الاهي بخش پرچُوند نالي هڪ نيڪ مرد جو ٻَڌايل آهي. اٽڪل سوَ سال پراڻي، هن ڳوٺ ۾ پرچوند، جکرا، سپڙا، سيد ۽ ناريجا رهن ٿا. هت هڪ مسجد ۽ ٻن بزرگن دادن شاھ ۽ منگن شاھ جون مزارون پڻ آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ڪٽي:

هي ڳوٺ، قديمي ڳوٺن ۾ شمار ٿئي ٿو هت وينل ڪٽي پاڙ کي عاربي ۽ ڪلهوڙا چوائن ٿا. هن ڳوٺ جا گهڻا عاربي، پير ڳوٺ ۾ آباد ٿيل آهن، ۽ هاڻي پاڙ کي عارباڻي سڏائين ٿا. هي ڳوٺ جهلي بند جي وٽ ۾ آباد آهي. چاليهه کن گهرن تي مشتمل هي ڳوٺ، نئون ديري شهر جي ڏکڻ ۾ واقع آهي.

### صابو ڪرنيو:

ديهه صابو ڪرنيو ۽ يونين ڪائونسل ڀمڻ ۾ واقع هن ڳوٺ جو بانيڪار صابل خان ڪرنيو آهي. هي ڳوٺ تقريباً سوَ سال پراڻو آهي. اٽڪل سوَ کن گهرن تي ٻڌل هي ڳوٺ لاڙڪاڻو- سکر روڊ تي نئون ديري کان پنج ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي اوير طرف واقع آهي. هت ڪرنيا ۽ مگنيجا رهن ٿا. هي ڳوٺ ٽماٽن جي پيدوار ۾ مشهور آهي. هت ٻه مسجدون ۽ هڪ اسڪول به آهي. سُگهڙ غلام نبي ڪرنيو هن ڳوٺ سان تعلق رکي ٿو. ڳوٺاڻا پنهنجون زمينون آباد ڪندا آهن.

### صلاح جي وانڍ:

هي ڳوٺ، سکر- لاڙڪاڻو روڊ جي ويجهو نئون ديري کان ڇهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي اتر ۾، ديهه شادي ابڙو ۽ يونين ڪائونسل ڀمڻ ۾ آباد آهي. هن ڳوٺ کي اڌائي- ٽي سوَ سال اڳ محمد صلاح جيهي آباد ڪيو هو. سٺ- ستر گهرن تي ٻڌل هن ڳوٺ ۾، ٻه مسجدون ۽ هڪ اسڪول پڻ آهي. ڪنهن دور ۾ هت کوهه هوندا هيا، جن تي پوکون ٿينديون هيون. ڳوٺاڻا پنهنجون ٻنيون آباد ڪندا آهن. هت هڪ بزرگ جهرڪايل شاهه جي مزار به آهي.

هي ڳوٺ ٻن حصن تي مشتمل آهي. هڪڙي حصي کي "صلاح جي وانڍ" ۽ ٻئي کي "سوڍو جيهو" چوندا آهن. سوڍو جيهو ديهه پنجو ابڙو ۽ يونين ڪائونسل پير بخش ڀٽو ۾ واقع آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ابراهيم جبي وانڍ:

هيءَ وانڍ، محمد ابراهيم جيهي جي ٻڌايل آهي. ڏيڍ سَو گهرن واري هن ڳوٺ ۾ سيئي مالدار ۽ زميندار ماڻهو رهن ٿا. هي ڳوٺ ٻيلي جي ويجهو آهي، جيڪو مِٺي واهه (نصرت واهه) تي آباد آهي. ديهه نظر ڏيٿو ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ آباد هن ڳوٺ ۾ هڪ اسڪول، هڪ مسجد ۽ هڪ بزرگ نور شاهه غازي جي مزار به آهي.

### اشرف ڏاهاڻي:

هي ڳوٺ ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ حصي کي "اشراف ڏاهاڻي" ۽ ٻئي کي، "الهڏنو ڏاهاڻي" سڏجي ٿو. هي ڳوٺ پراڻي گهاڙ واهه جي ساڄي ۽ کاٻي ڪپرن تي آباد آهي. اشرف ڏاهاڻي ديهه موريا فقير ۾ آهي. سي سعدو ديرو ۾، ۽ الهڏنو ڏاهاڻي ديهه شادي اگهمر ۾ آهي. سي سعدو ديرو ۾ واقع آهي.

هي ڳوٺ اشرف خان ڏاهاڻي جو ٻڌايل آهي. ڏاهاڻي، اٽڪل سٺ سال کان اڳ پراڻي عاقل مان لڏي اچي هت زمينون هٿ ڪري ويٺا. چاليهه کن گهرن تي ٻڌل هي ڳوٺ، دادو ڪئنال جي کاٻي ڪپ تي، نئون ديري کان تقريباً پنجن ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي اولهه طرف واقع آهي. هت هڪ اسڪول ۽ چار مسجدون آهن. ڳوناٽا هاريو وغيره ڪندا آهن. محمد عظيم ڏاهاڻي. ڪرم خان ڏاهاڻي ۽ ٻيون هتان جون ناليواريون شخصيتون آهن.

### ٻچل کهڙو:

هي ڳوٺ، پنجٽيهه سال کن پراڻو آهي جيڪو خير محمد کهڙي جو آباد ڪيل آهي. بعد ۾ هن پنهنجي پٽ ٻچل کهڙي جي نالي سان ڳوٺ کي مشهور ڪرايو. هن ڳوٺ ۾ پندرنهن کن گهر آهن. ديهه شادي اگهمر ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ واقع هي ڳوٺ نئون ديري جي ڏکڻ ۾، چئن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي آهي. هت سڀ کهڙا ويٺل آهن. هن ڳوٺ کي "خير محمد کهڙي جي وانڍ" به چوندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سوني فقيرياڻي شر:**

هي ڳوٺ، ڪيهر ڳوٺ جي سامهون رائيس ڪئنال جي ساڄي ڪناري تي آباد آهي. هي آڳاٽو ڳوٺ آهي، جيڪو ماڻي ماڻي سوني فقيرياڻي جي نالي تي سڏجي ٿو. مائي سوني ذات جي شر بلوچ هئي. سدائين ڪارو ويس پائيندي هئي، ۽ ماتم دار هئي. پاڻ وڏي ڏاهي، سخي ۽ بهادر هئي. هن وقت سندس اوتارو نهيل آهي. هت گهٽائي شرن جي آهي، ڪجھ گهر سيدن جا به آهن. هي ڳوٺ نئون ديري جي اولھ ۾ آهي.

**ڪٽي:**

هي ڳوٺ، پراڻي دور جي ڪٽي ڍنڍ جي ڪناري تي اڏيل آهي جيڪو اصل ۾ ڪٽين جو ڳوٺ آهي. ڪٽي پاڻ کي سومرا چوائن ٿا. هت وينل پراڻا ماڻهو لڏي ويا آهن. هاڻي جوڻيجن ۽ ڪُڙين جا ويهارو کن گهر آباد آهن. ڪنهن دور ۾ هتي پيٽن صاحبن جو شڪار گاهه به رهيو آهي. ملڪ جون نامور شخصيتون هت شڪار ڪري ويون آهن. هي ڳوٺ نئون ديري جي اولھ ۾ ڇهن ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي واقع آهي.

**ميتلا:**

هن ڳوٺ جو آباد ڪندڙ سرائي غلام علي خان ميتلو آهي. جنهن اٽڪل اڍائي سوَ سال اڳ هي ڳوٺ قائم ڪيو هو. هت ميتلا، بروهي، ڪنير، ڪوري. منگي وغيره رهن ٿا. تقريباً ڏيڍ سوَ گهرن جي آباديءَ واري هن ڳوٺ ۾ ٽي مسجدون آهن ۽ هڪ اسڪول به آهي. ڳوٺ کي بجلي ۽ گئس جون سهولتون مليل آهن. ڪنهن زماني ۾ هت واڻيا وڏي تعداد ۾ رهندا هئا. مُکي گوڪلداس جو نالو ٻڌجي ٿو. هي ڳوٺ ديھ موريا فقير ۽ يوسي سعدو ديرو ۾ واقع آهي. نئون ديري کان ڇھ ڪلو ميٽر پري اولھ طرف نئون ديرو- لاڙڪاڻو روڊ سان آهي. هتي هڪ بزرگ محمد صادق جي مزار پڻ آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪنيارڪو ڪم سٺو ٿئي ٿو. سرائي ڇُٽو، ڳوٺ جي معزز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخصيت ٿي گذريو آهي. هن وقت حسين بخش ميتلو ڳوٺ جو چڱو مڙس آهي.

## الهندو جيهو:

ٺٽون ديري واري علائقي ۾ سيني کان وڏيڪ ڳوٺ جيهَن جا آهن. الهندو جيهو هن تر جو وڏو ۽ قديم ڳوٺ آهي. هي جيهن جو مرڪزي ڳوٺ آهي. جنهن کي محمد اسحاق جيهي، پنهنجي پياري پٽ "الهندو خان" جي نالي تي ٻڌايو. هينئر هت الهندي خان، مينهل خان ۽ ڪرم علي جيهي جو اولاد رهي ٿو. هي ٽئي ڀائر هئا، جيڪي تعلقي ڳڙهي ياسين مان لڏي اچي هت وينا. هي ڳوٺ اڍائي ٽي صديون جُهونو آهي. هن وقت منجهس ٽي هزار کن ماڻهو رهن ٿا، ۽ گهرن جو تعداد ٽن سَون کان مٿي آهي. ٺٽون ديري کان ستن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي آباد هي وڏو ڳوٺ، ديهه شريف ابڙو ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ آهي. سڀ ڳوٺاڻا خوشحال ۽ مالوند آهن. هي ڳوٺ ٽماٽن جي پيداوار ۾ مشهور آهي. هت هڪ اسڪول ١٩٥٥ع کان قائم آهي. ڳوٺ ۾ چار مسجدون ۽ صوفي ٻگن شاهه جو اوتارو به آهي. هڪ مدرسو پڻ قائم آهي، جتي قرآن جي تعليم ڏني وڃي ٿي. فتح محمد، محمد صفر ۽ عبدالله علائقي جا مشهور ڳائڻا آهن. هتان جا ڪيترائي نوجوان فوج ۾ ۽ مختلف شعبن ۾ نوڪريون ڪن ٿا. هت هڪ بزرگ عورت مائي نورڻ جي مزار پڻ آهي.

## باغ علي گوپانگ:

هي ڳوٺ، پُراڻي گهاڙ واهه جي هڪ شاخ "گهاڙي واهه" تي آباد آهي، جيڪو تقريباً اڍائي صديون جُهونو آهي. هن ڳوٺ کي "سميجا ڳوٺ" به چيو ويندو آهي. هي ڳوٺ، باغ علي گوپانگ نالي هڪ پير مرد جو ٻڌايل آهي. بعد ۾ سميجن جو هڪ نيڪ مرد مُلان صالح خيرپور رياست مان ميرن جي چيڙ کان تنگ ٿي اچي هت وينو ۽ زمينون هٿ ڪيائين. هن وقت هتي گوپانگ، سميجا، سيد ۽ موچي رهن ٿا. سميجن جو مُرشد شاهه جي ڳوٺ (ٺٽون ديرو) وارو حڪيم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀُورل شاهه راشدي هيو.

ڏيڍ سؤ گهرن تي مشتمل هي ڳوٺ ديهه ۽ يونين ڪائونسل سعدو ديرو ۾ واقع آهي. هتي هڪ پرائمري اسڪول ۽ چار مسجدون آهن. اڪثر ڳوٺاڻا پنهنجون ٻنيون آباد ڪندا آهن. ڪجهه ڏنڌن سان به وابسته آهن. ٺٽون ديري شهر جو مشهور درزي مصري خان سميجو هتان جو واسي آهي. هي ڳوٺ چانورن جي پيداوار ۾ پڻ مشهور آهي. بهادر سميجو نالي هڪ شخص ڪُوهه ڪوٽڻ ۽ ڪوڏر هلائڻ ۾ گهڻي شهرت رکندڙ هو ۽ انهيءَ ڪم ۾ ڪيس بيشمار پئسا به مليا. ڳوٺاڻن جي پاڻ ۾ ٻَڌي، ايڪو ۽ الفت به آهي. جنهن ڪري ڌاڙيل يا چور هيڏانهن اچڻ کان لنوائيندا آهن.

## سُهراب ماڇي:

هي ڳوٺ ٺٽون ديري کان ست ڪلو ميٽر پري، ديهه ۽ يونين ڪائونسل سعدو ديرو ۾ آباد آهي. سهراب خان ماڇي نالي هڪ نيڪ مرد هن ڳوٺ جو باني ڪار آهي. شروع کان ئي هن ڳوٺ ۾ ماڇين جون چار پنج پيڙهيون رهندڙ آهن، جيڪي هاڻي پاڻ کي سولنگي سڏائين ٿا. وڻج واپار جي لحاظ کان هي ڳوٺ اهم آهي. هت چانورن جو هڪ سيلر به آهي. سارين ڪٽڪ ۽ چڻن جو فصل تمام سٺو ٿئي ٿو، ۽ انهن جنسن جو ٻج به هتي سٺو ملندو آهي.

هتان جا ڳوٺاڻا چاليهه سيڪڙو پڙهيل آهن، باقي پنهنجا ٻنيون ٻارا سنڀالين ٿا. ڳوٺ ۾ ٻه مسجدون ۽ چار امام بارگاهه آهن. هت ماڇي (سولنگي)، سيد، زنگيجا ۽ پٺافي ذاتين جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺ کي بجلي ۽ گئس جون سهولتون به مليل آهن. ٻارڙن جي تعليم لاءِ هڪ پرائمري اسڪول پڻ قائم آهي. ممتاز علي سولنگي ڳوٺ جي چڱ مڙسي سنڀالي ٿو. سرائي بهرام خان سولنگي به هن ڳوٺ جو رهواسي هو، جيڪو سنڌ جي سائين جي. ايم سيد جو پوئلڳ ۽ سنڌس حلقي جو ماڻهو هو. ان کان علاوه سُگهڙ مومن علي سولنگي ۽ شاعر مير حسن زنگيجو جا نالا ٻڌجن ٿا. هت ٻن بزرگن ميان عمر ۽ حاجي فقير جون آخري آرامگاهون به آهن. هي ڳوٺ عزاداريءَ ۾ شهرت رکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو. هت مُلڪ جا ناميارا عالمر ۽ ذاڪر مجلسون پڙهي ويا آهن. رياض حسين، علامہ طالب جوهري، پروفيسر عبدالحڪيمر بوترابي، علامہ نسيمر عباس رضوي سميت ٻيا برک عالمر هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ خطاب ڪري چڪا آهن.

## گهنور ٻڙتي:

گهاڙ واهہ جي ساڄي ڪپ تي، زيتونن جي باغن ۾ آباد، هي ڳوٺ گهنور خان ٻڙتيءَ جو ٻڌايل آهي، جيڪو پنجاب مان آيو هو. هي ڳوٺ اڍائي ٽي سوَ سال جُهونو آهي. گهنور خان، پنهنجي ٻنين جي آباديءَ لاءِ گهاڙ واهہ مان هڪ ننڍو واهہ بہ ڪڍايو هو، جيڪو "گهنور واهہ" جي نالي سان مشهور آهي. هت ٻڙتي وڏي تعداد ۾ رهندا هيا. پر گهڻا هتان لڏي، ميل، ٻوسڻ (رتوديرو) ۽ ڪُنب شهر طرف وڃي ويٺا. هن وقت ٽيهارو کن گهر ٻڙتي قبيلي جا آهن. ٻين ذاتين ۾ سيد، چنا، کوکر، گوپانگ، ۽ بروهي شامل آهن. ڳوٺ ۾ سرائڪي ڪثرت سان ڳالهائي وڃي ٿي. ڪنهن دور ۾ هندو بہ گهڻائيءَ ۾ آباد هيا.

ڳوٺ ۾ ٻہ مسجدون ۽ هڪ پرائمري اسڪول ١٩٥٥ع کان قائمر آهي. ڳوناڻا پنهنجون زمينون ۽ باغ سنڀالن ٿا. هي ڳوٺ زيتونن جي پيدوار ۾ تمامر گهڻو مشهور آهي. سڄو ڳوٺ زيتونن جي باغن ۾ وڪوڙيل آهي. تنهنڪري ڏسڻ ۾ گهڻو ائيندو آهي. بجليءَ کان سواءِ ٻيون ڪي بہ بنيادي سهولتون هن ڳوٺ کي مليل نہ آهن. هي ڳوٺ نئون ديري کان پنج ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آباد آهي. ڳوٺ جي لڳ هڪ بزرگ سليمان فقير موريو جي مزار آهي، ڳوٺ جا امير علي شاهہ ۽ ڏتل شاهہ بزرگيءَ ۾ مشهور هيا. مرحومر جمال الدين ٻڙتي ۽ ٻلاول معزز ماڻهو هيا. هن وقت ارباب علي ٻڙتي ڳوٺ جو چڱو مڙس آهي. سڄڻ استادن ۾ شمار ٿيندڙ خادمر حسين گوپانگ جو تعلق بہ هن ڳوٺ سان آهي.

## راضي خان پتافي:

هي ڳوٺ، راضي خان پتافي نالي هڪ نيڪ مرد جو ٻڌايل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٽڪل ڏيڍ- ٻه سوَ سال پراڻي هن ڳوٺ ۾، پتافي ۽ جاگيراڻي ويٺل آهن. چاليهارو ڪن گهرن وارو هي ڳوٺ ديهه يارو پتافي ۾ واقع آهي. ٺٽون ديري کان ڇهن ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آباد هن ڳوٺ ۾ هڪ اسڪول، مسجد ۽ هڪ بزرگ يعقوب شاهه جي مزار به آهي.

## چانديو خان پتافي:

هي ڳوٺ، عالم خان پتافي جو ٻڌايل آهي، جيڪو ياڳناڙي بلوچستان کان لڏي آيو هو. هي به ضديون پراڻو ڳوٺ آهي. هن جو اڳاڻو نالو شير محمد پتافي آهي. هي "ڳوٺ "زمان شاهه پتافي"جي نالي سان به مشهور آهي. هت سوَ کن گهر آهن. جن ۾. پتافي، چانديا، سيد ۽ ڪُڙيا ويٺل آهن. هي ڳوٺ ميرواهه جي نزديڪ آهي. ڳوٺاڻا پنهنجون ٻنيون کيڙين ۽ ڪاڻين ٿا. هي ڳوٺ بصر ۽ مڇيءَ جي پيداوار ۾ سڄي ضلعي ۾ مشهور آهي. هت ٻه مسجدون، هڪ امام بار گاهه ۽ اسڪول پڻ آهي. ڳوٺ کي بجلي، گئس ۽ روڊ جون سهولتون مليل آهن. ڳوٺ ۾ شير محمد خان پتافيءَ جو مقبرو به آهي. جنهن جو قبو ڊهي ويو آهي. فقط ديوارون بيٺل آهن. ٺٽون ديري کان ست ڪلو ميٽر اولهه ۾، واقع هي ڳوٺ ديهه يارو پتافي ۾ آباد آهي.

## واهڻ ممتاز علي خان پٽو:

هت ممتاز علي پُٽي جون زمينون آهن. انهن زمينن تي چاليهارو کن گهرن جو هڪ ڳوٺ آباد آهي، جنهن ۾ سڀ پٽا رهن ٿا ۽ هاري کن ٿا. پنجويهه سال کن پراڻي هن ڳوٺ ۾ اسڪول، مسجد ۽ امام بارگاهه پڻ آهي. هي ڳوٺ ديهه دودا خان ۾ واقع آهي. ٺٽون ديري کان اولهه طرف، نوَ ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي آهي.

## گُلشير خان گوپانگ:

هي ڳوٺ، سٺ- ستر سال اڳ گلشيرخان گوپانگ. ڪيهرن جي زمينن ۾ آباد ڪيو. هن ڳوٺ کي سانول گوپانگ ۽ واهڻ ڪيهر به سڏيو ويندو آهي. هت پنجاهه کن گهر گوپانگن جا آهن ڳوٺ ۾ بجلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وغيره آهي. هت مسجد ۽ اسڪول به آهي. نئون ديري جي اولهه طرف هي ڳوٺ ديهه خدا بخش پٽو ۽ يونين ڪائونسل سعدو ديرو ۾ واقع آهي.

## جُوانڻ خان پٽو:

ويهه پنجويهه گهرن تي مشتمل هي ڳوٺ, اٽڪل ٽيهه سال پراڻو آهي. هن ڳوٺ جو آباد ڪندڙ جوانڻ خان پٽو آهي. هي ڳوٺ ديهه خدا بخش ۽ يونين ڪائونسل سعدو ديرو ۾ آهي. هت هڪ مسجد ۽ هڪ اسڪول به آهي. نئون ديري جي اولهه طرف, اڌ ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي آباد, هن ڳوٺ جا ماڻهو هاريو ڪندا آهن.

## وانڍ خدا بخش پٽو:

هي ڳوٺ, پراڻن ڳوٺن ۾ شمار ٿئي ٿو. هتان جا بنيادي وينل ماڻهو لڏي ويا. انهن جي جاءِ تي نوان ماڻهو لڏي اچي وينا آهن. هت سڀ پٽا وينل آهن جيڪي ڳڙهيءَ جي پُٽن جون زمينون آباد ڪندا آهن. ويهارو ڪن گهرن تي مشتمل هي ڳوٺ, نئون ديري کان اولهه طرف اڌ ڪلو ميٽر پري ديهه خدا بخش ۽ يو. سي سعدو ديرو ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ کي "پُٽن جي وانڍ" به چوندا آهن.

## وانڍ مزار خان چانڊيو:

ڏهاڪو ڪن گهرن تي پٽل هي ننڍڙو ڳوٺڙو آهي هن کي "چانڊين جا گهر" ۽ "چانڊين جي وانڍ" به سڏين ٿا. هت سڀ چانڊيا وينا آهن ۽ سيئي پنهنجون زمينون آباد ڪندا آهن. هي ڳوٺ نئون ديري جي اولهه ۾ ڪُبڙي ڳوٺ جي ويجهو آهي. ديهه ڪُبڙو ۽ يونين ڪائونسل سعدو ديرو ۾ آباد هي ڳوٺ, ڪو گهڻو پراڻو نه آهي.

## بالاڻي ٽڳڙ:

هي ڳوٺ اصل ۾ ٽڳڙ ڳوٺ جو حصو آهي, پردادو ڪئنال جي نڪرڻ سبب هي ڳوٺ جدا ٿي ويو. هت سڀ ٽڳڙ رهن ٿا. جي بالڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺڳڙ جو اولاد هُجڻ سبب "بالائي ٺڳڙ" سڏائين ٿا. چاليھ کن گهرن وارو هي ڳوٺ زيتونن ۽ گُلن جي باغن جي وچ ۾ آهي.
هي ڳوٺ دادو ڪئنال جي ساڄي ڪناري تي آهي. هن ڳوٺ کي "تاج محمد ٺڳڙ" جي نالي سان به سڏجي ٿو. هت هڪ اسڪول ۽ مسجد به آهي. ڳوٺ کي بجلي پڻ مليل آهي ٺٽون ديرو- لاڙڪاڻو روڊ سان گولي مار اسٽاپ کان سڏ پنڌ تي واقع آهي. گولي مار اسٽاپ تي، ٺٽون ديري جي شخصيت قلندرو پُنّي (قلندر بخش پنّو) کي گوليون هڻي زخمي ڪيو ويو. هڪ گولي فون واري ٿنڀي ۾ لڳي، جنهن ۾ ٽُنگ ٿي پيو هو. انهيءَ ڪري "گولي مار" اسٽاپ سڏجي ٿو.

**بچل جوٽيجو:**
هي ڳوٺ ٺٽون ديري کان ڇھ ڪلو ميٽر پري، اولھ طرف ديھ ڪُبڙو ۽ يونين ڪائونسل سعدو ديرو ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ جو آباد ڪندڙ محمد بچل جوٽيجو آهي، جنهن اٽڪل اڍائي صديون اڳ هت اچي ڳوٺ وسايو. هن وقت هت پنجاهي کن گهر جوٽيجن جا ويٺل آهن. هتي ميان آدم شاھ ڪلهوڙي جو تڪيو به آهي. چوَن ٿا ته هت ميان آدم شاھ اچي ترسيو هو. سندس پوئلڳن هن بزرگ جو تڪيو قائم ڪري ڇڏيو آهي. هن ڳوٺ جي ويجهڙو، ڳوٺ ڪُبڙي ۾ ڪلهوڙن جي ٺهرايل مسجد جا نشان به آهن. هنن پنهي يادگارن جو پسمنظر ٻڌائي ٿو ته. هت ڪلهوڙن جي آمد ٿيندي رهي آهي. انهيءَ لحاظ کان ڏسجي ته هن ڳوٺ جي قدامت چئن صدين تائين پهچي ٿي. ممڪن آهي ته هت اڳ ۾ ڪا وسندي هئي.
ميان آدم شاھ ڪلهوڙو وڏو بزرگ، ۽ خدا ترس هو. سندس مريدن جو حلقو نهايت وسيع هو. هو ڪلهوڙن جي جدوجهد جو پهريون سرواڻ به هيو . زندگيءَ جو وڏو عرصو چانڊڪي پرڳڻي ۾ رهيو. سندس مزار سکر ۾ (آدم شاھ جي ٽڪري تي) آهي. هُو ١٥٢٠ع ڌاري ڄائو ۽ ١٦٠٠ع ۾ شهيد ٿيو.
هتان جا ڳوٺاڻا اڪثر هارپو ڪن ٿا. هت هڪ اسڪول، به مسجدون ۽ ہڪ امام بارگاھ به آهن. صوف فقير هتان جو ڳائڻو آهي. ڳوٺ جو مُهندار محمد رفيق جوٽيجو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪوريجا:

ڪوريجا قبيلي جا ماڻهو مختلف هنڌن تي آباد هيا، ڪين شاديءَ غميءَ ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ اچڻ وڃڻ ۾ تڪليف ٿيندي هئي، تنهنڪري پاڻ ۾ صلاح ڪري ١٨٨٠ع ڌاري اچي هي ڳوٺ ٻڌي ويٺا. سنڌن ذات جي ڪري ئي هن ڳوٺ تي "ڪوريجا" نالو پئجي ويو.

هي ڳوٺ ديهه ۽ يونين ڪائونسل سعدو ديرو ۾ واقع آهي ۽ يونين ڪائونسل جو هيڊ ڪوارٽر پڻ هت آهي. ڳوٺ جي آبادي ٽي هزار ڪن آهي، جنهن ۾ اڪثريت ڪوريجن جي آهي. ٻين ذاتين ۾ سومرا، چنا ۽ ويسر شامل آهن. اڪثر ڳوٺاڻا زراعت سان وابسته آهن، تعليم يافته طبقي جي گهڻائي، تعليم کاتي سان وابسته آهي.

ڳوٺ ٽن پاڙن تي مشتمل آهي، ۽ هر هڪ پاڙي جو چڱو مڙس ٻه پنهنجو آهي. ڳوٺ جي چڱن مڙسن ۾ علي حيدر خان ڪوريجو ۽ سدورو خان ڪوريجو ناليوارا ٿي گذريا آهن.

هن وقت ڳوٺ جي سڃاڻپ حافظن ۽ استادن جي حوالي سان وڌيڪ آهي. هت ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ ٻه پرائمري اسڪول آهن ڳوٺ ڪي برانچ پوسٽ آفيس، بجلي، گئس، ۽ فون جون سهولتيون مليل آهن. ڳوٺ جي ڀلائيءَ خاطر ٻه سماجي تنظيمون، "محمدي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن" ۽ "ڳوٺ سڌار سنگت ايسوسيئيشن" قائم آهن.

ڳوٺ ۾ ديني تعليم جو رجحان وڌيڪ آهي. هت ٻه مدرسا به آهن. هتان جي جهونن استادن ۾، حضور بخش ڪوريجو، غلام مصطفيٰ ڪوريجو، محمد مٺل ڪوريجو، خان محمد ڪوريجو، غلام سرور ڪوريجو ۽ ٻيا شامل آهن. نوجوان ليکڪ اقبال احمد ڪوريجو هن ڳوٺ سان تعلق رکي ٿو.

## حُسين پٽو:

هن ڳوٺ کي "ڏُبائي پٽا" به چيو وڃي ٿو. هي ڳوٺ حُسين پٽو نالي هڪ پير مرد ٻڌايو هو. چون ٿا ته هي ڳوٺ ڪلهوڙن جي حڪمرانيءَ ۾ آباد ٿيو. اڳ هت هيٺاهين هجڻ ڪري چوڌاري پاڻيءَ جا ڏُبا ٿي پوندا هئا، تنهن ڪري هن ڳوٺ کي "ڏُبائي پٽا" سڏجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو. هت سڀ گهر پُٽن جا آهن.

هت احمد خان پُٽي جو شڪارگاهه به هوندو هيو، جتي صدر ايوب خان، اسڪندر مرزا، ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ٻيون اهم شخصيتون پکين جو شڪار ڪري چڪيون آهن. هي ڳوٺ ديهه خانواهه ۽ يونين ڪائونسل پير بخش ڀٽو ۾ واقع آهي. ڪڏهن ته هي وڏي آباديءَ وارو ڳوٺ هوندو هو. پر سهولتون نه هجڻ ڪري هتان تمام گهڻا ماڻهو لڏي ويا آهن. هن وقت ويهارو کن گهر وسندڙ آهن. ماڻهن جي اڪثريت تعليم يافته طبقي جي، ۽ ملازم پيشه آهي. ڳوٺ ۾ بجلي به آهي، هڪ پرائمري اسڪول ۽ هڪ مسجد پڻ آهي. هي ڳوٺ ننون ديرو- رتو ديرو روڊ جي لڳ ننون ديري کان اٽڪل ڇهه ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي آباد آهي. نوجوان ليکڪ شبير ناز ڀٽو ۽ شاد محمود ڀٽو پڻ هن ڳوٺ سان تعلق رکن ٿا.

### ٻُوٽ خروس:

هي ڳوٺ، ننون ديري شهر کان ٻارهن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي اوڀر- اتر طرف، ديهه داراپور ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ جو باني‌ڪار ٻُوٽ خروس نالي هڪ پير مرد آهي. ٻُوٽ خروس هن علائقي جي مشهور شخصيت هيو. علي محمد راشديءَ، سنڌس تفصيلي ذڪر پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" (جلد پهريون) ۾ ڪيو آهي. هُو لکي ٿو ته، "ٻُوٽ خروس جي وانڍ منهنجي ڳوٺ کان ميل ڏيڍ پنڌ تي هوندي هئي. پنهنجي وانڍ تي سواءِ ذاتياڻي ٻروچن جي ٻئي کي ويهڻ ڪونه ڏيندو هو."

راشدي صاحب اڃا به وڌيڪ لکيو آهي ته،

"ٻُوٽ خروس پنهنجي ڪتنب اندر، "مُهاندو مڙس" ليکيو ويندو هو. مون کيس سنڌس پڇاڙيءَ واري زماني ۾ ڏٺو. اسي کن ورهين جي ڄمار کي پهچي چُڪو هو. سنهو، قداور، ڏاڙهي ڏُن کان به هيٺ پوندي هُيس. اکيون هميشه ڳاڙهيون هونديون هيس. چوندا هئا ته پنگ ڪثرت سان پيئندو هو. گهوڙي جي سواري ڪندو هو. ٻروچن جي دستور موجب، ڪپڙا فقط سفيد پهريندو هو، نه رنگين، نه ڪومان. سنڌس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضد ۾ سختدليءَ جون ڪهاڻيون ڏاڍيون مشهور هونديون هيون.“

اٽڪل ڏيڍ صدي پراڻي هن ڳوٺ ۾ پنجاهه ڪن گهر آهن، جي سڀ خروسن جا آهن. هت بزرگ ابراهيم شاهه رحه جو مقبرو پڻ آهي. جتي رجب مهيني ۾ ميلو به لڳندو آهي. روايت آهي ته، هن بزرگ چورن جون هڪ سؤ مينهون ڪُونڌي هيٺان لڪائي ڇڏيون هيون.

## لباٽا:

پنجو ديري ڳوٺ جي پنيان اتر ۾، چاليهارو ڪن گهرن تي ٻڌل هڪ ننڍڙو ڳوٺ لباٽن جو آهي، جيڪي ليٽ ’لباٽڪي‘ ٻولي ڳالهائيندا آهن. گڏهن تي مِٽي ۽ سِرون ڍوئڻ سندس ڪِرت آهي. هي ڪم ۾ پڙ ۾ ڪوڏاريا آهن.

## نظر ڏيٿو:

هي ڳوٺ تعلقي رتيديري جي ڏنگ تي واقع آهي، جتان پوءِ شڪارپور ضلعي جي حد شروع ٿئي ٿي. لڳ ڀڳ ڏيڍ سؤ سال اڳ، نظر محمد ڏيٿي نالي هڪ شخص هِن جُوءِ ۾ اچي ديرو دمايو، ۽ پنهنجي نالي سان ڳوٺ آباد ڪري ويٺو. هن ڳوٺ جي آباد ٿيڻ جو اهم سبب اهو به آهي جو، ڳوٺ جي ٻاهران ”لطيف جو لوڙهو“ نالي هڪ اوتارو به آهي. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، جڏهن چاليهه سالن جي عمر ۾، سنڌ ۾ پنهنجن پيارن فقيرن وٽ وڃڻ ۽ سنڌ يونيورسٽي ڪرڻ لاءِ نڪتل هو، تڏهن هُو روهڙي، سکر، ترائي (لڳ مديجي) مان ٿيندو هت آيو هو. انهيءَ مناسبت سان اڄ تائين لطيف جا فقير هت اچن ٿا ۽ راڳ ويراڳ ڪن ٿا. معلوم ٿئي ٿو ته، هيءُ هڪ قديم ماڳ آهي، جتي عبادت ۽ رياضت ٿيندي هئي.

ڳوٺ نظر ڏيٿو جي آبادي چار سؤ کان وڌيڪ آهي، ۽ گهرن جو تعداد پنجاهه ڪن آهي. هي ڳوٺ يونين ڪائونسل بهمڻ ۾ آهي. اڪثر ڳوٺاڻا پنهنجون زمينون آباد ڪن ٿا. نوجوان طبقو تعليم يافته آهي. هت هڪ پرائمري اسڪول ١٩٥٦ع کان قائم آهي. ڳوٺ ۾ به مسجدون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هت هڪ اسڪول، مسجد ۽ بجلي به آهي. ٽماٽن جي پيداوار ۾ هي مشهور ڳوٺ آهي. هتان جا ماڻهو هاريو ڪن ٿا، ۽ ڪجھ نوڪريون به ڪن ٿا.

## بچل خان گوپانگ:

هي ڳوٺ، سعدو ديري جي پرسان واقع آهي، جيڪو ٽالپرن جي دور ۾ آباد ٿيو. ڳوٺ جو بانيڪار حمزو خان گوپانگ آهي. بعد ۾ رڪارڊ تي هن ڳوٺ جو نالو "بچل خان گوپانگ" لکرايو ويو ۽ هاڻي انهيءَ نالي سان سڏجي ٿو. هت فقط گوپانگ رهن ٿا. چاليھ ڪن گھرن واري هن ڳوٺ ۾ به مسجدون ۽ به امام بارگاھ آهن. ڳوٺ کي بجلي مليل آهي. ڳوٺاڻا هاريو ڪن ٿا ۽ ڪجھ ملازمت ۾ آهن. مغل خان گوپانگ ۽ حاجي محمد شفيع ڳوٺ جا نيڪ مرد آهن. هي ڳوٺ ديھ ۽ يونين ڪائونسل سعدو ديرو ۾ واقع آهي.

## ٻاجهي خان گوپانگ:

هي ڳوٺ به گوپانگن جو آهي، جيڪو ٻاجهي خان گوپانگ جو ٻڌايل آهي. هي به ڏيڍ به سوَ سال پراڻو ڳوٺ آهي، جنهن ۾ سوَ کان مٿي گھر آهن. هتان جا ماڻهو اڪثر پنهنجون پنيون آباد ڪن ٿا. هي ڳوٺ ديھ ۽ يو. سي سعدو ديرو ۾ واقع آهي. هت هڪ اسڪول ۽ هڪ مسجد آهي. ڳوٺ کي بجلي به مليل آهي.

## جيوڻ شاھ:

هي ڳوٺ نئون ديري کان ڏھ ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي رتو ديرو روڊ سان خانواھ ڳوٺ جي پرسان آهي. هت ٽيهارو ڪن گھر چانڊين جا وسيل آهن جيڪي مالوَند ۽ خوشحال آهن. ڳوٺ ديھ وَسند جيهو ۽ يونين ڪائونسل پير بخش ڀٽو ۾ واقع آهي. ڳوٺ کي بجلي، روڊ ۽ اسڪول به مليل آهن.

هن ڳوٺ جي پرسان "جيوڻ شاھ" جي نالي سان هڪ وڏو تاريخي قبرستان آهي. جنهن ۾ وقت جا ناميارا سورهيه، بهادر ۽ اهم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٿهو دفن آهن. هي شاهي قبرستان ڪلهوڙا دؤر جو يادگار آهي، جيڪو جنگاهه معلوم ٿئي ٿو. هن جي نزديڪ ئي قنڌاري سڙڪ به آهي، جنهن سان ڪيترائي حملي آور ۽ واپاري ايندا هئا. انهيءَ قبرستان جي نسبت سان هن ڳوٺ کي ”جيوڻ شاهه“ سڏجي ٿو.

هن قبرستان ۾ ڪيترائي عاليشان مقبرا هيا، ۽ پنجاهه سڻ قبرون چوڪنڊيءَ جي طرز جون ٺهيل هيون، هنيئر انهن جا نشان ڏسجن ٿا. جيوڻ شاهه جنجهڻ هيو ۽ ڪلهوڙا دؤر جي عظيم سپهه سالار شاهه بهاري جو مائٽ پڌايو وڃي ٿو. جيوڻ شاهه ۽ ميرڻ شاهه ٻئي وڏا سورهيه ۽ سرويچ هيا. انهن جي مزارن تي خوبصورت مقبرا ٺهيل هئا. ان کان علاوه ٻلهڙو، قادو ڏاماهه ۽ ٻين بهادرن جون قبرون پڻ آهن. حقيقت ۾ هن وسيع ۽ تاريخي قبرستان تي تحقيق جي سخت ضرورت آهي، جنهن سان تاريخ جا نوان گوشا نروار ٿيندا.

ميرڻ شاهه لاءِ ڪيتريون ئي روايتون مشهور آهن. هُو ميان دين محمد ڪلهوڙي جو خاص ساٿي هو. ڪنهن لڙائيءَ کان اڳ ۾ هُو پنهنجا ٻار ٻچا ڪُهي وڃي جنگ جي ميدان ۾ لٿو ۽ وڏي بهادريءَ سان وڙهيو ۽ بعد ۾ پاڻ به مارجي ويو. انهيءَ تان اها چوٽي مشهور ٿي ته،

”مُني ميرڻ شاهه، چِٽنگ نه بچائي چُلهه ۾.“

## ڄَنبُ جيهو:

هي ڳوٺ به جيهن جو آباد ڪيل آهي. جيها پاڻ کي ”آبڙ“ ۾ شمار ڪن ٿا، ۽ ابڙو سڏائين ٿا. همت علي خان ڪماريو کي پنهنجو سردار مڃين ٿا. جيهن جي رهڻي ڪهڻي منفرد آهي. انهن جو سماج پڻ پنهنجي روايتن جي پاسداري ڪري ٿو.

هن ڳوٺ جا آباد ڪار ڪرم ۽ رحم نالي ٻه فرد آهن، جيڪي اٽڪل مُني صدي اڳ ڳوٺ ”الهندو جيهو“ مان لڏي آيا. هت هيٺاهين هجڻ سبب پاڻي جمع ٿي ويندو آهي، تنهن ڪري ”ڄَنبُ“ سڏجي ٿو. ڄَنبُ معنيٰ ڍورو، هيٺاهين يا تلاءُ آهي. اهو ئي سبب آهي جو، هي ڳوٺ ڄَنبُ جيهو، جي نالي سان مشهور آهي.

هي ڳوٺ وارهه برانچ مان نڪرندڙ وَسند شاخ جي ڪاٻي ڪپ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آباد آهي. ڳوٺ جي آبادي هزار کن ماڻهن تي مشتمل آهي ۽ گهرن جو تعداد سوَ کان مٿي آهي. هي ڳوٺ ديھ "پنجو ڪنارو" ۽ يو. سي پير بخش پنو ۾ شامل آهي. هت وڪري تمام گهٽي ٿئي ٿي. خاص ڪري ٽماٽن، بصرن ۽ مرچن جا فصل سٺا ٿين ٿا. ڳوٺاڻا اڪثر پنهنجون زمينون آباد ڪن ٿا. هتان جا گهڻا ماڻهو وڏن شهرن ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ ڪمائيندا آهن. دبئي جي ميوزيم ۾ هتان جي هڪ ڪاريگر جو عاليشان ڪم ڪيل آهي.

۳۵-۱۹۳۰ع تائين هت ٽڪسال به هوندا هيا جتي نقلي سَڪا ٺاهيا ويندا هئا. اهي سَڪا دهليءَ تائين ڪپايا ويندا هئا.

هت هڪ پرائمري اسڪول ۽ هڪ مسجد به آهي. ان کان علاوه بجلي، فون ۽ روڊ جون سهولتون به ميسر آهن. هت پولٽري فارم ۽ مڇيءَ جا تلاءَ به آهن. نئون ديري جي سياسي شخصيت ايڊوڪيٽ غلام رسول ابڙو هن ڳوٺ سان تعلق رکي ٿو. پاڻ عوامي تحريڪ ۽ سگا جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهي چڪو آهي. نيئن تهيءَ جو ليڪ برڪت جيهو پڻ هن ڳوٺ جي پيداوار آهي. سُگهڙائپ ۾، سُگهڙ شاهه ڏنو جيهو ۽ فقير خدا بخش جيهو جا نالا ملن ٿا. عبدالغني جيهو جنڊيءَ جو ڪاريگر، عبدالرشيد جيهو بندوق ساز ۽ هر فن مولا حاجي عبدالحميد به مشهور رهيا آهن.

نئون ديري جي مشهور "امجد بيڪري" جو مالڪ غوث بخش جيهو هتان جو واسي آهي. "امجد بيڪري"پنهنجي معيار سبب دبئي تائين شهرت رکي ٿي. محترما بينظير پنو هن بيڪريءَ جا بسڪيٽ پسند ڪندي آهي- هت جعفر شاهه ۽ مُوسن شاهه بزرگن جون زيارتگاهون پڻ آهن.

### سالار پنو:

ديھ سالار جانوريءَ ۾ به سوَ سال کن اڳ، سالار جانوري نالي هڪ شخص پنهنجي نالي سان هي ڳوٺ آباد ڪري وينو. بعد ۾ هت پنا گهٽائي ۾ رهيا، جنهنڪري سالار پنو سڏجي ٿو. هت هندو به وڏي تعداد ۾ رهندا هئا. ڪنهن دور ۾ هي ايڪانت ۽ گيان ڌيان واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاءِ هيو، جتي ٻنائيءَ جا پوٽلگ به ايندا هيا ۽ ماڻهن کي فيض ڏيندا هئا. سالار ۾ تصوف جو وڏو مرڪز هيو، هندستان مان ڳائڻ جون ٽوليون اينديون هيون. اُتم فقير (عورت) ڳائڻي مشهور هئي. هتي صوفين جا وڏا ميڙاڪا ٿيندا هئا، جتي جنس جو تفرق مِٽيل هو.

هي ڳوٺ وارهه برانچ جي ساڄي ڪناري تي ٻَڌَل آهي. جنهن ۾ ڏيڍ سو گهر آهن، ۽ آبادي ٻن هزارن جي لڳ ڀڳ اٿس. هت رسول بخش خان ٻُٽي جو ڪوٽ به ٺهرايل هو، جنهن ۾ سندس گهوڙا وغيره رهندا هئا. ڳوٺ جي زميندار ميرپور جا ٻٽا سنپالن ٿا. ڳوٺ ۾ سيد، ٻٽا. منگي، سومرا، ڪنيرِ، ڪانڌڙا ۽ ٻٽي ذاتيون رهندڙ آهن.

يونين ڪائونسل ٻهمڻ جي هن اهم ڳوٺ ۾ ٻه مسجدون ۽ هڪ امام بارگاهه آهي. هڪ پرائمري اسڪول ١٩٠٣ع کان قائم آهي. هت ايريگيشن جا بنگلا ١٩٢٨ع جا ٺهيل موجود آهن، جتي سڄي ڏاڪ لهندي هئي. وڏن آفيسرن کان علاوه ڪماني به اچي لهندو هو. حقيقت ۾ هي بنگلا سٺي تفريح گاهه هوندا هئا بنگلي سان گڏ سرونٽ ڪواٽر به ٺهيل آهي، ۽ انهن سان لڳ پاڻيءَ جي هڪ ننڍڙي خوبصورت ٽانڪي به جڙيل آهي. ڳوٺ جي پرسان وارهه برانچ تي موجود ريگيوليٽر، پڪنڪ پوائنٽ هوندي هئي. جتي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ٻيا پڪنڪ ملهائڻ ايندا هئا.

هن ڳوٺ کي مختلف لنڪ روڊن سان ملايو ويو آهي. هن وقت هي ڳوٺ ٽماٽن جي پيداوار جو تمام وڏو مرڪز بڻيل آهي. اڪثر ڳوٺاڻا پنهنجون ٻنيون آباد ڪن ٿا. ڳوٺ کي فون ۽ بجلي جون سهولتون حاصل آهن. هت هڪ آرا مشين ۽ چڙائي پيسائيءَ جي مشين به آهي. سيد ٻُڍل شاهه ۽ ميرل فقير ٻَٽيءَ جون مزارون زيارتگاهه بڻيل آهن. هتان جا ٻه بورچي يعقوب منگي ۽ صالح منگي تمام گهڻو مشهور هوندا هيا. ٻُٽا ۽ ڪماريا ڪين عزت جي نگاهن سان ڏسندا هئا. آدو فقير، مغل فقير، ابراهيم فقير ۽ علي محمد سنا ڳائڻا ٿي گذريا آهن. هتان جو هڪ هندو دانو مل ۽ سندس ڪٽايل ڪوهه مشهور آهن. خوبصورت ڳوٺن ۾ شمار ٿيندڙ هي ڳوٺ، ٽٽون ديري کان اٺ ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## درگاھ سيد فتح محمد شاھ:

هي ڳوٺ سيد فتح محمد شاھ جي آخري آرام گاھ هجڻ ڪري مشهور آهي. هت ڏهاڪو کن گهر کوري فقيرن جا وسندڙ آهن. فتح شاھ جو هر سال ميلو به لڳندو آهي.

## کورائي:

هت اڳ ۾ پير منڊن جو تڪيو هوندو هو. بعد ۾ ڏوڪريءَ جي پاسي کان کورائي لڏي اچي هت ويٺا. هي ڳوٺڙو رائيس ڪئنال جي ڪَڙ تي آباد آهي. هت کورائي ۽ ناريجا وسندڙ آهن. ڳوٺاڻا ڪرمت ڪندا آهن.

## شيران پور:

هي ڳوٺ بنيادي طور تي جروارن جو آهي. جنهن ۾ پنجاھ کن گهر آهن هت پنجو ديري ۽ خانواھ مان جروار لڏي اچي ويٺا. هت هڪ مسجد ۽ هڪ اسڪول به آهي. روايت آهي ته هي ڳوٺ هڪ عورت شيران جي نالي تي قائم آهي جنهن ڪري "شيران پور" سڏجي ٿو.

## ٻُڍي ڪوکر جي واندِ:

ڏهاڪو کن گهرن تي آباد هي ننڍڙو ڳوٺڙو، ميرواھ تي ٻَڌَل آهي. اڳ هي وڏو ڳوٺ هوندو هو. بعد ۾ هن کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. هن ڳوٺ کي "مير واهي ڪوکر" به سڏيو وڃي ٿو. هتان جا ڳوٺاڻا هاريو ڪندا آهن.

## يعقوب ڪوکر جي وانڍ:

محمد يعقوب ڪوکر هن علائقي جي مشهور ماڻهو تي گذريو آهي. سندس نالي تي آباد هي ڳوٺڙو، "ٻُڍي جي وانڊ" جو حصو آهي. جنهن ۾ ڏهاڪو کن گهر ڪوکرن جا وسندڙ آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيداوار سبب سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. هت ڀٽا، چنا، دايا، شيخ، اُنڙ، ڪوري، قريشي ۽ جوڻيجا رهن ٿا. چارسو کن گهرن تي مشتمل هي ڳوٺ ديھ ۽ يونين ڪائونسل پير بخش ڀٽو ۾ واقع آهي. هي ڳوٺ قنڌاري سڙڪ جي نزديڪ آهي. نئون ديرو- رتو ديرو تي موجود هن ڳوٺ ۾ بجلي، فون، روڊ، ۽ گورنمينٽ ڊسپينسري وغيره جهڙيون سهولتون مليل آهن. هت پير وسڻ ۽ گل شاھ بزرگن جون مزارون بہ آهن. محمد صالح قريشي ناميارو ديني عالم ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي. غلام نبي شيخ ڳائڻو ۽ سُگهڙ علي نواز ڀٽو پير وسڻ جو فقير پڻ مشهور آهن.

## سڄڻ لباڻو:

سوَ کن گهرن تي ٻڌل هي وڏو ڳوٺ، آثار قديم ۾ شمار ٿيندڙ "ڀنيرو دڙو" تي آباد آهي. هت سڀ لباڻا ويٺل آهن جيڪي پنهنجو اباڻو پيشو اختيار ڪيون اچن ٿا. سڄڻ لباڻي جو ٻڌايل، هي ڳوٺ رتيديري واري روڊ سان آهي. هت هڪ دڙو بہ آهي جيڪو "ڀنيرو دوڙ" يا "ڀنيرو دڙو" جي نالي سان سڃاتو ٿو ۽ آثار قديم جي رڪارڊ تي موجود آهي. هي پنهنجي دور جي عاليشان شهر هيو جيڪو قنڌاري سڙڪ جي ويجهو آهي. هن دڙي مان بيشمار شيون لڌيون ٿيون. ڪيترائي عالم ۽ آثار قديم جا ماهر هي تاريخي ماڳ ڏسي چڪا آهن. جن ۾ ناميارو آرڪيا لاجسٽ تاج صحرائي بہ شامل آهي.

## شاهي لباڻا:

هي ڳوٺ اٽڪل ويهارو گهرن تي مشتمل آهي. اڳ تہ هي وڏي آباديءَ وارو ڳوٺ هوندو هو. هن وقت لباڻا، لغاري، ميربحر ۽ شر ويٺل آهن. هن سڄي علائقي ۾ ڪيترائي لباڻن جا ڳوٺ آهن، پر هي اهم ڳوٺ آهي.

## صابلُ جوڻيجو:

هي ڳوٺ پراڻي گهاڙ واھ جي مُوڙھ تي ٻڌل آهي. هن ڳوٺ جي اڌو گهاڙ واھ آهي ۽ پٺيان دادو ڪئنال اٿس. ٻن واهن جي وچ ۾ هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍڙي مگر خوبصورت ڳوٺ ۾ اڳ چند گهر ٻرڙن جا ويٺل هئا. بعد ۾ ١٩٨٠ع ڌاري پار کان جوڻيجا لڏي اچي هت ويٺا ۽ ڳوٺ جو نالو "صابل جوڻيجو" رکيائون. هت هڪ مسجد، اسڪول، بجلي ۽ فون به آهي. هي ڳوٺ ديهه پٽا ۽ يو. سي ٻهمڻ ۾ آباد آهي. هت اٽڪل ٽيهه گهر جوڻيجن ۽ ٻرڙن جا ويٺل آهن. نوجوان نعت خوان محبوب علي جوڻيجو هن ڳوٺ سان تعلق رکي ٿو.

## فيض محمد جيهو:

هي ڳوٺ اٽڪل ٻه سوَ سال پراڻو آهي، جيڪو فيض محمد جيهي جو ٻڌايل آهي. چار سوَ کن گهرن واري هن وڏي ڳوٺ ۾ ٽن اوليائن سليم شاهه، فتح محمد شاهه ۽ رسول شاهه عرف ٽاريءَ وارو پير جون زيارتگاهون به آهن. هت چار مسجدون، اسڪول ۽ بجلي به آهي. هي ڳوٺ ديهه ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ آباد آهن.

## يارُو جيهو:

هي ڳوٺ يار محمد جيهي جو ٻڌايل آهي جيڪو ڪافي پراڻو آهي. چاليهارو کن گهرن تي مشتمل هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ هينئر فقط جيها رهن ٿا. اڳ ۾ هت ڪنير ۽ شيخ به ويٺل هئا. وڏيرو پيرل جيهو ناليوارو شخص ٿي گذريو آهي. هينئر محمد رفيق جيهو ڳوٺ جو مُهندار آهي.

## راضُو جيهو:

هي ڳوٺ ٻه صديون کن جُهونو آهي. راضو جيهو نالي هڪ نيڪ مرد هِن ڳوٺ جو باني‌ڪار آهي. هت سڀ "جيها" قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. فقط هڪڙو گهر مڱڻهارن جو آهي. تقريباً چاليهه گهرن تي مشتمل هن ڳوٺ جي آبادي چار سوَ کن آهي. هت ٻه مسجدون، ٻه امام بارگاهه ۽ هڪ پرائمري اسڪول به آهي. ڳوناڳا اڪثر پنهنجون ٻنيون آباد ڪندا آهن. هت نئين نسل ۾ تعليم جو لاڙو وڌيڪ آهي. ڪيترائي نوجوان انجنيئرنگ ۽ ڊاڪٽري پاس آهن. هن ڳوٺ جو ذهين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خان محمد جيهو واپڊا فيصل آباد ۾ چيف انجنيئر آهي.
وارھ برانچ جي پنجون نمبر ريگيوليٽر تي مقرر تنديل ۽ خلاصي، شروع کان ئي هن ڳوٺ جا ماڻهو ٿيندا آيا آهن. هتان جي مگهارن ۾ محمد سليمان دهل وڄائڻ ۽ گل فقير شرناءِ وڄائڻ جا وڏا ماهر ٿي گذريا آهن. هت هڪ بزرگ پير مشائق (مشائخ) جي مزار به آهي.

## ڀڏو جيهو:

هي ڳوٺ به ڏيڍ يا ٻه سوَ سال پراڻو آهي جنهن کي ڀُڏل جيهي آباد ڪيو. اٽڪل سوَ سوا گهرن تي ٻڌل هي ڳوٺ ديھ ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ موجود آهي. هت هڪ مسجد به آهي. ڳوٺ کي بجلي پڻ مليل آهي.

## واڌل ککراڻي:

اٽڪل سوَ سال اڳ واڌل خان ککراڻي نالي هڪ پير مرد هن ڳوٺ کي آباد ڪيو. هي ڳوٺ پراڻي گهاڙ واھ جي ڪاٻي ڪَپ تي آهي. ٻه سوَ گهرن واري هن ڳوٺ ۾ فقط ککراڻي ۽ سيد ويٺل آهي. ديھ راهوجا ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ واقع هن ڳوٺ ۾ ٻه مسجدون ۽ هڪ اسڪول آهي. ڳوٺ کي بجلي مليل آهي. هتان جو ڪنڊُو خان ککراڻي نهايت معتبر ۽ سپورنج ماڻهو هو. هُو پير علي محمد راشدي، پير حُسام الدين راشدي ۽ پير احمد شاھ راشدي وارن جو خاص ماڻهو هو. ساري ڄمار پيرن وٽ گذاريائين. هتان جا آدم خان، علي محمد، حاجي عبدالرحيم ۽ راڻو ککراڻي معتبر ماڻهن ۾ شمار ٿين ٿا.

## جَهان خان ککراڻي:

ديھ دوسو ڏڙا ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ اٽڪل هڪ صديءَ کان هي ڳوٺ پراڻي گهاڙ واھ جي ڪاٻي ڪناري تي آباد آهي. هن جو آباد ڪندڙ جهان خان ککراڻي آهي. هت فقط ککراڻي ۽ ميربحرن جا اٽڪل اڍائي سوَ گهر آهن. ڳوٺ ۾ ٽي مسجدون ۽ هڪ اسڪول آهي. عابد خان ککراڻي، هتان جو رڄ چڱو مڙس هو. ٻهمڻ وارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راشدي پيرن سان لنؤن لڳل هُيس، ڪچهريءَ جو مور ۽ وڏي ڄاڻ وارو ماڻهو ٿي گذريو آهي.

## منو ككراڻي:

هن ڳوٺ جو بنياد وجهندڙ منو خان ككراڻي آهي، جنهن ٻه صديون کن اڳ هن ڳوٺ کي آباد ڪيو. ڏيڍ سَو گهرن وارو هي ڳوٺ پراڻي گهاڙ واهه جي ساڄي ڪناري تي آهي. ديهه داراپور ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ واقع هن ڳوٺ ۾ ٻه مسجدون ۽ بزرگ باغن شاهه جي مزار به آهي. هتان جا روشن ككراڻي ۽ ٻنگل ككراڻي معتبر ماڻهو ٿيندا هئا. ڳوٺ کي بجلي پڻ مليل آهي.

## شاهڻ جي واند:

شاهڻ سُهيجو نالي هڪ شخص اٽڪل سَو سال اڳ هي ڳوٺ ٻڌائي ويٺو. هُو وڏو سپورنج ۽ زماني شناس ماڻهو هو. پراڻي گهاڙ واهه جي ڪابي ڪَرَ تي آباد هن ڳوٺ ۾، سُهيجا، ميراڻي، ككراڻي، ڪاسائي، بروهي ۽ پنا وينل آهن. هي ڳوٺ ديهه راهوجا ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ واقع آهي، ڳوٺ ۾ مسجد ۽ بجلي به آهي.

## غلام علي شيخ جي واند:

هي ڳوٺ غلام علي شيخ جو ٻڌايل آهي. تقريباً ڏيڍ سؤ سال جهونو ڳوٺ آهي، جنهن ۾ شيخ، ڪوري، سيد، ڪلهوڙا ۽ ميراڻي رهن ٿا. اٽڪل ٻه سَو گهرن وارو هي ڳوٺ ديهه دوسُو دڙا ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ آهي. هت مسجد به آهي ۽ بجلي پڻ مليل آهي. مشهور سُگهڙ بخشل شيخ هن ڳوٺ جي پيداوار آهي.

## ميهر جوڻيجي جي واند:

هي ڳوٺ چاليهارو سال کن پراڻو آهي. هتان جا ڳوٺاڻا اصل ۾ قتي ويل ڳوٺ "زور ڳڙهه" جا وينل هئا، پوءِ اتان اٿي اچي دادو ڪئنال جي ڪابي ڪَپ تي گهر ٻڌي ويٺا. چاليهه گهرن واري هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ ۾ جوڻيجا، شيخ ۽ ٻرڙا رهن ٿا. ڳوٺ ۾ مسجد ۽ بجلي پڻ آهي. هي ڳوٺ ديھ ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ آهي.

## جمعو ابڙي پوٽو:

هن ڳوٺ جي سُڄاڻ گل شاھ نالي هڪ اولياءَ جي ڪري ٻـ آهي. ڏهاڪو ڪن گهرن تي مشتمل هي ڳوٺ سؤ سالن کان وڌيڪ پراڻو آهي. هتي ابڙي پوٽا ۽ ماڇي رهندڙ آهن. ڳوٺ ۾ مسجد ۽ بجلي آهي. هي ڳوٺ ريلوي بند سان واقع آهي.

## فتح محمد پنو:

هن ڳوٺ جو بانيڪار فتح محمد خان پنو آهي. اصل ۾ هتان جا سڀ ڳوٺاڻا ٽيھ چاليھ سال اڳ دودا پور مان لڏي اچي هت ويٺا. ڏيڍ سوَ ڪن گهرن تي مشتمل هن ڳوٺ ۾ سڀ پنا آباد آهن. ڳوٺ ۾ مسجد، اسڪول ۽ بجلي ٻـ آهي. ديھ پنا ۽ يو. سي ٻهمڻ ۾ آهي. هي ڳوٺ نصرت اسٽيشن جي سامهون بند جي وٽ ۾ آهي.

## ينيي شيخ جي واند:

ٽيھ سال ڪن اڳ ينيو خان شيخ ڪڇي مان لڏي اچي هي ڳوٺ آباد ڪري ويٺو. هن وقت منجهس سوَ جي لڳ ڀڳ شيخن جا گهر آهن. هي ڳوٺ ديھ ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ آهي.

## شڪاري شيخ:

هي قديمي ڳوٺ آهي. هتان جا ڳوٺاڻا اڪثر ڦاڙهن ۽ مِرن جو شڪار ڪندا هئا جنهن ڪري "شڪاري" سڏجن ٿا. هن ڳوٺ ۾ اٽڪل سوَ گهر ٿيندا، جن ۾ شيخ ۽ ڪيهر رهن ٿا. هي ڳوٺ ٻـ گهاڙ واھ جي کابي ڪناري تي آباد آهي. اسڪول ۽ مسجد کان علاوه هت بجلي پڻ آهي. هي ڳوٺ ديھ پنا ۽ يونين ڪائونسل ٻهمڻ ۾ واقع آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ابڙي پوٽا:

هي ڳوٺ دادو ڪئنال جي ڪنڌيءَ تي اٽڪل ٻه سَو سالن کان قائم آهي. هن ڳوٺ جو آبادڪار سليمان ابڙي پوٽو ٻڌايو وڃي ٿو. تقريباً پنجاه کن گهرن وارو هي ڳوٺ ديھه ۽ يونين ڪائونسل ڀهمڻ ۾ آهي. هت سڀ ابڙي پوٽا رهن ٿا. هڪ مسجد به آهي. غلام قادر ابڙي پوٽو، اڳوٽي سينيئر حسين شاھ راشدي جو ڪمدار هتان جو آهي.

### وَسايو جيهو:

هي ڳوٺ وَسايو جيهو نالي هڪ شخص جو آباد ڪيل آهي. ٨٠ کن گهرن تي ٻڌل هن ڳوٺ ۾ جيها، ويسر، پنٽي ۽ سومرا وغيره رهن ٿا. جيها سڀ خوشحال ۽ نوڪرين ۾ آهن. اڪثر ماڻهو زمينداري ڪن ٿا. هت هڪ مسجد به آهي. ڳوٺ کي بجلي ۽ فون جون سهولتون مليل آهن. هي ڳوٺ نئون ديري کان اٽڪل ١٢ ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي اتر ۾ واقع آهي.

### گلڻ جيهو:

هي ڳوٺ به جيهن جو آهي جنهن کي گلڻ جيهي آباد ڪيو. پنجاه کن گهرن واري هن ڳوٺ ۾ ٿسي جيها رهن ٿا. فقط هڪ گهر سيدن جو آهي. جيها سڀ ڏاڏِ مُرسيءَ ۾ مشهور آهن. هت هڪ مسجد آهي. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ به پرائمري اسڪول آهن. ٻن بزرگن نبن شاھ ۽ گل شاھ جون مزارون عام زيارتگاھ ٻڻيل آهن. هي ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل پير بخش پنٽو ۾ واقع آهي.

### وَسند جيهو:

هي ڳوٺ جيَوڻ شاھ جي پرسان آهي جنهن جو آباد ڪندڙ وَسند جيهو نالي هڪ زميندار آهي. هُن پنهنجي زمينن جي آباديءَ لاءِ وَسند شاخ پڻ کوٽائي هئي. هت ڪنهن زماني ۾ وڏيون آوَيون پڇنديون هيون. انهن جا وڏا ڊڙا اڃا به موجود آهن. هت جيها رهندڙ آهن. ڪلهوڙي پير جي مزار پڻ آهي، جيڪو ڪلهوڙن جو فرد ٻڌايو وڃي ٿو. سندس عاليشان مزار چوڪنڊي طرز جي ٺهيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ٽيرنهن تاريخ صبح جو اسين اٺ ميل مارچ ڪري نئون ديري ۾ آياسين، رستو سٺو هيو، هي ملڪ ڪافي آباد ۽ ڏسڻ ۾ آيو. ڳوٺن جي پسگردائي انبن ۽ ڪجيءَ جي باغن سبب ڏاڍي وڻندڙ ٿي لڳي. اسين هڪ باغ واري بنگلي ۾ ترسياسين" .......

"نئون ديرو وڏو ڳوٺ آهي جو مير محمد خان جو آهي. هن جي طرفان محمد خان سيال نالي هڪ پيرسن شخص ڳوٺ جو انتظام سنڀاليندو آهي. هتي ڪاڏي پيتي جي شين جي حيرت انگيز سستائي آهي. مون ٻن ٻن پئسن ۾ وڏيون ڪڪڙيون خريد ڪيون جيڪي لنڊن ۾ هڪ هڪ ٻن ٻن روپين ۾ به هوند ملن. پيون شيون پڻ اتان جي پيٽ ۾ ڪافي سهانگيون هيون."

(ايسٽ انڊيا ڪمپني جي نمائندي ڪيپٽن ايسٽ - وڪ جي ترجمان لطف الله سورتي جي آتو بايو گرافي تان ورتل- ١٨٣٨ع)

HISTORICAL
NAUDERO SOCIETY

نئون ديرو هسٽاريڪل سوسائٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خانواهه:

هي ڳوٺ، نئون ديري کان اتر ۾ رتيديري روڊ سان تقريباً ڇهن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي واقع آهي. چار سو گهرن تي مشتمل اٽڪل اٺ هزار آباديءَ واري هن ڳوٺ جي تاريخ به دلچسپ رهي آهي. چون ٿا ته، مَلڪو ۽ بخشو جروار نالي ٻه ڀائر هيا، جيڪي ڳڙهي خدا بخش جي ڀرسان "خان واهه" تي ويٺل هئا. هُو اتان لڏي اچي هن ڳوٺ ۾ ويٺا، جنهن ڪري خانواهي جروار سڏجڻ لڳا. بعد ۾ هي ڳوٺ "خانواهه" جي نالي سان مشهور ٿيو. اهو زمانو ٽالپرن جو هيو. هت هندو ڪثرت سان رهندا هئا، جن مان مولچند نالي هڪ هندوءَ کي مسلمان ڪيو ويو هو. سندس اولاد ماهياڻي سڏجي ٿو ۽ هتي ئي رهي ٿو. گلراج مُکي جو نالو شهرت رکي ٿو.

بنيادي طور تي هي ڳوٺ جروارن جو آهي. جنهن ۾ جروارن جا، جمالاڻي، ماهياڻي، ياراڻي، سُهراباڻي ۽ بنگلاڻي پاڙا رهن ٿا. سيني کي پنهنجيون موروثي زمينون آهن. سيئي ڳوٺاڻا خوشحال، مالوند ۽ تعليم يافته آهن. ڪجهه هاريو ۽ مزوري به ڪن ٿا. هت جروار، سيد، ڪوريجا، سومرا، قاضي ۽ ڀٽا رهن ٿا. ديهه خانواهه ۽ يو. سي پير بخش ڀٽو ۾ واقع هن ڳوٺ ۾ ڇهه مسجدون، هڪ هاءِ اسڪول، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ ٻه پرائمري اسڪول، رورل هيلٿ سينٽر، بجلي، گئس، فون، پوسٽ ۽ روڊ وغيره جون سهولتون مليل آهن. هتان جا ڪيترائي نوجوان آرمي ۽ تعليم کاتي سان وابسته آهن.

ڪيترائي ماڻهو ٻاهرين ملڪن ۾ ڪمائين ٿا. نوجوان ليکڪ وهاب جروار هن ڳوٺ مان "رانديڪو" نالي ٻاراڻو رسالو ڪڍي ٿو ۽ منٺار جروار "ٻالڪ دنيا" رسالو جاري ڪيو آهي. سنڌ جو مشهور خطيب ۽ ديني عالم "بلبل سنڌ" مولوي دوست محمد قاضيءَ جو تعلق به هن ڳوٺ سان هيو. هن ڳوٺ جا استاد به گهڻو مشهور رهيا آهن، جن ۾ ڏيون داس، محمد صديق قاضي، عبدالحق جروار، حضور بخش قاضي، الله ڏنو جروار، نبي بخش جروار، محمد ايوب جروار ۽ ٻيا شامل آهن.

چون ٿا ته خانواهه تي پيرا ڏهيل ڳوٺ آهي. هتان جي بازار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشهور هئي. اهو ٻه ٻڌجي ٿو ته خانواهه ۾ ڏينهن جو ٻتيون پرنديون هيون.

## واند علي محمد ڪرٽيو:

هي ڳوٺ، علي محمد ڪرٽيي نالي هڪ نيڪ مرد جو ٻڌايل آهي، جيڪو رائيس ڪئنال جي ساڄي ڪناري سان، ٺٽون ڏيري کان اتر ۾ ٻن ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي آهي. هي ڳوٺ، جهُونن ڳوٺن ۾ شمار ٿئي ٿو. هينئر اتي سومرا، ناريجا ۽ ٻين ذاتين وارا رهن ٿا. هت هڪ اسڪول ۽ مسجد آهي. ٺٽون ڏيري جون مشهور شخصيتون مرحوم حاجي ارباب علي خان ڪرٽيو، شهيد استاد علي خان سومرو ۽ الله ڏنو سومري جو تعلق هن ڳوٺ سان آهي. ان کان علاوه ناريجا برادران محمد اسحاق ناريجو ۽ محمد اسماعيل ناريجو پڻ هن ڳوٺ جا آهن.

مٿين ڳوٺن کان علاوه، هيٺ ڏنل ڳوٺ پڻ تاريخي لحاظ کان وڏي اهميت وارا آهن. جن ۾ ، اگهم۲، مُلان ڪلهوڙو، گهاؤ خان شر، منگهن جت، يڪتار ڪڪراڻي، گهر عبدالغني ڪڪراڻي، گهر بروهي لڳ ڳوٺ امير بخش ناريجو، ڪرم علي جلباڻي، گهر محمد صالح کهڙو، منو ڪوڪر، مير حسن کهڙو، جوڻيجن جا گهر، حاجن شاهه جا گهر ۽ ٻيا ڳوٺ اچي وڃن ٿا.

هن علائقي ۾ ڪجھ قَدِيم ڳوٺ به آهن، جيڪي هينئر پنهنجو وجود وڃائي ويٺا آهن انهن ڳوٺن مان ڪن جا آثار موجود آهن ته ڪن جا فقط نالا زنده آهن. اهڙن ڳوٺ مان راڄو ديرو، دوسُو دڙا، زور ڳڙهه، سينار، ٻنيرو دڙو ۽ ٻيا شامل آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شخصيتون

(سياسي ۽ سماجي)

نوٽ: شخصيتن جي ترتيب سندن جنم جي تاريخ کي سامهون رکي ڏني وئي آهي. (ادارو)

ليکڪ:

پير علي محمد راشدي

قمر الدين قاضي

عبدالستار پيرزادو

حسين بخش ناريجو

غلام حسين ڪٽپر

منظار سولنگي

ابراهيم خليل

ظهير الدين 'خادم' شاهاڻي

سراج ڪٽپر

خالد غلام نبي شاهاڻي

هريش ڪمار پمناڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

239 Paatonji Street
Garden West
Mishtan Road
Karachi.
22.2.82

عزيزه ميان حسين بخش سدا خوش هجو.

اوهان جو خط مليو - ڏاڍي خوشي ٿي - جيئن ته پنهنجي سڳوري کي
لکيو - ڏاڍيو ڏکوئيندڙ آن جي مرضي - مرحوم مخدوم طالب المولىٰ جو ذڪر
سچ ته سڀني جو هو ڪري ڦٽيو اڳ پڙهيو جلد ختم ٿي ويل
هو - هن مرحوم سارو ڏينهن ورد ياد ڪندي رهندا
هئا جو ٿو ته هو مهانو دوست هو -

اميد ته اوهان خوش ۽ خرم هوندا - ميان آٿين ڏينهن
تڪڙو وڃڻ وارو آهيان ٻه ڏينهن لاءِ ملاقات ڪندس - تنهن وقت جا خوش
خالي ڳالهيون خوش ٿينديون - اباڻو وطن ڏسي - والسلام

علي محمد راشدي

حسين بخش ناريجو ڏانهن پير علي محمد راشديءَ جو يادگار خط جنهن ۾
نئون ديرو کي اباڻو وطن لکيو اٿائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پير حسام الدين راشدي، خانبهادر احمد خان ڀٽو، سر شاهنواز ڀٽو، پير علي محمد راشدي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ هيٺ ويٺل حسين شاهه راشدي ٺٽون ديرو ۾ پنهنجي بنگلي تي،



ٺٽون ديرو جا ٻه عظيم ماڻهو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ پير حسام الدين راشدي منيلا فلپائن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



حاجي درمحمد سومرو شهيد ڀٽو کي رتوديرو ۾ پنهنجو اسڪول وزٽ
ڪرائي رهيو آهي




سيد شمن شاهه ان وقت جي لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڪمشنر سان ڳوٺ سعدو ديرو ۾
اسڪول جي افتتاحي تقريب ۾ تڏهن سڪندر علي خان ڀٽو تازو ئي وفات ڪري
ويو هو. ان جي ياد ۾ جڙايل گيٽ به اڃا رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



شهيد شمن شاهه شهيد ڀٽو سان هٿ ملائي رهيو آهي



سعيدو ديرو کان ڳڙهي خدابخش ڀٽو تائين جي سڙڪ جي افتتاح جي موقعي تي. جنهن ۾ سڪندر علي خان ڀٽو به نظر اچي رهيو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



شهيد ڀٽو شهرين سان عيد گاهه نئون ديرو ۾ عيد نماز پڙهندي




شاهنواز ڀٽو ريلوي اسٽيشن جو يادگار فوٽو جڏهن هي اسٽيشن "نئون ديرو" جي نالي سان هئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سيد عبدالرحمان شاهه

سيد عبدالرحمان ولد فقير شاهه بخاري سن ١٨٥٠ع ڌاري ٺٽون ديري ۾ اچي رهيو. شاهه صاحب جو تعلق سوات شهر جي مشهور بزرگ نالي ”پير بابا“ سان هيو، جتي اڄ ڏينهن تائين ماڻهو زيارت لاءِ ويندا آهن. شاهه صاحب حج جي ارادي سان جڏهن ڪراچي پهتو، تڏهن طوفاني هوائن ڪري حجاز مقدس لاءِ ڪيس ڪابه بحري سواري ڪونه ملي، جنهن ڪري پاڻ واپس سوات موٽيو. رستي ۾ ٺٽون ديري کهڙن واري مسجد ۾ اچي رهيو، جتي سندس قيام دوران مسجد جي امام عبدالرحمان کهڙي سان گهري دوستي ٿي وئي، جنهن ڪيس هتي ئي رهي پوڻ جي صلاح ڏني ۽ ائين پاڻ هتان جو ئي ٿي رهيو ۽ هتي ئي وفات ڪيائين.

(ابراهيم خليل)

## وڏيرو رسول بخش خان پيٽو



سنڌ جي اميرن جو شان شوڪت ڪنهن کي ڏسڻو هوندو هو ته ٺٽون ديري وڃي مرحوم ومغفور وڏيري رسول بخش خان پيٽي جو ديدار ڪري ايندو هيو. قداور ۽ ڪويو مڙس، منهن گول، پورو، پروون جاڙيون ۽ ڏاڙهي ڪتريل. چوندا هئا ته، جواني ۾ آڱوٺي جي زور سان سڪي تاڻ اڪر ميساري ڇڏيندو هو. سخي مڙد هو. سٺ هزار ايڪڙ آباد زمين، جنهن مان آمدني اٿاهه پر هٿ جو ايترو ڪشادو جو آمدني کان سندس خرچ وڌيل هوندو هو.

دل جو ايترو صاف جو فقط در پيهي اچڻ جي دير هوندي هئي، پسگردائي جا ماڻهو ڪيترين بيهودگين ڪرڻ بعد ڪمر پٽي وٽس لنگهي ايندا هئا ته نامراد ٿي ڪونه موٽندا هئا. عام چوٽي هوندي هئي ته رسول بخش خان جي ڪاوڙ ڪکن جي باهه مثل آهي. گهڙي کن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شعلو، ان ڪانيوءِ رڳي خاڪ.

اکين جي لڄ ۽ حضور شرمي ايٽريڪدر جو ڪنهن ڪان به انڪار ڪري نه سگهندو هو. سنڌس ان خصوصيت جو ڪيترن ماڻهن ناجائز فائدو پڻ ورتو. پر هو صاحب پنهنجي طريقي تان ڪونه هٽيو. جِتي نالي هڪ پرڙو سنڌس زمينداري ۾ رهندو هيو، ان بزرگ جو ڏنڊو اهو هوندو هيو ته رسول بخش خان خلاف آفيسرن کي ڪوڙيون درخواستون ڪندو هيو ۽ ساڻن ملاقاتون ڪري رسول بخش خان خلاف چغليون هڻندو هو. رسول بخش خان کي اها ساري حقيقت معلوم هوندي هئي، مگر ان هوندي به جِتي پرڙي جي نه فقط حاجت روائي پر باقائده پرورش ڪندو هيو. جِتو خان قداور، هڪ اک ڪان ڪاڻو، اڻ پڙهيل پر پنهنجي ڏنڌي اندر پنهنجو مثال پاڻ هو، جنهن وڏيري وٽ لنگهي ويندو هيو ته وڏيري کي ڏڪڻي وٺي ويندي هئي.

رسول بخش خان جي رهڻي ڪهڻي، شوق شغل، رياست جي والين جهڙا هوندا هئا. جنهن به شخص اچي وٽس ملازمت ڪئي، تنهن کي اولاد وانگر پالياڻين ۽ ايٽريڪدر ڏنائين جو هو هميشه لاءِ اڏجي ويو. جهڙو پاڻ ڏيکيائين اهڙو ان کي به پاراياڻين. عبدالمجيد ۽ چمڪي نالي سنڌس عام مانوارا ملازم هوندا هيا، جن جي ڏک عام زميندارن ڪان زياده هئي.

شڪار سنڌس زندگي جو تنها مشغلو رهيو. نه سنڌ ڪان ڪڏهن ٻاهر ويو ۽ نه ئي وڏن شهرن گهمڻ جو شوق هيس. جو وقت هوندو هو، سو شڪار جي ٻلي صرف ٿيندو. ڪُتن جون لوڏون، شڪارين جون پلٽڻون، بندوقن جا انبار، ڪارتوسن سان توشه خانا ڀريل، سواري لاءِ اُٺن جا وڳ ۽ گهوڙن جا طنبيلا ڀريل. اٺن ۽ گهوڙن تي ريشم جا سنج ۽ ڳچين ۾ پٽ جون ڳانيون ۽ چانديءَ جون سَريون. تيار ٿي ڪيڏانهن نڪرندو هيو ته پاڻ اٺ تي ۽ اڳيان پويان گهوڙي سوارن جون قطارون، بوقت سواري انگريزي طرز جا سواريءَ جا ڪپڙا پهريندو هو. خاڪي قميص ۽ ڪوٽ ۽ ساڳي ئي رنگ جي برجيس، جنهن تي پٽيون ٻڌل هونديون هيون، پير ۾ لانگ بوٽ، مٿي تي سرديءَ ۾ بالڪلاوا ٽوپي ۽ گرميءَ ۾ سولا هيٽ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڏامندي پکيءَ کي بندوق هٿڻ ۾ سندس ثاني مون اڄ تائين ڪونہ ڏٺو. پري ۾ هلي بيهندو تہ مشڪل سان ڪو پکي بچي نڪرندو. هميشہ بہ بندوقون پاڻ سان رکندو هو. هڪ پنهنجي هٿ ۾ ٻي سندس لوڏر ماڻهو پري سندس پر ۾ جهليو بيٺو هوندو هو. ٻنهي بندوقن کي ايتري ڦڙتائي سان استعمال ڪندو هيو، جو هڪ ئي ڦير تي چار پکي ڪيرائي وجهندو هو. سندس شڪاري عملو ايترو تہ تجربيڪار هوندو هو جو پکين کي اهڙي طريقي سان اٿاريندا هئا جو پکي ٻين شڪارين کان پاسو ڪري سڌا وڃي رسول بخش خان جي مٿان پوندا هئا.

سنڌ جي ڪيترن ئي ٻيلن ۾ سندس مستقل مهاڙيون رکيل هونديون هيون. جن جي سارسنڀال لاءِ شڪاري مقرر هوندا هئا. جنهن ڏينهن ست ڦاڙها ماريائين يا ٻن ڳرانين يا ان کان مٿي ڏگهن سڱن وارو ڦاڙهو مٺو ان ڏينهن شڪارين مٿان انعام اڪرام جا مينهن وسي ويندا.

(پير علي محمد راشدي)

## وڏيرو قاضي ڪريم بخش خان

پٽن صاحبن جي اچڻ کان اڳ شهر جا تمام معاملا ڪنهن سرڪاري اداري يا ڪنهن ٻاهرين شخص ڏانهن وڃڻ بجاءِ شهر جي جن چند معزز ۽ قابلِ اعتماد شخصيتن جي ڪچهرين ۾ طئي ڪيا ويندا هئا، انهن ۾ وڏيرو قاضي ڪريم بخش خان بہ شامل هوندو هيو. قاضي صاحب، خوبصورت چهري، سفيد رنگت ۽ سفيد ڏاڙهي سان ڀريل ۽ طاقتور جسم جو مالڪ هيو. سندن وڏا شهر جي اصل آبادڪارن مان هيا. سندس ولادت ١٨٦٥ع ۾ قاضي (گهراماڻي) خاندان جي علي بخش قاضيءَ جي گهر ۾ ٿي. مدرسن ۾ ديني تعليم ۽ حڪمت جي علم حاصل ڪرڻ سان گڏ پرائمري تعليم بہ حاصل ڪيائين. والد صاحب جي وفات کان پوءِ ڳوٺ جي چڱ مڙسي سندس حصي ۾ آئي. جيڪا بعد ۾ پٽن صاحبن جي حوالي ٿي. مالي لحاظ کان مڃي ماني لائق هيو. سندس گذر سفر جو وسيلو ڪجھ زرعي زمين هئي، ان سان گڏوگڏ حڪمت بہ ڪندو هيو، پير ڳوٺ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪيم پورل شاھ سان گڏ حڪمت ڪندي خاصي شهرت حاصل ڪيائين.

پٽن صاحبن جي اچڻ کان اڳ نئون ديري جي مخصوص ماحول ۾ ڪيس خاصي اهميت حاصل هئي. سندس جوڙ ۾ ڪنڀر خاندان جو ميان جنڊل خان، ميراڻي خاندان جو ميان چيتل خان ۽ هندو برادري مان مکي پارو مل شامل هوندا هيا. شهر جا تمام معاملا ۽ مسئلا هنن مڙسن جي چوياري ۾ طئي ٿيندا هيا ۽ شهر جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ پڻ صلاح مشورو ڪيو ويندو هو. هن علائقي ۾ پٽن خاندان جي تمام گهڻي اثر رسوخ کي ڏسي فيصلو ڪيو ويو ته پٽني خاندان کي نئون ديري ۾ مستقل طور آباد ٿيڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي ته جيئن شهر جي مالڪي ۽ وارثي ٿئي ۽ شهري ترقي ۾ واڌارو اچي. بعد ۾ وڏيري ڪريم بخش خان جي سربراهي ۾ معزز شهرين جي هڪ وفد وڏيري رسول بخش خان سان ملي کين نئون ديري ۾ مستقل طور آباد ٿيڻ جي دعوت ڏني، جيڪا هن نيڪ مرد خوشيءَ سان قبول ڪئي ۽ ۱۹۴۴ع ۾ مستقل طور نئون ديري ۾ رهائش اختيار ڪئي.

وڏيري رسول بخش خان جي اچڻ کان پوءِ به قاضي صاحب ۽ ٻين معززين جو شهر جي اتي ويٺي ۾ خاص ڪردار رهندو آيو. وڏيرو رسول بخش خان سندس تمام گهڻو قدر ڪندو هيو، تمام فيصلن ۽ معاملن ۾ کيس ساڻ رکندو هيو ۽ سندس راءِ کي خاص اهميت حاصل هوندي هئي. رسول بخش خان جي وفات کان پوءِ خانبهادر احمد خان پٽني وٽ به کيس ساڳي حيثيت حاصل رهي. پاڻ ۱۹۵۱ع ۾ ۸٦ سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين، جيئن ته کيس پٽ جي اولاد ڪونه هئي، ان ڪري سندس وفات کان پوءِ قاضي خاندان جي پڳ سندس ڀائٽي وڏيري علي گوهر خان کي ٻڌائي وئي.

(منثار سولنگي)

## غلام سرور خان پٽني

غلام سرور خان پٽني وڏيري رسول بخش خان جو پٽ ۽ خانبهادر احمد خان پٽني جو ڀاءُ هيو. خوبصورت ڪوبو جوان ۽ مردانه وجاهت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو نمونو هيو. ننڍڙي عمر پاتائين ۽ تقريباً ٣٠ سالن جي عمر ۾ سندس وفات ننون ديري ۾ ٿي.

## عبدالمجيد سومرو (مرحوم)



عبدالمجيد سومرو اصل ڦلپوٽن جو هيو ۽ وڏيري رسول بخش خان جو مختيار خاص هيو. رسول بخش خان ڀٽي جي رهڻي ڪهڻي ۽ شوق شغل شاهاڻا هوندا هيا، پاڻ پنهنجن ملازمن کي اولاد ڪري سجهندو هو، تنهن ڪري جنهن شخص به وٽس ملازمت ڪئي، تنهن تي ايتريقدر عنايت ڪيائين، جو اهو هميشه لاءِ اڏجي ٿي ويو. عبدالمجيد سومري کي به پاڻ پٽن وانگر پاليائين. وڏيري رسول بخش خان جي وفات کان پوءِ به خانبهادر احمد خان جو خاص ملازم ۽ صلاحڪار رهيو. ڪافي ذهين ۽ محنتي مڙس هيو، شهر ۾ سندس سٺي عزت ۽ مان هيس. سندس ڏِک عام زميندارن کان به ڪجهه وڌيڪ هوندي هئي. سندس وفات کان پوءِ سندس پٽ عبدالواحد سومرو به خانبهادر احمد خان ڀٽي ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو خاص ملازم رهيو.

(ابراهيم خليل)

## مکي پارو مل

شهر جي هندو برادري جي نمائنده طور مکي پارومل شهر جي انهن چند معزز شخصيتن ۾ شامل هيو، جيڪي شهر جي اٿي ويٺي ۽ مختلف مسئلن ۽ معاملن تي نظر رکندا هيا. مکي پارو مل وڏو نالي وارو شخص هيو ۽ شهر جي شروعاتي برک سماج سڌارڪن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. پاڻ ٨٥ ڳوٺن جو مکي هيو. ڪافي زميندار سبب مالي طور به گهڻو سگهارو هوندو هيو. پاڻ ١٨٧٠ع ۾ مکي جيٺانند جي گهر پيدا ٿيو. قداور جوان، سفيد رنگ ۽ مضبوط جسم جو مالڪ هيو. مٿي تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇي هرڪ جي پڳڙي، سفيد ڪوٽ ۽ ڌوتي سنڌس مخصوص لباس هوندو هيو. شهر جي معاملن ۾ قاضي ڪريم بخش خان ۽ ٻين چڱن مڙسن سان گڏ هوندو هيو.

نئون ديري ۾ مستقل رهائش اختيار ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ لاءِ جيڪو وفد وڏيري رسول بخش خان پٽي سان مليو هو، ان ۾ پاڻ به شامل هيو. شهري معاملن ۽ فيصلن ۾ وڏيرو رسول بخش خان ڪيس خاص اهميت ۽ مان مرتبو ڏيندو هيو. آزادي کان اڳ هندوستان سرڪار ۾ به سٺو اثر رسوخ رکندڙ شخص هيو. ١٩٥٧ع ۾ ورهاڱي کان ڏهه سال پوءِ هجرت ڪري هندستان هليو ويو. سندس ڪمي شهر ۾ ڪافي وقت تائين محسوس ڪئي وئي. پاڻ ١٩٦٦ع ۾ وفات ڪيائين. مکي پارومل جو پٽ پاشارام انگريزي جو هڪ سٺو استاد هيو، جنهن پڻ شهر ۾ سٺو نالو پيدا ڪيو.

(قمر الدين قاضي)

## خانبهادر احمد خان پٽو



خانبهادر احمد خان پٽو، وڏيري رسول بخش خان پٽي جو فرزند هيو. ١٨٨٠ع ۾ ميربوز پٽو ۾ سندس پيدائش ٿي. تعليم مئٽرڪ تائين سنڌ مدرسي اسڪول لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائين. ١٩٤٤ع ۾ پنهنجي والد سان گڏ مستقل طور نئون ديري ۾ اچي آباد ٿيو. خانبهادر صاحب پنهنجي والد مرحوم جيان قداور ۽ ڪوبو مڙس هيو. جاڙين پرون ۽ گول چهري ۽ پوري رنگ وارو صاف دل ۽ حضور شرم انسان هيو.

شهر وارن تي سندس خاص هٿ هوندو هيو. سندس نالو شهر جي اهم سماج سڌارڪ طور ورتو ويجي ٿو. عمر جو گهڻو حصو ڳوٺ جي سياست تائين محدود رکيائين. پر پوءِ به ملڪي سياست ۾ به سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمل دخل رهيو. انتخابات ڪٽي هڪ ٽرم لاءِ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو، ضلع ڪائونسل جو پڻ ميمبر رهيو. سندس تعلق مسلم ليگ سان رهيو. نئون ديرو سينيٽري ڪميٽي ۽ ٽائون ڪاميٽيءَ جو آخري گهڙي تائين چيئرمين رهيو ۽ شهر جي ترقي ۽ تعمير لاءِ خاص ڪوششون ورتندو رهيو.

مذهب ڏانهن سندس خاص لاڙو هوندو هيو. ڪافي وقت ديني عالمن سان ڪچهريون ڪري روحاني سڪون حاصل ڪندو هيو. ڪيترين ئي مسجدن جهڙوڪ: ڪهڙن واري مسجد، قاري صاحب واري مسجد، نئون ديرو ۽ لاڙڪاڻو ريلوي اسٽيشن وارين مسجدن ۽ ڳڙهي ياسين واري مسجد کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي مسجدن جي اڏاوت ۾ خاص دلچسپي ورتائين. ثقافتي سرگرمين کي همٿائڻ، ميلن ملاڪڙن، اسٽيج ڊرامن ۽ ٻين تقريبن ۾ وجي ملهن، رانديگرن ۽ فنڪارن کي انعام اڪرام ڏيڻ ۾ سندس مشغلو هوندو هيو.

شڪار جو بيحد شوقين هوندو هيو، سندس هزارين ايڪڙ زرعي زمين تي ڪيترين ئي شڪارگاهون وقت جي حڪمرانن، سياستدانن ۽ امير امرائن جي نظرن جون مرڪز هونديون هيون، ڪين شڪار ڪرائي ۽ سندن ضيافتون ڪري هن مڙس کي ذهني سڪون ملندو هيو. خواجه ناظم الدين، غلام محمد، اسڪندر مرزا، ايوب خان، خان عبدالغفار خان ۽ ٻيون ڪيتريون ئي مشهور شخصيتون سندس مهمانداريءَ جو مزو ماڻي چڪيون آهن. پير صاحب پاڳاري سان سندس خاص الفت ۽ محبت هوندي هئي. سندس رهائشگاه تي هڪ شاندار ڪمرو پير صاحب لاءِ مخصوص رهندو هيو. جتي وقت بہ وقت پير صاحب، خانبهادر جو مهمان ٿيندو هيو. پاڻ ۸۰ ورهين جي ڄمار ۾ ۲۵- اپريل ۱۹۶۱ع تي وفات ڪيائين. ڪيس پٽ جي اولاد ڪونہ هئي، سندس وفات کان پوءِ سندس نياٽو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهر جو پڳدار ٿيو.

## سيد محمود شاهه

سيد محمود شاهه ۱۸۸۰ع ڌاري پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو سيد عبدالرحمان شاهه هو. ائين سالن جي ڄمار ۾ سندس مامو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪيس مستونگ (بلوچستان) وٺي ويو، جتي قرآن پاڪ جي تعليم سان گڏ عربي ۽ فارسي جي تعليم پنهنجي مامي رحمت الله وٽ حاصل ڪيائين. ابتدائي تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ ٺٽون ديري ۾ پوسٽ آفيس جي محڪمي ۾ بحيثيت پوسٽ مين ملازمت اختيار ڪيائين. ان سان گڏ کهڙن واري جامع مسجد ۾ ٻارن کي قرآن پاڪ جي تعليم به ڏيندو رهيو. پاڻ خوبصورت شڪل ۽ ڳاڙهي رنگ وارو انسان هيو. مٿي تي پوسٽ مين وارو پٽڪو آخري وقت تائين سندس لباس جو حصو رهيو. آخري وقت ۾ پاڻ بيمار رهڻ لڳو. ۱۹۶۰ع ۾ وفات ڪيائين.

(ابراهيم خليل)

## قاضي محمد رفيق



محمد رفيق ولد عبدالرزاق قاضي ۱۸۸۶ع ڌاري ڳوٺ "ترائي" ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو، سنڌي فائنل پاس هو ۽ ڪجھ درجا انگريزيءَ جا به پڙهيل هو. انهيءَ ڪري ڪيس انگريزي چڱي ايندي هئي. قاضي صاحب پڙهيل لکيل ۽ هڪ قسم جو سوشل ماڻهو هو. انهيءَ ڪري هن جا وڏن ماڻهن سان تعلق هئا. پير علي محمد راشديءَ سان ويجهڙائيءَ وارا تعلق هيس. جنهن ڪري پير صاحب جي ني چوڻ تي ۱۹۴۰ع جي لڳ ڀڳ ٺٽون ديري لڏي آيو.

قاضي صاحب شروع واري زماني ۾ "محمد پور" جي اُڏن وٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جي زمين وغيره سنڀاليندو هو. پوءِ اوچتو ڪراچيءَ هليو ويو، جتي "الوحيد" اخبار ۾ نوڪري ڪيائين، اها اخبار انهي زماني ۾ مولانا دين محمد وفائي ڪڍندو هو. اُنهي دوران قاضي صاحب جي سردار واحد بخش خان ڀٽو سان شناسائي ٿي، جنهن قاضي صاحب تي زور رکيو ته هو سندن زمينون سنڀالي، پوءِ قاضي صاحب ڪراچيءَ مان واپس آيو ۽ هتي اچي سردار صاحب جون زمينون وغيره سنڀالڻ لڳو. انهيءَ کان پوءِ ڪجھ وقت پير علي محمد راشديءَ جي زمين جي سنڀال ڪيائين ۽ مينيجر ٿي رهيو. انهي دؤر ۾ قاضي صاحب وري بلوچستان هليو ويو ۽ اُتي مير جعفر خان جماليءَ جو مينيجر ٿي رهيو. بلوچستان کان واپسيءَ بعد هِتي ٺٽون ديرو ۾ خانبهادر احمد خان ڀٽو صاحب جي اسرار تي سندس مينيجر ٿي رهيو. خانبهادر جي وفات بعد هو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو مينيجر ٿي رهيو ۽ پنهنجي وفات تائين انهيءَ عهدي تي رهيو.

قاضي صاحب نماز ۽ روزي جو پابند ۽ نيڪ ماڻهو هو. سدائين سفر دوران قرآن مجيد ساڻ هوندو هيس. ٺٽون ديري ۾ اچڻ کان پوءِ شهر جا سڀ ماڻهو کيس عزت جي نگاھ سان ڏسندا هئا. خانبهادر به سندس وڏي عزت ڪندو هو. پنهنجي زندگيءَ جي وچ واري زماني ۾ هو قاضي فضل الله سان گڏ مسلم ليگ ۾ به شامل رهيو ۽ انهيءَ سياسي حوالي سان به پوري سنڌ ۾ سندس عزت هئي. سندس وفات ڊسمبر ١٩٦٩ع ۾ ٿي.

(منٺار سولنگي)

## سر شاهنواز خان ڀٽو

شاهنواز خان تاريخ ٢ مارچ ١٨٨٨ع تي غلام مرتضيٰ خان ڀٽو جي اباڻي گھر ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ ڄائو. ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ڳوٺ، شاهنواز خان جي ڏاڏي جي نالي تي ٻڌل آهي. علائقي ۾ ڪوبه اسڪول ڪونه هيو جنهن ڪري سندس ابتدائي تعليم پنهنجي گھر ۾ ٿي هئي. جڏهن ته سنڌي ۽ انگريزي تعليم لاڙڪاڻي شهر جي سنڌ مدرسو اسڪول (هاٿوڪو گرلس ڪاليج) ۾ ٿي، انگريزي جي وڌيڪ تعليم لاءِ پهريان ڪراچي سينٽ پيٽرڪ اسڪول ۽ پوءِ ١١ نومبر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



١٩٠٦ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتي. ١٩٠٨ع ۾ مئٽرڪ ۾ پهتو پر پاڻ اعليٰ تعليم حاصل ڪري نہ سگهيو. ڇاڪاڻ تہ سندس والد ١٨٩٩ع ۾ انتقال ڪري ويو هيو جڏهن تہ ڏاڏي جو انتقال ١٨٩٦ع ۾ اڳ ئي ٿي چڪو هيو. انهيءَ ڪري ڪراچي کان واپس لاڙڪاڻي اچي ڪيس پنهنجي لاڙڪاڻو، جيڪب آباد واري زمين سنڀالڻي پئي. شاهنواز خان ڀٽو ٢٢ سالن جي عمر ۾ سياست ۾ داخل ٿيو.

جيئن تہ شاهنواز خان جي والد غلام مرتضيٰ مٿان هڪ ڪيس قتل جو داخل ٿيو هيو، ان ڪري هو جيل ۾ رهيو ۽ آزاد ٿيڻ کان پوءِ پنجاب، افغانستان جلاوطن ٿي ويو. ان ڪري شاهنواز ۽ سندس ڀاءُ علي گوهر خان جي پرورش سندس چاچي رسول بخش خان ڀٽو ڪئي. سڀ کان اول ١٩١٠ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ لاڙڪاڻو جو ميمبر ٿيو. ١٩٢٠ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو پهريون سنڌي عوامي چونڊيل صدر منتخب ٿيو ۽ ڪيس لڳاتار ١٣ سالن يعني سال ١٩٣٣ع تائين انهي عهدي تي رهڻ جو اعزاز حاصل آهي. لاڙڪاڻي ضلعي جي سياست ۾ لڳاتار ١٣ سالن تائين عهدا ماڻڻ، منتخب ٿيڻ، سندس مقبوليت ۽ عوام ۾ عزت احترام ظاهر ڪري ٿو.

سنڌ جي سياستدانن ۽ سجاڳ ادبي حلقن محسوس ڪيو تہ سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪرائي آزاد حيثيت ڏيارڻ لاءِ ماحول موجود آهي. تڏهن آگسٽ ١٩٢٢ع ۾ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن پاران سنڌ جي مسلمان سياستدانن ۽ اسيمبلي ميمبرن جو اجلاس زير صدارت سرشاهنواز خان ڀٽو جي منعقد ٿيو. جنهن ۾ باقاعدي ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ ورڪنگ ڪميٽي ٺاهي وئي. جنهن جو صدر پڻ سر شاهنواز خان ڀٽو چونڊيو ويو. سنڌي مسلمانن جو سنڌ جي سيند سنوارڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو اتحاد تاريخ ۾ اچان ڪونہ ٿيو آهي. ٻئي طرف ان وقت جي سنڌي مسلمانن جي جڳ مشهور ترجمان اخبار الوحيد جي ايڊيٽر قومي اڳواڻ شيخ عبدالمجيد سنڌي جي سربراهي ۾ سنڌ ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگي تحريڪ کي ٻولي ۽ جاگرافيءَ جي بنياد تي ڪنيو ۽ سياستدانن جي پاران ٺهندڙ ڪيس کي دليلن مدلل ۽ منظم ثبوتن سان مضبوط بڻايو. تاريخ ٢٠ آگسٽ ١٩٢٢ع تي ڪراچي ۾ ”سنڌ آزاد ڪانفرنس“ منعقد ٿي. جنهن جو صدر سر شاهنواز خان ڀٽو چونڊيو ويو جڏهن تہ سيد ميران محمد شاهہ سيڪريٽري هيو. ان وقت سنڌ ۾ سياسي جماعتن نہ هئڻ باوجود بہ ٻهريون دفعو سياسي تحريڪ هلائڻ لاءِ جلسا ۽ هڙتال ڪرڻ جو فيصلو ٿيو پروگرام مطابق سنڌ ۾ هڙتال انتهائي ڪامياب وئي تمام بازارون بند رهيون جلسا منعقد ٿيا ۽ برطانيہ جي وزير اعظم کي سنڌ جي آزادي لاءِ تارون موڪليون ويون. هن تحريڪ آخر تمام گهڻي مقبوليت ۽ طاقت حاصل ڪئي نيٺ بمبئي جي سرڪار سرشاهنواز خان ڀٽو جي سربراهي هيٺ بمبئي ڪائونسل ۾ سائمن ڪميشن سان سهڪار لاءِ صوبائي ڪميٽي آگسٽ ١٩٢٨ع ۾ ٺاهي. هن ڪميشن سنڌ جي جدائيءَ لاءِ محمدن ايسوسيئيشن جي وفد جو موقف ۾ دليل ۽ ڏنا ۽ سائمن ڪميشن کي سرشاهنواز ڀٽو جي سربراهي ۾ عرضداشت پيش ڪئي وئي. ٣١ مئي ١٩٣٠ع تي حيدرآباد ۾ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن پاران سرشاهنواز جي سربراهي ۾ سنڌ جي زميندارن ۽ جاگيردارن جو هڪ عظيم الشان اجتماع ٿيو جنهن ۾ سنڌ جي بمبئي کان عليحدگي لاءِ قرارداد پاس ٿيو. جنهن بعد سنڌ جي هر هڪ حصي ۾ هن قومي مسئلي کي عوامي حمايت حاصل ٿي ۽ سنڌ جي غريب هڪ آواز تي تحريڪ جو روپ اختيار ڪيو. نيٺ انگريز سرڪار مذاڪرات کي بمبئي سطح تان ڪٽي انگلينڊ ۾ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ انگلينڊ ۾ گول ميز ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. گول ميز ڪانفرنس ۾ سنڌ جي عليحدگي جو ڪيس پيش ڪرڻ لاءِ سر شاهنواز خان ڀٽو ۽ بئريسٽر محمد علي جناح تي مشتمل وفد کي چونڊيو ويو. هن ڏس ۾ ڪيس ٺاهڻ لاءِ آڪٽوبر ١٩٣٠ع ڌاري ڪارلٽن هوٽل ڪراچي ۾ خانبهادر محمد ايوب کهڙي ۽ محترم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ايم سيد پاران مسٽر شاهنواز ڀٽو ۽ مسٽر محمد علي جناح جي دعوت ڏني وئي ۽ سنڌ ڌار صوبو ڪيس ٺاهيو ويو. وري لنڊن ۾ ١٢ نومبر ١٩٣٠ع کان ١٩ جنوري ١٩٣١ع تائين ٽيبل "هندستان رفارمس جي ڊس ۾ هندستان جي تمام پارٽين کي ڪانفرنس ۾ سڏيو ويو جنهن ۾ سنڌ مان سرشاهنواز خان ۽ سرغلام حسين هدايت الله شرڪت ڪئي. سرشاهنواز خان ڀٽو پاران سنڌ ڌار صوبو پيش ٽيبل ڪيس جي سڄي مسئلي کي سمجهڻ خاطر ڪميٽي ٺاهڻ لاءِ تجويز ڏني ۽ ان جي جواب ۾ انگليند جي وزير اعظم مسٽر راسي مئڪڊو نالڊ هڪ ڪميٽي ٺاهي جنهن جو سربراهه مسٽر لارڊ رسيل هيو جڏهن ته سرشاهنواز خان ڀٽو، بئريسٽر محمد علي جناح، سر آغا خان ۽ سر غلام حسين هدايت الله ڪميٽيءَ جا ميمبر هيا. هن ڪميٽي ۾ سر شاهنواز خان ڀٽو پنهنجي زوردار دليلن سان نهايت ئي شاندار انداز ۾ ڀرپور ڪيس پيش ڪيو ۽ سنڌ جي ڌار صوبو ۽ مالي تحقيقات بابت مطالبو ڪيو. سندس شاندار تاريخي تقرير کي سڄي سنڌ جي سياستدانن ساراهيو نيٺ سندس پاران پيش ٽيبل پنهي مطالبن بابت هندستان سرڪار هڪ ڪميٽي ٺاهي جنهن جو پاڻ به ميمبر هيو. ١٩٣٢ع ۾ هندوستان جي شهر الهه آباد ۾ "آل انڊيا يونٽي ڪانفرنس" منعقد ٿي جنهن ۾ سنڌ جي سياستدانن سنڌ جي ڌار صوبي جو مطالبو شرط طور پيش ڪيو جنهن جي سرشاهنواز خان مڪمل حمايت ڪئي. ١٥نومبر ١٩٣٢ع تي حيدرآباد ۾ ٻيو سنڌ آزاد ڪانفرنس جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن لاءِ هڪ استقباليه ڪميٽي جوڙي وئي جنهن جو سر شاهنواز خان ڀٽو صدر چونڊيو ويو. هن اجلاس ۾ هڪ ٻي جماعت "سنڌ آزاد ڪانفرنس" سرشاهنواز خان ڀٽو جي قيادت ۾ متحد ٿي. هلايل تحريڪ آخر ڪاميابي ماڻي ۽ هن گڏيل عظيم اتحاد ١١ اپريل ١٩٣٥ع تي ڪاميابي جا جشن ملهائيا. قوم کي فتح جو پيغام ڏنو.

سنڌ ۾ سياسي پارٽي قائم ڪرڻ جي ڊس ۾ به اعزاز سر شاهنواز خان جي طرف ويندي نظر اچي ٿو. آخر سنڌ جي سياستدانن محسوس ڪيو ته سنڌن سياسي نظرين يا سوچن کي سياسي فيصلن ۽ عمل جي ضرورت آهي جڏهن ته سنڌ محمدن ايسوسيئيشن يا سنڌ آزاد ڪانفرنس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتحاد هيا. انهن جي سياسي پارٽي جي حيثيت ڪونهي. ان ڏس ۾ تمام مشهور سياستدانن پاڻ ۾ صلاحون ڪيون. آخر ڪار ١٢ جون ١٩٣٦ع تي سنڌ جي تاريخ ۾ پهرين نج سياسي بنيادن، پروگرامن مقصدن سان هڪ سياسي پارٽي "سنڌ پيپلز پارٽي" وجود ۾ آئي جنهنجو پهريون صدر سر شاهنواز خان ڀٽو چونڊيو ويو جڏهن ته خانبهادر الهه بخش سومرو نائب صدر، حاتم علي سيڪريٽري ۽ سائين جي ايم سيد جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو. هن پارٽي سنڌ جي سياست ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي پنهنجي پارٽي کي اسيمبلي اليڪشن ۾ ڪامياب ڪيو ۽ اليڪشن ڪاميابي ۾ اول پوزيشن حاصل ڪئي پر هتي پارٽي گهڻو عرصو هلي نه سگهي ڇاڪاڻ ته سرشاهنواز سنڌ جي سياست کان ترقي ڪندي بمبئي ۾ وفاقي وزير ٿيو ۽ سنڌ کان گهڻو وقت ٻاهر بمبئي ۾ رهڻ لڳو.

سياست واري عرصي ۾ سرشاهنواز خان مختلف عهدن تي رهيو ۽ وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪيائين. سڀ کان پهرين لاڙڪاڻي ضلعي جي سياست جو نالو ڪمائڻ ۽ ڏاڪو ڄمائڻ بعد دهلي جي دائري ۾ پهتو. ١٩١٩ع کان ١٩٢٠ع تائين هڪ سال لاءِ سنڌ جي جاگيردارن ۽ زميندارن پاران امپيرل ڪائونسل دهلي لاءِ نمائندو چونڊيو ويو، سال ١٩٢١ع کان ١٩٣٦ع تائين مسلسل ١٥ يا ١٦ سال بمبئي ڪائونسل تي ميمبر چونڊيو ويو جيڪو ڪنهن سنڌي يا سنڌ جي مسلمانن لاءِ وڏو اعزاز آهي.

سال ١٩٢٠ع کان ١٩٣٠ع تائين لاڙڪاڻي ضلعي ۾ امن امان قائم رکڻ لاءِ وڏو اعزازي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ به رهيو. هو سال ١٩٢٥ع کان ١٩٣٣ع تائين لڳاتار اٺن سالن تائين بمبئي ڪائونسل ۾ مسلمان اسيمبلي ميمبرن جو قائد رهيو. سال ١٩٣٣ع ۾ بمبئي سرڪار ۾ لوڪل سيلف گورنمينٽ کاتي جو وزير ٿيو. اپريل ١٩٣٧ع کان ١٩٤٥ع تائين ميمبر پبلڪ سروس ڪميشن رهيو جتي سنڌين ۽ مسلمانن کي صلاحيتن ۽ قابليت جي آڌار تي نوڪرين جو حق ڏيارڻ لاءِ پاڻ پتوڙيائين. انگريز گورنر سرلنس سيلا گرهام ١٩٣٧ع ۾ کيس سنڌ لاءِ پنهنجو ايگزيڪيوٽو ايڊوائيزر مقرر ڪيو. سندس ڊپلوميسي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتظامي ۽ سياسي ڏاهپ، صلاحيتن ۽ ڪاميابين کي ڏسندي سال ١٩٤٥ع ۾ رياست جهونا ڳڙهه جي نواب مهابت خان جي ڪيس جهونا ڳڙهه رياست جو ديوان مقرر ڪيو هي عهدو وزير اعظم جو هيو جنهن منصب تي ١٩٤٨ع تائين رهيو. جڏهن هندستان سرڪار جهوناڳڙهه رياست تي قبضو ڪيو تڏهن هو نواب مهابت خان جي راجا آف جهونا ڳڙهه رياست ساڻ پاڪستان موٽي آيو. هتي اچڻ مهل پاڻ صحت جي لڳاتار خرابي سبب سياست تان ڪناره ڪش رهيو ۽ پنهنجي خاندان سان وقت گذارڻ لڳو. ڪيس بهترين ڪارنامن ۽ خدمتن سبب مختلف اعزاز پڻ ڏنا ويا جنهن ۾ سال ١٩١٩ع ۾ "او بي او"، سال ١٩٢٤ع ۾ "قيصر هند"، سال ١٩٢٥ع ۾ "سي آءِ اي" کان علاوه ١ جنوري ١٩٣٠ع تي "سر" جا خطاب شامل آهن. پاڻ ٻه شاديون ڪيائين. پهرين خانداني زال مان سڪندر علي خان ۽ امداد علي خان ڀٽو ٻه پٽ هيا. جيڪي جواني ۾ ئي انتقال ڪري ويا. ٻئي پٽ تمام گهڻا حسين ۽ دلير هيس. پويان ٻي زال مان ذوالفقار علي ڀٽو هيو جنهن پنهنجي والد جي فلسفي ۽ سوچن کي عملي روپ ڏيندي اعليٰ تعليم حاصل ڪري، عوام جي خدمت ڪئي ۽ سنڌ پيپلز پارٽي کي پاڪستان پيپلز پارٽي جي نالي ۾ ٻيهر جياريو.

(عبدالستار ڀٽي)

## زوار در محمد

زوار در محمد ميراڻي ١٨٩٦ع ۾ پيدا ٿيو، سنڌس تعليم سنڌي هئي، مگر تعليم کان وڌ مرحوم جو دماغ هو، سال ١٩٢٠ع کان هن هڪ سائيڊ بزنيس رکيو، اهو هيو سنڌ جا نامور پهلوان گهرائي ٽڪيٽ تي ملاکڙو ڪرائڻ. جنهن مان ڪيس سستي زماني ۾ ڪافي اُپت ٿيندي هئي ۽ وڏي ڳالهه ته اتر سنڌ ۾ انهيءَ شخص پهلوانن جا ميلا ملاکڙا شروع ڪرايا هئا. وڏي ڳالهه اها به هئي ته زوار پاڻ ملهه به نه هو، پر ملهن جا جوڙ پاڻ ٻڌندو هو ۽ ڪيس وڙهت جي وڏي ڄاڻ هئي. ماڻهن کي ايترو ته لطف ايندو هو جو مانڊي ۾ پير پائڻ جي جاءِ نه هوندي هئي. سندس تقرير به پرلطف هئي، جڏهن وڏي آواز سان چوندو هو ته:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"دوستو، شوقينو!" ته ائين خاموشي ڇانئجي ويندي هئي، ڄڻ ڪي ماڻهو خالي آهي. زوار جي جوڙن پڙهڻ ۽ تقريرون ڪرڻ جي تعريف ٻڌي مير صاحب عليءَ ڏنو خان ڪوٽ ڏيجي (خيرپور ميرس) واري جو متس راز ٿي پيو ۽ ٻئي ٽين مهيني ڪيس گهرائيندو هو ۽ ملهن جا جوڙ پڙهرائي بنا ٽڪيٽ ملاڪڙو ڪرائيندو هيو ۽ مرحوم ڪي سستي زماني ۾ پنج سئو روپيا لونگي جا ڏيندو هو. زوار پهرين زماني ۾ ڏاندن ۽ گهوڙن جو به شوقين هو ونس پلا پلا ڏاند ۽ تمام عمدا گهوڙا به هوندا هئا. انهن جون به گويون ڪرائيندو هو ۽ ڪيس وڏي مهارت حاصل هوندي هئي. ايتري قدر جو زوار بگين جا رنگ به پاڻ ڪندو هو ۽ ان سان گڏ تابوت لاءِ گل ڪاغذ بخمل جي ڪپڙي جا پاڻ ٺاهيندو هو ۽ نئون ديري ۾ شيعت جو پايو به هن شخص وڌو.

"امام بارگاه" ۾ تابوت وغيره ٺهرايائين، صوم صلوات جو به پابند هو، ان سان گڏ ذاڪر به هو ۽ راڳ سان گهرو لڳاءُ هيس، مرحوم پاڻ به ڪڏهن ڪڏهن يڪتاري تي ڪلام چوندو هو ۽ مرحوم استاد الهه ڏنو خان نوناري، جيوٽي ٻائي، مرحوم ٻيبو خان جن کي گهرائي راڳ رهاڻيون به ڪرائيندو هو. زوار سائين عزت مآب ماڻهو هو. مرحوم رسول بخش خان پنهو به سندس وڏو خيال رکندو هو ۽ شهر جا ماڻهو به ڪيس وڏي عزت جي نگاهه سان ڏسندا هئا. سندس وفات ١٧ نومبر ١٩٦٠ع ۾ ٿي.

(ظهير الدين شاهاڻي)

## حڪيم عزيز الله موريو

حڪيم صاحب تقريباً ١٩٠٠ع ڌاري نئون ديري جي پرسان ڳوٺ موريا فقير ۾ پيدا ٿيو، سندس والد جو نالو عبدالعزيز موريو هيو. پرائمري تعليم کان پوءِ طبيه ڪاليج دهلي مان حڪمت جو امتحان پاس ڪري نئون ديري ۾ شفاخانو کولي حڪمت جي شروعات ڪيائين. ان دوران پاڻ لاهور جي طبيه ڪاليج مان به حڪمت جو ثانوي امتحان پاس ڪيائين. حڪيم صاحب جو شفا خانو وچ شهر ۾ هوندو هيو ۽ مذهبي، علمي ۽ سياسي سرگرمين جو مرڪز ليکيو ويندو هو. سياسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طور خانبهادر احمد خان جي مخالف نظرين سان تعلق هوندو هيس ۽ سندس حقلي احباب ۾ به اهڙي ئي قسم جا مخصوص نظريي وارا شهري شامل هوندا هيا. مذهبي طرح جماعت اهلسنت جو سرگرم سرپرست ليکيو ويندو هو ۽ ديني جلسن جي اهتمامن لاءِ مرحوم شهبازي موچي سندس خاص ڪارڪن هوندو هيو.

حڪيم صاحب حڪمت سان گڏ عربي صرف و نحو جو به ڄاڻو هوندو هيو ۽ فارسي زبان تي به کيس دسترس حاصل هئي. حڪيم صاحب قد جو ڊگهو ۽ ڪڻڪ رنگو هيو. چاپئين ننڍڙي ڏاڙهي کي اڪثر ميندي جو رنگ ڪندو هيو. مٿي تي ڊگهو بڪرم وارو ڪلاه ۽ شيرواني سندس عام لباس هوندو هيو. پاڻ ١٩٧٥ع ۾ وفات ڪيائين.

## ڊاڪٽر سيد محمد عسڪري

سيد محمد ولد وزير علي عسڪري ١٩٠٠ع ۾ هندوستان جي شهر "نگينہ" ضلعي بجنور اتر پرديش ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ مئٽرڪ "انبالا" مان پاس ڪيائين. بعد ۾ آگره جي ميڊيڪل اسڪول مان ڊاڪٽريءَ جو ڪورس ڪري برٽش انڊين آرمي ۾ نوڪري ڪيائين. سندس اها نوڪري ٻه سال هلي. بعد ۾ دهليءَ اچي رهائش اختيار ڪيائين. ١٩٢٤ع ۾ سول سائيڊ ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو. انهن ڏينهن ۾ سندس ملاقات بمبئي جي شوٽنگ ڪلب ۾ سر شاهنواز ڀٽي سان ٿي، جيڪا اڳتي هلي دوستي ۾ بدلجي وئي.

١٩٤٧ع ۾ ورهاڱي کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب به پاڪستان آيو. هتي اچي هن سر شاهنواز ڀٽي ڏانهن هڪ خط لکيو (جيڪو ان وقت وزير هيو) ته هو پاڪستان پهتو آهي ۽ کيس هڪ اهڙي جڳهه جي ٽڪري جي ضرورت آهي، جنهن کي هو پنهنجو وطن چئي سگهي. ان خط جي جواب ۾ سر شاهنواز کيس ٻه خط لکي موڪليا ۽ کيس نئون ديري وڃڻ لاءِ چيو. اهي خط خانبهادر احمد خان ۽ نواب نبي بخش خان ڀٽي ڏانهن لکيل هيا. خانبهادر ۽ نواب نبي بخش خان سندس وڏي عزت ڪئي ۽ کيس رهڻ لاءِ هندن جي ڇڏيل جڳهن مان هڪ چڱي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاصي جڳھ ۽ دڪان ڏنائون. بعد ۾ ڊاڪٽر صاحب پنھنجي خاندان سميت ھتي رھڻ لڳو ۽ پنھنجي ڪلينڪ پڻ کوليائين. شھر جا سڀ ماڻھو ڊاڪٽر صاحب جي تمام گھڻي عزت ڪندا ھيا ۽ ڊاڪٽر صاحب پڻ ھتان جي مقامي ماڻھن سان پنھنجا تعلقات وڌايا، جيڪي وقت گذرڻ سان گڏ مضبوط ٿيندا ويا.

ڊاڪٽر صاحب جو شمار شھر جي پڙھيل لکيل ۽ سلجھيل ماڻھن ۾ ٿيندو ھو. پاڻ ٢١ مئي ١٩٧٨ع تي وفات ڪيائين.

(ابراھيم خليل)

## مکي گوپالداس

گوپالداس ولد ککومل آھوجا ١٩٠١ع ۾ ٺٽون ڏيرو ۾ ڄائو، مئٽرڪ پاس ھيو. انھي زماني ۾ شھر ۾ پڙھيل لکيل ماڻھن جو تعداد ٿورو ھيو. سندس ذريعہءِ معاش زمينداري ھئي. زمينداري کيس اَبن ڏاڏن کان ورثي ۾ مِلي ھئي ۽ شھر ۾ پنھنجي مُکي خاندان جي نشاني بہ ھو. وار اَڇا ھيس، سدائين پاسي تي سينڌ ڪڍندو ھو. قد بت ۾ پريل، رنگ جو سفيد، سدائين شلوار قميص ۾ ملبوس، ھر وقت مُنھن تي رنگين چشمو چڙھيل ھوندو ھيس.

مُکي گوپالداس شھر ۾ ان زماني ۾ سماجي ڪم ڪيا، جڏھن شھر ۾ ڪا بہ سماجي يا عام ماڻھن جي فلاح و بھبود جي ڪا باقائده جماعت ڪونہ ھئي. شھر جي شاگردن کي مٿي پڙھائڻ ۽ داخلا وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪندو ھيو. انھي زماني ۾ شھر ۾ ڪالرا جي بيماري پکڙي ھئي ۽ عام ماڻھو ڪافي تعداد ۾ انھي بيماري ۾ وچڙيل ھيا. تڏھن مُکي صاحب جي ئي ڪوشش سان ھتي ھڪ ميڊيڪل ڪيمپ لڳي. جنھن مان سيني شھري بنا ڀيد ڀاو جي مُستفيد ٿيا. شھر ۾ اسڪول کولرائڻ ۽ انھن ۾ سھولتون ڏيارڻ لاءِ بہ ھن ڪافي ڪوششون ڪيون. ۽ پنجين ڪلاس کان اٿين جي اسڪالر پڙھندڙ شاگردن لاءِ بورڊنگ ھائوس پنھنجي اوطاق ۾ قائم ڪيائين، جتي شاگرد رھندا ھئا. اھڙي طرح ھن سماج سڌارڪ ماڻھو ٢٨ ڊسمبر ١٩٦١ع تي وفات ڪئي. سندس بہ پٽ اھن. ١- مُرلي ڌر آھوجا (وڪيل ۽ ٺيڪيدار) ٢- مولچند آھوجا جيڪو شاھنواز ڀٽو شگرمل ۾ آفيسر رھي چڪو آھي.

(منٺار سولنگي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ميان محمد ابراهيم ناريجو



ميان محمد ابراهيم ناريجو جون ١٩٠٦ع ۾ پيدا ٿيو. ميان صاحب هڪ غريب ۽ مسڪين خاندان جو فرد هيو. سنڌس شادي مائٽن پراڻي دستور مطابق ننڍي عمر ۾ ڪرائي ڇڏي ۽ سنڌس وڏو ڀاءُ به گذاري ويو، جنهن ڪري خاندان جو بار مٿس اچي ويو ۽ اڳتي پڙهي نه سگهيو. ١٩٢١ع ۾ بمبئي واري مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ جلدي ۾ نوڪري ڪرڻي پيس. سيشن ڪورٽ لاڙڪاڻي ۾ چيف منسٽريل آفيسر (CMO) جي حيثيت ۾ زندگيءَ جا سڄا سارا ارڙهن ويهه سال سيشن ڪورٽ لاڙڪاڻي ۾ گذاريائين. جتي غريب کي انصاف وٺي ڏيارڻ لاءِ هميشه ڪوشان رهيو. انگريزي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻو هوشيار هيو ۽ ججن جو مٿس ايترو اعتبار هوندو هيو، جو ڪيسن جون فتوائون به ميان صاحب پاڻ لکندو هيو. دوستيءَ ۾ دوست تي سر ڏيندو هو.

پٽو صاحب جڏهن بار ايٽ لا ڪري واپس نئون ديري آيو هيو ته ميان صاحب نئون ديري جي سيني چڱن مڙسن کي گڏ ڪري پٽو صاحب کي چڱ مڙسيءَ جي پڳ پڌرائڻ واري رسم جي هڪ پر وقار تقريب ڪئي هئي. پر ڪن سببن جي ڪري پٽي صاحب سان سنڌس لڳ لاڳاپو رهي نه سگهيو.

ميان صاحب هڪ انسان پرست شخص هو. غريبن ۽ مسڪين جي هڙان وڙان مدد ڪندو هو. پنهنجي خرچ سان غريبن کي تعليم ڏياريندو هو. خاص ڪري پوليس جي ظلم کان بچڻ ۾ غريبن جي مدد ڪندو هو. ميان صاحب شهر جي ڪيترن ئي ماڻهن کي سرڪاري نوڪريون ڏياريون، جن ۾ محمد عرس چنو، غلام قادر ميراڻي، شهمير خان جت، الاهي بخش چنو ۽ ٻيا شامل آهن. جڏهن هندن جي ڇڏيل جڳهن تي حڪومت طرفان واڪ ٿيا ته پاڻ ڪيترن ئي غريبن کي پنهنجي گهر جو ڏٽي بنايائين. وقت بوقت صوفي راڳ ۽ قوالين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محفل ۾ رچائيندو هو. پاڻ نهايت ئي ايماندار ماڻهو هيو.

هر هفتي موڪل جو ڏينهن پنهنجي شهر نئون ديري ۾ گذارڻ ايندو هيو. شام جو چئين بجي واري گاڏيءَ ۾ ايندو هيو. سندس دوست اسٽيشن تي وٺڻ لاءِ ويندا هيا، جن سان پنڊ شاهي بازار مان ٿيندو يارن دوستن ۽ دڪاندارن سان ملندو اچي، پنهنجي پيڻ ڪيل هندياڻيءَ سان ملي حڪيم ميان عزيز الله موريو وٽ چانهه پيئندو هو. جيڪو سندس تمام ويجهو دوست هيو. بعد ۾ رات جو ويهي دوستن سان ڪچهري ڪندو هو. موڪل جي ڏينهن ۾ ميلن جا ميل پيرين پنڌ ڳوٺن واهڻن ۾ وڃي مائٽن مٽن جون رنجشون دور ڪري ڪين ڪير ڪنڌ ڪندو هو. پاڻ رٽاير ڪرڻ کان پوءِ جلد ئي ١٥ ڊسمبر ١٩٦٦ع تي وفات ڪري ويو.. ڪيس اڄ ڏينهن تائين نئون ديري جا ماڻهو وساري نه سگهيا آهن.

(حسين بخش ناريجو)

## محمد عيسيٰ چنه



نئون ديري ۾ شهري سطح تي جيڪي نامور ماڻهو ٿي گذريا آهن، انهن ۾ محمد عيسيٰ چنه جو نالو پڻ قابلِ ذڪر آهي. سندس وڏا اصل نواب شاهه ضلعي جي تعلقي ناري شاهه جي شهر "پورني" جا هئا. سندس والد محترم محمد چٽل چنه ريلوي ۾ ملازم هيو. جيڪو نئون ديري ريلوي اسٽيشن تي بدلي ٿي اچڻ کان پوءِ مستقل طور هتي ئي رهائش پذير ٿيو ۽ هتان ئي شادي ڪيائين.

محمد عيسيٰ چنه تعليم نئون ديري ۾ ئي ورتي. سندس استاد محمد يوسف سهتو ۽ عزيز الله سهتو هيا. سندس شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي، جن ۾ نالي وارا شاگرد بئريسٽر علي گوهر کهڙو ۽ سنڌ جو ناميارو شاعر زيب عاقلي آهن ۽ ٻيا به ڪافي شاگرد جيڪي استاد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر، انجنيئر، ڊي- سي ۽ جج جهڙن عهدن تي فائز ٿيا.

پاڻ ٺٽون ديري شهر جو پهريون فرد هيو، جنهن نياڻين جي تعليم کي برو سمجهندڙ معاشري ۾ ماڻهن جي پرواهه نہ ڪندي پنهنجي نياڻين کي تعليم جي زيور سان سينگاريو ۽ اهڙي طرح ٺٽون ديري شهر ۾ عورتن جي تعليم جو بنياد وڌو. ٺٽون ديري ۾ ان وقت نياڻين جي تعليم جي خاص بندوبست نہ هئڻ ڪري بعد ۾ حيدرآباد ڏانهن بدلي ڪرائي ويو ۽ اتي ئي مستقل سڪونت اختيار ڪيائين. سندس خاندان هن وقت اتي ئي رهائش پذير آهي.

چنہ صاحب کي چار نياڻيون ۽ هڪ پٽ جي اولاد ٿي. جيڪي سڀ جو سڀ اعليٰ تعليم يافتہ ۽ اعلي عهدن تي فائز رهيا آهن. سندس وڏي نياڻي محترمہ سڪينہ چنہ، ٺٽون ديري جي پهرين ٽرينڊ ٽيچر هئي، جنهن پنهنجي ملازمت جي شروعات ٺٽون ديري گرلز اسڪول کان ڪئي ۽ پنهنجي والد صاحب جي نقشِ قدم تي هلندي شهر جي ڪيترين ئي نياڻين کي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪيو ۽ ان جي ڪوشش جي ڪري ئي شهر جي معزز ماڻهن پنهنجون نياڻيون تعليم لاءِ اسڪول موڪلڻ شروع ڪيون. جيئن تہ سندن خاندان حيدرآباد ۾ رهائش پذير هيو، تنهن ڪري ٿوري ئي وقت کان پوءِ محترمہ سڪينہ چنہ بہ هتان بدلي ڪرائي حيدرآباد هلي وئي. جتي بعد ۾ ڪاليج آف ايجوڪيشن فار وومين جي پي- سي اسڪول جي هيڊ مسٽريس ٿي ۽ ان ئي عهدي تان رٽاير ڪيائين.

سندس ٻيو نمبر نياڻي محترمہ عزيزه چنہ لاڙڪاڻي ضلعي جي پهرين ڇوڪري هئي، جنهن ايم- اي پاس ڪئي ۽ پنهنجي سروس جو آغاز سنڌ يونيورسٽي ۾ مسلم هسٽري جي شعبي ۾ ليڪچرار ٿيڻ سان ڪيو. ان وقت سنڌ يونيورسٽي ۾ ليڊي ٽيچر آڱرين تي ڳڻڻ جيترين هيون. بعد ۾ پروفيسر، چيئرمين ۽ ڊين آف فيڪلٽي جي عهدي تي فائز رهي رٽاير ڪيائين.

سندس ٽيون نمبر نياڻي محترمہ مهر چنہ (هاڻي مهر اڪبر ميمڻ) بي-ايس- سي ۽ ايم- اي سوشيالاجي ۾ ٽرڊ پوزيشن حاصل ڪئي ۽ سينٽ ميري گرلز اسڪول ۾ سروس ورتي. سال کن کان پوءِ سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شادي ٿي ۽ گهرو ڪمن ڪارڻ ڪري سروس ڇڏي ڏنائين. سندس گهروارو محترم اڪبر ميمڻ سيشن جج جي عهدي تي فائز آهي.

سندس چوٿون نمبر نياڻي محترمہ مهتاب چنہ (هاڻي مهتاب اڪبر راشدي) سنڌ جي ناماري اسڪالر، تعليمي ماهر ۽ ليکڪا آهي، جنهنجو تفصيلي ذڪر قلمڪارن واري باب ۾ آيل آهي.

سندس فرزند آفتاب احمد چنہ مهراڻ يونيورسٽي مان انجنيئرنگ پاس ڪري اعليٰ تعليم لاءِ روس ويو. جتان واپس اچڻ ڪانپوءِ ڪجھ عرصو پاڪستان اسٽيل ملز ۾ انجنيئر ٿي رهيو. هن وقت انڊسٽريل ڊولپمينٽ بئنڪ آف پاڪستان حيدرآباد ۾ بحيثيت مئنيجر پنهنجا فرائض سر انجام ڏئي رهيو آهي. آفتاب احمد چنہ ننڍي هوندي کان ئي غيرنصابي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ پڻ حصو وٺندو هيو ۽ مضمون نويسي، ڊبيٽ ۽ ڊرامن وغيره ۾ ڪافي نمايان اعزاز ۽ انعام حاصل ڪيائين. عبرت اخبار جي 'ٻارن جي ٻاري' جو بنيادي ميمبر رهيو ۽ انهيءَ ٻاريءَ ۾ "ادا ٿمون" جي نالي سان مستقل ڪالم لکندو هو. ڪجھ وقت ڪراچي ٽي- وي اسٽيشن تي نوجوانن لاءِ پروگرامن "نئين ٿهي" ۽ اردو ۾ "سات رنگ" جو ڪمپيئر پڻ رهيو. انهن پروگرامن جا اسڪرپٽ ۽ خاڪا وغيره بہ پاڻ ئي لکندو هو. ون يونٽ جي خلاف وڏن سان گڏ هي پهريون ٻار هو، جنهن بک هڙتال ۾ حصو ورتو.

محمد عيسيٰ چنہ صاحب حيدرآباد ۾ رهڻ جي باوجود پنهنجي شهر ننون ديري سان تعلق نہ ٽوڙيو ۽ هميشہ هر غمي ۽ خوشيءَ ۾ هتي ايندو رهيو. سندس گذاري وڃڻ کان پوءِ سندس اولاد پڻ انهيءَ روايت کي برقرار رکيو آهي ۽ هتان جي ماڻهن سان ساڳي محبت ۽ عزت جو تعلق قائم رکيون پيا اچن.

(سراج ڪٽپر)

## حڪيم سيد بدرالدجيٰ شاھ راشدي:

حڪيم سيد بدرالدجيٰ شاھ راشديءَ جو شمار اعليٰ پائي جي حَڪيمن ۾ ٿيندو هو. حڪيم صاحب جي پيدائش ١٩٠٩ع ۾ پير جو ڳوٺ ۾ ٿي ۽ وفات بہ ساڳي ئي ڳوٺ ۾ ٦٣ ورهين جي ڄمار ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



١٩٧٢ع ۾ ٿي. حڪيم صاحب جو والد صاحب شاهه محمد شاهه راشدي به اعليٰ پائي جو حڪيم هو. انهيءَ حوالي سان حڪمت جو فن ۽ تجربو حڪيم سيد بدرالدجيٰ شاهه راشديءَ کي ورثي ۾ مليو. هونءَ به راشدي خاندان حڪمت جي حوالي سان سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي.

حڪيم صاحب جن جا سنڌ جي عظيم تاريخدان پير حسام الدين راشدي سان گهرا تعلقات هيا. پير صاحب جڏهن به نئون ديري ايندو هيو، تڏهن ڪيس پاڻ وٽ گهرائيندو هيو يا وٽس ويندو هو. حڪيم صاحب، ڊاڪٽر اينميري شمل سان به پير صاحب جي حوالي سان ملاقات ڪئي. ان ڪان علاوه شهيد ڀٽو وٽ به سندس سٺي عزت ۽ اهميت هئي. شهر جي اهم مسئلن ۽ معاملن بابت ڪانئس صلاح مشورو ورتو ويندو هو. سندس شهر جي بنيادي ماڻهن قاضي علي گوهر خان، آغا محمد حسن پناڻ، حڪيم سعدالله، ارباب علي خان ڪرنيو، مينهون خان ماڇي ۽ ٻين ڪيترن ماڻهن سان ويجهڙائي وارا رشتا هيا. وچ شهر ۾ سندس مشهور شفاخانو هو جتي مريضن کي ڏسندو به هو ۽ سنگت سان ڪچهريون به ڪندو هو.

(منٺار سولنگي)

## فقير محمد موسيٰ

فقير محمد عيسيٰ جو وڏو ڀاءُ فقير محمد موسيٰ ولد محمد صفر ڪنڌر ١٩١٢ع ۾ ڳوٺ يونيٽ پور ۾ پيدا ٿيو ۽ سندس شروعاتي زندگي اتي ئي گذري، سندس خاندان ١٩٦٠ع ڌاري نئون ديري لڏي آيو. پاڻ پير متاري جو متولي به هيو. جوانيءَ ۾ تمام گهڻو طاقتور ۽ بهترين ملھ هيو. سندس هاڪ پوري تر ۾ هئي. شروعاتي دور ۾ روايتي متولين وانگر ميلا ملاڪڙا ۽ راڳ رنگ جي محفلن مچائڻ جو شوقين هيو، پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پوءِ جوانيءَ ۾ ٿي مذهب ڏانهن لاڙو ٿيس ۽ لاڙڪاڻي جي رحمت پور واري پير سائين عبدالغفار (پير مٺا) جو مريد ٿيو. سندس زندگيءَ ۾ ڦيرو اچي ويو، سڀ پراڻيون ڳالهيون ڇڏي نهايت ئي نيڪ ۽ باشرع انسان بڻجي ويو.

سندس خاص سڃاڻپ حڪمت هئي. پاڻ خاص ڪري ڀڳل عضون کي ڳنڍڻ ۾ وڏي مهارت رکندو هيو. جڏهن ميڊيڪل سائنس اجا ڳوٺن ۾ ايترو ڪونه پهتي هئي، تڏهن پنهنجي تر ۾ هن حڪيم صاحب وٽ بي انداز ماڻهو ڀڳل عضون ڳنڍرائڻ ۽ ٻين مختلف بيمارين جي علاج واسطي ايندا هئا. پنهنجي علائقي جو بهترين حڪيم ٿي گذريو آهي. سندس پويان اجا تائين حڪمت کي هلائيندا پيا اچن.

اڇي سونهاري، پريل بت، ڪڻڪائي رنگ، وچولي قد وارو فقير محمد موسيٰ پنهنجي تر ۾ هڪ بزرگ شخصيت طور سڃاتو ويندو هو. سندس وفات ۱۹۹۴ع ۾ ننون ديري ۾ ٿي.

(سراج ڪنڀر)



## حافظ ڪريم ڏنو ڪنڀر

حافظ ڪريم ڏنو ڪنڀر ۱۹۱۴ع ۾ لاڙڪاڻي تعلقي جي ڳوٺ ڪرماڻي ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو محمد سليمان هيو، جنهن پنهنجي سيني پٽن کي حافظ قرآن بڻائڻ گهريو. ان ڪري ڪين پنهنجي ڳوٺ ڪرماڻي ڪناسرا جي پرسان دودي سنهڙي ڳوٺ ۾ حافظ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد ڪامل جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو. سندن استاد حافظ محمد ڪامل هڪ ڪامل ولي هيو، اهو ئي سبب هو جو سندس شاگرد به نيڪ سيرت انسان ٿي نڪرندا هئا.

حافظ ڪريم ڏنو جنهن کي سندس ماءُ بطورِ دعا "ڪريم جُڙيو" سڏيندي هئي، حافظِ قرآن ٿيڻ کانپوءِ مختلف جڳهن تي مسجدن ۾ پيش امامي ڪئي ۽ پوءِ اڄ کان سٺ سال اڳ ۱۹۴۰ع ۾ لاڙڪاڻي جي گجڻ پور محلي ۾ سطانيہ مسجد ۾ بطور پيش امام ۽ مدرس حافظ مقرر ٿيو. ان دور ۾ حافظِ قرآن جيئن ته گهٽ ملندا هيا، انهيءَ ڪري سندس چڱي خاصي مشهوري ٿي ۽ سندس مدرسي ۾ قرآن شريف ڏسي ۽ ياد پڙهندڙن جو وڏو انگ گڏ ٿي ويو ۽ تمام وڏي علائقي ۾ ٻار توڙي وڏا، مرد توڙي عورتون ڪائنس فيضياب ٿيا. ان ڪري انهيءَ علائقي ۾ ڪيس وڏي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هيو. پاڻ سموري زندگي پابندي سان ڪلام پاڪ تي توجهہ ڏنائين.

لاڙڪاڻي ضلعي جا گادي نشين بزرگ به سندس ديني خدمتن جي ڪري احترام ڪندا هيا. پاڻ تمام سٺو نعت گو به هيو. سندس چيل پراڻا مولود ۽ شاهہ عبداللطيف جون وايون بيمثال آهن. پاڻ سڄي زندگي گوشت خوريءَ جي ويجهو نہ ويو. جيئن تہ پيش امامن کي گهٽ پگهار ملندي آهي، انهيءَ ڪري پاڻ ڪافي وقت تائين پنهنجي ڪاپائتي ڪِرت يعني آڏاڻي تي ڪپڙي اڻڻ واري ڪرت به جاري رکندو آيو. ڪتپر پيشي جي لحاظ کان ڪوري آهن. جو تہ ڪتپر لفظ جي معنيٰ ڪَت+ پَرِ يعني ڪتڻ جي پَرِ ڪندڙ، ڪاپائتا، ڪپڙو اڻندڙ آهي. شاهہ لطيف انهيءَ ڪِرت تي پورو سُر چيو آهي، جيڪو رسالي ۾ سر ڪاپائتي جي نالي سان آهي. پٽائي فرمائي ٿو:

پلئہ پائي پوٽيون، در در پيرا ڏي،
ڪامون ڪَتائي، آنءُ ڪاپائتي آهيان.

حافظ صاحب جو خانداني ڳوٺ ڪرماڻي ڪناسرا درياهہ پائي ويو، جنهن سبب سندس خاندان ۱۹۵۲ع ۾ لڏي اچي نئون ديري جي ڪتپر محلي ۾ ويٺو. سندس اولاد مجموعي طور تي استاد گهراڻي جي طور مشهور آهي. پاڻ ۸ سيپٽمبر ۱۹۹۵ع تي نئون ديري ۾ انتقال ڪري ويو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مکي آرت مل

هي نهايت سادو سودو شخص پوري شهر ۾ عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هيو ۽ انهن چند شخصيتن ۾ شامل هيو، جن جي هندو توڙي مسلمان ٻئي هڪ جيتري عزت ڪندا هيا. مکي آرت مل جي والد جو نالو جيسارام هيو، جيڪو دستاويزن جي لک پڙهه جو ڪم ڪندو هيو. پاڻ ١٩١٥ع ۾ پيدا ٿيو، نئون ديري مان ئي سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري پنهنجي پيءُ جيان رجسٽرڊ اسٽامپ وينڊر بڻيو. انهيءَ ڌنڌي سان گڏوگڏ ڪجهه زمين جي ٽڪرن هجڻ ڪري مالي طور تي پاڻيرو هوندو هيو. سنهڙي سڪي هڏ ڪاٺ وارو سادڙو ماڻهو هيو. عام طور تي اڇو چولو، ڌوتي، مٿي تي اڇي ٽوپي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اڇو پٽڪو سنڌس پوشاڪ هوندي هئي ۽ شهر جي پراڻي جڳ جي هندن مان هڪ هيو. پاڻ ١٩٨٥ع ۾ وفات ڪيائين.

(قمرالدين قاضي)

## علي نواز سومرو (جيلر صاحب)



علي نواز ولد قادر بخش سومرو ١٩١٥ع ۾ نئون ديري جي ڀر واري ڳوٺ ڏڙي الاهي بخش ۾ ڄائو، پرائمري تعليم ڳوٺ سعدو ديرو مان ورتائين، ١٩٣٠ع ۾ مشترڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين. ۽ پوءِ اڳتي پڙهڻ لاءِ گڏيل هندستان جي مشهور شهر جهونا ڳڙهه ويو، جتان ١٩٣٢ع ۾ ايف ايس سي پاس ڪري، وري واپس آيو. ١٩٣٣ع ۾ ڪيس جيل جي کاتي ۾ نوڪري ملي ۽ ريٽائرمينٽ وقت اُنهي کاتي ۾ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جيل هو. سندس وفات ١٠ جولاءِ ١٩٦٩ع ۾ هتي نئون ديرو ۾ ٿي.

علي نواز صاحب کي سڄو شهر جيلر صاحب جي نالي سان سڃاڻي. سومرو صاحب خانداني زميندار هو. انهي زماني ۾ نئون ديري ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسپاس ۾ چند پڙهيل لکيل ماڻهو هئا جن ۾ سندس شمار ٿيندو هو، نئون ديرو ۾ ١٩٦٠ع جي لڳ ڀڳ مستقل طور پنهنجي خاندان سميت لاڏي اچي ويٺو. جتي اچڻ سان نئين جڳهه تعمير ڪرايائين. جيڪا اڄ به ميونسپل ڪاميٽي نئون ديرو جي ڏاکڻي پاسي موجود آهي. هي اجوڪي پراڻي جاءِ انهي زماني ۾ "جيلر صاحب جي جاءِ" جي نالي سان مشهور هئي. (هينئر ان جاءِ تي نئين عمارت تيار ٿي چڪي آهي).
هن وقت انهي جاءِ ۾ سندس ٻيو نمبر فرزند حاجي محمد نواز سومرو وڪيل رهندو آهي. سندس پهريون نمبر فرزند مرحوم ڊاڪٽر شاهنواز سومرو لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال ڄامشوري ۾ سينئر رجسٽرار به ٿي رهيو. ٽيون نمبر فرزند دلنواز هاڻي پنهنجي تعليم مڪمل ڪري پنهنجون زمينون سنڀالي رهيو آهي.



## قاري عبدالحميد

ورهاڱي کان پوءِ ١٩٤٧ع جي آڪٽوبر مهيني، هڪ رحمت جو فرشتو قاري عبدالحميد جي صورت ۾ شهر تي رحمت بڻائي رب تعاليٰ موڪليو. ٽيهن ورهين جي شروعاتي سالن جي ٿهيءَ جو، هي فقير منش نوراني چهري وارو خوبصورت شخص، پهرين آمد تي کهڙن واري مسجد ۾ ويندو رهيو، پر پوءِ اتي نظرياتي طور تي پاڻ کي آرامده محسوس نه ڪندي، ڪنهن ٻي مسجد جي تلاش ۾ رهيو ۽ جلد ئي هن پنهنجي پياري بندي لاءِ ربِ ذوالجلال بهتر کان بهتر بندوبست ڪيو. قاضي محلي ۾ هڪ ننڍڙي مسجد، جنهن ۾ مختصر جماعت جو انتظام هيو ۽ جمعي جي نماز لاءِ هن مسجد جا نمازي به جامع مسجد کهڙا ۾ ويندا هيا. قاري صاحب جي هن مسجد سنڀالڻ کان پوءِ انهيءَ ئي مسجد ۾ جمعي جي جماعت به اهتمام سان ٿيڻ شروع ٿي وئي.
هن مسجد ۾ رنگ ۽ نور جون بارشون ۽ برڪتون شروع ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويون. ڏسندي ڏسندي محلي وارا نماز ڏانهن مائل ٿيندا رهيا. ڪلام الله شريف جو ناظره سبق ۽ قرائت هر ننڍي، وڏي، جوانن ۽ بزرگن شروع ڪئي ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ ننڍڙي خاموش مسجد ڪلامِ الاهي ۽ عبادتِ الاهيءَ جو مرڪز بڻجي وئي. محلي ڪان پوءِ سموري ڳوٺ جا بريلوي مڪتب فڪر جا ماڻهو هن مسجد ڏانهن متوجه ٿيا ۽ نماز نه پڙهندڙ ماڻهو به باقاعده پنج وقت نماز جا پابند ٿي ويا.

قاري صاحب، جن کي رهائش جي لاءِ جڳهه به مسجد جي پرسان ملي، پر پاڻ سڄو ڏينهن مسجد شريف ۾ ئي گذاريندو هيو. آهسته آهسته مسجد جي توسيع ٿيندي رهي ۽ هن بزرگ جي زندگيءَ پر مسجد ۾ توسيع، آرائش ۽ نين نين شين جو واڌارو ٿيندو رهندو هيو. پاڻ نقشبندي قادري سڏائيندو هيو. قرآت ۾ ڪمال حاصل هوندو هيس ۽ نعت خوانيءَ تي ٻيهندو هيو ته ٻڌندڙن جا لڱ ڪانڊارجي ويندا هيا.

چند ئي سالن ۾ مسجد شريف شهر جي نه پر علائقي جي خوبصورت ترين مسجد بڻجي وئي. نمازين جو ته ايترو تعداد هوندو هيو، جو پنج وقت جاعت ۾ به جمعي نماز جو نظارو لڳندو هيو.

۱۹۶۴ع ۾ جڏهن، شهر ۾ واپڊا جي بجليءَ جو بندوبست ٿيو، ته قاري صاحب شهر جي سيني مسجدن ڪان پهريان اعليٰ ڪوالٽيءَ جي لائوڊ اسپيڪر جو بندوبست ڪيو. پنج وقت آزان لائوڊ اسپيڪر تي ٿيڻ لڳي. سندس وقت ۾ مشرف نالي مؤذن هوندو هيو. (مشرف به پنهنجي مزاج جو ماڻهو هو. هي همراه به هندوستان ڪان هجرت ڪري آيو هيو. بلڪل اڻ پڙهيل هي شريف ماڻهو هارپ جو ڌنڌو ڪندو هيو، محترم قاري صاحب کيس آذان ياد ڪرائي، سُرُ ۽ الحان به ويچاري کي ڪونه هيو، پر هِن بزرگ شخص جي قاري عبدالحميد جي ويجهو قربت ۾ رهڻ ڪري محبوب مدنيءَ جو عشق زورن تي هيو. ائين لڳندو هيو، جيئن بلاول بانگي جو ذڪر احاديث شريف ۾ ملندو آهي. هي مشرف بانگو مسجد شريف ۾ نه رڳو آذان ڏيندو هيو، پر سموري مسجد جي صفائيءَ جو به ذميوار هيو ۽ وڏي چاهت ۽ لڳاءَ سان مسجد شريف جو انچ انچ صاف رکندو هيو.)

قاري صاحب ۱۹۶۰ع جي شروعاتي دؤر ۾ محمد عبدالغفار (پير



HISTORICAL SOCIETY
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٺا رحمت پور لاڙڪاڻي وارا بزرگ) جي حلقهءِ احباب ۽ مريديءَ ۾ آيو ۽ سندن بيعت ڪئي. انهن ئي ڏينهن ۾ فقير محمد موسيٰ ۽ فقير محمد عيسيٰ جيڪي پڻ رحمت پور واري بزرگ جا مريد هيا، قاري صاحب جي خاص احبابن ۾ هوندا هيا ۽ انهيءَ ئي مسجد جي پابند نمازين ۾ هوندا هيا. انهن احبابن کان علاوه رحمت پور واري بزرگ جي بيعت ۾ محترم احمد بخش ڪنڀر صاحب جي مائٽن مان ڪجھ افراد به قاري صاحب جي مرشد ڀائين ۾ شامل هيا.

هر سال، خاص طرح ربيع الاول ۽ رجب جي مهينن ۾ مسجد شريف ۾ اعليٰ پيماني تي جشن جو بندوبست ٿيندو هيو، جنهن ۾ ملڪ جا وڏا عالم اچي سيرتِ رسولﷺ تي تقريرون ڪندا هيا، جن ۾ رحمت پور وارا بزرگ، مشوري شريف وارا بزرگ، مولانا محمد شفيع اوڪاڙوي، مولانا قاضي دوست محمد خانواهه وارو، مولانا داد محمد ۽ ٻيا ڪيئي وڏا عالم ۽ فاضل شريڪ ٿيندا هيا. جيئن ته مولوي محمد ابراهيم مشوري (سندن ذڪر علحده هن ئي باب ۾ ڏنل آهي) شروعاتي دؤر کان ئي ناظره ڪلامِ مجيد ۽ قرائت قاري صاحب کان حاصل ڪئي، ان ڪري پاڻ به قاري صاحب جو مقتدي هوندو هيو، قاري صاحب جي غير موجودگيءَ يا طبيعت جي ناسازيءَ ۾ امامت به مولوي صاحب ڪندو هيو ته جمعي جو خطبو به مولوي صاحب ئي ڏيندو هيو.

هن بزرگ جو عموي لباس، گوڏ (تهمد) تي سفيد ڪرتو ۽ مٿي تي ڪپڙي جي ٺهيل ٽوپي هوندو هيو ۽ ٻاهر نڪرڻ مهل سائو امامو (پٽڪو) نوڪدار ٽوپيءَ مٿان ٻڌل هوندو هين. جمعي جي خطبي تي مختلف رنگن جا پٽڪا ساڳي اسٽائيل تي پهريندو هيو، وڏو رومال ڪلهي تي ۽ بادامي رنگ جو ريشمي جبو سندس لباس هيو ۽ تقرير کان پوءِ خطبي ڏيڻ مهل خاص طرح سان ٺهيل هاسو (ڪاري رنگ جو چانديءَ جي رنگ جي پترين لڳل ۽ مٿان ساڳي چانديءَ جي رنگ جو ٽوپ) ڪٽندو هيو. جمعي ۽ عيد جي خطبي کان اڳ ممبر تي ويهي، درود شريف به پڙهندو هيو ته رومال کي ڪيترا دفعا ماٿهن طرف لوڏي درود شريف جون برڪتون ورڪائيندو هيو. ڪڏهن، ڪنهن وبا يا بيماريءَ جو علائقي ۾ ٻڌندو ته جماعتين کي گڏ ڪري ڪلام الله



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني سان لڳائي شهر جي چوڌاري قرائت ڪندي ۽ درود شريف پڙهندي ڪڙو چاڙهيندا. شبِ برات (چوڏهين جي رات. ۱۵شعبان جي رات) تي شبِ بيداريءَ جو اهتمام ٿيندو ۽ سڄي رات مسجد روشن هوندي، عبادتون، تلاوتون، قرائتون، نوافل پيا ٿيندا، عبادت ڪندڙن لاءِ سڄي رات چانهه جو بندوبست هوندو. هن رات ۾ به جماعت سموريءَ کي ڪٺي ڪري قبرستان ويندو هو ۽ اُتي فاتحه خواني ڪري فوت ٿيلن جي بخشش لاءِ دعائون گهرندا هئا. مطلب ته هر موقعي، مهل تي رحمتن، برڪتن ۽ بخشش جي طلب پنهنجي لاءِ، جماعتن لاءِ ۽ فوتين لاءِ سندس معمول هيو.

هي رحمت جو فرشتو، پنهنجي تن، من، ڌن سميت مسجد شريف جي خدمت ۾ رڌل هوندو هيو. نمازين لاءِ خوبصورت حوض، وضو ڪرڻ لاءِ وافر پاڻيءَ جو بندوبست، بهترين ٽانڪيون، استنجا ۽ قضائي حاجت لاءِ غسل خانا ۽ باٿ روم، سياري ۾ نمازين لاءِ گرم پاڻيءَ جو بندوبست. مسجد جي خوبصورتيءَ لاءَ آرڪيٽيڪچر جا ڊيزائن، ممبر ۽ محراب تي گلڪاريون، محراب تي قل شريف ۽ الله رسول جا نالا سوني پاڻيءَ سان محمد سليمان سالم ۽ مولوي محمد ابراهيم مشوريءَ لکيا، پوءِ واري دؤر ۾ ساڳين اکرن مٿان سوني پاڻيءَ سان مٿس رنگ ڪيو ويو هيو. سندس روزگار جو ذريعو واچون ٺاهڻ هيو. پاڻ بهترين واچ ميڪر هيو، سندس دڪان وچ بازار ۾ جڳي سوناري جي دوڪان جي سامهون واري قطار ۾ (اجڪلهه اُتي جنرل اسٽور آهي) هوندو هيو. پاڻ فجر نماز، مراقبي، اشراق ۽ چاشت جي نماز کان فارغ ٿي اچي دڪان تي ويهندو ۽ ظهر جي نماز کان اڳ واپس مسجد پهچندو. ساڻس گڏ سندس وڏو پٽ عبدالستار جيڪو پڻ سٺو واچ ميڪر هيو، باقي وقت اهو سنڀاليندو. کين ٦۔ جريب زمين ڪليم ۾ حاصل ٿي، جيڪا اچوڪي ڍاڪٽي باءِ۔ باس پرسان آهي. واٽر سپلاءِ جي ٽانڪيءَ پرسان اوله طرف، جتان ڪجهه نه ڪجهه فصل ملندو هونِ، باقي الله جي آسري ۽ مسجد حوالي سندن زندگي وقف هئي.

پنهنجي نيڪ ۽ صالح بندن جي الله سائين عزتن ۾ به اضافو ڪندو آهي ۽ کين محترم بنائيندو آهي. هي ولي الله شخص به هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرف شهر جي ننڍي، وڏي، جوان، ڪراڙي، هر قوم، هر فڪر، هر نظريي، هر مذهب، هر فرقي وارن لاءِ معزز ترين هيو ته ٻي طرف شهر جي وڏن خانبهادر احمد خان ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي وٽ به سندس تمام گهڻي عزت، مانُ ۽ مرتبو هيو. مذهبي معاملن کان سواءِ دنياوي معاملن ۾ به قاري صاحب جن جي مشاورت جي تمام گهڻي اهميت هوندي هئي ۽ شهر جي چڱن مڙسن سان گڏ ڪين اُچائي ۽ اهميت حاصل هئي.

هن خدا جي صالح بندي جي درويشي، خدا توڪلي، رحم دلي، پيار، محبت جي باوجود نوراني چهري جي حشمت ايتري هوندي هئي جو ڪنهن به انسان (توڙي ڪيڏو وڏو ماڻهو ڇو نه هجي) همت ڪونه ٿيندي هئي ته سائن اختلاف ڪري سگهي، يا زور سان ڳالهائي. سندن خاص شاگردن ۾ مولوي محمد ابراهيم، محمد سليمان سالم، ادا عبداللطيف ڪنڀر، حاجي هدايت الله قاضي، نيڪ محمد قاضي (جيڪو مشرف جي وفات کان پوءِ قاري صاحب جي زندگيءَ ۾ ئي بانگو بڻيو. سندس هليو، قدڪاٺ، رنگ ۽ اسٽائل ۽ آواز به ذري گهٽ مشرف بانگي جهڙو ئي هيو). قاضي منظور احمد، احمد بخش ڪنڀر، عبدالغفار تبسم، گل محمد جوکيو، غلام شبير ميراڻي، محمد اياز کوکر، غلام سرور ناريجو، حبيب قريشي، ڊاڪٽر حافظ محمد يوسف ڪنڀر، واحد بخش پهوڙ ۽ چند ٻيا صاحب هوندا هيا. مسجد جي ۽ ٻين دنياوي معاملن ۾ قاضي علي گوهر خان، محمد بخش ڪنڀر، علي شير ميراڻي، مولانا قادر بخش ڀٽي سندس صلاحڪار، معتقد ۽ ٻانهن ٻيلي هوندا هيا. پاڻ ١٩٧٦ع ۾ ٺٽون ديري ۾ وفات ڪيائين ۽ ڪيس مسجد شريف جي سامهون واري مخصوص ٿيل حصي ۾ دفنايو ويو.

هن رحمت جي فرشتي جي انتقال کان پوءِ، قاري صاحب جي مسجد جون اُهي رونقون به سائنس گڏ هلي ويون. ها! البته ڪجهه الله جا ٻانها سندس روايتن کي جاري رکيو اچن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## استاد اطهر علي سومرو

ڪو دور اهڙو به هيو جو سنڌ ۾ پرائمري پڙهيل ماڻهو به ڪو ڳولهيو لڀندو هو. ان دور ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو سنڌي فائنل پاس هو ته ڄڻ هو اعليٰ تعليم يافته هو ۽ سچ پچ ته سنڌي فائنل پنهنجي معيار جي حساب سان اڄوڪي ايم- اي کان به وڌيڪ هئي. ان دور ۾ سرڪاري ملازمت ۾ سنڌي فائنل پاس پرائمري ماستر سرِفهرست هيو. اڪثر ڳوٺن ۾ پرائمري استاد کي پيشي ۽ نوڪري جي لحاظ کان معتبر ماڻهو سمجهيو ويندو هو، يعني ڳوٺ ۾ وڏيرن کان بعد ۾ پرائمري استاد ٿي چڱو مڙس ليکيو ويندو هو. اسان جي ادبي لڏي جي ان وقت سرواڻي ڪندڙ به پرائمري استاد هيو ۽ روايتي سنڌي شاعرن جو روح روان به پرائمري استاد هيو.

سائين اطهر علي سومرو به اهڙي دور جو پرائمري استاد هيو. هنجو اصل ڳوٺ پنجو ديرو هيو، جتي سندس خاندان اڄ به رهائش پذير آهي. هن جو خاندان نهايت علمي گهراڻو هيو. سندس وڏو ڀاءُ مرحوم مولوي مظهر الدين پنهنجي وقت جو جيَد ۽ حق گو عالم هيو. سائين اطهر علي صاحب پنهنجي نوڪري جو وڏو عرصو ٺٽون ديري ۾ گهاريو. جتي هو ڪنڀر پاڙي ۾ رهندو هو. هو هميشه سنڌي فائنل جي تياري ڪندڙ شاگردن کي پڙهائيندو هو. ٺٽون ديري ۽ پسگردائي جا شاگرد ڏينهن رات سندس زيرِتربيت هوندا هئا. سندس جڳهه ڄڻ شاگردن جي هاسٽل هئي. هو سنڌي گرامر، علم عروض سان گڏ عربي، فارسي جو به ماهر هيو.

هو اڪثر اورنگزيب جي خوبصورت ڌيءُ زيب النساءِ جي "ديوانِ مخفي" مان فارسي شعر پڙهي ٻڌائيندو هو. هو پاڻ به نماز جي پابندي ڪندو هيو ۽ پنهنجي شاگردن کي به نماز پابنديءَ سان پڙهڻ جو زور رکندو هو. صبح جي نماز کان بعد قرآن شريف جو درس هلندو هيو ۽ پوءِ اسڪول جي تياري. پاڻ شاگردن سان گڏ ذڪڻ فقير واري مسجد ۾ نماز ادا ڪندو هيو. هو ٿوري گهڻي شاعري به ڪندو هو. مرحوم خدا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بخش ويراڳي ٻه سنڌس پاڙي ۾ رهندو هيو، جنهن سان سنڌس خيالن جو اختلاف هيو. سائين اطهر علي ۽ خدا بخش ويراڳيءَ جو هڪ ٻئي سان طنز جي حوالي سان اظهار، شاعريءَ جي صورت ۾ ڪافي ماڻهن کي ياد آهي. سنڌس صورتخطي ٻه سنڌس شخصيت وانگر لاجواب هئي. سنڌس اُصول تي سختيءَ سان ڪاربند رهڻ واري عادت جي ڪري ڪيس تڪليفون ٻه آيون. هن کي ٺٽون ديري مان شهداد ڪوٽ بدلي ڪيو ويو، سنڌس جڳهه تي زوريءَ قبضو ڪيو ويو. ان صورتحال جي ڪري هو ٺٽون ديري مان هميشه لاءِ شڪارپور لڏي ويو، جتي هو صديق جي ماڙيءَ ۾ پنهنجي عيال سان گڏ رهي ٿو ۽ ٺٽون ديري ۾ پنهنجي اچڻ تي پنهنجي مٿان پابندي وڌائين، جنهن تي هو سختيءَ سان ڪاربند آهي. هن وقت سنڌس عمر اسي سالن کان مٿي آهي.

سائين اطهر علي سومرو ٺٽون ديرو جو هڪ ارڏو ڪردار هيو، جيڪو ٺٽون ديري واسين کان وسرڻ جوڳو نه آهي.

(پروفيسر غلام حسين ڪٽپر)

## مولانا قادر بخش ڀيٽي



مولانا قادر بخش ولد شفيع محمد ڀيٽي آڪٽوبر ١٩١٩ع تي ميرپور ڀٽو ۾ ڄائو، ديني تعليم ۽ پرائمري تعليم، سنڌي فائينل پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي حاصل ڪيائين. ايمانداري ۽ عام ماڻهن سان سٺي ورتاءُ سبب سنڌس نانءُ نيڪي سڄي ڳوٺ ۾ هئي، جنهن سبب ڳوٺ جي زميندار نواب نبي بخش خان ڪيس پنهنجن پٽن جي سارسنڀال جو ڪم حوالي ڪيو. نواب صاحب جا پٽ ممتاز علي خان، حاجي معشوق علي خان، حاجي عاشق علي خان ۽ غلام مصطفيٰ خان ڀٽو گڏيل هندستان جي مسوري ۽ جهوناڳڙه شهر ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. مولانا صاحب اتي وڃي کين ديني تعليم ۽ قرآن شريف جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعليم سان گڏ سنڌن پرگهور لهڻ جو فرض سرانجام ڏنو، پاڻ نواب صاحب جو اهو سونپيل ڪم نهايت خوش اسلوبي سان نڀايائين.

١٩٤٢ع ۾ پاڻ هندستان کان واپس آيو ۽ نواب صاحب ڪيس پنهنجي ڪارخاني جو منشي مقرر ڪيو. پنجن سالن تائين منشي گيري نهايت ايمانداري ۽ سٺي نموني ڪندو رهيو ۽ بعد ۾ هڪ اڌ سال لاءِ لاڙڪاڻي وڃي رهيو، جتي ڪيس مزو نه آيو ۽ واپس ١٩٤٨ع ۾ ميرپور ۾ رهڻ لڳو. هن پيري پٽن صاحبن جي ملازمت ڪرڻ بجاءِ گذر سفر لاءِ پنهنجو ڪپڙي جو دڪان کوليائين. ١٩٥٠ع ۾ خانبهادر احمد خان ٺٽون ديري ۾ چانورن جو ڪارخانو لڳرايو ۽ ان جي سارسنڀال لاءِ مولانا صاحب کي ميرپور کان گهرائي منشي مقرر ڪيو ۽ ائين مولانا صاحب پنهنجي خاندان سميت ٺٽون ديري جو ٿي رهيو. مولانا صاحب پنهنجي وفات تائين ان ڪارخاني جو منشي ٿي رهيو، هونءَ ته نالي ۾ رڳو منشي هيو، باقي ڪم مالڪن وارا ئي ڪندو هيو. ان دوران شهر واسين سان سنڌس ڏيٺ ويٺ ۽ ميل محبت وڌندي وئي ۽ جلد ئي پنهنجي ايمانداري، پرهيزگاري ۽ سٺي سڀاءُ سب شهر ۾ هڪ خاص مان ۽ مرتبو حاصل ڪري ورتائين.

مولانا صاحب پريل قدبت وارو شخص هو. چهري تي سونهاري ۽ مٿي تي هميشه ٽوپ يا پٽڪو هوندو هيس. هو صوم و صلوات جو پابند ۽ نهايت نيڪ انسان هيو. هن ٢٨- فيبروري ١٩٧١ع تي وفات ڪئي.

## قاضي علي گوهر خان

هي محبتي ماڻهو، يارن جي ڪچهرين جو مور، خوبصورت چهرو، خوش شڪل، خوش لباس، جوانيءَ ۾ سنهڙو سمارٽ جسم، بوسڪيءَ جي قميص، بوسڪيءَ جو پٽڪو يا ڪڏهن سنڌي ٽوپ سنڌس لباس هو، اڳتي هلي بدن ۾ پريل، ڪارن شهپرن، وڏين اکين وارو مقناطيسي ماڻهو قاضي علي گوهر پٽ قاضي علي نواز، گهراماڻي ذات جو چڱو مڙس هيو. ١٩٢٠ع ۾ ٺٽون ديرو ۾ ڄائو. پنهنجي پيءُ جو اڪيلو سڪيلڏو پٽ، پنهنجي چاچي وڏيري ڪريم بخش جو گهڻو لاڏلو هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



١١ سالن جي عمر ۾ سندس پيءُ جو انتقال ٿي ويو ۽ ١٦ سالن جي عمر ۾ سندس چاچي جو. هنهي بزرگن جي انتقال کان پوءِ تعليم اڌوري ڇڏيائين ۽ ست درجا سنڌيءَ جا پڙهي، اڳتي واري تعليم منقطع ڪري ڇڏيائين.
گذر سفر زمين جي پيداوار تي هيس، چوڻ شادي به ننڍي عمر ۾ ڪري ڇڏي هيائين، قاضي ذات جي ۽ شهر جي پڳ چوڻ وڏيري ڪريم بخش تي هئي، سندس وفات کان پوءِ وڏيري ڪريم بخش کي پٽ جي اولاد نه هجڻ ڪري ۽ قاضي علي گوهر ڪيس پٽن جهڙو پيارو هجڻ ڪري، پڳ ڪيس ٻڌرائي وئي. پڳ ٻڌرائڻ جي تقريب قاضي، ميراڻي محلي جي ڪليل ميدان ۾ ٿي، جنهن جو انتظام خانبهادر احمد خان ڪيو ۽ پڳ جو ڦيريون ور به خانبهادر احمد خان ڏنو، ان کان پوءِ ناريجا، ميراڻي، ڪٽپر، ڪهڙن، چنن ۽ هندن جي چڱن مڙسن پڳ ٻڌرائي پوري ڪئي.

پڳ ٻڌرائڻ کان پوءِ قاضي علي گوهر خان پنهنجي پاڙي ۽ شهر جي ماڻهن ۾ وڏيرو علي گوهر خان سڏبو هو ۽ پنهنجن دوستن ۾ قاضي صاحب.

خانبهادر احمد خان ڀٽي، قاضي صاحب جي مالي ڪمزوري محسوس ڪري ڪيس پاڻ وٽ اسٽيٽ مئنيجر ٿيڻ جي آڇ ڪئي، جنهن کي پاڻ سوچڻ جو وقت وٺي ٽاري ڇڏيو. پنهنجي گهر واري (زبيده خاتون، جيڪا شهر ۾ امان دادليءَ جي نالي سان مشهور آهي) سان صلاح ڪيائين، فيصلو اهو ٿيو ته خانبهادر صاحب جيڪا ان وقت عزت پيو ڪري، مان ۽ مرتبو پيو ڏئي، فيصلن ڪرڻ ۾ اهم جڳهه تي ٿو ويهاري، نوڪر ٿيڻ کان پوءِ اهو مان مرتبو ۽ عزت ڪانه ملندي، ان ڪري سندس نوڪري ڪرڻ کان معذرت ڪيائين.

١٩٤٢ع ۾ دادو ڪئنال تي آبدارن جون جايون آيون ۽ خانبهادر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب ۾

صفحي 193 کان 384 تائين
پيج بائينڊنگ ٺيڪ نہ آهن .

۽

صفحي 385 کان 572 تائين
ڊبل پيج بائينڊنگ ٺيڪ آهن .




Soorih Mirani

٨ اپريل ١٩٧٣ع تي نئون ديرو ۾ ٿيو. اُردوءَ ۾ ايم- اي ڪندڙ عبيد هن وقت ڪراچيءَ ۾ پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائينز ۾ ملازم آهي. هي سندس شعر جو نمونو آهي:

## غزل

هن کي به بدلائي ڇڏيو آهي، زماني جي هوا،
مون کي به سمجهائي ڇڏيو آهي، زماني جي هوا.

اڄ هو اهو ناهي، مڙئي ڪجھ پاڻ کي پائي پيو،
ها، ڪيس پنيلائي ڇڏيو آهي، زماني جي هوا.

بئي سان ته ڇا، ڪو پاڻ سان سچو به شايد ئي هجي،
ڪيڏو نه بهڪائي ڇڏيو آهي، زماني جي هوا.

مون پئي سمينٽ جي ڪئي پنهنجو ذرا پرزا وجود،
ويتر به ڦهلائي ڇڏيو آهي، زماني جي هوا.

مون وٽ ته ڪوئي راز هاڻي راز ئي ناهي رهيو،
هر ته کي اٿلائي ڇڏيو آهي، زماني جي هوا.

*

## گلشن شيخ

گلشن شيخ نئين ٽهيءَ جو سٺو ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار آهي. جيتوڻيڪ هو اڄڪلھ گهٽ ٿو لکي، ۽ پنهنجي صحافتي سرگرمين ۾ وڌيڪ سرگرم آهي پر پوءِ به سنڌي ڪهاڻي کيتر ۾ سنڌس نالو پنهنجي جاءِ والاري ٿو. هن جون ڪهاڻيون ”رچنا“ ۽ ”نئين سوچ“ ۾ شايع ٿيون آهن.

گلشن شيخ ان ڪري به اسان کي ياد رهندو ته هن نئون ديري جي تاريخ جي پهرين پريس ١٩٩٥ع ۾ ”نئون ديرو پرنٽنگ پريس“ جي نالي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڪولي ۽ ساڳي ئي دؤر ۾ اتان هفتيوار اخبار "ساوڪ" جاري ڪيائين. جنهن جا تقريباً ٽيهه پرچا شايع ٿيا. پر شهرين جي عدم دلچسپيءَ سبب ڪيس پريس بند ڪرڻي پئي ۽ پوءِ مڪمل طرح نئون ديري کي ڇڏي ڪراچيءَ رهڻ لڳو. جتي هو پنهنجي صحافتي سرگرمين ۾ مصروف آهي ۽ روزانه "عوامي آواز" جو ڪراچي جي اوير ضلعي جو رپورٽر آهي. نيشنل پريس ڪلب (اوير ڪراچي) جو جنرل سيڪريٽري آهي. ان ڪان علاوه ڪراچي جي قديم ڳوٺن کي بچائڻ لاءِ ڪراچي اوير جي سنڌي دوستن سان گڏجي "قديم ڳوٺ اتحاد ايڪشن ڪميٽي" قائم ڪئي اٿائين جنهنجو هن وقت مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري آهي.

گلشن شيخ ڪراچي مان "رچنا" نالي ماهوار پرچو به جاري ڪيو (جنهن جا ١٢ پرچا جاري ٿيا). گلشن کي سنڌ ڪلچر ايسوسيئيشن ۽ پاڪستان آرٽس ڪائونسل طرفان بهترين رپورٽنگ تي ٽي ايوارڊ به ملي چڪا آهن. ۽ هي ڪجھ ٽي وي ۽ اسٽيج جي ڊرامن ۾ به ڪم ڪري چڪو آهي.

گلشن ولد ميهر خان شيخ ١٣ اپريل ١٩٧٣ع تي ڳوٺ ڀهمڻ (نئون ديرو) ۾ ڄائو. تعليم مئٽرڪ اٿس.

٭



## سراج ڪنڀر

سراج ڪنڀر پڙهيل لکيل باصلاحيت نوجوان آهي. جيتوڻيڪ هو ڪو مستقل ليکڪ نه آهي، پر تنهن هوندي به کيس ادب ۽ ٻوليءَ سان چاهه عشق جي حد تائين آهي. هُن ڪجھ شعر ۽ نثر لکيو آهي. سنڌي ادبي سنگت نئون ديرو سان به لاڳاپيل رهيو آهي، هِن وقت به ان جي ڪاروباري ڪميٽيءَ جو ميمبر آهي ۽ هن ڪتاب جي سلسلي ۾ سندس ڪيل ڪوششون، ۽ ڪاوشون ڪڏهن به وسارڻ جهڙيون نه آهن.



HISTORICAL SOCIETY

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سراج احمد ولد عبداللطيف ڪنڀر جو جنم ٣٠ ڊسمبر ١٩٧٣ع تي نئون ديرو ۾ ٿيو. مهراڻ يونيورسٽي مان سول انجنيئرنگ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي آهي. هيٺ سندس شاعريءَ جو نمونو ڏجي ٿو:

### غزل

تو جڏهن ڪان مون کي ڀُلايو آ،
چين مون کي صفا نه آيو آ.

نانءُ دل تان مِٽايو تو منهنجو،
مون نه تنهنجو ڪڏهن مٽايو آ.

تو نه ماڻي خوشي جدا ٿي پَرَ،
درد ڏاڍو اسان پرايو آ.

تو نڀايو نه جي ڪٽي مون سان،
مون نه تو سان پُٺي نڀايو آ.

ڏوه تنهنجو ٻڌاءِ ڪَيم ڪهڙو،
جو سراج کي تو ايڏو جلايو آ.

*

### انجم قاضي



انجم قاضي نئين ٽهيءَ جو ڪافي سٺو شاعر آهي. سندس شاعري، شاعريءَ جي بنيادي گهرجن سان ڀرپور هوندي آهي. هن جي شاعريءَ ۾ گهڻي حد تائين علم عروض جي پابندي ڪيل نظر اچي ٿي. سندس شاعريءَ ۾ نواڻ سان گڏ تمام سٺي رواني به آهي. انجم جي شاعري هن وقت تائين سنڌ جي تقريباً سڀني رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي چُڪي آهي. سندس ڪجهه گيت لطيف قاضي، غلام علي سمون ۽ الطاف سمون ڳايا به آهن. ڪجهه وقت اڳي سنڌي ادبي سنگت نئون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديرو جي ادبي ڪلاس ۾ بہ شريڪ ٿيندو هو. هاڻي سنگت ٺٽون ديرو
کان ڪافي پري آهي.
انجم ۱۹۹۲ع کان لاڳيتو لکي رهيو آهي.

انجم قاضي جو اصلي نالو دين محمد ولد گل حسن قاضي آهي،
سندس جنم ۱۵ فيبروري ۱۹۷۴ع تي ٺٽون ديرو ۾ ٿيو. تعليم مئٽرڪ
اٿس. انجم هن وقت ٺٽون ديرو ۾ پنهنجو ننڍڙو ڪاروبار ڪندو آهي.
هيٺ سندس غزل پيش ڪجي ٿو:

## غزل

ٿي ويس مان بدنام، الائي ڇا ٿيندو!
روز لڳي الزام، الائي ڇا ٿيندو!

خاموش رهي هاڻي پنهنجي عاشق جو،
ڏسجانءِ تون انجام، الائي ڇا ٿيندو!

ميندي جي مند اڪري ٿي پر ڪونہ مڪو،
هيل مُنيءَ پيغام، الائي ڇا ٿيندو!

عمر سڄي بس پورهيو ڪيو آ محبت جو،
دشمن جي ٿيو عام، الائي ڇا ٿيندو!

لفظن جون رنگينون ساريون دور ڪري،
ليڪڪ ٿيو گمنام، الائي ڇا ٿيندو!

اڳتي اڳتي پير رکيا تہ بہ "انجم" ها!
سوچيان ٿو انجام ، الائي ڇا ٿيندو!

*

## آغا رفيق وقار کهڙو

آغا رفيق ٺئين ٿهيءَ جو اڀرندڙ شاعر ۽ سنڌيءَ جي مختلف مشهور
ناولن کي ڊرامائي تشڪيل ڏئي اسٽيج تي پيش ڪندڙ نوجوان آهي.
هُن جي شاعري تہ ڇَپي نہ آهي ۽ نہ ئي سندس ڪو ڪلام ڪنهن
فنڪار ڳايو آهي، پر ڊرامي جي حوالي سان سندس ساراه جوڳو ڪردار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



رهيو آهي. ڪجھ ڊراما پاڻ به لکيا اٿائين، جن ۾ هو پاڻ به اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريندي نظر ايندو آهي. وقار هن وقت تائين سراج جي ناول "پڙاڏو سوئي سڏ" محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ناول "سانگهڙ" ۽ امر جليل جي مشهور ڪهاڻي "دل جي دنيا" کي ڊرامائي تشڪيل ڏئي نئون ديرو جي اسٽيج تان پيش ڪري چُڪو آهي. پنهنجو لکيل ڊرامو "دودو چنيسر" ۽ ڪافي مزاحيه خاڪا به اسٽيج تان پيش ڪري چُڪو آهي. جن کي هتان جي ماڻهن سُٺي موٽ ڏني آهي.

آغا رفيق وقار جو اصل نالو محمد رفيق ولد محمد قاسم ڪهڙو آهي، سندس ڄَمَ جي تاريخ ۱۰ مارچ ۱۹۷۴ع آهي، تعليم مئٽرڪ اٿس. نيو اسٽار ڪلچرل سوسائٽي قائم ڪري، اُنهيءَ جي پليٽ فارم تان ثقافتي سرگرميون پيش ڪندڙ هي نوجوان اڄڪلھ بيروزگار آهي.

هيٺ سندس هڪ چئو سٽو ڏجي ٿو:

### چئو سٽو

آئيني کان پُڇي ڏسندم تنهنجو تابُ سَهي ڪيئن ٿو؟
صبح شام آخر هو ايڏو عَذابُ سَهي ڪيئن ٿو؟
تنهنجي نيڻن ۾ پرين ڪيئي رِند ڪيرايا هِن.
وقار نازڪ شيشو هي ايڏو شرابُ سَهي ڪيئن ٿو؟

*

## عاجز چنو

عاجز چنو هتان جو ايرندڙ نعت لکندڙ شاعر آهي. هُن پاڻ کي پنهنجي شاعريءَ کي عشق رسول ﷺ تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي. جيڪا وڏي ڳالھ آهي، هو جي لکڻ چاهي ٿو ٻي شاعري به لکي سگهي ٿو، جاڪاڻ جو ڪيس لکڻ اچي ٿو، پر هن پاڻ کي شعوري طور تي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مذهبي شاعري تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهيءَ فيلڊ ۾ پنهنجو نالو ڪمائڻ چاهي ٿو. هن وقت تائين سندس نعتون (مولود) سنڌ جي سٺن نعت خوانن ۽ هتان جي مقامي نعت خوانن، حاجي عبدالحق، ليمون فقير، قربان علي ناريجو، عزيز احمد سومرو ۽ حاجي روشن علي مهر ترنم ۾ چيون آهن. ١٩٩٣ع کان لکي رهيو آهي، هن وقت تائين هڪ ڪتاب جيترين نعتون لکي چُڪو آهي.

عاجز جو اصل نالو عطا محمد ولد نيڪ محمد چنو آهي، سندس جنم ٩ جولاءِ ١٩٧٥ع تي ڳوٺ پونيٽ پور لڳ نئون ديرو ۾ ٿيو، هن وقت نئون ديرو ۾ مستقل طور تي رهائش اختيار ڪئي اٿائين. تعليم انٽر سائنس اٿس. هن وقت نئون ديرو جي معروف ديني مدرسي جامع عربيه ۾ حفظ جي شعبي جو سربراه آهي، هي آهي سندس نعت:

## نعت

روءُ نه چري دل نيڻ ڇڪيندي قسمت پنهنجي حبيب ڏي،
گهر جڏهن ٿي دير نه ٿيندي ڏوهه نه ڏي تون نصيب ڏي.

نيڻ ڪٽو نڪري پوندو عاجز جهٽ سنبري پوندو،
سور به ويندا سيڪنڊ ۾ نينهن جو سنگ نسري پوندو،
منڙو محمد(ﷺ) موڪليندو ٽڪيٽ مون به غريب ڏي.

دردن جو هي ديس ڇڏي پاڙي پرين جي هلبو لڏي،
نروار ڇڏي نئون ديري کي ويهبو مديني گهرڙو اڏي،
درد هلي ڪل ڪوليا دل واري ٿي طبيب ڏي.

نالو ڪٽي چوندو 'حافظ' هلي آ هي ٽڪيٽ ٿي،
عطا محمد اي عاجز توکي وٺي ليٽ ٿي،
اچڻ وڃڻ جا در ڪليل هن تو شاعر اديب لئي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتابن جيترو مواد لکيو اٿائين.

رقيہ جو اصلي نالو رقيہ غلام نبي شاهاڻي آهي سندس جنم جي تاريخ ۽ هنڌ ۹ جون ۱۹۷۶ع نئون ديرو آهي. سول انجنيئرنگ پاس ڪئي اٿائين، هن وقت بہ لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ مصروف آهي.

*

## نصرت ذوالفقار راشدي

نصرت ذوالفقار راشدي بہ سائين ذوالفقار راشديءَ جي نياڻي آهي. هوءَ نثين ٿيهيءَ جي سچاڻ ڪهاڻيڪاره ۽ شاعره آهي. ڪيس علمي ۽ ادبي ماحول ورثي ۾ مليو، جنهن ڪري سندس لاڙو لکڻ پڙهڻ ڏانهن ٿي ويو. نصرت ۱۹۸۹ع کان لکي رهي آهي ۽ لڳ ڀڳ انهيءَ سال کان هُن جي مواد جي ڇپجڻ جو سلسلو بہ شروع ٿئي ٿو. هن وقت تائين سندس مواد ماهوار، "بختاور"، ماهوار "هزار داستان"، پندره روزه "عبرت مئگزين"، سہ ماهي، "سرتيون" ماهوار "ادب" ۾ ڇپجي چُڪو آهي.

نصرت پنهنجي اصلي نالي سان ئي لکندي آهي، سندس جنم ۲۰ جولاءِ ۱۹۷۶ع تي پير جو ڳوٺ (نئون ديرو) ۾ ٿيو. تعليم مئٽرڪ تائين اٿس. هيٺ سندس هڪ غزل پيش ڪجي ٿو:

### غزل

ٻوڙي غم جي ساگر ۾ ماري ڇڏن ٿا،
ڪَري ڪوڙا واعدا وساري ڇڏن ٿا.

اسان جي لَنُن ۾ ڪا بدبوءِ آ اهڙي،
ويهون ٿا جي پر ۾ اتاري ڇڏن ٿا.

ٿيا پَن ڇڻ جي پتن کان بہ هلڪڙا هون،
اڌي ٿا وجون جي ٻهاري ڇڏن ٿا.

دل انهيءَ وقت ماتم ڪرڻ ٿي لڳي،
جڏهن جذبا نازڪ لتاڙي ڇڏن ٿا.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نياز ڪلهوڙو



نياز ڪلهوڙو نوجوان ڪيسٽي شاعر آهي، سنڌس شاعري هن وقت تائين سنڌ جي ڪافي سريلن ۽ مشهور راڳين. سرمد سنڌي، مريد عباس ڪنڀر، عاشق نظاماڻي، الطاف سمون، ديدار حسين سمون، عنايت منگي، عبداللطيف قاضي ۽ فاروق راشدي ڳائي آهي. هن نوجوان جا ڪافي گيت ماڻهن ۾ مقبول ٿيا آهن. البت سنڌس شاعري رسالن ۽ اخبارن ۾ بنهه گهٽ ڇپي آهي. "آزاديءَ جي اميد" جي نالي سان هڪ شعري مجموعو اڻ ڇپيل حالت ۾ ٻه وٽس پيل آهي.

نياز جو اصل نالو نياز حسين ولد علي محمد ڪلهوڙو آهي. سنڌس جنم ١٩٧٨ع ڌاري پير جو ڳوٺ (نئون ديرو) ۾ ٿيو. تعليم جي لحاظ کان مڊل پاس هي نوجوان ١٩٩٥ع کان لکي رهيو آهي ۽ پير جو ڳوٺ (نئون ديرو) ۾ پنهنجو دڪان هلائيندو آهي. سنڌس شعر هيٺ ڏجي ٿو:

### غزل

اهيان هاڻي پوين پساهن ۾ پيارا،
ڏيان ساهه تنهنجي مان ٻانهن ۾ پيارا.

رڙي روز رب جي در تي مان دلبر،
پنيم پيار تنهنجو دعائن ۾ پيارا.

منهنجي زندگي تون، منهنجي بندگي تون،
جهڪان تو اوهان جي ئي راهن ۾ پيارا.

ڪندين ڪين جاني ڇني ڌار مون کي،
اٿم پڪ اوهانجي وفائن ۾ پيارا.

اٿئي 'نياز' تنهنجو مسافر گهڙيءَ جو،
ڪلهوڙي کي رکجانءِ نگاهن ۾ پيارا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## ظهير عباسي

ظهير عباسي نئين ٽهيءَ جو ڪنسٽي شاعر آهي، هن وقت تائين سنڌ جي ۽ خاص طور تي هن تر جي ڪافي سڃاڻ راڳين سندس ڏنن ۽ طرزن تي ڳاهيل ڪيترن ئي گيتن ۽ ڪلامن کي ڳايو آهي. غلام شبير سمون ۽ مريد عباس ڪنڀر کان علاوه لطيف قاضي، طاهر عباس ۽ ڪجھ ٻين فنڪارن ٻه سندس شاعري آڊيو ڪئسٽن ۾ ريڪارڊ ڪئي آهي. ان کان علاوه سندس شاعري ماهوار "ادب"، سلسليوار "روشن راهه" ۽ روزاني اخبار تعميرِ سنڌ ۾ به ڇپجي چڪي آهي.

ظهير الدين ولد غلام قادر عباسي جو جنم اٽڪل ١٩٧٨ع تي ٿيو، تعليم انٽر اٽس، هن وقت نئون ديرو ۾ ئي پنهنجو ننڍڙو دڪان هلائيندو آهي.

⁂



## احسان راهوجو

احسان راهوجو نئين ٽهيءَ جو ڪافي سٺو ۽ سگهارو شاعر آهي، هو گذريل پنجن سالن کان وٺي شعر و ادب جي دنيا سان لاڳاپيل آهي. ادب سرجڻ کان علاوه هو پنهنجي پرپاسي ۾ ٿيندڙ ادبي سرگرمين ۾ به خاصي دلچسپي وٺندو آهي. هن وقت تائين سندس مواد ماهوار "ادب"، ماهوار "هالار"، ماهوار "مومل"، ماهوار "ڪلاڪار"، "گلڙا"، "سنگتي"، ماهوار "گل ڦل" ۽ روزاني اخبارن "ڪاوش"، "هلال پاڪستان" ۽ "عوامي آواز" ۾ ڇپجي چڪو آهي. احسان جديد سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي سڃاڻپ پيدا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي.

احسان علي ولد غلام محمد راهوجو جو جنم ١٦ آگسٽ ١٩٧٨ع تي پونيٽ پور لڳ (ٽنڊو ڏيرو) ۾ ٿيو. تعليم ته بي ڪام آنرس پر هو اڳتي به پڙهي رهيو آهي. هيٺ سندس غزل ڏجي ٿو:

## غزل

توکان وڇڙي، منهنجو جيون،
ويو آ اجڙي، منهنجو جيون.

تون ئي آهين، تون ئي آهين،
منهنجي منڙي، منهنجو جيون.

ور خزان جي جيئن چڙهي ڪا،
ڪومل مکڙي، منهنجو جيون.

سائڻ منهنجي ٻي ڪا ناهي،
تون آن هڪڙي، منهنجو جيون.

❋

## سائل موريو



سائل موريو ٽئين ٿهيءَ جو اسرندڙ شاعر آهي، اجا ڪيس چار سال مس ٿيا آهن، ادب جي دنيا ۾ داخل ٿئي، اڃا هو سکڻ واري مرحلي مان گذري رهيو آهي. سندس لکڻيون ماهوار، "هالار"، ۽ "سنڌ سجاڳ" ۽ ڪيئن روزاني اخبارن ۾ شايع ٿيون آهن. تن سالن کان سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو ڏيرو جو ميمبر آهي ۽ اُنهيءَ جي ادبي ڪلاسن ۾ شريڪ ٿيندو آهي، جتي سندس شاعريءَ جي اصلاح ٿيندي رهي ٿي.

سائل جو اصل نالو محمد بخش ولد عبدالحڪيم موريو آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس ڄمڻ جي تاريخ ٢٣ سيپٽمبر ١٩٧٨ع آهي. تعليم ميٽرڪ اٿس. هيٺ سندس چئو سٽو ڏجي ٿو:

### چئو سٽو

ڪڏهن ڪنهن کان سوال ڪندا هون،
ڪڏهن ظاهر پنهنجو حال ڪندا هون.
هاري ويندا هون محبت جي بازي جي،
سي ’سائل‘ پنهنجو جيئڻ محال ڪندا هون.

*



### قيوم ڪرتيو

قيوم ڪرتيو نئين ٽهيءَ جو ڪافي سٺو، سنجيدو شاعر ۽ ڊراما آرٽسٽ آهي. سندس شاعري رووزانه ”عوامي آواز“ ۾ ڇپجي چُڪي آهي. ان کان علاوه هو اسٽيج ڊرامن جو به سٺو آرٽسٽ آهي، هو هتي ٿيندڙ ڪيترن ئي ڊرامن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چُڪو آهي. انهي حوالي سان ڪيس ٽئلينٽ ايوارڊ پڻ ملي چڪو آهي. قيوم شهر جي نيو اسٽار ڪلچرل سوسائٽي جو گذريل انن سالن کان سرگرم ميمبر آهي.

عبدالقيوم ولد ارباب علي خان ڪرتيو جو جنم ٦ نومبر ١٩٧٨ع تي نئون ديرو ۾ ٿيو. ايڪانامڪس ۾ ايم- اي ڪئي اٿائين. هيٺ سندس شعر جو نمونو ڏجي ٿو:

### نظم

هر روز لڳن ٿا ڌاڙا سنڌو تنهنجي سيني تي،
هي مَڱ ڏرن ٿا سارا سنڌو تنهنجي سيني تي.
هر روز ٿا ڏنگجن مارو ماڻهو،
پوءِ چو نه لڳن ٿا نعرا سنڌو تنهنجي سيني تي.
ڇا سڀ مري ويا، ڇا سڀ ڪُسي ويا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سي دودا سر ڏيڻ وارا، سنڌو تنهنجي سيني تي.
ماري تن کي مات ڏبي،
جي نانگ رهن ٿا ڪارا سنڌو تنهنجي سيني تي.
جنگ 'قيوم' جاري رهندي،
پوءِ هاڙهه هجن يا پارا سنڌو تنهنجي سيني تي.

*

## پير عبدالحئي راشدي



پير عبدالحئي راشدي نئين ٽهيءَ جو اڀرندڙ شاعر آهي. هي سنڌ جي ناميارو شاعر سائين ذوالفقار راشديءَ جو فرزند آهي، ڪيس گهر ۾ ئي ادبي ۽ علمي ماحول مليو. سندس گهر ۾ موجود، سندس وڏن جي لائبريري سندس تربيت ۽ رهنمائي ۾ مک ڪردار ادا ڪيو آهي. هو گذريل ٥ سالن کان لکندو پيو اچي، پر اها خبر گهڻن ماڻهن کي آهي ته هي نوخيز نوجوان شاعر به آهي. ڇاڪاڻ ته، هن جي شاعري منظرِ عام تي اڃان آئي ئي نه آهي.

پير صاحب جي شاعريءَ ۾ سندس عمر جي پيٽ ۾ خيال جي اڏام تمام گهڻي متاهين آهي، هن جي شاعريءَ ۾ شاعريءَ جي بنيادي گهرجن جي به گهڻي قدر پورائي ڪيل آهي. جيڪڏهن سندس سنجيدگيءَ سان اهو مشقِ سخن جو سلسلو جاري رهيو ته، هڪ ڏينهن پنهنجي والد جيان ضرور پنهنجو نالو به روشن ڪندو.

پير عبدالحئي ولد ذوالفقار علي راشديءَ جو جنم پهرين جنوري ١٩٨٠ع تي پير جو ڳوٺ (نئون ديرو) ۾ ٿيو. تعليم .B.A اٿس. هن وقت پير جو ڳوٺ جي قديم راشديه خاندان جي گاديءَ جو نائون سجاده نشين آهي. سندس غزل جا ڪجهه بند هيٺ ڏجن ٿا:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ برکت چاچڙ ڳائي آهي. سرفراز پير جو ڳوٺ (نئون ديرو) مان ٻارڙن لاءِ هڪ ڪتابي سلسلو ”روشن راه“ به ڪڍندو آهي. جنهن جا هن مهل تائين ٦ پرچا ڇپجي چُڪا آهن.

سرفراز جو اصل نالو اقبال حسين ولد قربان علي عباسي آهي. سندس جنم ٥ مئي ١٩٨٠ع تي نئون ڳوٺ (نئون ديرو) ۾ ٿيو. تعليم بي ڪام اٿس، سندس هڪ چئو سٽو هيٺ ڏجي ٿو:

### چئو سٽو

توکان سواءِ زندگي گذري نہ ٿي،
تنهنجي ياد مون کان وسري نہ ٿي،
وس ڪيو آهي 'سرفراز' گهڻو ئي،
پر تنهنجي ياد دل مان نڪري نہ ٿي.

*

## جيون لاڙڪ



جيون لاڙڪ نئين ٽهيءَ جو ابرندڙ شاعر آهي. هن کي شاعريءَ جي دنيا ۾ داخل ٿئي اڃان ڪل ٽي سال مس ٿيا آهن، اڃان ڪيس ڪوڙ سفر ڪرڻو آهي ۽ شعر و ادب جون اڃان ڪوڙ منزلون ڪيس طئہ ڪرڻيون آهن. هن وقت تائين سندس شاعري روزاني ”پاڪ سنڌ“، سلسليوار ”احساس“، سلسليوار ”اسٽوڊنٽس مئگزين“ ۽ ريڊيو پبلڪيشن ۾ شايع ٿي آهي. ١٩٩٨ع کان وٺي سنڌي ادبي سنگت پنجو ديرو سان لاڳاپيل آهي.

جيون جو اصل نالو فياض علي ولد انعام آزاد لاڙڪ آهي، سندس جنم جي تاريخ ٢٣ فيبروري ١٩٨٢ع آهي، هن وقت فرسٽ ايئر ۾ پڙهي رهيو آهي، هيٺ سندس وائي پيش ڪجي ٿي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

پنهنجا زلف سنوارين ٿي،
پريل ڪپڙا پائين ٿي،
منهنجو هوش اڏائين ٿي.

سهڻين سهڻين اکڙين ۾،
جڏهن ڪجل پائين ٿي،
منهنجو هوش اڏائين ٿي.

زلف ڪلهن تي کيري پنهنجا،
جڏهن نيڻ ملائين ٿي،
منهنجو هوش اڏائين ٿي.

پاڻ ئي منهنجي اڳيان اچي،
پاڻ ئي پو شرمائين ٿي،
منهنجو هوش اڏائين ٿي.

بهار جي ٽڏين بوندن ۾،
'جيون' سيني لائين ٿي،
منهنجو هوش اڏائين ٿي.

*

## جاني ڪرتيو



جاني ڪرتيو نئين نسل جو اسرندڙ ۽ ابرندڙ ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار آهي. هو جيئن ته مئٽرڪ جو هن وقت شاگرد آهي، ان ڪري ئي سنڌس لکڻين جا موضوع پنهنجي عمر جي حساب سان آهن ۽ اڪثر ڪري پنهنجي نسل يعني ٻارڙن تي ئي لکندو آهي، سنڌس ٻارڙن لاءِ لکيل ڪهاڻيون ۽ مضمون سلسليوار "روشن راهه" ۽ ماهوار "گلڙا" ۾ ڇپجي چڪا آهن. هو پنهنجي ڪورس جي ڪتابن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏ ادبي ڪتاب ۽ ڏاڍي چاهه سان پڙهي رهيو آهي.
جاني جو اصلي نالو بهادر علي ولد ارباب علي خان ڪرٽيو آهي، سندس جنم ١٧ آگسٽ ١٩٨٥ع تي نئون ديرو ۾ ٿيو. هن وقت مئٽرڪ ۾ پڙهي رهيو آهي.

*



## غمدل منگي

غمدل منگي نئين ٽهيءَ جو اڀرندڙ شاعر آهي. هو گذريل ٽن سالن کان شاعري لکي رهيو آهي، سندس شاعريءَ کي ڏسي اهو چئي سگهجي ٿو ته، هو ايندڙ وقت جو هڪ سٺو شاعر ٿي اُڀرندو. سندس شاعري، هن وقت تائين ماهوار "ادب"، ماهوار "ڪلاڪار" ۽ ماهوار "سنڌ دوست" ۾ ڇپجي چڪي آهي.

غمدل جو اصلي نالو علي گل ولد بخشل علي منگي آهي، سندس جنم ٢٧ جنوري ١٩٨٦ع تي ٿيو، تعليم فقط نَوَ درجا اٿس، هن وقت پرائيويٽ ملازم آهي. هيٺ سندس چئو سٽو ڏجي ٿو:

### چؤ سٽو

اسان کان نہ پڇ تون حوالو پرين،<br>
حياتي غمن جو رسالو پرين،<br>
اسان، ٻن اوهان ٿا تہ اونده ۾ گهاريون،<br>
اوهان ايندا، ٿيندو اجالو پرين.

*

## شبانه پيٽو ۽ رخسانه پيٽو (شب رخ)

موسيقي جي حوالي سان تہ اهڙا ڪجهه مثال سامهون اچن ٿا تہ ٻن موسيقارن گڏجي ڪنهن نغمي جي ڌن کي ترتيب ڏنو هجي ۽ پو اها ڌن انهن ئي ٻن موسيقارن جي نالي سان مشهور ٿي هجي، پر ادب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حوالي سان اهڙو ڪو مثال مشڪل ئي ملندو ته ڪن ٻن شاعرن گڏجي هڪ شعر لکيو هجي يا ٻن ڪهاڻيڪارن گڏجي ڪا هڪ ڪهاڻي لکي هجي. پر اهڙو مثال اسان جي هن علائقي ۾ موجود آهي، جيڪو ادبي دنيا لاءِ يقيناً حيرت ۽ تجسس جو سبب بڻبو.

محترم شبانه پنهور ۽ محترم رخسانه پنهور، پنهور خاندان جون به اهڙيون معزز خواتين آهن، جن ٻنهي گڏجي اردو شعر لکيا ۽ اردو شاعريءَ جا به ڪتاب "شب گزيده سحر" ۽ "موسمِ گل اداس هي" هڪ ئي نالي سان، يعني شبانه مان "شب" ۽ رخسانا مان "رخ" کي گڏي "شب رخ" جي نالي سان شايع ڪرائي ادبي دنيا ۾ هڪ انوکي روايت جو بنياد وڌو. سندن شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي درد جا ڪئين داستان نظر اچن ٿا. سندن شاعري نه رڳو فني گهرجن جو پورائو ڪري ٿي، پر ان ۾ وهندڙ پاڻيءَ جهڙي رواني به آهي. سندن خاندان مختلف وقتن تي حڪومت جي خاص عهدن تي رهندو پئي آيو آهي. جنهن ڪري ڪين پنهنجي گهر ۾ ئي علمي ۽ ادبي ماحول مليو، جنهن جو هنن ٻن معزز خواتين ڀرپور فائدو وٺي اردو شاعريءَ جي سونهن ۾ اضافو ڪندي ٻه ڪتاب لکيا. جيڪي مارڪيٽ ۾ موجود آهن.

هيٺ سندن هڪ چنڊ سٽو ڏجي ٿو:

## قطعہ

عمر بھر پھرتے رھے غم کے بیابانوں میں
ھم سدا قید رھے درد کے زندانوں میں
کیسا جان لیوا تھا "شب رخ"گئے موسم کا عذاب
پھر چراغاں نہ ھوا دل کے سیا خانوں میں-

*

## انعام عباسي

انعام عباسي جي سڃاڻپ جيتوڻيڪ هن وقت ادب ۾ ماهوار "نئون نياپو" جي ايڊيٽر طور آهي. پر هو سنڌ جي نئين ٽهيءَ جو هڪ سٺو ۽ سگهارو ڪهاڻيڪار به آهي. سندس شمار نئين ٽهيءَ جي چند بهترين ڪهاڻيڪارن ۾ ڪري سگهجي ٿو. هو پنهنجي ڪهاڻين جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪردارن کان، ڪڙا سچ چورائي ٿو. سنڌس ڪهاڻين ۾ سٽن منظرن سان گڏ سٺي ٻوليءَ ۽ ٽيڪنڪ جو استعمال ٿيل هوندو آهي. هن وقت تائين سنڌس ڪيترين ئي ڪهاڻيون ڇپجي چڪيون آهن. انعام پنهنجي لکڻ جي شروعات ١٩٨٨ع ڌاري ڪئي. ان وقت هو پنهنجون ڪهاڻيون سنڌي ادبي سنگت نئون ديري جي ادبي ڪلاسن ۾ ڪٺي ايندو هو. اُتان ئي هن جي ڪهاڻيءَ جي سفر جي شروعات ٿئي ٿي.

انعام جي زندگيءَ جو ٻيو پاسو هڪ ماهوار رسالي جي ايڊيٽر ۽ پبلشر وارو به آهي. پنهنجي زندگيءَ جي اِنهيءَ رخ ۾ جيتوڻيڪ هو گهڻي ڀاڱي هڪ ڪاروباري سوچ رکندڙ پبلشر ئي آهي. پر پوءِ به سنڌس انهيءَ حوالي سان ڪيل ڪوشش ۽ ڪاوشن جو انڪاري ٿيڻ ممڪن نه آهي. پنهنجي پبلشنگ واري اداري نئون نياپو پبلشرز پاران هن وقت تائين هو سنڌي ادب کي ڪجهه خوبصورت ڪتاب ڏئي چڪو آهي. وٽس ٻين ڪتابن جي شايع ڪرائڻ لاءِ به منصوبا آهن.

*

مٿين قلمڪارن کان علاوه ٻيا به هن شهر ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ ڪيترائي ليکڪ هيا ۽ آهن. مون تمام گهڻي ڪوشش ڪئي ته سڀني قلمڪارن کي پنهنجي هن مضمون ۾ شامل ڪيان پر بدقسمتي سان ائين نه ٿي سگهيو. جيڪڏهن ڪنهن به قلمڪار جو ذڪر رهجي ويو آهي ته ان ۾ منهنجي ڪوتاهي گهٽ ان قلمڪار يا ان جي خاندان جي وڌيڪ آهي ان کان علاوه ڪجهه هيٺيان ليکڪ به مختلف وقتن تي لکندا رهيا آهن جيتوڻيڪ اهي مستقل ليکڪ نه رهيا آهن پر پوءِ به انهن جا نالا ڏئي رهيو آهيان.

گلڻ ملاح (شاعر)، نصرالله سولنگي (ٻارن جو ليکڪ)، اياز لغاري (شاعر)، ابرار ساگر شاهه (شاعر ۽ نثر نويس)، برڪت منگي (شاعر)، رشيد احمد ڪنڀر (نثر نويس)، غلام مصطفيٰ سپڙو (نثر نويس) جاويد لاڙڪ (شاعر)، احسان مغل بيگ (شاعر)، (حال ڪراچي رهندڙ)، امر عبدالواحد ڪٽياڻ (شاعر) عبدالغني "عاشق" منگي (شاعر)، لالا روشن انصاري (شاعر)، محمد سومر بلوچ (شاعر)، غلام شبير ميراڻي (شاعر)، اصغر ميراڻي (ڪيسٽي شاعر)، فياض ميراڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڪيسٽي شاعر)، محمد جمن لغاري (شاعر)، اختيار "ادبي" جکرو (نثر نويس)، امانت مغل (شاعر)، قاضي راهب علي "زيب" (شاعر)، بشير اوڏ (شاعر) رشيد احمد قاضي (نثر نويس) عبدالغفار "ٻيوس" ڪرٽيو (شاعر)، لطيف سولنگي (شاعر ۽ نثر نويس)، امانت مغل (شاعر)، جاويد قمر قادري (شاعر)، غلام شبير سهتو (شاعر)، بابو مگهڻار (شاعر)، صاحب خان سورهيه ميراڻي (شاعر)، مرحوم غلام حسين ماڇي (شاعر)، مرحوم عبداللطيف سولنگي (شاعر)، ۽ نثر نويس)، اظهر علي سومرو (شاعر)، (حال رهندڙ شڪارپور) ڪاشف پنهو (ٻارن جو ليکڪ)، فهيم مڪول (ٻارن جو ليکڪ)، فاروق راشدي (ٻارن جو ليکڪ) ياسر راشدي (ٻار جو ليکڪ)، ناصر راشدي (ٻارن جو ليکڪ)، سليم شاهه راشدي (ٻارن جو ليکڪ)، سرڪش سڏايو (شاعر)، عبداللطيف ڪرٽيو (شاعر)، امر ميراڻي (شاعر)، مان هن مضمون جي سلسلي ۾ محترم امام راشدي، محترم منظور منگي، ٻاءُ سراج ڪنڀر، محترم رڪيل موراڻي ۽ عبداللطيف ڪرٽيو جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان جن هن مضمون کي مڪمل ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترتيب: منٺار سولنگي

## نئون ديرو ۽ ان سان لاڳاپيل ماڻهن بابت سنڌ جي ناميارن شاعرن جي شاعري:

### * شيخ اياز

"ٽيڙو"

جَرَ جَٿين جيري ۾،
ٻيهر چنڊ ٻري جلهن،
نئين ديري ۾.

(چنڊ چنبيليءَ ول)

*

### * حافظ تاج محمد کوهارو

الف اول حمد چئو باري سندي ڪر بندگي،
منجھ محبت شاه جي ڪر عاشقا افگندگي،
منجھ شريعت مصطفيٰ هل، تان لهي شرمندگي،
رهنما وٽ راشدي تان زيب ٿئي هر زندگي،
پير پيرن ۾ پلارو نئين ديري ۾ شاهه آ.
مصطفيٰ جنهن جي مدد عاشق مَتس الله آ.

(نوٽ هي ٽيه اکري جو هڪ بند آهي جيڪو حافظ صاحب جن پنهنجي مرشد عبدالحي راشدي اول (پيرجوڳوٺ نئون ديرو) جي شان ۾ چيو)

(ٽيه اکريون "ڀاڳو ڀيو") مرتب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڇپيل ١٩٦١ع)

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## * محمد سليمان ”سالم“ ڪٺپر

شهر ٺٽون ديري مٿان نرمل ڏريو اهڙي نگاهه،
هر پڙهيو پلوان طلبي ذڪر جو پردو پناهه،
ٺو ڪري ”ڪٺپر سليمان“ عرض هي درٻارگاهه،
هر بري عادت ڪيو ٺٽون ديري وارن جي تباهه.
(سالم صاحب جي ٿيهه اکريءَ مان ورتل هڪ بند)

*

## * پريو وفا

### ٽيڙو

سنڌوءَ جائي ڌيءَ،
بينظير لڳندي آهي،
ڀيڻ اسان جي هيءَ.
(انديا مان قلب سومرو ڏانهن خط ۾ موڪليل)

*

## * غلام حسين ڪٺپر

### بيت

پاٽياريءَ جي ڇيلهه تي گهاگهر جيئن سونهين،
ٺٽون ديرو ائين سنڌوءَ جي آ ڪپ تي.

*

## * گل حسن ڪوپانگ شاد

### چؤسٽو

سو يار اچي گڏ ٿيا هڪ يار جي سڏ تي،
سڀ آيا وفادار وفادار جي سڏ تي،
منٺار سڏي ها ته ملائڪ به ڏسو ها،
پهچن ها ٺٽين ديري ۾ منٺار جي سڏ تي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## * ويرل ڪوهستاني

صدر ميمبر گهڻا ٿيا پر تبسم سڀ کان پيارو آ،
اڇي لقمان ڏسڻ وارو، پرين آٿم منو آهي.
نئين ديري وچي ويرل ڏسان ساري سنگت سهڻا.
سدا مرڪي ملڻ وارو پرين آ ٿم منو آهي.

(سنڌ جو ناليرو شاعر آ ٿم ناٿن شاهي جيتوٽيڪ خيرپور سان لاڳاپيل آهي، پر جديد شاعرن جي اصلاح ۽ انهن سان روحاني تعلق جي ڪري جڻ ته سندس روح نئين ديري جي نينهن ۾ سرشار آهي. آٿم ادبي سنگت نئين ديري پاران ١٩٨٦ع ۾ سندس مان ۾ رچايل رهاڻ جي موقعي تي مٿين شاعرن ڪيس منظوم خراج پيش ڪيو. هيءَ اهائي شاندار رهاڻ هئي جنهن موقعي تي آٿم ناٿن شاهي پنهنجي نانءُ سان قائم ٿيل ادبي بزم کي سنڌي ادبي سنگت ۾ ضم ڪري اعليٰ ظرفي جو مظاهرو ڪيو. سنڌي ادبي سنگت جي تاريخ ۾ اهڙو واقعو سنهري لفظن سان لکيو ويندو.)

*

## * اياز جاني

### وائي

هاڻي هڏ حديد ۾،
هاڻي نئين ديري-
ڇا لهه ڀنڪي روح ٿو؟

هوءَ ته پنهنجو توهه تي،
هينئڙو وئي هيري،
هاڻي نئين ديري-
ڇا لهه ڀنڪي روح ٿو؟

ڇا مان وچڻو آهيان،
پرين جي پيري ؟
هاڻي نئين ديري-
ڇا لهه ڀنڪي روح ٿو؟

(اياز جاني ڪراچي ۾ مستقل رهائش کان پوءِ مٿين وائيءَ ۾ پنهنجي ٻالڪپڻ جي ڳوٺ نئين ديري جي سارونين کي ڪربناڪ انداز ۾ ساريو آهي).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*منظور منگي

## نظم

مون لئہ چانوَ ڇَپر نئون ديرو،
علم و ادب جو گهر نئون ديرو.

سنڌوءَ جي آ ساجي ڪَپَ تي،
سهڻو ائين، جيئن تِر ڪو چپ تي.

چوڌس آهن گل گلزاريون،
انب ۽ زيتون باغ بهاريون.

جوبہ گهمڻ هت ايندو آهي،
ڏاڍو خوش ٿي ويندو آهي.

دنيا ۾ ٿس ڏاڍو نالو،
سنڌ جو هي آ شهر نرالو.

شاهنواز[1] ڪندو هو پيرو،
پير علي محمد[2] جو هي ديرو.

زلفي[3]، بي بي[4]، مير[5] هتان جو،
حسام [الدين] راشدي[6] پير هتان جو.

شاعر تبسم[7]، راشدي زلفي،[8]
شعر ٻنهي جو مٺڙي ڪلفي.

---

١ـ سر شاهنواز ڀٽو ٢ـ پير علي محمد راشدي ٣ـ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۴ـ محترمہ بينظير ڀٽو ٥ـ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ٦ـ پير حسام الدين راشدي ٧ـ عبدالغفار تبسم ٨ـ ذوالفقار راشدي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميڊم آ مهتاب[٩] پياري،
نئين ديري جي سندر ناري.

سياست، علم، ادب جا نالا،
جن جا ڪيا تم پيش حوالا.

مون لئہ چانوَ ڇَپر نئون ديرو،
علم و ادب جو گهر نئون ديرو.

٩ـ ميڊم مهتاب اڪبر راشدي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئون ديري شهر ۽ پسگردائيءَ جا سگهڙ

### تحقيق ۽ تحرير: مقصود گل



محترم مقصود گل سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو شاعر آهي. سنڌس هن شهر سان تمام گهڻا گهرا ۽ روحاني رشتا آهن. هن نئون ديري جي علمي ۽ ادبي ماحول پيدا ڪرڻ واسطي جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي، اهو ڪڏهن به وسارڻ جهڙو نه آهي. قاضي صاحب جيتوڻيڪ هن شهر کان سورهن ڪلوميٽرن (رتوديرو) جي مفاصلي تي ويٺو آهي پر اسان انکي سدائين پنهنجي دل ۽ روح جي گهراين تائين محسوس ڪريون ٿا. هتان جي نوجوان ليکڪن زاهد مهراڻوي، منشار سولنگي، اياز جاني، امام راشدي، منظور منگي، ابراهيم خليل ۽ ٻين ڪيترن جي علمي ۽ ادبي اوسر ۾ سنڌس نه وسرڻ جهڙو ڪردار آهي. اسان سنڌس هي مضمون شايع ڪندي بي انتها خوشي محسوس ڪيون ٿا. (ادارو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي هن مقالي ۾ ائين مرحوم سگهڙن، تيرهن حال حيات سگهڙن ۽ نون وسريل ۽ گمنام سگهڙن جو مختصر احوال ڏنل آهي. اهڙي طرح هن مقالي جي جهول ۾ مون لوڪ ادب جا تيهه سگهڙ ڪٺي تاريخ جي حوالي ڪيا آهن.

هن مقالي ۾ شامل سيئي سگهڙ ٽنون ديري ۽ ان جي پسگردائي جا آهن. هنن پنهنجي سادي سودي فن ۽ فڪر سان لوڪ ادب جي سينڌ سنواري آهي. ان ڪري ٽنون ديري جي تاريخ ۾ سندن حصو آهي.

سگهڙ لفظ جي لوڪ ٻوليءَ ۾ معنيٰ آهي "سؤگهڙ". جنهن جو مطلب اهو وڃي ٿيندو، لفظن کي سو ڀيرا گهڙي، سهڻو ڪري وڻندڙ بڻائي پيش ڪندڙ. "سگهڙ" معنيٰ سيبتو ۽ سلڇڻو، جيڪو خلوص ۽ اخلاق جون ڳالهيون ٻڌائي. سگهڙ، لوڪ ادب جو شاعر آهي، جيڪو سادا سودا، عام فهم، عوامي ٻوليءَ، جا لفظ ڪٺي سادڙي شاعري ڪري ٿو. جيڪا سڌو سنئون ٻڌندڙن جي دلين تي اثر ڇڏي ٿي. سگهڙ کي قدرت طاقتور ذهن عطا ڪري ٿي. انهيءَ ڪري اڻ پڙهيل يا ٿورڙي تعليم واري سگهڙ کي ٻه پنهنجو فن برزبان ياد هوندو آهي.

بهرحال لوڪ ادب قومن جي تاريخ جو حصو آهي، ان کي محفوظ ڪرڻ هر باشعور قوم جي هر فرد جو فرض آهي.

هيٺ سگهڙن جو تفصيل پيش آهي:



## سگهڙ فقير محمد بخش شيخ

لوڪ ادب جو خاموش خدمتگار ۽ سلجهيل سگهڙ. هن ڀاڳن ڀري ڀونءِ ڪيئي اهڙا مرد ميڻادار پيدا ڪيا آهن جيڪي اڻ پڙهيل ۽ اڻ ڄاڻ هوندي ٻه ڄاڻ ۽ معلومات جا ڀنڊار هوندا آهن. ڀلي ته اهي ڪنهن مدرسي يا معلم وٽ نه پڙهيا هجن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر انهن معاشري ۽ ماحول مان پنهنجي اندر واري اک کولي ڪافي ڪجھ پرجهيو ۽ پرايو آهي. اهي سوڀياماڻ وارا انسان معاشري ۽ ماحول جا ترجمان ٿين ٿا. ڀلي ته انهن کي ڪا سَنَدَ يا سرٽيفڪيٽ نه هجي، ڀلي ته اهي گمناميءَ جي غار ۾ رهي پنهنجي حياتيءَ جا پساھ پورا ڪري، جوڳي جوءِ چڏي وڃي گرسان گڏجن مگر انهن ڪاپڙين جا قول ۽ محبت ڀريا گفتا جڳن تائين عوام جي ڪچهرين ۾ گونجندا ۽ پري پري تائين پڙاڏو ڪندا رهندا آهن، انهن جي صدق ۽ سچائي ڀريا ڀاڄهارا ٻول صدين تائين سندن وجود ۽ هستيءَ جي عظيم هئڻ جو اعلان ڪندا رهندا آهن.

اهڙن مٿيادار ماڻهن ۾ پيرڳوٺ (نئون ديرو) جي سگهڙ فقير محمد بخش شيخ کي به آڻي سگهجي ٿو. هي سک ۽ سچائيءَ جو سوداگر محبت ۽ مروت جا بي بها موتي ورهائي، الفت ۽ اڪير جا اوتارا اڏي ۽ هردل ۾ دوستي ۽ دلبري پيدا ڪري ويو.

محمد بخش فقير ظاهري فقير مگر دل جو درياءُ هو. جن ڪيس ڏٺو سي سندس سخاوت ۽ درياھ دليءَ جا اکين ڏٺا شاهد اڄ به موجود آهن.

فقير محمد بخش تقريباً سن١٩٠٩ع ۾ پيرڳوٺ (الڳ نئون ديرو) ۾ پيدا ٿيو چار درجا پرائمري پاس ڪرڻ کان پوءِ پيرڳوٺ جي مشهور حڪيم سائين پورل شاھ راشديءَ جي مطب ۾ پڙيون ٻڌڻ ۽ دوائن ڪٽڻ سان گڏوگڏ حڪمت سان دلچسپي وٺڻ لڳو.

جواني تائين ساڳيو ڌنڌو ڪندو رهيو. مگر سندس دل جي ڪا منشا ٻي هئي. سندس اتفاقي ملاقات جگلار سنياسي سان ٿي ۽ ان جي صحبت ۾ ويراڳي ٿي ورڙيندو ۽ جبل جهاڳيندو رهيو، ڪڇ ڀڄ، جيسلمير، دهلي، مطلب ته انڊيا کان سواءِ ڪيترن ٻين ملڪن جو به سير ڪيائين ۽ جنگلار سنياسيءَ سان گڏ ڦيريائين گيڙو پوءِ ڪاري ڪفني ۾ مقصد ڳولهيندو رهيو.

ڪافي سالن جي سرگردانيءَ کان پوءِ عين انهيءَ رات تي فقير، پنهنجي رهنما جگلار سنياسيءَ جي ڪشف ۽ ڪرامت سان ڳوٺ پهتو. جنهن رات سندس مڱ جي شادي ٻئي گهوٽ سان ٿي رهي هئي. مگر



HISTORICAL SOCIETY NAUDERO

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## سگهڙ محمد عمر چنو

جيڪڏهن مرحوم سگهڙ، چاچي محمد عمر چني کي نئون ديري جي سگهڙن ۾ نہ شماريو تہ نئون ديري شهر جي سگهڙن جي ڪٿا بيشڪ ادوري رهجي ويندي.

سگهڙ محمد عمر چنو ولد ڪريم بخش چنو ڳوٺ ٻهمڻ لڳ نئون ديرو جو رهواسي هو. هي درويش سگهڙ پنهنجي واٽ وارو نہ ڪنهن کي ڏي نہ ڏڪائي، سڀ سان سڪ جي واٽ چار سگهڙ ڏسندو تہ ضرور لڙي پوندو، ٻئي هٿ مٿي ڪري وڏي واڪي چوندو هو "اسلام عليڪم"، سڪائتو ماڻهو سيني سان سڪ ڀريا وڏا ڀاڪر پري ملندو. ننڍي وڏي جو فرق ئي نہ، سيني کي مان ڏيندڙ ڏاڍو مانائتو ماڻهو هو.

سفيد پٽڪو، سفيد پوش، اڇي چاپئين ڏاڙهي، ڏاڍو ڏيل ڏيا وارو، ڏسڻ ۾ ئي سگهڙ لڳندو هو.

چاچو عمر چنو، ٻهمڻ وارن راشدي پيرن جو پيارو، روينيو کاتي جو ڪوٽوار هو. منو ڳالهائيندڙ مٺيادار مڙس، پنهنجي ڌن ۾ مگن، اڪيلي سر وتندو سير سفر ڪندو. سگهڙن جي ڪچهرين ۾ گهٽ نظر ايندو هو پر جي ڪا ڪچهري سِهي ۾ ملي ويندس تہ ڪونہ ڇڏيندو. ريڊيو ۽ ٽي ويءَ وارن تي چاچي عمر جو پڪو هو. پنهن جي ڪم ڪار سان ويندو تہ بہ پروگرام ضرور ڪندو. سيني جو ڳهٽگهرو، هي سباجهو سگهڙ ١٩٨٨ع ۾ وفات ڪري وڃي حقيقي مالڪ سان مليو.

معراج متعلق اچو تہ سندس هي فن پڙهي ڏسون.

### ڀاڪو

جلدي اچي جبرائيل ڪئي، گوهر سان گفتار،
سائين هل سيگهہ مان، متان ٿئي نہ ميار،
سنبري هليو صوبي سان، هٿ هيا لک هزار،
اچڻ ويل عجيب ڪي، ٿي حورن پاتا هار،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

التحيات لله والصلواة والطيبات جي، ڪلي ڪيئون ڪيڪار،
والسلام عليڪ ايها النبي، ورحمت وبرڪاتہ،
جي برڪت تي تہ بهار،
والسلام علينا عباداللہ الصالحين، اها پرور ڪئي تہ پڪار،
باري لاتا بار، سڄيءَ امت تان عمر چوي.

*

## سگھڙ امداد علي بلوچ



سگھڙ امداد علي مرحوم، ولد نواب علي جمالي بلوچ نئون ديرو لڳ ڳوٺ قلپوٽن جو رهاڪو هو، سنڌس جنم ۱۹۵۲ع ۾ ٿيو. پرائمري تعليم نئون ديري ۾ حاصل ڪيائين ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول نئون ديري مان نائين جماعت تائين تعليم حاصل ڪيائين. غربت ۽ گهرو مسئلن ڪري هو وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نہ سگهيو، جنهن جي ڪوت هو آخري دم تائين محسوس ڪندو رهيو.

۱۹۷۲ع ۾ الله ڏني ٻانهاڻيءَ سگھڙ جي دوستي سبب سگهڙن جي صحبت ۾ آيو ۽ استاد غلام قادر ٻُٽي کي پنهنجو سونهون ڪري لوڪ ادب جي سينڌ سنوارڻ جو قصد ڪري فن جي ميدان ۾ آيو.

مرحوم امداد علي ذهين ۽ سلجهيل سگهڙ هو. جنهن ڪري هن ٿوري ئي وقت ۾ لوڪ ادب کي چڱي نموني ذهن نشين ڪيو ۽ فن ۾ نوان ۽ ڪامياب تجربا بہ ڪيا.

امداد علي بلوچ، ان وقت ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ جي طرفان شروع ڪيل تنظيم ڪاري مهم ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ پٺاڻ صاحب جي هدايتن ۽ نظرداريءَ هيٺ هن نئون ديري جي سگهڙن کي منظم ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪم ڪيو. نينهن جي ناوڪ جو نشانو ٻڌجي، هن فقير عمر ڀرجو درد پرايو. زندگيءَ ساٿس وفا نہ ڪئي ۽ هي سچيتو سگهڙ ۲۴_ جنوري ۱۹۸۳ع تي اسان کان وڇڙي ويو. سنڌس فن هيٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏجي ٿو:

### پهاڪو

"الف" الله، "ميم" محمد، "عين" علي آڌار اڙين،
حسن مير حسين، شهادت ڪنئين شوق مان شهزادن،
پر عاشق پهتا ان جاءِ تي، جاتي ڪوڪ نه پوي ڪن،
گلا غيبت گم ڪري، محبت رکيئون من،
ڪوڙ ڪپت، ڪيني، بيائي کي ڏنئون ڀن،
سامي انهيءَ سٽ ۾ پيا، "قالو بليٰ" ڪهن،
"موتو قبل انت موتو"، چڱا ائين چون،
"ولسوف" وارو واعدو، پرينءَ سان پاڙن،
"الف" اورن اندر ۾، ٻيو ٻنو ڪين پڙهن،
تڪڙو وڃي تن، "الف" لڌو "امداد" چئي.

*

## سگهڙ واحد بخش مجنون فقير ٻرڙو



مرحوم واحد بخش ٻرڙو، "مجنون فقير" جي نالي سان مشهور ٿيو، سندس والد جو نالو عبدالحڪيم ٻرڙو هو، سندس اصل ڳوٺ جان محمد ٻرڙو هو جتان لڏي نئون ديرو لڳ قلپوٽن جي ڳوٺ اچي آباد ٿي.

مجنون فقير ۱۹۲۸ع ۾ ڄائو، سندس تعليم چار درجا سنڌي هئي، محنت مزوري ڪري ۽ ڪتون واٽي پنهنجو گذر سفر ڪندو هو. مجنون فقير ويچارو واقعي فقير تن انسان، سادڙو، سٻاجهڙو ۽ محبتي ماڻهو هو.

پاريچي سگهڙ ڪريم بخش وسطڙي جي محبت ۾ لوڪ ادب سان دلچسپي پيدا ٿيس ۽ ان کي ئي استاد ڪري فن جي دنيا ۾ آيو. هن فقير پنهنجي وت وس آهر فن جون صنفون لکيون پر سندس پسند جون صنفون ڏٺ پرولي، ڳجهارت، ڏور ۽ سينگار هيون. مجنون فقير نڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا بيت ٻه ڏاڍي مهارت سان سريلي انداز سان پيش ڪندو هو، ڪيس سانوڻ فقير جا ناڙي بيت تمام گهڻي انداز ۾ ياد هئا. ان کان سواءِ مجنون فقير هڪ سٺو جهومريو ٻه هيو.

ڪچهرين ۾ سندس فن پڙهڻ جو انداز ٻڌندڙن کي موهي وجهندو هو. سادگي، ۽ سولڙن اکرن ۾ فن پيش ڪرڻ سندس فن جون خوبيون هيون. مجنون فقير ڪجهه سال اڳ راه رباني وٺي وڃي پرور کي پرتو آهي، پر سندس ڪجهه فن ضرور ياد طور اسان وٽ آهي. سندس "ڀلي آئين" جو هي ڀاڪو پڙهي ڏسو.

**ڀاڪو**

ڀلي آئيو، ڀلا پرين، محب منا منٺار،
اوهان آئي عيد ٿي، جو دلبر ڪرايوَ ديدار،
اڱڻ اڄ آباد ٿيو، اوهان آئي انوار،
هر دم هئي هوت اوهان جي، طلب اندر ۾ تار،
هليا ويا هڪدم جيڪي، هيا غم غبار،
لهي ويا لاڻ منهنجي، من سندا مونجهار،
اڄ مسڪينن جي منڙا، موتي سهٽا لڌو سار،
هلي وٺي حرارت جا، هئي دوست پرين دلدار،
اڄ ڪافي قرب قرار، ٿيا هن محب آئي مجنون چوي.

*

## سگهڙ محمد پنهل شيخ

مرحوم سگهڙ محمد پنهل شيخ ولد امير بخش سن ١٩٣٢ع ۾ ڄائو، سندس اصل ڳوٺ قلپوٽا هو پر پوءِ ٺٽون ديري جي غريب آباد محلي ۾ اچي آباد ٿيو ۽ زندگيءَ جا باقي ڏهاڙا اتي ئي بسر ڪيائين.

محمد پنهل ويچارو اپاهج ماٺهو هو پوءِ ٻه هن خود دار ماڻهوءَ محنت ۽ مزدوري کي بهتر سمجهيو ۽ ٻيڙيون ٻڌي پنهنجي زندگيءَ جي گاڏيءَ کي گيڙيندو هو.

استاد غلام قادر ٻُـٽي کي پنهنجو رهبر ڪري فن جي دنيا ۾ آيو، ڳجهارت ۽ ڏور پنهل جون صفنون هيون، پر تنهن هوندي ٻه هن سينگار، هنر ۽ ڀاڪا ٻه چيا.

محمد پنهل شيخ، بيماريءَ ۽ بي روزگاريءَ سبب پنهنجا آخري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سگهڙ سڪندر علي ناريجو

سڪندر علي ولد ننگر خان ناريجو، ۴ مئي ۱۹۵۶ع تي عزت جي واندي ڳوٺ ۾ ڄائو. پرائمري تعليم نئون ديري ۾ حاصل ڪيائين. غلام قادر ڀُٽي سگهڙ کي استاد ڪري لوڪ ادب جي منزل جو پانڌيئڙو بڻيو. ڪجهه پنهنجو، ڪجهه استادن جو فن پڙهي ڪچهرين جي سونهن بڻيو هو، سهڻو جوان، شاندار، پٽڪي ۽ ويڪري ڇهري وارو ڪچهرين ۾ واهه جو نهندو هو. افسوس جو بي وفا زندگيءَ هن خوبرو سگهڙ سان وفا نه ڪئي ۽ ڀر جوانيءَ ۾ پنهنجي والد ۽ عزيزن دوستن کي وڇوڙي جا وڏ ڏئي راهه رباني وٺي رمندو رهيو. سندس فن تہ پڙهي ڏسو:

### پهاڪو

محبت منڙي ماڪيءَ کان، ڪنڊ کان آهي ڪڙي،
بي پهاج ان جي پاڙي ۾، ڪلفت آهي ڪڙي،
ڪڏي تنهن ڪميٽيءَ کي، تيز ڏجي تڙي،
محبت کي موتائي وري، گهر آڻجي گهڙي،
پوءِ تہ سيگهه ۾ سڪندر چئي، پريت ويندي پڙي،
جيڪي سچ ڳالهائيندا سالڪ، تن ازنا ڪندا اڙي،
هو ڪنا ڪٽندا قسم رڳو، ڪلما پاڪ پڙهي،
سا تہ دڦ ڏسان ٿو دري، جن ڪيا ها ناحق ناريجو چوي.

*

## نئون ديري جا حال حيات سگهڙ



### سگهڙ غلام قادر ڀٽو

غلام قادر ڀٽو نئون ديرو شهر جو تمام گهڻو سينئر سگهڙ آهي ۽ استادن ۾ شمار ٿيو وڃي ٿو. نئون ديري جا گهڻي ڀاڱي جيڪي بہ سگهڙ آهن اهي سندس صحبت ۾ سگهڙائپ ڏي راغب ٿيا آهن، جيتوڻيڪ غلام قادر ڀٽو پنهنجي روين جي ڪري پنهنجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حلقو قائم نہ رکي سگھيو آهي پر پوءِ بہ سندس سنگت ڪيترن ئي سگھڙن کي سگھڙائپ جي پنڌ ۽ پيچري کان واقف ضرور ڪيو آهي.

غلام قادر ۱۹۳۰ع ۾ محمد عثمان پُنّي جي گهر ۾ جنم ورتو، سندس اصل ڳوٺ ميرپور پنّو هو پرپوءِ زماني جي ردوبدل کيس ٺٽون ديري وٺي آئي، شايد ۱۹۴۲ع واري ٻوڏ سبب جيڪا لڏ پلاڻ ٿي انهيءَ ۾ غلام قادر جا وڏا ٺٽون ديري لڏي آيا.

غلام قادر کي ننڍي هوندي ئي سگھڙن جي ڪچهرين ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. ويتر جو سندس ڏيٺ فقير محمد بخش شيخ سان ٿي. انهيءَ جي سڪ ۽ محبت سندس من ۾ موجود سگھڙ کي جاڳائي هوشيار ڪيو. ۽ سگھڙ محمد بخش شيخ کي استاد تسليم ڪري اڳتي وڌيو. ٺٽون ديري جو ناميارو سگھڙ شير محمد سندس ياءُ آهي. روزگار جي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ غلام قادر ٻيلي کاتي ۾ ملازمت اختيارڪئي ۽ تقريباً ڏهہ سال کن اڳ پنهنجي ملازمت جو پيرڊ پورو ڪري هاڻي آزاد زندگي گذاري ٿو. سندس پٽ خير سان لڏ لائق ٿيا آهن ۽ روزگار سان آهن.

غلام قادر پُنّي فن جي تلاش ۾ پري پري وڃي پنهنجي وقت جي ناميارن سگھڙن سان ڪچهريون ڪيون ۽ پنهنجي تن جي تئونس کي اجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. جن پراڻن سگھڙن سان سندس ڪچهريون ٿيون يا واسطو رهيو، انهن ۾ خاڪل ٻرڙو (جيڪب آباد)، حاجي فقير مهيسر (خيرپور)، پيرڙو فقير ڪنيار (حيدرآباد)، ساجن ڪوريجو (ڪاٺوٽ) بلو ڪيريو، بخشو فقير شر، متارو وادير، الله بخش مگڻ، ملوڪ عباسي ۽ ٻيا ڪيئي سگھڙ شاعر شامل آهن.

ڪيس گل بهار ٻُرڙي ۽ وريام فقير جو فن وڻندو آهي.

غلام قادر هوندءَ تہ هر فن جو ڄاڻو سگھڙ آهي پر ڏور جي فن تي هو مڪمل مهارت رکي ٿو، سندس ڏور جي واڻ توڙي ڳول ڏاڍي وڻندڙ آهي، جنهن کي فن جا ڄاڻو وڏو داد ڏيندا آهن.

غلام قادر آهي تہ صرف ٽي درجا سنڌي پڙهيل پر وقت زماني ۽ فن فنڪاريءَ کيس گهڻو ڪجهہ سيکاريو آهي. هي ڪچهريءَ جو ڪوڏيو ۽ گفتي جو پڪو، ڳالهائو، مرڪڻو ۽ ٽهڪڻو سگھڙ آهي. وس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويجهي، اڄ ڪلهه هو خوبصورت سگهڙن ۾ شمار ٿئي ٿو.

شير محمد روزگار جي حوالي سان صحت کاتي ۾ ملازم هو. هو پنهنجي سروس پوري ڪري رٽائر ٿيو ۽ ڪجهه سالن کان ٺٽون ڊيري ۾ رٽائر زندگي گذاري رهيو آهي.

سگهڙائپ ۽ ادبي شاعريءَ جو ڪافي ذخيرو وٽس اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهي. ڳجهارت، پهاڪي، ڏور، سينگار، ۽ هنر جو ماهر سگهڙ اڄ به ٺٽون ڊيري ۾ پنهنجي ڌن ۾ مگن فن جي خدمت ڪندو رهي ٿو. ڪچهرين ۾ فن پڙهڻ جو، هن جو منفرد انداز آهي جيڪو ٻڌندڙن کي ڏاڍو متاثر ڪري ٿو.

اچو ته هن فقير تن سگهڙ جو فن پڙهي ڏسون:

### پهاڪو

ٻلي آئيو ٻلا پرين، اڄ منهن ڏيکاريواٿو مَس،
دل اوهان جي ديدار لئه، وڏا ڪري پئي وَس،
اکيون اوهان جي انتظار ۾، گوليون تکن گس،
کهائيون اوهان جون کانگل کان، مون ڏهاڙي پچا ڏس،
اڄ روبرو جا رس، ٿيا آهن شوق وارن جا شيرل چئي.

*



### محمد خان مسرور سيال

ٺٽون ڊيري شهر ۾ سگهڙن جو جيڪو ٿورو گهڻو ميلو متل رهيو سو محمد خان سيال جي ڪري ئي رهيو. ڪو وقت اهڙو به هو جو محمد خان جو ڪپڙي جو دڪان سگهڙن جو مرڪز هوندو هو ۽ هر وقت سنڌس دوڪان تي سگهڙن جون ڪچهريون ئي ٿينديون هيون ۽ ٻر جا يا شهر جا سگهڙ سنڌس دوڪان تي ضرور اچي ڦيرو ڪندا هئا.

محمد خان، گنبٽ تعلقي جي ڪچي جي ڳوٺ "گلو سيال" ۾ ١٩٣٦ع ۾ جمال الدين سيال جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي حاصل ڪيائين. حاجي آچر منگيءَ جي صحبت ۾ هو فن جي طرف متوجهه ٿيو ۽ اهڙي طرح هو سگهڙن جي سٿ ۾ شامل ٿي لوڪ ادب جي ميدان ۾ آيو.

محمد خان زماني جي گردش سبب شايد روزگار جي ئي تلاش ۾ اچي درزڪو ڪم شروع ڪيو. پر پوءِ ڪپڙي جو دوڪان ڪري پنهنجو مستقل روزگار شروع ڪيائين. نئون ديري ۾ ڪيس سگهڙن جي محبت ۽ ڪچهرين جي ڪري لوڪ ادب سان وڌيڪ ويجهڙائي ۽ فن کي وڌيڪ سنوارڻ ۽ سينگارڻ جو موقعو مليو.

محمد خان سيال هڪ سيبتو سگهڙ، چڱو شاعر، ۽ هڪ پيارو ماڻهو آهي. هو دوستن جو دوست ۽ قرب ونڊيندڙ ماڻهو آهي. وقت جي گردش ۽ مستقل بيماريءَ هاڻي ڪيس محدود ڪري ڇڏيو آهي نه ته هو پراڻن دوستن وٽ ٻه وڃي پيرو ڪندو هو.

اچو ته محمد خان مسرور جي فن مان سندس هڪ پهاڪو پڙهي ڏسون جنهن ۾ هن پنهنجي سڄڻ جو سينگار بيان ڪيو آهي.

**پهاڪو**

اڄ تر جي اڌ جيترو، جي سهڻو ڪري سينگار،
ته موهي مشتاقن کي، ٿو ناز پريو نروار،
حاصل ٿئي حبيب جو، جي درس وڏو ديدار،
ته لهي وڃي هڪ لحظي ۾، اکين جو آزار،
قربان ڪريان ڪامل تان، مان گهوري هي گهر ٻار،
عجيب منهن جو اصل ڪان، آ محب مٺيادار،
جلوو تنهن جانب جو، آ جوڙ وڏو جنسار،
لهندو سار سيني جي، سو جانب جلوي دار،
اصل ڪنئون جو آسِنُ جو، آ اوڪيءَ ۾ آڌار،
سو ٻاري ڪندو ٻار، محشر ۾ ”محمدخان“ چوي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حافظ علي گل ٻرڙو



حافظ علي گل ٻرڙو جي والد صاحب جو نالو محمد اسماعيل ٻرڙو آهي. ٺئون ديري لڳ پيرجان محمد ڳوٺ ۾ ١٩٥٦ع ۾ ڄائو. شروعاتي تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين، مذهبي گهراڻي هجڻ ڪري مذهبي تعليم جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس مختلف ديني مدرسن ۾ رهڻ جو موقعو مليو. جنهن ڪري حافظ علي گل کي قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ ۽ ديني تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو. نصاب موجب سندس تعليم ميٽرڪ آهي.

علي گل جي چواڻيءَ، گهر ۾ ئي خانداني طور ڪيس سگهڙائپ جو ماحول مليو جنهن ڪري سندس دل ۾ لوڪ ادب جي لاءِ دلچسپي پيدا ٿي. حافظ گل ٻرڙو لوڪ ادب جي تقريباً سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو، ان ڪان سواءِ سندس واسطو ادبي شاعرن مقصود گل، مختيار گهمرو ۽ ٻين سان به رهي ٿو. جنهن ڪري حافظ ادبي صنفون غزل ۽ نظم به لکي ٿو، سندس شاعري ۾ قومي رنگ ۽ مزاحمتي عنصر به نمايان نظر اچي ٿو. حافظ صاحب جڏهن ڪا قومي ڳالهه ڪندي احتجاج ڪري ٿو ته ڏهن سندس لکڻي توڙي گفتي جو انداز تمام سخت ٿيجي وڃي ٿو ۽ هو قوم جي دشمن سان ڪنهن به رعايت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هوندو. حافظ صاحب سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي مختلف علائقن ۾ لوڪ ادب جو ڪچهريون ڪري پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. ان ڪان سواءِ ٽي وي ۽ ريڊيو تي به ڪچهريون ڪري آيو آهي. وريام فقير، سگهڙ بهار ٻرڙو ۽ فقير عبدالرحمان مهيسر سندس پسند جا سگهڙ آهن.

حافظ علي گل ٻرڙي پنهنجي پسنديده شخصيت جي باري ۾ ٻڌائيندي چيو ته "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي محنتن، ادب لاءِ ڪيل خدمتن کي ڏسي حيرانگي ٿئي ٿي ته ڪيئن هيڏو سارو لوڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادب جي سلسلي جو ڪم، جامع سنڌي لغات ۽ ٻيا اڪيچار ڪتاب ڇپا واقعي هڪڙي بلوچ صاحب لکيا آهن، جس هجي ڊاڪٽر صاحب کي، منهن جو ته ڪيس سلام آهي".
اڄو ته سندس فن پڙهي ڏسون:

## سينگار

واهوا ڪيس قريب جا، اهي ڪارا ڪاريهل،
ڪارا ڪڪر ڪنبي وڃن، جي ڏسن ڪلهن تي ڪاڪل،
واهوا عين عجيب جا، اهي نوراني نرمل،
موهي وجهن سَوَ سونهن ڀريا، سوس نيڻ سنبل،
ڪهڻ ۾ ڪنهن عاشق کي، سي ڪن تا ڪونڌ ڪهل،
دندان منهنجي دلبر جا، هن موتين جي ته مثل،
مرڪڻ سان ڪن تاب تجلا، ٿين روشن رنگ محل،
گفتار ٻڌي گل گوهر جي، ڪري ڪويل نا ڪل ڪل،
مور پپيها ماٺ ڪري ويا تلي نه ڪنهن کا تل،
رفتار ڏسي سڀ هينڊل، مينڊل، چال چڏي چنچل،
مونُ، پونو، چندرما، چند، ماه، مهتاب، چاند ڏسو چلول،
پسي صورت پرين سنڌي، ٿيس سيني ۾ سوسل،
دامن جهلي تنهن دلبر جي، آ آس مان علي گل،
بيشڪ سَوَ بادل، وسندا ٻاجهه ڀريا ٻرڙو چوي.

*

## سگهڙ عطا محمد ٻرڙو



عطا محمد ٻرڙو ولد درمحمد ٻرڙو ۱۹۴۴ع ۾ ننون ديري جي پرسان ڳوٺ پيرجان محمد ۾ ڄائو. هن وقت هو پنهنجي ڪھول سميت ڳوٺ عزت جي وانڊ ۾ رهي ٿو. سندس تعليم سنڌي فائينل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سن ١٩٥٧ع ۾ ٺٽون ديري ۾ تعليم دوران سگهڙ غلام قادر ڀُٽي سان سندس واقفيت ٿي. ۽ سگهڙن جون ڪچهريون ٻڌي سندس من ۾ موجود سگهڙ ڪرموڙي سجاڳ ٿيو. اهڙي طرح عطا محمد، غلا قادر ڀُٽي کي پنهنجو استاد تسليم ڪري لوڪ ادب لکڻ ۽ پڙهڻ جي طرف راغب ٿيو.

عطا محمد ٻرڙو هڪ سچيتيو سگهڙ آهي، ڪچهرين ۾ فن پڙهڻ جو سندس انداز ٻڌندڙن کي متاثر ڪري ٿو. لوڪ ادب جي تقريباً سيني صنفن جهڙوڪ ڳجهارت، ڏور، هنر، سينگار، ٻهاڪو ۽ گرچيلو تي لکيو اٿائين. هو پاڪستان ٽيليويزن ڪراچيءَ سميت، ڀٽائيءَ سرڪار، سچل سائينءَ ۽ قلندر شهباز جي درگاهن تي ٿيندڙ سگهڙن جي ڪچهرين ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي.

عطا محمد ٻرڙو پوکي راهي ڪري ۽ ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙي دوڪان جي ذريعي پنهنجو روزگار ڪندو رهي ٿو. سندس پسند جي شاعرن ۾ شاهه لطيف، حمل فقير، رکيل سائين، استاد عطا محمد حامي ۽ استاد بخاري شامل آهن، وٽس ڪافي انداز ۾ اڻ ڇپيل مواد موجود آهي. سندس فن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

**ٻهاڪو**

تڏي وچ تن جي، جن کي محبت صفا من،
ايندو ڏسي ادب سين، مٺا محب ملن،
آجيان ڪري، اور اوري، خوش ٿي خان ڪلن،
ڀري ڪنئورا قرب سان، آٿي اڳيان ڏين،
هٿڙا ڏوٺاري، پاٿي پياري، سجڻ سار لهن،
مونجهو نہ چڏن مهمان کي، پڇيو ڏک پچن،
”عطا محمد“ انهن جا، تا ڏوران ڏس ٻجهن،
انهن جي اگڻ، وڃجانءِ ٻہ پيرا ٻرڙو چوي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سگهڙ محمد سليمان ناريجو



محمد سليمان ناريجو، ڳجهارتي پلوڙ سگهڙ عرض محمد ناريجي جو پٽ آهي، سندس ڀاءُ محمد پنهل به سگهڙ آهي، انهيءَ حوالي سان جيڪڏهن چئجي ته محمد سليمان جن خانداني سگهڙ آهن ته ان ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو.

محمد سليمان جا وڏا درياه تي رهندا هئا پوءِ اچي ٺٽون ڏيري جي پرسان ڳوٺ موريا فقير ۾ آباد ٿيا. سندس جنم ١٩٢٧ع ۾ ٿيو. مارو ماڻهو، مال چارڻ ۽ پوکي راهي ڪري پيٽ گذر ڪرڻ سندس خانداني ڪرت آهي.

محمد سليمان سهي سان روزگار سانگي ڳوٺ موريا فقير مان ڪجھ وقت جي لاءِ لڏي ڳڙهي خدابخش ۾ وڃي ويٺو پر شايد اتي ڪيس مرضي مطابق سهولتون ميسر نه ٿي سگهيون ۽ وري موٽي اچي ساڳئي جاءِ تي موريا فقير ڳوٺ ۾ آباد ٿيو آهي.

سگهڙائپ ڪيس ورثي ۾ ملي ۽ پاريچي سگهڙ، حاجي فقير مهيسر کي پنهنجو استاد قبول ڪري فن جي واقفيت حاصل ڪيائين. محمد سليمان ڪنهن به اسڪول ۾ نه پڙهيو پر شوق سندس رهنمائي ڪئي ۽ قدرت ذات عطا ڪيس، جنهن ڪري فن جي دنيا ۾ خاصو ڪم ڪيائين. پرولي، ڳجهارت ۽ گرچيلو سندس من پسند صنفون آهي. ڪيس پنهنجو توڙي ٻين جو فن برزبان ياد آهي. هي سادڙو ۽ سباجهڙو سگهڙ ٻين ۽ پني جو ڪڏهن به محتاج نه رهيو. ڪٿي به ڪيس ڪچهري جو سڏ ملندو، غربت سبب ڪرايو نه ڪري سگهندو ته به تر جي ڪچهرين ۾ ميلن جا ميل پنڌ ڪري به پهچندو. اڄ ته هن سادڙي سگهڙ جو سادو ۽ پيارو فن پڙهي ڏسون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پهاڪو

محبت چيز مهانگي جنهن سان تڪڙ نہ هلي تاب،
ڪڙجي وڃجي قرب ۾ پوءِ ڪهڙو جوان! جواب،
هي تہ نيڻ ٽا نوائي وجهن قانوني آهي ڪتاب،
جي سٽان پڙهجن سور جون تہ عجب وهائن آب،
بي قربن اڳيان بين بي جڻ رڊن اڳيان رباب،
نينهن وارن سان ناريجو چئي، ڪهڙو هيل حساب،
پياس رک پنجن بارهن جي اهو سهڻا آهي ثواب،
غريب توڙي نواب، سيڪو سامي هلندو سليمان چئي.

*

## سگهڙ محمد پنهل ناريجو



سگهڙ محمد پنهل ناريجو، سگهڙ ابن سگهڙ آهي. سندس والد عرض محمد ناريجو ڳجهارت ۽ ڏٺ پروليءَ جو پلو سگهڙ هو. محمد پنهل جو جنم ١٩٣٠ع ۾ ٿيو، سندس اصل ڳوٺ سنڌو پار هو، پر ١٩٦٨ع ۾ روزگار سانگي لڏي پلاڻي ڪهول سميت ٺٽون ديرو شهر ۾ اچي جهڳو ڪيائين. محمد پنهل، سگهڙ محمد سليمان ناريجي جو ننڍو ڀاءُ آهي.

محمد پنهل محنت مزوري بہ ڪئي پر پوءِ لاڙڪاڻو شگر مل ٺٽون ديرو ۾ نوڪري مليس ۽ پمپ ڊرائيور ٿي مستقل روزگار حاصل ڪيائين، جتان پنهنجي سروس پوري ڪري رٽائر ٿيو. سندس پٽڙو محمد افضل پڙهي پيو جيڪو اڄ ڪلهہ اسلام آباد ۾ گورنمينٽ ملازم آهي ۽ محمد پنهل بہ اڄ ڪلهہ اسلام آباد ۾ پنهنجي فرزند سان گڏ رهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد پنهل جا ڪافي مائٽ ۽ عزيز پار ۾ آباد آهن، جنهن ڪري سندس واسطو پاريچن سگهڙن سان رهيو، خانداني طرح سگهڙ گهراڻي جو هجڻ ڪري لوڪ ادب سان واڳيل هيو، ويتر جو ڪيس سگهڙن جي ويجهڙائي نصيب ٿي ته ڪيس سگهڙائپ ڪي وڌيڪ پرکڻ ۽ پرجهڻ جو موقعو مليو. سگهڙائپ ۾ سندس استاد پاريچو سگهڙ حاجي فقير مهيسر آهي ۽ سگهڙ ڪريم بخش وسطڙي سان به سندس روح رچنديون رهيون. محمد پنهل سگهڙ پنهنجي حال سارو فن جي ڪجھ صنفن تي لکيو آهي. اچو ته سندس فن مان هڪ پهاڪو پڙهي ڏسون.

### پهاڪو

جهڙي اڇي جان تي، تهڙي نباهجي تيئن،
لائجي ته لِڪ نه ڪجي، نبيري چڏ جن نينهن،
ڪلهن نه ڪائيندو ڪنهن ڪي، توڙي سامهن اچي شينهن،
ساٿ رکجي سنگت سان، محبت وسائجن مينهن،
ڏتن تي هي ڏينهن، پورا نه هلندا پنهل چئي.

*



### سگهڙ الله ڏنو ٻانهاڻي

الله ڏنو ولد لعل بخش ٻانهاڻي ٧۔ مارچ ١٩٤٥ع ۾ جنم ورتو، سندس اصل ڳوٺ پيارو ٻانهاڻي، تعلقو رتوديرو آهي پر وقت جي گردش سن ١٩٦٢ع ۾ ڪيس نئون ديرو وٺي آئي ۽ هميشه جي لاءِ هتان جي ٿي ويهي رهيو. سندس تعليم پنج درجا سنڌي آهي.

نئون ديرو ۾ سندس ڏيٺ مشهور سگهڙ غلام قادر ٻٽي سان ٿي سندس ٿي صحبت ۽ استاديءَ ۾ سگهڙائپ جو طرف متوجه ٿيو پنهنجي شوق، محنت ۽ ذهانت سبب ٿوري ئي وقت ۾ فن جي سڀ صنفن ۾ سٺي ڄاڻ حاصل ڪري ورتائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الله ڏني ڀانهاٽي ٺٽون ديري جي مشهور شاعر استاد ڪريم بخش گهايل جي نظرداريءَ هيٺ ادبي شاعري به ڪئي. پر پوءِ به سندس گهڻو توجهه ۽ دلچسپي لوڪ ادب ۾ رهي.

هن وقت الله ڏني ڀانهاٽيءَ تي الغوزي ۽ موسيقيءَ جو شوق وڌيڪ اثرانداز آهي، تنهن ڪري هو اڄ ڪلهه سورو وقت موسيقيءَ ۽ الغوزي کي ڏئي ٿو. ڀانهاٽي هار مونيم ۽ پکواز به مهارت سان وڄائي ڄاڻي، اڄو ته سندس سگهڙائپ جو فن پڙهي ڏسون.

**پهاڪو**

اول نالو الله جو، جيڪو سڀ جي لهي سار،
محمدصه موڪلي مصطفيٰ، ڪيائين ڪيڏا قرب قرار،
اهو هادي آهي حق جو، جنهن ڀاري ڪنيان ڀار،
"ونحن اقرب" جو، واعدو ڏس دلبر ناهي ڏار،
"ڪل شيءِ قدير" آهو، سڀ آڳي ڪي اختيار،
پر الاهي اٿئي الله ڏنو چوي، مون ۾ عيب اپار،
هاڻي سيد تون سردار، آهي امت تنهنجي آسري.

*

## سگهڙ محمد عظيم بلوچ



محمد عظيم جت بلوچ جو جنم ۱۹۴۰ع ۾ ڳوٺ ڪوڪر لڳ ميرپور ٻٺو ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو شهداد خان آهي. سن ۱۹۵۵ع ۾ سندس وڏا لڏي پلاڻي، ٺٽون ديري پرسان اچي ڳوٺ قلپوٽن ۾ آباد ٿيا، اهڙي طرح محمد عظيم بلوچ کهول سميت ٺٽون ديري اچي نڪتو.

محمد عظيم جي تعليم سنڌي ست درجا آهي، ريلوي کاتي ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ملازمت پوري ڪري پينشن وٺي وقت کان اڳ رٽائر ٿيو آهي. هن وقت نئون ديري شهر ۾ ڊيڪوريشن جو دوڪان اٿس ۽ اهڙي طرح سندس روزگار ٿيندو رهي ٿو.

محمد عظيم، نئون ديري جي سگهڙ غلام قادر پٽي جي نگراني هيٺ لوڪ ادب جي ميدان ۾ پير پاتو ۽ اڄ ڏينهن تائين هو فن سان پنهنجي حال سارو نينهن نياهيندو اچي. ۽ فن جي سيني صنفن تي لکيو اٿائين. سندس چيل هڪ تفصيلي ڳجهارت، "حقي جي هوت ڪري ويا" ڏاڍي مشهور ٿي جيڪا هر محفل ۾ فرمائش ڪري ڪانئس ٻڌي ويندي. محمد عظيم، سنڌ جي نامياري سگهڙ محمد ملوڪ عباسيءَ جو مداح ۽ صحبتي رهيو آهي، تنهن ڪري ان جو ٻه ڪافي فن ياد اٿس. سندس فن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

### پهاڪو

ڪچهريون قربدارن جون، ڪيئي هلن ڪلاڪ،
سگهڙ، سالڪ، سرتيا، اچي ڀري ويهن پوشاڪ،
ملوڪن جي مجلس جي، هر هنڌ هلي هاڪ،
شعر ٻڌائي شوق سان، ويا الاهي عشاق،
وسائي تن تي واحد ڇڏي، مهر سندي ماڪ،
پرور ڏٺيءَ پاڪ ڪيا، اُتم احسان عظيم چوي.

*

## سگهڙ تالپر شيخ



تالپر شيخ ولد قوتو خان سن ١٩٣٥ع ۾ ڄائو. ڳڙهي صاحب خان (تعلقو رتوديرو) سندس اصل ڳوٺ آهي پر وقت جي وير سن ١٩٥٨ع ۾ کيس نئون ديري آڻي ڇڏيو، هن وقت هو ڳوٺ قلبوتن ۾ آباد آهي.

تالپر شيخ روزگار سانگي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙڪاڻو شگرمل ۾ چوڪيدار هو پر شگر مل جي بند ٿيڻ سبب ڪيس بيروزگاريءَ جو منهن ڏسڻو پيو. هن وقت هي همت ڀريو انسان محنت مزوري ڪري پنهنجي ٻچڙن جو گذارو ڪري ٿو. پوءِ به صرفي سان هلندڙ هي غريب ماڻهو خوش ٿو گذاري.

استاد سگهڙ غلام قادر ٻُنّي جي صحبت ۽ رهنمائيءَ ۾ سگهڙائپ جي فن ڏي سندس لاڙو ٿيو. ڏٺ پرولي، ڳجهارت، ڏور، ٻهاڪو ۽ سينگار سندس مرغوب صنفون آهن. سندس تعليم نه جي برابر آهي پر هن ذهين سگهڙ کي پنهنجو فن برزبان ياد هوندو آهي. ٽالپر شيخ ڪراچي ٽيليويزن جي ڪچهري پروگرام سميت، ڪافي ٻين پروگرامن ۾ به حصو وٺي چڪو آهي.

ٽالپر شيخ، الغوزا نواز سگهڙ، الله ڏني ٻانهاڻيءَ جي سنگت ۽ صحبت سبب موسيقيءَ جي طرف به متوجه ٿيو، جنهن ڪري ڪيس پکواز وڄائڻ ۾ به ڪافي ڄاڻ حاصل ٿي. ٺٽون ديري شهر جي راڳ رنگ جي محفلن ۾ به ٽالپر شيخ جي ڪافي دلچسپي رهندي آهي.

سندس فن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

**ٻهاڪو**

گذر غريبي گڻ ڀلو، تندي ڇڏ تڪرار ميان،
هل حليمت هيڻاهيڻ سان، جيءَ ۾ رکي جار ميان،
سامي سوڙهي قبر انڌاري، اونده انڌو ڪار ميان،
آخر آڏو ڏينديءَ آئي، عملن جي اخبار ميان،
اڳيٺون جو ڪجهه هاٿي ٿي ڪر، وهنديءَ ڪو ويچار ميان،
سڪ سدا رک سيد جي، جو اڙين جو آڌار ميان،
سٺي سماچار ميان، تون ڪر ڪا تل ٽالپر چئي.

*

**سگهڙ محمد عالم مهر**

سگهڙ محمد عالم مهر پهرين جنوري ١٩٥٢ع ۾ جيئل خان مهر جي گهر ۾ مسوديري ۾ جنم ورتو، زماني جي گردش سبب ١٩٦٢ع ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئون ديري لڏي آيو. تعليم پنج درجا سنڌي اٿس. ١٩٧٠ع کان سگهڙائپ جو فن لکي ۽ ڪچهرين ۾ پڙهي ٿو. مرحوم امداد علي بلوچ سندس استاد آهي. هر صنف تي قلم کنيو اٿائين. رازڪو ڪم ڪري پنهنجو گذر سفر ڪري ٿو. ڪراچي ٽيليويزن تان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي.

محمد عالم مهر ادبي شاعري جي طرف به توجهه ڏنو ۽ غزل ۽ نظم جي صنفن تي به قلم آزمايو آهي، هن ڪجهه طرحي غزل به چڱي پيرائي لکيا آهن.

محمد عالم، ڪيترن ئي سگهڙن جو صحبتي آهي پر مرحوم سگهڙ استاد فيض محمد سومري ۽ مرحوم محمد بخش گهانگهري سان سندس تمام گهٽي ويجهڙائي رهي.

اڄ ڪلهه محمد عالم مهر وري زماني جي گردش جي ور چڙهي وزير آباد ضلع شڪارپور وڃي نڪتو آهي، پر پوءِ به هو نئون ديري سان پنهنجي نينهن جو ناتو قائم رکيو اچي ۽ چئني ڇهه ماهيءَ، هو ضرور نئون ديري اچي سنگت سان مڪاميل ڪندو آهي. سنڌس فن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

### پهاڪو

سڄڻ مٺا جي ساهه کان سي پرين نه رهيا مون پاس،
سرنڌي نه هئي سيڪنڊ جن ري، سي وڃڻ ڪاڻ وياس،
محبت الائي ڇو مهر ڇوي، مون راٽي نه آئي راس،
ڪين چاٽا کهڙي سبب مون، اوکي پنڌ پياس،
عجيبن ڏي "عالم" چئي مون ڪافي پنڌ ڪياس،
"جني ڪاڻ مياس، سي ڪلهي ڪانڌي ڪين ٿيا"

*

### سگهڙ ماسٽر فيض محمد برڙو

فيض محمد ولد دائم خان برڙو، نئون ديرو لڳ ڳوٺ برڙن جو رهاڪو آهي، سندس جنم سن ١٩٣٦ع ۾ ٿيو. تعليم فائينل ايس وي پاس آهي، سنڌي ماستري عهدي تي فائز هو، ١٩٨٨ع ۾ پنهنجي سروس پوري ڪري رٽائر ٿيو. هاڻي ڳوٺ ۾ ننڍڙو دوڪان هلائي روزگار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو رهي ٿو.

شاعري ۾ فيض محمد جو استاد، ٺٽون ديري جو مشهور شاعر ۽ استاد، محمد سليمان "سالم" ڪٽپر هو، سندس ئي نگرانيءَ ۾ لوڪ ادب جي پڙ ۾ پير پاتائين. سينگار ۽ ٻهاڪو سندس پسند جون صنفون آهن، ڪچهري ۾ فن پڙهڻ کان وڌيڪ هو سگهڙن ۽ سالڪن جا ٻول ٻڌڻ کي ترجيح ڏئي ٿو، سندس فن هيٺ ڏجي ٿو.

**ٻهاڪو**

محبت سان ملوڪن وٽ، وڃجي هيڪر هلي،
سولي ٿيندي سڄڻن وٽ، جو پاڻو وڃي پلي،
راحت ملندي روح کي، تن راڻن سان رلي،
ڪندا قرب ڪيچيڙا، محبت سان ملي،
ٻرڙي تي ٻاجھ ڪندا، خان سيوئي ڪلي،
جي دلبر آهي دلي، ته ڪونهي فڪر فيض محمد چوي.

*

## سگهڙ مير محمد ناريجو

سگهڙ مير محمد ولد پانڌي خان ناريجو، ڳوٺ عزت جي واندِ لڳ ٺٽون ديرو جو رهاڪو آهي. سندس جنم ١٩٥٦ع ۾ ٿيو. ڏنڌي جي لحاظ کان محنت مزوري ۽ پوکي راهي ڪري گذر سفر ڪري ٿو.

سگهڙاپ جي فن ۾ سندس استاد عطا محمد ٻرڙو آهي. ڏور، ڳجهارت، هنر، ٻهاڪو ۽ سينگار چڱو چوندو آهي. سگهڙن جي ڪچهرين ۾ شامل ٿي فن پڙهڻ سندس بهترين مشغلو آهي.

**نعتيه بيت**

ڪيئي هنا ڪيترا، صاحب سلطاني،
داور خلقيو دلبر جنهن جو، مٽ نه ڪو ثاني،
پاڪ پرور پاڻ ڪئي، آ امت تي احساني،
سيين وصفين سهڻو آهي، نور نبي نوراني،
روضي پاڪ رسول مٿي، آ راض وڏو رباني،
چمان چانئٺ چپڙن سار، ڪر مالڪ مهرباني،
ڪر آگا احساني، مڙني تي مير محمد چوي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٺٽون ديري جا وسريل گمنام سگهڙ

ٺٽون ديري سان نسبت رکندڙ ڪجهه اهڙن سگهڙن جو احوال به مليو آهي، جن پنهنجي وقت ۾ سگهڙائپ جي فن کي پنهنجي وت وس آهر سينگارڻ ۽ سنوارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جيئن ته وقت جي لٽ ۾ اسان جو اهو تاريخي سرمايو لڙهي ويو آهي جنهن کي تحقيق جي تارازي ۾ تورڻ، سموهي ۽ صاف ڪرڻ جي ضرورت آهي. هتي انهن گم گشته ۽ گمنام سگهڙن جو مختصر تعارف ڏيڻ ضروري سمجهيو ويو آهي.

### (١) مرحوم سگهڙ ماڪوڙو خان

ماڪوڙو خان ذات جو ٻوٽو هو ۽ حڪمت جو ڌنڌو ڪندو هو. سندس جنم جو سال ١٨٩٨ع ڄاڻايو ويو آهي. ماڪوڙو خان ٺٽون ديري جو رهاڪو هو ۽ چيو وڃي ٿو ته سگهڙائپ جو هر فن ڄاڻندو هو.

*

### (٢) مرحوم سگهڙ محمد عمر ڪوڪر

محمد عمر ولد سومر خان ڪوڪر، ٺٽون ديري ۾ رهندو هو، سندس جنم ١٩٢٥ع ۾ ٿيو. هر فن ڄاڻندو ۽ پيٽ گذر لاءِ مال جو واپار ڪندو هو.

*

### (٣) مرحوم سگهڙ حمزعلي لوهر

حمز علي ولد جواڻ خان لوهر، ٺٽون ديري جو رهواسي هو، لوهارڪو ڪم ڪري گذر سفر ڪندو هو، ڳجهارت ۽ ٻهاڪي جو سٺو شاعر هو.

*

### (٤) سگهڙ محمد رمضان ڪوري

مرحوم محمد رمضان ولد محمد خان ڪوري، ٺٽون ديري جو سٺو سگهڙ ٿي گذريو آهي. سندس متعلق وڌيڪ معلومات نه ملي سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### (٥) سگهڙ عبدالحڪيم منگي

مرحوم عبدالحڪيم منگي ٺٽون ڊيري جو رهاڪو هو. جوانيءَ ۾ سٺو بورچي ٿي گذريو. سن ١٨٩٥ع ۾ ڄائو. سٺو سپورنج هو، مورڙي فقير جا ڏور جا بيت چوندو هو، پڇاڙيءَ ۾ گهبرو ٿي پيو هو. ڏور ڇني ٻنهي ڪنن کي هٿن سان ويجهو ڪري ڏور ٻڌڻ جو انتظار ڪندو هو. سن ١٩٨٠ع ڌاري وفات ڪري ويو.

*

### (٦) سگهڙ صاحب ڏنو منگي

مرحوم صاحب ڏنو منگي ٺٽون ڊيري جو سگهڙ ٿي گذريو آهي. هڪ اندازي موجب سندس ڄمڻ جو سال ١٨٩٠ع ٻڌايو وڃي ٿو. پسارڪو دوڪان هوس ۽ ڦٽ ڦرڙي جو علاج ڪندو هو. فن جي لحاظ کان ڏور بيت جو ڪاريگر هو.

*

### (٧) سگهڙ محمد سليمان جنجهڻ

مرحوم محمد سليمان جنجهڻ، ٺٽون ڊيري جو رهاڪو هو. شهر ۾ چوڪيداري ڪري روزگار ڪندو هو. سندس جنم ١٩١٠ع ۾ ٿيو. صرف ڳجهارت جو فن ڄاڻندو هو.

*

### (٨) سگهڙ محمد پنهل

مرحوم محمد پنهل ولد محمد ڇٽل، ٺٽون ڊيري جو سگهڙ هو. سندس جنم جو سال ١٩٢٥ع آهي. ٽانگو هلائي پيٽ گذر ڪندو هو. ڳجهارت جي فن ۾ ماهر هو. ٻين جا چيل ڏور ٻه وهائي ملور پيش ڪندو هو.

*

### (٩) سگهڙ پنهون ناريجو

قد ڪاٺ، منهن مهانڊي ۾ ولي خان جي پيءُ باچا خان جهڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي بنيادي معلومات مهيا ڪرڻ ۾ محترم دوستن غلام قادر ڀُٽي ۽ محمد خان مسرور سيال پنهنجي محبتن ۽ سهڪار سان نوازيو، مان پنهنجي انهن ٻنهي دوستن جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان. انهن کان سواءِ منهنجي نوجوان دوست سراج احمد ڪنڀر به وڏي جاکوڙ ڪري ٻيجي ڏکي مون کي بنيادي معلومات وارا فارم پر ڪرائي پهچايا، مان انهيءَ دوست جو به دل سان ٿورو ميجان ٿو.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# صحافت ۽ صحافي

تحرير ۽ تحقيق

عبداللطيف سولنگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئون ديري جا صحافي



سڪندر علي ڪٽپر



غلام عباس ڏوڪي



عبداللطيف سولنگي



سيد شمن شاھ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



رحمت موريو



رياض ابڙو



عبدالرشيد ابڙو



نظر چنو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺٽون ديري شهر جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ جيان صحافتي تاريخ تي به لٽ چڙهيل آهن. ٻه سؤ سال اڳ هن شهر ۽ انجي پسگردائي ۾ ڪو صحافي يا اخبار نويس هو به يا نه، ان بابت ڪجھ به وثوق سان چئي نه ٿو سگهجي.

ٺٽون ديري جي صحافتي تاريخ جو سلسلو مستند تاريخي حوالي سان اسان کي ١٩٢٨ع کان ملي ٿو. ان دور ۾ سنڌ جي هاڪاري اسڪالر ۽ صحافي پير علي محمد راشدي ڳوٺ بهمڻ (ٺٽون ديرو) مان ماهوار رسالو "الراشد" جي نالي سان جاري ڪيو، جنهن جا ڪافي پرچا ڇپيا، پر پوءِ سٽت ٿي اهو سلسلو بند ٿي ويو. جنهن کان پوءِ وري ڪافي سالن تائين ٺٽون ديري ۽ ان جي پسگردائي ۾ صحافتي ماحول مانار ۾ رهيو.

ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته، ١٩٥٠ع کان پوءِ هتان هڪ اردو اخبار نڪرڻ شروع ٿي، جيڪا شايع لاڙڪاڻي مان ٿيندي هئي، پر نڪرندي ٺٽون ديري مان هئي. ان اخبار جا بانيڪار يا صحافي ٻه شخص عتيق الرحمان ۽ بشير احمد هئا. باوجود گهڻي ڪوشش جي ان اخبار جو نالو معلوم ٿي نه سگهيو آهي. خيال آهي ته جيڪڏهن اها اخبار واقعي ٺٽون ديري شهر مان نڪرندي هجي ها ته پوءِ ان جو نالو نشان ضرور ملي ها! انهيءَ ڪري سمجھ ۾ ائين ٿو اچي ته اها اخبار لاڙڪاڻي مان نڪرندي هوندي ۽ بشير احمد ۽ عتيق الرحمان انهيءَ جا نمائندا هوندا.

انهيءَ دؤر ۾ گورنر جنرل خواجہ ناظم الدين هيو ۽ هو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي سُهري، خانبهادر احمد خان ڀٽو جي دعوت تي ڪچي واري علائقي ۾ شڪار ڪرڻ لاءِ ٺٽون ديري آيل هو. انهيءَ موقعي تي ان اخبار ۾ وڏي سُرخي سان خبر شايع ٿي هئي: "خواجا ناظم الدين ٺٽون ديرو کي جنگلات ۾".

ان کان پوءِ ١٩٥٢ع ۾ عظيم سياسي ليڊر خان غفار خان جڏهن ٺٽون ديري شهر ۾، سنڌ جي مشهور اديب، محقق ۽ دانشور پير حسام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الدين راشدي جي دعوت تي، سندس بنگلي ۾ آيو ته اتي انهن ٻنهي صحافين (بشير احمد ۽ عتيق الرحمان) کانئس انٽرويو ڪيو. ان کان پوءِ هي ٻئي صحافي جلد ئي هتان لڏي ويا. ان عرصي کان پوءِ ١٩٦٥ع تائين ٺٽون ڏيري شهر ۽ ان جي پر پاسي ۾ صحافتي سرگرميون ماٺار ۾ رهيون.

* ٦٦_١٩٦٥ع ڏاري پير جو ڳوٺ (خيرپور ميرس) جي هڪ همراه باغ علي ڏوڪي پهريون پيرو ان دؤر ۾ سکر مان نڪرندڙ اخبار "نجات" جو هن شهر لاءِ نمائندو مقرر ٿيو. هن همراه "نجات" اخبار ۾ شهر ۽ پرپاسي جي مسئلن کي شايع ڪرايو. پر پوءِ هي ستت ئي وري لڏي وڃي پير جو ڳوٺ (خيرپور ميرس) ۾ ويٺو. جنهن کان پوءِ (ساڳي ئي خاندان سان تعلق رکندڙ) غلام عباس ڏوڪي ١٩٧٣ع ۾ هلال پاڪستان جو ٺٽون ڏيرو لاءِ نمائندو ٿيو. * غلام عباس ڏوڪي کي اسان شهر جو پهريون باقائده طور اخباري نمائندو چئي سگهون ٿا. جيئن ته هي سياسي ذهن رکندڙ ماڻهو هو، تنهن ڪري هن شهر جي بنيادي مسئلن واسطي سٺي جاکوڙ ڪئي. ١٩٧٣ع کان ١٩٨٣ع تائين هلال پاڪستان جو نمائندو ٿيو. هن ئي همراه جي ڪوشش سان ٺٽون ڏيري پريس ڪلب جو بنياد پيو ۽ پاڻ ان جو صدر منتخب ٿيو.

* ڪريم بخش ڏوڪي (غلام عباس ڏوڪيءَ جو ڀاءُ) به هن ميدان ۾ آيو. ١٩٨١ع ۾ اخبار "سنڌ نيوز" جو نمائندو ٿيو. ان کان پوءِ مهراڻ ۽ هلال پاڪستان ۾ به ڪم ڪيائين ۽ پريس ڪلب ٺٽون ڏيرو جو عهديدار پڻ رهيو. * احسان علي شاهه جيتوڻيڪ ميرپور پنو جو هيو، پر پوءِ به سندس تعلق ٺٽون ڏيري شهر سان گهرو رهيو. هو ١٩٧٩ع ۾ اردو اخبار "امن" جو هن شهر لاءِ نمائندو مقرر ٿيو. جنهن ۾ ڪافي شهر جا مسئلا ۽ ٻيون خبرون شايع ڪرايائين. * سيد شمن شاهه ڪجهه سالن لاءِ روزانه "آفتاب" اخبار ۽ "مهراڻ" جو نمائندو ٿيو. هن به شهر جي مسئلن ۽ ٻين خبرن کي انتظاميا تائين پهچائڻ ۾ چڱو ڪردار ادا ڪيو. * عبدالجبار پنو جيتوڻيڪ صحافي نه هو ۽ فوٽوگرافر آهي، پر شهر جي مختلف تقريبن ۽ خاص واقعن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوٽوگرافي ڪري مختلف اخبارن ۾ ڇپرائيندو آهي. ڪيس روزانامر "امن" پنهنجو هن علائقي لاءِ فوٽوگرافر مقرر ڪيو. جنهن جي خدمتن کي نہ ساراهڻ ساڻس زيادتي ٿيندي. * سڪندر علي ڪنڀر بہ شهر جو سينيئر اخباري نمائندو آهي. شهر جي پريس ڪلب جي بنياد وجهڻ ۾ سندس سٺو ڪردار رهيو. هن نمائندگي جو آغاز "الوحيد" کان ڪيو. بعد ۾ "الڪ"، "تعميرِ سنڌ" ۽ "سچ" جو بہ نمائندو رهيو. * غلامر رسول شيخ روزاني "ڪاوش" جو شهر لاءِ پهريون نمائندو مقرر ٿيو. (هينئر پنهنجي ڏنڌي ڌاڙي ۾ مصروف آهي) * عزيز احمد ڪنڀر بہ ڪجھ وقت لاءِ روزانہ "عوامي آواز" جو نمائندو رهيو. * عبدالغفار ڪنڌر ڪجھ وقت لاءِ "جاڳو" اخبار جو نمائندو ٿيو. * عبداللطيف سولنگي (موجوده صدر، پريس ڪلب نئون ديرو) ١٩٩٠ع کان اخباري دنيا ۾ آيو. شروعاتي دؤر ۾ ڪجھ ماهوار رسالن ۾ نمائندگي ڪيائين. ڪجھ وقت لاءِ "آفتاب"، "سنڌو"، "نوائي وقت"، "جرئت" ۽ "بختور" جو نمائندو بہ رهيو. هن وقت روزانہ "ڪاوش" جو سِٽي رپورٽر آهي. * سرڪش سڏايو (موجوده بيورو چيف "ڪوشش" لاڙڪاڻو) ١٩٩٠ع کان اخباري دنيا ۾ آيو. "عوامي آواز"، "مشرق"، "آفتاب" ۽ "سچ" جو نمائندو رهيو. * انعامر منگي بہ ڪجھ وقت لاءِ "عوامي آواز"، "مشرق"، "آفتاب" ۽ "سچ" جو نمائندو رهيو. * رياض احمد ابڙو ١٩٩٣ع کان 'آفتاب' اخبار جو نمائندو مقرر ٿيو. ڪجھ وقت "مهراڻ"، "جاڳو" ۽ "عوامي آواز" ۾ بہ رپورٽنگ ڪيائين. هن وقت 'شامر' جو نمائندو آهي. * نذر چني "سنڌ سجاڳ" اخبار سان پنهنجي نمائندگي جو آغاز ڪيو. هينئر "پاڪ" ۾ ڪمر ڪري رهيو آهي. * عمران ڪنڀر بہ "تعميرِ سنڌ" اخبار سان لاڳاپيل آهي. * ياسر ناريجو بہ ڪجھ وقت لاءِ اخبارن ۾ رپورٽنگ ڪئي. * محمد علي سولنگي رپورٽنگ ۽ فوٽو گرافي گڏ ڪندو هيو. پريس ڪلب جو عهديدار بہ هو. هينئر غيرسرگرمر آهي. * عبدالرحمان راهوجو (جيڪو نوجواني ۾ رائيس ڪئنال ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو) بہ "سنڌو" اخبار جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رپورٽر هيو. * غلام حسين "بيتاب" سولنگي شوقيہ اخباري رپورٽر آهي. * رحمت الله موريو شروع ۾ "انتخاب" ۽ "پاڪ" اخبار ۾ رپورٽنگ ڪندو هو. هاڻي "ڪوشش" ۾ شهر جون خبرون رپورٽ ڪري رهيو آهي. * سلطان احمد سولنگي ۽ جاويد سولنگي جو تعلق جيتوٽيڪ هن شهر سان نہ آهي ۽ ٿورو عرصو هتي رهيا آهن، پر انهن بہ ڪجھ اخبارن ۾ شهر جي خبرن ڪي رپورٽ ڪيو آهي. * محمد اياز چنو شروع ۾ "جاڳو" اخبار جو نمائندو هو. هينئر پريس ڪلب جو عهديدار آهي * عبدالرشيد ابڙي ڪي "عوامي آواز" ۾ رپورٽنگ ڪندي ٻہ سال ڪن ٿيا آهن. * ڊاڪٽر گل حسن شيخ جيتوٽيڪ اسٽيج ڊرامن جو چڱو اداڪار آهي، پر هن ڪجھ وقت هن شهر لاءِ "نجات" اخبار جي رپورٽنگ ڪئي آهي * شاهد سومرو هن وقت"سنڌو" اخبار سان واڳيل آهي. * اظهر ڪلهوڙو بہ ڪجھ وقت "سنڌ سجاڳ" جو نمائندو رهيو. * افتخار شاهہ هن وقت اردو اخبار "ايڪسپريس" ۽ "خبرين" ۾ شهر جي رپورٽنگ ڪندو آهي. * گلشن شيخ بہ شهر جي خبرن ڪي رپورٽ ڪيو آهي. ان ئي همراهہ جي ڪوششن سان هتان باقاعده طور تي هفتيوار اخبار "ساوڪ" بہ جاري ٿي.

هن وقت ٺٽون ديري ۾ باقاعده طور تي پريس ڪلب آهي، جنهنجا چونديل عهديدار آهن. جيڪي شهر ۽ پرياسي جي هر ننڍي وڏي واقعي کي پنهنجي پنهنجي اخبارن ۾ سٺي نموني پيش ڪري رهيا آهن.

نوٽ: هي مضمون تمام گهٽي تڪڙ ۾ لکيو اٿم. اگر ڪنهن محترم دوست جو ذڪر يا ڪو خاص واقعو مون کان رهجي ويو هجي تہ درگذر ڪندا. (ليکڪ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لائبريريون

مرتب:

اعجاز سيال

# لائبرريون

ٻولي، ادب ۽ علم جي ترقيءَ لاءِ لائبريري وڏي اهميت رکي ٿي. لائبريري انهيءَ جڳهه کي چئجي ٿو، جتي علم، ادب، ٻوليءَ، ثقافت، سائنس، تاريخ، فلسفي ۽ ٻين موضوعن تي مشتمل ڪتابن جو ڪافي ذخيرو موجود هجي. اسان پنهنجي وس آهر جاکوڙ ڪري ٺٽون ديري جي لائبريرين ۽ ڪتب خانن جو مختصر وچور جمع ڪيو آهي. اسان لئبريرين جي مالڪن جي زباني بيانن تي ٻانور ڪندي ڪجهه انگ اکر جمع ڪيا آهن. ڇاڪاڻ ته گهڻي ڀاڱي دوستن جون محدود لئبريريون آهن، جيڪي سندن گهرن ۾ موجود آهن ۽ انهن کي مشاهداتي طرح ڏسي ۽ معائنو ڪري نه ٿو سگهجي. بهرحال اسان کي جيڪو احوال مليو آهي، انهيءَ حساب سان ٺٽون ديري شهر ۽ ان جي ويجهڙائيءَ وارن ڳوٺن ۾ تقريباً ٣٢ ننڍيون وڏيون لئبريريون موجود آهن. سيني لئبريرين مان اهڙي هڪ ٻه لئبريري ڪونهي، جنهن مان عام ماڻهو فائدو حاصل ڪري سگهن. ڇو ته سڀ لئبرريون ذاتي لئبريريون آهن. جن مان انهن جا مالڪ يا سندن ويجها ۽ اعتماد وارا دوست ئي فائدو وٺي سگهن ٿا.

ٺٽون ديري شهر جي لئبريرين جو مختصر وچور ۽ جائزو هيٺينءَ ريت آهي:

## ١- ککومل مينگهن داس پنجابي مفت لئبريري

ٺٽون ديرو جي سيني لئبريرين مان قديم لئبريري هجڻ جو اعزاز في الحال هن لئبريريءَ کي حاصل آهي. هن ڪتب خاني جي بنياد جي سن بابت يقين سان ڪجهه به چئي نه ٿو سگهجي. ڇو ته هن جي رڪارڊ مان اهڙي ڪا به ڳالهه واضح طور لکيل نه آهي، پر ڪجهه اندازو هيٺينءَ ڳالهه مان ٻه لڳائي سگهجي ٿو ته، ڪتب خاني ۾ موجود ڪتاب ١٩٢٣ع کان ١٩٣٧ع تائين جا ڇپيل آهن. يعني ڪنهن حد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته، هن جو بنياد ۱۹۲۳ع ۾ رکيو ويو هو. ان وقت لئبريريءَ ۾ ٽوٽل ۱۳۴ ڪتاب هئا، جن جو تفصيل لئبريريءَ جي رڪارڊ ۾ موجود آهي. پر هن وقت موجود ڪتاب صرف ۲۸ آهن. جن جي سنڀال ڪڪومل (بنياد وجهندڙ) جا پڙپوٽا موهن داس، سريش ڪمار ۽ پرديپ ڪمار ڪري رهيا آهن. اصل ۾ ڪڪومل جا وڏا پنجاب جا رهاڪو هئا، پوءِ اُتان لڏي سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. لئبريريءَ جي نالي ۾ لفظ "پنجابي" ڳنڍڻ جو مطلب به شايد اهو ئي آهي. ڪڪومل ولد مينگهن داس پنهنجي لئبريريءَ جا ڪتاب عام ماڻهن کي مطالعي لاءِ مفت ۾ ڏيندو هو. جنهن سبب لفظ مفت به لئبريريءَ جي نالي ۾ ڳنڍيو اٿس. هر ڪتاب جي جلد جي اندرين پاسي تي هڪ چپيل ڪارڊ لڳل آهي، جنهن تي لئبريريءَ جو نالو، ڪتاب جو نمبر ۽ هيٺيان ٻه جملا لکيل آهن:

i- ڪتاب جي حفاظت ڪرڻ لئبريريءَ سان ڀريون سهڪار آهي.

ii ـ مذهب نهي سکهاتا آپس مين وير رکهنا.

## ۲- الفتح لئبريري:

الفتح شاگرد تنظيم ٺٽون ديرو پاران ۱۹۶۸ع ۾ هڪ پبلڪ لئبريري جو بنياد وڌو ويو. هن لئبريري کي قائم ڪرڻ ۾ عبدالغفار تبسم، قاضي قمرالدين ۽ غلام حسين ڪٽپر جون خاص ڪوششون شامل هيون. لئبريري ۾ ڪتابن جو تعداد تقريباً ۱۵۰۰ هيو. هيءَ لئبريري تقريباً ٻن سالن تائين قائم رهي ۽ اِنهيءَ لئبريري مان اُن زماني ۾ ڪافي ماڻهن فائدو ورتو.

## ۳- ٺٽون ديرو پيپلز لئبريري:

هن لئبريريءَ جو بنياد ٺٽون ديرو ميونسپل ڪاميٽيءَ طرفان (ان وقت ٽائون ڪميٽي) آفيس جي هڪ ڪمري ۾ سنه ۱۹۶۸ع ۾ چيئرمين آغا محمد حسن پٺاڻ رکيو. هي لائبريري عوام جي مطالعي لاءِ وجود ۾ آندي ويئي هئي، تنهن ڪري هن جو نالو "ٺٽون ديرو پيپلز لائبريري" رکيو ويو، جنهن ۾ اسلامي، سياسي، ادبي، سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ تي مشتمل تقريباً پنج هزار ڪتاب هئا. پر عملي جي غير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذميواريءَ سبب لئبريري بند ٿي وئي ۽ هاڻ ان جو ڪوبہ نشان موجود نہ رهيو آهي.

### ۴- مڪتبہ جامعيہ عربيہ بخشيہ ڪتب خانہ ننون ديرو:

هن ڪتب خاني جو بنياد حاجي محمد عيسيٰ ڪنڌر ١٩٦٨ع ۾ رکيو. هينئر ڪتب خاني جا سنڀاليندڙ مولوي عبدالرحيم ڪنڌر (تعليم دستاربند۔ مولوي ۽ ايم اي عربي) ۽ مولوي غلام الرسول ڪنڌر آهن. هن ۾ اٽڪل ڇهہ هزار ڪتاب موجود آهن. جن ۾ تفسير، اصول تفسير، حديث، فقہ، اصول فقہ، اصول حديث، منطق، فلسفهٔ قديم ۽ فلسفهٔ جديده طب، فارسي ادب، عربي ادب، علم المعاني، ايمان والبديع، علم التصوف والخلوق، سنڌي ادب، مذاهب العالم، لغت عربي، فارسي، سنڌي، انگريزي، سيرت، علم الاسماءَ الرجال جي موضوعات تي مشتمل ڪتاب موجود آهن. هي ڪتب خانو ڳهاڙ پر تي فقير محمد عيسيٰ جي تعمير ڪرايل مسجد جي پرسان مدرسي ۾ قائم آهي.

### ۵- شهيد شاه عنايت لئبريري:

هن لئبريريءَ جو بنياد عبدالخالق ڪنڌر (ايم۔ اي اسلامڪ ڪلچر) رکيو. جنهن جو باقاعده بنياد سنہ ١٩٨٨ع کان رکيو ويو. شاعري، ڪهاڻين، ناولن، افسانن، ڊرام نويسي، سفرنام ۽ تواريخ تي تقريباً ١٠٠٠ کن ڪتاب موجود آهن.

### ٦- پير علي محمد راشدي لئبريري بهمڻ:

نئين ديري شهر کان ڪجهہ فاصلي تي ڳوٺ بهمڻ ۾ بزرگ اديب فاضل محترم پير علي محمد شاه راشدي ۽ محترم پير حسام الدين شاه راشدي جن جي ذاتي لئبريري آهي. جنهن ۾ ڪجهہ وقت اڳ هڪ لک ڪتاب موجود هئا. ١٩٤٢ع ۾ هن لئبريريءَ کي ڪراچي منتقل ڪيو ويو، ان کان پوءِ ڪافي ڪتاب اسلام آباد جي هڪ اداري کي فروخت ڪري ڏنا ويا. باقي بچيل ڪتاب ڪراچيءَ ۾ سندس رهائش گاه تي موجود آهن. جيڪي سندن پونيرن جي سنڀال هيٺ آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ٧- ذيشان قادري لئبريري پنجو ديرو:

محمد پنهل قادري جي ذاتي لئبريري آهي. ننڍپڻ کان وٺي ڪتاب پڙهڻ ۽ گڏ ڪرڻ جي شوق ڪتابن جو تعداد هڪ هزار کن ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي هينئر سندس ڳوٺ پنجو ديري ۾ موجود آهن. جن ۾ اسلامي، سياسي، سياحت، سائنس، رياضي، سنڌي، اردو ادب، انگريزي ادب، شاعري، فلسفي ۽ غير ملڪي ادب جي موضوعات تي مشتمل آهن.

### ٨- علومِ آلِ محمد لئبريري ننون ديرو:

هن لئبريريءَ جو بنياد مرحوم مولوي قاضي محمد مقيم جي فرزند ١٩٥٠ع ڌاري رکيو. مرحوم شيعه مولوي هو ۽ سندس تعليم مشترڪ پلڪد بمبئي يونيورسٽي هئي. درس و تدريس ۽ حڪمت سندس پيشو هو. مذهبي ڪتابن جي گهٽائي سبب لئبريريءَ تي مٿيون نالو رکيو ويو، پر ڪجھ ڪتاب حڪمت جا به شامل اٿس، ٽوٽل تعداد ٢٠٠٠ کن ٿيندو.

### ٩- حاجي در محمد خان سومرو لئبريري:

هن لئبريريءَ جو بنياد حاجي در محمد خان سومري رکيو. حاجي صاحب مشترڪ بمبئي يونيورسٽي ۽ بي- اي، ايم- اي علي ڳڙهه يونيورسٽي مان ڪيائين. سندس پيشو درس و تدريس هو، پاڻ هيڊ ماستر، سيڪنڊري اسڪول جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. ڪتبخاني ۾ فڪشن، ادب، شاعري، سوانح عمري ۽ تحقيقات تي مشتمل سنڌي، اردو، عربي، انگريزي ۽ پشتو ٻولين ۾ تقريباً چار هزار ڪتاب آهن. حاجي صاحب جي وفات (٦ جون ١٩٧٢ع) کان پوءِ ڪتب خانه پروفيسر نذير احمد سومرو جي سنڀال هيٺ آهي.

### ١٠- شاهه لطيف لئبريري:

هن جو بنياد شاهه لطيف ادبي سنگت پاران ١٩٨١ع ۾ رکيو ويو. هن لئبريريءَ ۾ ادب، سياست، تواريخ، مذهب ۽ ٻين موضوعن تي ٽوٽل ١٥٠ (هڪ سئو پنجاهه) ڪتاب هئا. ١٩٨٢ع ۾ سنگت جي صدر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محترم غلام عباس ڏوڪيءَ کي ايم- آر- ڊي تحريڪ جي سلسلي ۾ گرفتار ڪري سکر سينٽرل جيل ۾ رکيو ويو. ان دوران ڪارڪنن ۾ ڪجھ نااتفاقيون پيدا ٿيون ۽ اهڙي ئي ڪنهن سبب ڪري رڪارڊ ڪي باھ ۾ لڳي جنهن ڪتابن کي به ساڙي رک ڪري ڇڏيو. آخرڪار ٽن سالن کان پوءِ سنگت سميت لئبريري به بند ٿي وئي ۽ باقي بچيل ڪجھ ڪتاب ڏوڪي صاحب وٽ موجود آهن.

### ١١- شهيد شاهنواز ڀٽو لئبريري:

هن جو بنياد سابق وزير اعظم پاڪستان محترم بينظير ڀٽو صاحب جي حڪم تي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ ڊسمبر ١٩٨٦ع ڌاري رکيو ويو. هي هڪ عوامي لئبريري آهي، جنهن ۾ سنڌي، اردو، انگريزي، ادب، سياست ۽ تواريخ تي مشتمل چار سئو ڪتاب موجود آهن.

### ١٢- آٿم ناٿن شاهي لئبريري:

هن لئبريريءَ جو بنياد ڏاهي ڏات ڏٺيءَ آٿم ناٿن شاهيءَ جي نالي سان رکيو ويو آهي. جنهن جو بنياد وجهندڙ نوجوان اديب منٺار سولنگي آهي. هن لئبريريءَ ۾ گهڻو تعداد تخليقي ادب جو آهي. ڪهاڻين، شاعريءَ ۽ ادب جي ٻين صنفن تي ڪافي ڪتاب موجود آهن. رسالن کان سواءِ ٽوٽل ڪتابن جو تعداد ساڍا ٻارهن سئو کن ٿيندو.

### ١٣- عوامي لئبريري:

هن لئبريريءَ جو بنياد محترم حسين بخش ناريجي صاحب رکيو. هن لئبريريءَ ۾ ادب، سياست، تواريخ ۽ مذهب تي ڪتاب شامل آهن. ١٩٧٧ع کان هلندڙ هن لئبريريءَ ۾ ڪل ساڍا چار سئو ڪتاب موجود آهن.

### ١٤- ٽئگور لئبريري:

محترم منور علي ڪرٽيه جي ذاتي لئبريري آهي، جيڪا بنگال جي شاعر، اديب، افسانہ نويس ۽ ڊرامہ نويس رابندر ناٿ ٽئگور جي نالي پنيان رکيل آهي. منور علي هن جو بنياد ١٩٨٧ع ۾ رکيو. هن وقت لئبريريءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سنڌي، اردو، انگريزي، ادب، شاعري، تاريخ، نفسيات، اسلاميات، علوم نجوم ۽ پاميسٽري تي سادا ڏهه سئو کن ڪتاب آهن.

### ١٥- جمال الله شاهه ڪتب خانه:

هي ڪتب خانه سائين جمال الله شاهه جي مدرسي، ڳوٺ ننڍا موهل ۾ واقع آهي. منجهس اڪثريت ديني ڪتابن جي آهي. ان کان سواءِ ڪجهه ڪتاب طب جا به آهن. هن ڪتب خانه جو بنياد سائين جمال الله شاهه جي وڏڙن جي وقت ۾ پيو. هن وقت ست- اٺ سئو ڪتابَ موجود آهن.

### ١٦- سالم ميونسپل لئبريري ننڍو ديرو:

هي لئبريري نوجوان شاعرن منظور سولنگي ۽ اياز جاني جي ڪوششن ۽ ڪاوشن سان قائم ٿي. هن لئبريريءَ جي پيڙهه جو پٿر، چيئرمين جناب عبدالغفار تبسم جي وقت ۾ ١٤ مئي ١٩٨٥ع تي ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻي جناب محمد هاشم ميمڻ رکيو. ساڳئي چيئرمين جي وقت ۾ عمارت نهڻ کان پوءِ ٢٥ نومبر ١٩٨٧ع تي مير نادر علي خان مگسي (ايم- اين-اي) افتتاح ڪيو ۽ هڪ لک روپيه خاص گرانٽ فرينچر ۽ ڪتاب لاءِ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. پر عملي جي سستيءَ سبب نه هال ۾ فرنيچر آيو ۽ نه ئي ڪتاب- هينئر هال بلڪل خالي پيو آهي. سالم لئبريري تي اِهو نالو ننڍي ديري جي مرحوم شاعر محمد سليمان "سالم" ڪنڀر جي نالي پٺيان رکيو ويو آهي.

### ١٧- عمر خيام لئبريري:

محترم غلام حسين ڪنڀر جي ذاتي لئبريري آهي. پاڻ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ رياضيءَ جو پروفيسر آهي. مشهور رياضيدان عمر خيام کان متاثر ٿي ڪري مٿيون نالو رکيائين. سندس ڪتب خاني ۾ مذهبي، سياسي، ادبي ۽ تواريخي موضوعن تي پندرهن سئو ڪتاب آهن.

### ١٨- عمران لئبريري:

محترم احمد بخش ڪنڀر جي ذاتي لئبريري آهي. پاڻ ڊگري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاليج رتوديرو ۾ پروفيسر آهي. سندس ۴۰۰ ڪتابن ۾ انگريزي، اردو ۽ سنڌي ادب ڪان سواءِ ايڪانامڪس جا ڪتاب به آهن.

## ۱۹- لطيف لئبريري:

هن ڪتب خاني جو بنياد محترم عاشق حسين منگي (ايم- اي: پوليٽڪل سائنس) ۱۹۷۲ع ۾ رکيو. ڪتب خاني ۾ تاريخ، سنڌي، اردو، انگريزي ادب، سوانح حيات، لغت ۽ اسلامي تاريخ جا ۷۰۰ (ست سئو ڪن) ڪتاب موجود آهن.

## ۲۰- ٽنڊو ڏيرو هاءِ اسڪول لئبريري:

هن لئبريريءَ جو بنياد آڪٽوبر ۱۹۶۴ع ۾ اسڪول جي عمارت ۾ رکيو ويو. هن لئبريريءَ ۾ مذهب، سائنس، سوشيالاجي، تاريخ، جاگرافي، سنڌي، اردو ۽ انگريزي ادب، سياست، اينيمل هسبنڊري ۽ شاعريءَ تي پندرهن سئو (۱۵۰۰) ڪتاب موجود آهن.

## ۲۱- ايس لئبريري:

سجاد حسين چنه جي ذاتي لئبريري آهي. لئبريريءَ جو نالو پنهنجي نالي جي پهرين اکر "S" سان رکيائين. هن جو بنياد جنوري ۱۹۸۸ع ۾ رکيائين، هن ۾ ورلڊ هسٽري، پاڪستان هسٽري، اسلامڪ هسٽري، شاعري ۽ نفسيات تي هڪ سئو ڪتاب آهن.

## ۲۲- ڀڳت ڪبير لئبريري:

نوجوان سريش ڪمار جي ذاتي لئبريري آهي. ۱۹۸۴ع ۾ هن جو بنياد رکيائين. لئبريريءَ ۾ منشي پريم چند، ڪرشن چندر، سعادت حسن منٽو، راجندر سنگهه بيدي، عصمت چغتائي، قرة العين ۽ رابندر ناٿ جا ۱۳۰ (هڪ سئو ٽيهه)ڪتاب موجود آهن.

## ۲۳- محمد سومر بلوچ لئبريري:

محترم اُستاد محمد سومر بلوچ جي ذاتي لئبريري آهي. ڪتاب خاني جو بنياد ۱۹۶۸ع ۾ رکيائين. مذهب، سياست، تاريخ ۽ سنڌي، اردو ادب تي ۳۰۰ (ٽي سئو) ڪتاب موجود اٿس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**٢٤- ذوالفقار راشدي لئبريري:**

مرحوم ذوالفقار راشديءَ جي ذاتي لئبريري آهي. ٥٢-١٩٥١ع کان ڪتابن سهيڙڻ جي شروعات ڪيائين. سندس لئبريريءَ ۾ مڙني موضوعن تي پنج هزار (٥٠٠٠) ڪتاب موجود آهن. جيڪا سندن ڳوٺ، پير ڳوٺ ۾ واقع آهي. هينئر سندس پٽ عبدالحئي شاه انهيءَ ڪتب خاني جي سنڀال ڪري رهيو آهي.

**٢٥- رشيد ڀٽي لئبريري ننڍون ديرو:**

مرحوم قادر بخش ڀٽي جي ذاتي لئبريري آهي. وفات کان پوءِ سندس فرزند عبدالرشيد ۽ عبدالغفار تبسم هن لئبريري جي سنڀال سان گڏوگڏ واڌارو پڻ آڻيندا رهيا آهن. هن وقت سندس لئبريريءَ ۾ مڙني موضوعن تي ١٥٠٠ (پندرهن سئو) ڪتاب موجود آهن.

**٢٦- ”عادل“ لئبريري:**

هيءَ مسٽر ”ظهير الدين“ شاهاڻي جي ذاتي لئبريري آهي، جيڪا سندس فرزند عادل ظهير جي نالي سان رکي وئي آهي. هيءَ لئبريري ١٩٩٧ع ۾ وجود ۾ آئي. هن ۾ اٽڪل ٥٠٠ کن مختلف موضوعن تي ڪتاب موجود آهن.

**٢٧- پير حسام الدين راشدي ريسرچ لئبريري:**

هي لئبريري سيد امام المتقين راشدي سنڌ جي عظيم تاريخدان پير حسام الدين راشديءَ جي نالي سان قائم ڪئي آهي. هيءَ لئبريري ١٩٨٤ع ۾ قائم ڪئي وئي ۽ هن ۾ مختلف موضوعن تي هڪ هزار کان وڌيڪ ڪتاب موجود آهن. جن ۾ گهڻائي سنڌ جي تاريخ متعلق ڪتابن جي آهي.

**٢٨- فيض لئبريري:**

هي لئبريري مسٽر فيض محمد ڪٽپر ١٩٥٢ع ۾ قائم ڪئي. هن ۾ مختلف موضوعن تي اٽڪل ٥٠٠ ڪتاب موجود آهن. ڪتابن جي گهڻائي علم طب ۽ تاريخ تي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ٢٩- عباسي لئبريري:

هيءَ محترم نجي الله عباسي جي ذاتي لئبريري آهي، جنهن جو بنياد ١٩٧٥ع ۾ وڌو ويو. هن ۾ مذهب، فلسفي، تاريخ ۽ تصوف تي اٽڪل ٽي سئو ڪتاب موجود آهن.

### ٣٠- عبيد لئبريري:

هي لئبريري نوجوان اديب عبيد ڪنڀر جي آهي. جيڪا ١٩٨٨ع ۾ قائم ڪيائين. هن لئبريري ۾ تاريخ، ثقافت، فلسفي ۽ ادب جي موضوعن تي اٽڪل ١٥٠٠ ڪن ڪتاب موجود آهن.

### ٣١- رقيه غلام نبي لئبريري:

هيءَ لئبريري محترم رقيه غلام نبي شاهاڻي جي ذاتي لئبريري آهي، جنهن ۾ قديم خواه جديد لطيفيات، سنڌي ادب ۽ شخصيات تي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ ضخيم ڪتابن سان گڏ شاهه جي رسالي جا ارڙهن مختلف مؤلفن جا نسخا پڻ موجود آهن.

### ٣٢- مشتاق خان پٺو لئبريري:

مشتاق خان پٺي جو شهر جي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ سٺو مقام رهيو. سندس ذاتي لئبريريءَ ۾ اٽڪل پنج هزار ڪن ڪتاب موجود آهن. جيڪي ادب، تاريخ، فلسفي ۽ ٻين موضوعن تي آهن. سندس وفات کان پوءِ پونيرن جو چوڻ آهي تہ، سندس لئبريريءَ مان شهر جي ماڻهن کي مستفيد ڪرڻ لاءِ انهيءَ کي عوامي لئبريري ڪري عام ماڻهن لاءِ کوليو ويندو. جيڪو هڪ تمام سٺو عمل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪلاڪار

ليکڪ

* منٺار سولنگي

عبيد ڪٺپر

سراج ڪٺپر

قلب سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺٽون ديرو زندگيءَ جي هرشعبي ۾ اڳتي رهيو آهي. ادب، سياست، آرٽ ۽ موسيقي اهڙا شعبا آهن. جن ۾ هي شهر نمايان حيثيت رکي ٿو. هتان جي ماڻهن جو راڳ رنگ سان وڏو چاهه رهيو آهي. هت وڏا وڏا راڳي، گويا ۽ لوڪ فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري ويا آهن. سنڌ جو شايد ئي ڪو اهڙو وڏو فنڪار هجي جيڪو هن شهر يا ان جي پسگردائيءَ ۾ نه آيو هجي!

هتان جا نامور گهراڻا، موسيقيءَ سان خاص دلچسپي رکندا هئا. هڪ طرف ڳڙهيءَ وارن پٽن جو راڳ سان روح جو رشتو هيو ۽ وٽن وڏا وڏا گويا اچي راڳ ڳائيندا هئا ته ٻئي طرف وري ٻهمڻ جي راشدي پيرن وٽ موسيقيءَ جون محفلون مچنديون هيون. جن ۾ وقت جا مشهور فنڪار اچي پنهنجو فن پيش ڪندا هئا. نه صرف ايترو پر، ٺٽون ديري جي سموري پسگراداڻيءَ ۾ موجود پيرن، فقيرن ۽ بزرگن جا اوتارا پڻ راڳ ويراڳ جا مرڪز هوندا هيا. هتان جا عام ماڻهو به ڪلاسيڪل راڳ کي سمجهندا ۽ ان کي پسند ڪندا هئا. مطلب ته ٺٽون ديري ۽ پرپاسي راڳ جو هڪ ناهوڪو ماحول جڙيل هوندو هو. خود شهر ۾ راڳ جون محفلون مچنديون هيون. جتي وقت جا عظيم ڳائڻا اچي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪا آهن. جن ۾ ڀڳت ڪنور رام، ماسٽر چندر، جيوٽي ٻائي، خانصاحب الهڏنو نوناري، محمد بخش "ڪانڊيرو" ماڇي، رسول بخش خان ڀٽ، خانصاب سونا خان بلوچ، استاد منظور علي خان، استاد گلزار علي خان، محمد يوسف، عابده پروين، قمر سومرو، انور وسطڙو، مصري فقير، ڊول فقير نور بانو، مرحوم غلام قادر شيخ، علڻ فقير، زرينا بلوچ، زيب النساءِ الهوسائي، بيگم فقيرياڻي، خانصاحب خورشيد علي خان، استاد حاجي خان دوداپوري ۽ ٻين فنڪارن ماڻهن جي دلين ۽ روحن کي تراوتون بخشيون. هتان جا ماڻهو، اڄ به اهڙين راڳ جي محفلن کي ياد ڪري ٿڌا ساهه ڀريندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳ ته اڄ به زنده آهي، پر نه اُهي راڳي آهن نه وري ٻڌڻ وارا آهن. سُريلا راڳي به ويا ته، ٻڌندڙ شوقين به هليا ويا. ان هوندي به نئون ديرو پنهنجي روايتن کي زنده رکيون اچي ٿو ۽ هت موسيقيءَ جون محفلون متل رهن ٿيون. اها ٻي ڳالهه آهي ته نئون ديرو شهر کي وڏا راڳي پيدا ڪري نه سگهيو آهي. پر اها به حقيقت آهي ته نئون ديري جي زرخيز ڌرتي سنڌ، سيبتن، گوين کان ڪڏهن به محروم نه رهي آهي. خاص ڪري استاد محمد بخش "ڪانڌيرو" ماڇي جي ڪلاسيڪل گائڪي اڄ تائين هڪ يادگار حيثيت رکي ٿي. سنڌس ڳايل ڪلامن کي محمد قاسم ماڪا آڊيو ڪيسٽن ۾ ڪري چڙهيو آهي.

نئون ديري جي هر دؤر ۾ اسان کي ڪونه ڪو فنڪار يا فن شناس ضرور ملندو، جنهن نه فقط هٿان جي ماڻهن لاءِ ونڊر جو سامان پيدا ڪيو، پر پنهنجي شهرت جي خوشبوءِ کي شهر کان ٻاهر به پهچايو. شهر جي پراڻي راڳ جي تاريخ تي جيتوڻيڪ اڃا تائين لڪ چڙهيل آهن ۽ اسانجي تمام گهڻي ڪوشش جي باوجود اهي لڪ اڃا مڪمل طرح سان لهي نه سگهيا آهن. پر پوءِ به هيءَ ڳالهه محسوس ڪري سگهجي ٿي ته، پراڻي زماني ۾ جڏهن هن شهر جو وجود پيو هوندو، تڏهن کي نه ڪي راڳي ضرور هوندا. بهرحال اسان کي جنهن دور کان فنڪار يا فن شناس مليا آهن. اسان هن سلسلي کي اتان شروع ڪيو آهي. (ادارو)

*

## ڀائي ڀڳوان داس!

هي ١٩٢٠ع ڪانپوءِ جي ڳالهه آهي. هي دؤر نئون ديري جي راڳ جي تاريخ جو سونهري دؤر هو. شهرم مشهور هندو زميندار ڀائي ڀڳوان داس جو اوج هيو. ڀائي اصلوڪو زميندار هو. هن جا شهر ۾، ۽ شهر کان ٻاهر پنهنجا باغ هُيا. جيڪي اُن زماني ۾ ڏاڍو مشهور هُيا. سنڌس باغن ۾ سماڏ به هوندا هُيا. ڀائي ڀڳوان داس صوفي منش انسان هو. راڳ جو وڏو شوقين ۽ ڄاڻو هو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي مرضيءَ سان ڳائيندو به هو. سنڌس آواز ڏاڍو سريلو هو. ڀائيءَ وٽ اڪثر ڪري سرود سماع جون محفلون ٿينديون هيون. سنڌس اوطاق تي وڏا وڏا فنڪار ۽ گويا مهمان ٿي ايندا هئا. گهڻن کي ته پاڻ دعوتون ڏئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرائيندو به هو. خانصاحب الهڏنو خان نوناري جيڪو اُنهيءَ زماني جو بادشاهه راڳي هو. سوبه وٽس اچي رهندو هو.

هڪ ڀيري اونهاري جي شام ڀائيءَ جي اوطاق جي ٻاهر وڏي محفل متي پئي هئي. خان صاحب الهڏنو خان نوناري سامهون ويٺو هو. ۽ پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڳائي رهيو هو. چوڌاري شهر جا ماڻهو کي ويٺل هئا، ڪجهه بيٺل هُئا. ڀائيءَ به وچ تي ويٺو هو. اُنهيءَ وقت ائين محسوس ٿي رهيو هو ته جڻ چوڌاري خلق مٿان ڪَنهن منڊ پڙهي ڇڏيو هجي. جو جاتي بيٺو هو پنڊ پهڻ لڳو بيٺو هو. اُنهي سُريلي سمي اوچتو خان صاحب راڳ ملهار ڇيڙيو. جڏهين خان صاحب راڳ ڳائڻ شروع ڪيو ته اُنهيءَ وقت خبر ئي نه پئي ته ڪاڏنهون بادل اچي وَيا. آسمان ڪارو ٿي ويو. ڪنوڻ جا ڪڙڪاٽ ۽ چمڪاٽ شروع ٿي ويا. ۽ اوچتي ٻنا مند جي برسات شروع ٿي وَئي. ماڻهن ڪان ازخود واهه واهه نِڪري وَئي. پوءِ باقي رهيل راڳ جي محفل ڀائيءَ پنهنجي اوطاق ۾ اندار ڪرائي هئي. اِهو سنڌي راڳ جي تاريخ جو هڪ اهم واقعو آهي، جيڪو اڄ به هِتان جي جهونن کي چنيءَ طرح ياد آهي.

اُنهي زماني ۾ ٻه پيءُ پٽ فنڪار به ڀائي ڀڳوان داس وٽ ايندا هُئا. پيءُ جو نالو قلندر بخش ۽ پٽ جو نالو لاڙي هيو. اِهي پيءُ پٽ به اُنهي زماني جا مشهور ڳويا هوندا هئا. قلندر بخش راڳ دوران پنهنجي وات مان زبان ڇڪي ٻاهر ڪڍي، هٿ ۾ جهلي، پوءِ تانَ ۽ پلٽا هڻندو هو. اِنهن ٻنهي جي ڳائڪي جو به ڪو جواب ڪونه هو. انهيءَ زماني ۾ هڪ هندياڻي فنڪاره "گنگا" به ڳائيندي هئي. جيڪا پڻ ڪيترائي ڀيرا هتي ڀائي ڀڳوان داس وٽ اچي چڪي هئي. اُنهي ڪان سواءِ ٻيا به ڪيترائي فنڪار، ڀڳت هتي آيا. ۽ پنهنجي لازوال ڳائڪي سان هتان جي ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجا لازوال نقش ڇڏي ويا. اهڙي طرح ڀائي ڀڳوان داس جي وفات ١٩٥٧ع ۾ ٿي. سندس ديهانت وقت عمر تقريبن ٥٨ سال هئي.

(منٺار سولنگي)

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڏکڻ فقير:

ڏکڻ فقير جنهن مڪان ۾ رهندو هو اهو اصل ۾ چٽن شاهه بخاريءَ جو مڪان هيو. چون ٿا ته چٽن شاهه بخاري اصل پنجاب جو رهاڪو هو. سندس فقيرن ۾ واڇوڙو فقير، عطر فقير ۽ مائي حبيبان جا نالا شامل آهن. هن پهريان اچي گهاڙ جي ڪڙ تي ديرو ڄمايو. پر پوءِ پاڙي جي هندن کي اچي پڙ ورايو ته چٽن شاهه يڪو ئي نه قبضو ڪندو وڃي تنهن ڪري هنن اعتراض ڪري ان کي اتان اٿاري ڇڏيو. ان کان پوءِ پين ڪوري مسلمانن بخاري صاحب کي هاٽوڪي مڪان واري جاءِ تي آڻي رهايو، جيڪا انهن جي پنهنجي ملڪيت هئي. پوءِ چٽن شاهه بخاري ۽ سندس فقيرن مٽين تي پاڻي پري باغ رکيون. جنهن ۾ انب، ڪجين، ڄمن جا ڪيترائي وڻ هوندا هئا. ان کان سواءِ ڳدامڙي ۽ نم جا وڻ به هوندا هئا. هاٽوڪي ڊاڪٽر خليل احمد ڪنڀر جي اوطاق واري جاءِ تي هڪ ننڍيو کوهه هوندو هو. ۽ اڃ پيو وهندو هو.

ڏکڻ فقير پهريان سيوهڻ ۾ لال سائينءَ تي رهندو هو. اتي ئي هڪ مائيءَ سان سندس دل ٿي وئي. جيڪا وڏيرڪي گهراڻي، جي هڪ خوبصورت مائي هئي ۽ گهران نڪري اچي لال سائين تي رهڻ لڳي هئي. ٻنهن جو پاڻ ۾ پريم ٿي ويو. آخر ٻنهي کي ڪارو ڪيائون ۽ ڪيس ڪلي داغ ڪري (نرڙ تي ڏنب ڏئي) ڇڏيائونس، جنهن ڪري پاڻ پوءِ سيوهڻ مان نڪري اچي چٽن شاهه جو مڪان وسايائين ۽ پوءِ صوفي راڳ ۽ صوفي بزرگن جو ڪلام ڳائيندو هو. ماڻهو ڪيس ڏاڍي دلچسپي سان ٻڌندا هئا. هن جو وڏيري رسول بخش خان ٻٽي سان مخاطب ٿي چيل هڪ شعر،

رسول بيڪ (بخش) وڏيرا
تنهنجا ديهه وسن ديرا
کوهي ڪٽائي ڏي
مسيت (مسجد) جوڙائي ڏي.

ڏکڻ فقير يڪتاري تي ڳائيندو هو، اڄ به هتان جي جهونن ماڻهن کان ڪونه وسري سگهيو آهي جتي ٻيا به ڪيترائي نوجوان اچي سانڍس راڳ ويراڳ جي محفلن ۾ شامل ٿيندا ها، آهستي آهستي هتي



HISTORICAL SOCIETY
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باقاعدگيءَ سان راڳ جو سلسلو شروع ٿيو. هاٿوڪي دؤر ۾ مرحوم مريد عباس کان علاوه ٻين ڪافي نوجوان فنڪارن جي شروعاتي سکيا جو مرڪز ٻه اهو ئي ڏڪڻ فقير جو مڪان رهيو آهي. هن ئي مڪان ۾ اچا تائين ٻه ڪي نوجوان ننڍڙيون محفلون مچائيندا ٿا اچن.

ڏڪڻ فقير جي وفات جو سال ته معلوم ٿي ڪونه سگهيو آهي هو پاروءَ جي ڳوٺ ويجهو ڪنهن سڙڪ سان دفن ٿيل آهي.

*

## تڳيل فقير ڪنڀر

تڳيل فقير، حجم علي مراد ڪنڀر جو پڙڏاڏو هيو جيڪو يڪتاري تي راڳ ڳائيندو هو. ڏاڍو سريلو ڳائڻو هو. پاڻ راڳ ملهار جو وڏو ڄاڻو هو. اٽڪل ١٩١٩ع ڌاري وفات ڪيائين.

هو پِتائي جي ٻنهن سرن جو عملي ڄاڻو هو. خاص ڪري ڪيس سر سارنگ تي عبور هو. ان وقت هتي واهه ايترا ڪونه هئا. سو فقير وٽ ماڻهو ايندا هئا ته فقير مينهن جي ضرورت آهي خدا جي درگاهه ۾ ڪجهه هٿ ڪئو. پوءِ هو دعا گهري يڪتارو ڪڍي سارنگراڳ ڳائيندو هو. سندس آلاپ من موهيندڙ هيو. ڳائيندي ڳائيندي وجد ۾ ايندو هو ته برسات ٿيي ايندي هئي. ڪارا بادل، ڪنوڻيون ۽ گجگوڙيون ٿينديون هيون ۽ وسڪارو ٿي ويندو هو.

*

## علي بخش جت

علي بخش ذات جو جت هيو. اصل لاڙڪاڻي ۾ مراد واهڻ پرسان ڳوٺ هيس. نئون ديري ۾ گهڻو ايندو هو. ڳائيندو دهل تي هيو پر ڳائڻو اهڙو، جو واهه واهه. نچندو ٻه هو ته ڳائيندو ٻه هيو. اڌ رات کان پوءِ راڻو ڳائيندو هو. ۽ اهڙو ڳائيندو هو، جو ٻن ڪوهن تي سندس آواز پڌبو هو.

اڪثر ڪري ماڻهو شادين مرادين ۾ دعوت ڏيئي کيس گهرائيندا ها. غريب غربا وڏن ڳوين ڪي ته نه پئي گهرائي سگهيا. سو اهي وري هن کي گهرائيندا ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڪي نظر محمد جي چوڻ موجب هو ڳائڻي طور گهٽ پر ناچوءَ طور وڌيڪ مشهور هيو. سندس جهمر ۽ ناچ جي حوالي سان عام ڪري 'علي بخش جت وارو لوڏو' مشهور هو.

*

## سنگت مل:

سنگت مل ڀيو به راڳ ڳائيندو هو، پر ڀڳت جي حوالي سان وڌيڪ مشهور هيو. گهر جو پير چلهه جو مارنگ جي مثال پنهنجي ڳوٺ ۾ قدر گهٽ هيس باقي ڳوٺ کان ٻاهر کيس ٺاهوڪي فنڪار طور سڃاتو ويندو هو. ۽ گهڻن ئي هنڌن تي وڃي فن جو مظاهرو ڪيو هئائين.

سنگت مل کان علاوه امر لال عرف امرو مل، ڏيال داس ۽ جمڙو مل جا نالا به ملن ٿا جيڪي ڪڏهن ڪڏهن ڀڳت چوندا هئا پر اهي گهٽي قدر وهانءَ شاديءَ ۾ ڇيڄ هڻندا، نچندا ۽ ڳائيندا هئا.

*

## گاگن داس

گاگن داس جو پيءُ چيتن مل حمالي هيو پر گاگن داس راڳ رنگ جي واٽ ورتي. گاگن داس کي پنهنجي ڪلب هوندي هئي جتي پاڻ رياضت به ڪندو هو ۽ ٻين کي به راڳ سيکاريندو هو. خاص ڪري رات جو راڳ توڙي مذهبي حساب سان رياضت/ سيوا ڪندو هو. گهڻو ڪري رات جي وقت پنهنجي سنگت ساڻ ڪري گهٽين ۾ ڦرندو هو ۽ هي وائي چپن تي هوندي هيس:

جيءُ جيءُ گوپال لال

راڌا من موهن راڌا من موهن

محمد آچر مخمور لکي ٿو ته گاگن داس هڪ فقير طبع ماڻهو هيو جيڪو روزانو صبح جو سوير ٻاجو ڪنڌ ۾ وجهي آسا ڳائي، سيني جي دل وندرائيندو هيو.

ڪاڪي نظر محمد ڪنڀرَ پراڻي پرائمري اسڪول (هاڻي اسڪول نمبر ٣) ۾ ٣٧-١٩٣٦ع جي سنڌس هڪ محفل جو ذڪر ڪيو جنهن ۾ هن تمام سنو ڳايو هو.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## قادن ڪاسائي

قادن ڪاسائي هڪ باجو وڄائيندڙ فنڪار هيو. کيس باجي وڄائڻ جي سٺي مهارت هئي. هو باجو ٻين فنڪارن سان گڏجي وڄائيندو هو. خاص ڪري مائي ڀڳاڻيءَ نالي ڳائڻي، جيڪا ڏاڍي خوبصورت هوندي هئي، سان گهڻو ڪري گڏ هوندو هو. هوءَ راڳ ڳائيندي هئي ۽ هيءَ ساڻس باجي تي، سنگت ڪندو هو.

(عبيد ڪٺپر)

*

## صوف فقير (دهلاري)

صوف فقير اٽڪل ۱۸۹۰ع جي لڳ ڀڳ ڳوٺ سعيدو ديرو ۾ ڄائو. پر چند سالن کان پوءِ هو ٺٽون ديرو اچي مستقل رهيو. صوف فقير جيتوڻيڪ ذات جو منگهار هو. اُنهي ڪري دهل ۽ شرناءِ وڄائڻ سندس خانداني پيشو هو. صوف پنهنجي اِنهي آبائي فن ۾ وڏو نانءُ نيڪي ڪمايو.

سڄي سنڌ ۾ صوف فقير ڏاهو وڄائڻ ۾ وڏو ماهر هو. (هو شرناءِ ۽ ٻيلي وڄائيندو هو) اڄان تائين سنڌ ۾ هِن جي معيار جو ڪوبہ ڏاهو وڄائڻ وارو پيدا ڪونہ ٿي سگهيو آهي. اُنهيءَ زماني ۾ جي ڪنهن ملاکڙي ۾ صوف فقير نہ هوندو هو، تہ ملهن ۾ بيچيني پکڙيل هوندي هئي ۽ مَلهہ مطالبو ڪندا هئا تہ اول صوف فقير گهرايو تہ پوءِ اسين ملهہ وڙهندا سين. صوف فقير سنڌ جي وڏن وڏن ملاکڙن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪَري چڪو هو. ڀٽائي جي ميلي تي، قلندر شهباز جي ميلي تي ۽ سنڌ جي ٻين وڏن ملاکڙن ۾ هي فقير ويندو هو.

اُنهيءَ زماني ۾ صوف فقير گهڻو ڪري زوار در محمد ميراثي سان گڏ هوندو هيو. (جيڪو اُنهي زماني ۾ ٽڪيٽ تي ملاکڙو لڳرائيندو هو) ۽ زوار وٽ صوف فقير اڪثر ڪري مَلهن جي خدمت چاڪري بہ ڪندو هو.

صوف فقير قد بت ۾ سنهڙو، ڊگهڙو، رنگ جو پڪو سانورو، نڪ ڊگهو سدائين شلوار قميص مٿان اڇو ڪوٽ ۽ اڇو پٽڪو پهريندو هو. ڪنن ۾ سدائين سونيون ڪيوٽيون هونديون هئس. اهڙي طرح هن امر ڏات ڏٺي جي وفات ۱۹۶۷ع ۾ هتي ٺٽون ديرو ۾ ٿي.

(منٺار سولنگي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## استاد محمد مٺل منگي

محمد مٺل ولد علي نواز منگي
نئون ديرو لڳ ڳوٺ پنجو ديرو ۾ سن ۱۹۰۰ع ۾ پيدا ٿيو. کيس سُر ۽ ساز سان ننڍپڻ کان ئي محبت هئي پر الغوزي وڄائڻ جو شوق مٿس سيني کان وڌيڪ حاوي رهيو. هن الغوزي وڄائڻ جي سکيا، مرحوم استاد واحد بخش پٽو کان ورتي جيڪو ان وقت، الغوزو وڄائڻ جو سُٺو فنڪار هيو. سندس روزگار جو ذريعو اباڻي ڪِرت يعني حجامڪو ڌندو ئي هيو ۽ ان ۾ کيس سٺي مهارت هئي پر ان سان گڏ هو ڪجھ ٻين هنرن ۾ به پڙ هيو. کيس دهل ۽ طبلي ٺاهڻ جو فن به هيو ۽ وٽس ڪيترائي ماڻهو خاص ڪري مڱڻهار پري پري کان ڪهي ايندا هئا. هو پنهنجي هنر ۾ ايترو ته ماهر هيو جو کيس سڀ استاد ڪري سڏيندا هئا.

هن پنهنجي فن سان ايتري ته محبت ۽ محنت ڪئي جو الغوزو جي ماهر ٿي ويو ۽ پنهنجي فن ۾ استاد ٻڻجي ويو. ڪيترائي سندس شاگرد ٻڻجي سکيا وٺڻ لڳا ۽ اڀري آيا. جن مان ريڊيو، ٽي ويءَ جا مشهور فنڪار الهڏنو ٻانهاڻي ۽ مرحوم خيرمحمد سومرو نمايان آهن. استاد مٺل کي جڏهن ريڊيو تي موقعو ڏنو ويو ته هن پاڻ وڃڻ بجاءِ پنهنجي شاگرد ۽ سنڌ جي بهترين الغوزه نواز خير محمد سومرو کي موڪلي ڇڏيو جو پاڻ پيريءَ کي پهچي چڪو هو ۽ سندس شاگرد خيرمحمد سومرو به سکيا وٺي بهترين الغوزه نواز ٿي چڪو هو. استاد مٺل نهايت ئي خوش مزاج انسان هيو ۽ پنهنجي تر ۾ مزاح جي حوالي سان ڏاڍو مشهور هيو. کيس ڳوٺ ۽ ڀرپاسي ۾ ٿيندڙ شادين ۾ خصوصي دعوت ڏني ويندي هئي. ان ڪانسواءِ استاد مختلف ٻولين، ڳجهارتن، پهاڪن ۽ سنڌ جي صوفي شاعرن جي ڪلام جي پڻ گهري ڄاڻ رکندو هو. سندس وفات ۱۹۹۳ع ۾ پنجوديري ۾ ٿي. کيس لازوال فن جي ڪري ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي.

(قلب سومرو)



HISTORICAL NAUDERO SOCIETY
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جيئند خان شيخ

جيئند خان ولد عليم خان شيخ ۱۹۱۴ع ڌاري ڳوٺ آرائين ضلع شڪارپور ۾ ڄائو. پڙهيل ڪونه هو. هو جڏهن ۱۲ سالن جو ٿيو ته سندس پيءُ عليم خان شيخ ڳوٺ حيدر چانڊيو تعلق ميرو خان جي مشهور فنڪار نور محمد عرف نورل ميربحر وٽ هن کي ڇڏيو. جنهن هن کي رقص به سيکاريو ته هن کي راڳ جي بنيادي تعليم به ڏني. اِها راڳ ۽ رقص جي گڏيل سکيا ۱۰_ ۱۲ سال جاري رهي، جڏهن هن جي استاد هن کي قابل سمجهيو ته پوءِ هن مان هٿ ڪڍيائين. جڏهن هو پڪو ۽ پختو ڳائڻو ۽ وَجتو ٿي نڪتو ته راڳيندڙن جون ڪيئن ٽوليون هن کي پاڻ سان گڏ ڪٽڻ لاءِ تيار ٿيون. ۽ پوءِ هي سڄي زندگي راڳيندڙن جي مختلف ٽولين سان گڏ رهيو. ڪڏهن عورتن سان هَليو ويندو هو ته ڪَڏهن سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪاره مائي بيگم فقيراڻي سان ويندو هو. ڪجهه وقت هي محمد بخش "ڪانڌيرو" ماڇيءَ سان به گڏ رهيو. پنهنجي زندگيءَ جي آخري گهڙين ۾ هن پنهنجي پٽ غلام قادر شيخ سان به گڏجي ڳايو. اِنهيءَ دوران هي ۱۹۵۸ع ۾ ٺٽون ديرو ۾ مستقل رهائش پذير ٿيو. ٺٽون ديرو شهر ۾ جيئند خان شيخ جا مائٽ اڳ ۾ ئي رهندا هيا.

جيئند خان شيخ هِتان جو ۽ پرياسي جو مشهور فنڪار هو. آواز خانصاحبن جهڙو هوس. گهڙو، يڪتارو، ڊولڪ، طبلو وڄائڻ ۾ هوشيار هو ۽ وڏي مهارت رکندڙ هو. هي گُر ۽ تار جو پختو فنڪار هو. سندس وفات ۱۹۷۸ع ۾ هِن ئي شهر ۾ ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ ٿي.

(منٺار سولنگي)

*

## ڪانڌيرو ماڇي

محمد بخش "ڪانڌيرو" ماڇي به پنهنجي وقت جو وڏو فنڪار ٿي گذريو آهي.

ڳائڻ جو فن هن جيوٽي ٻائي سان سنگت ڪندڙ باجي ماسٽر خير محمد ماڙيچيءَ کان سکيو جيڪو حيدرآباد جي پاسي جو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريان تہ ناچو هو پر پوءِ راڳ سان دلي لڳاءُ جي ڪري سکيا ورتي، ڳائي ڳائي نيٺ وڏو ڳائڻو ٿي ويو.

روايت آهي تہ هاٽوڪي عاقل ڳوٺ ڪان درياهہ جو تڙ هوندو هو. درياهہ جيئن جو پرجندو هو تہ ميربحر ٻيڙين تي خوشيون ڪندا هئا ۽ راڳيندڙ ۽ گويا گهرائيندا هئا. اهڙي ئي هڪ موقعي تي استاد منو خان ڪلهوڙي کي گهرايو ويو. ان موقعي تي ڪانڊيرو ماڇي، منو خان ڪلهوڙي کان اڳ ۾ اتي پهتو. ڳائڻ جو ويٺو تہ اهي ئي ساڳيا ئي منو خان ڪلهوڙي وارا راڳ ۾ رنگ روپ ڏيکاريائين. ڏاڍو بهترين ڳايائين جنهن کان منو خان ڏاڍو متاثر ٿيو.

بعد ۾ هو لڏي وڃي لاڙڪاڻي ۾ ويٺو ۽ ١٩٩٨ع ۾ اتي ئي وفات ڪيائين سندس عمر اسي سال کن هئي. هو مشهور تہ ڪانڊيرو ماڇي جي عرفيت سان ئي هيو پر سندس سٺي آواز جي ڪري "جهنگ جي جيوٽي" بہ ڪري سڏيندا هئا.

*

## جاڳڻ فقير

جاڳڻ فقير اصل ۾ وينل تہ مدنجي جو هيو پر گهڻو ٽو رهڻ ڪرڻ ٺٽون ديري ۾ هيس جتي روزگار بہ ڪندو هو تہ راڳ جون محفلون بہ ڪندو هو.

جاڳڻ فقير ١٩٢٢ع ۾ مدنجي ۾ ڄائو. ذات جو ڪوڪر هو پر مٽي مائٽي يا پراڻي خانداني پيشي يعني ڪپڙي اٽڻ جي ڪري ڪيس هتي ڪوري طور ڄاتو سڃاتو ويندو هو.

روزگار طور جاڳڻ فقير ٺٽون ديري ۾ عبدالله پهوڙ جو ٽانگو وهائيندو هو ۽ ڪجهہ وقت خانبهادر احمد خان ڀٽي جي گهوڙن جو سنڀاليندڙ يا سئس بہ ٿي رهيو ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي حوالي سان هو ڊولڪ ۽ هار مونيم وڄائڻ ڄاڻيندو هو.

ٺٽون ديري جو ٻيو مشهور فنڪار استاد نبن مهيسر بہ سندس جوڙ ۾ اچي شامل ٿيو. جاڳڻ فقير جي هڪڙي ناچڻ جي ٽولي هوندي هئي جنهن کي ساڻ ڪري محفلون ڪرائيندو هو. سندن ٽوليءَ ۾ جمع ڪوريءَ جو نالو بہ اچي وڃي ٿو. جاڳڻ فقير ڏاڍو مزاحيہ ۽ پيارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺهو هوندو هيو ۽ ماڻهن کي ٽيٽيهر جي لات ٻه سڻي ڪري ٻڌائيندو هو. ڍولڪ ۽ هار مونيم جي ڄاڻ هجڻ ڪري استاد نبڻ مهيسر سان سنگت ڪندو رهيو ۽ ١٩٦٧ع ۾ وفات ڪيائين.

(عبيد ڪنڀر)

*

## استاد نبڻ مهيسر



استاد نبڻ جو اصل نالو نبي بخش ولد جاڙل خان مهيسر هُيو، ١٩٢٢ع ڌاري ننون ديري ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پڙهيل لکيل بلڪل ڪونہ هيو پر سندس انداز پڙهيل لکيل ماڻهن جهڙو ئي هيو. کيس سُر ۽ سنگت سان لڳاءُ ننڍپڻ کان ئي هيو. والد جي وفات ۽ والده جي ٻي شادي ڪرڻ ڪانپوءِ راڳيندڙن جي ٽولين ۾ نڪري پيو ۽ وچي ڄاڳڻ فقير جي صحبت ۾ شامل ٿيو. پاڻ سُرن جي سڻي ڄاڻ رکندڙ ۽ ڪافي، غزل جو ناهوڪو ڳائڻو هو. هن جي ڪافي ڳائڻ وقت ٻڌندڙن تي عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي. سندس ڳايل مشهور ڪلام رشيد احمد لاشاري جو لکيل هيو جنهن جا ٻول هن ريت هئا:

مسيحا منهنجي مرقد تي ڪڏهن ايندي الاجي نہ!

ڏاڍي سهڻي ۽ پُرسوز انداز ۾ ڳائيندو هو. هو جڏهن اهو غزل ڳائيندو هو تڏهن ماڻهن جي اکين مان بي اختيار لڙڪ ڪري پوندا ها.

هو سٺو موسيقار هيو. هارمونيم ۽ بينجو تمام سٺو وڄائيندو هو. پنهنجي دور جي ثقافتي سرگرمين جو روح روان هو. ان دور ۾ جيڪي اسٽيج ڊراما ٿيندا هئا انهن ۾ ترتيب ڏنل موسيقي بہ هن جي ئي هوندي هئي. جيوٽي ڀائيءَ سان گڏ بہ ڳايو هئائين ۽ استاد گلزار علي خان ۽ گلاب راءِ پڻ ڪجهه وقت سندس شاگرديءَ ۾ رهيا. پاڻ پرياسي جي پيرن، فقيرن جي ميلن تي بہ پابنديءَ سان ڳائيندو هو. هو جمعي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوريءَ کي ۽ پنهنجي محفلن ۾ نچڻ لاءِ ڪنيو وتندو هو. ڪيس هندو پنهنجي ٽڪاڻي ۾ ڀڳت ڪرڻ ۽ باجو وڄائڻ لاءِ پڻ گهرائيندا هئا.

ان کان علاوه هو هڪ سٺو درزي به هو. هر قسم جي سلائي ڪندو هو. پينٽ ۽ ڪوٽ سبڻ جو به سٺو ماهر هيو. ميرپور ۽ ڳڙهي خدابخش ڀٽو جا ڀٽا صاحب، بهمڻ جا راشدي برادران، پيرڳوٺ (ٺٽون ديرو) جو ذوالفقار راشدي، لاڙڪاڻي جو وڪيل ممتاز جعفري (هائوڪي جج جناب رحمت حسين جعفري جو والد) ۽ ٻيا ڪيترائي شهر ۽ ڀرپاسي جا چڱا مانهو ڪائنس ڪپڙا سبرائيندا هئا.

هو هن تر جو مشهور فنڪار ٿي گذريو آهي. ريڊيو تي وڄڻ جو پروگرام هيس پر ڪيس ٽي- بي ٿي پئي ۽ سندس ڳلي ساٿ ڇڏي ڏنو. ٻه دفعا علاج واسطي ڪوئيٽا به ويو پر سندس زندگي وفا نه ڪئي. سندس وفات ۱۹۶۷ع ۾ ٿي.

(سراج ڪنڀر)

*

## شاهنواز فقير



شاهنواز ولد لشڪر علي ڀٽو ۱۹۲۶ع ۾ ڳوٺ الهه آباد تعلقه ڳڙهي خيرو ضلع جيڪب آباد ۾ ڄائو. هو جڏهن ننڍو هو ته پنهنجي ڳوٺ ۾ سڪندر علي شاهه ۽ رسول بخش شاهه جي مئيخاني تي ويندو هو. اُتي راڳ رنگ جون محفلون ٿينديون هيون. ڪيس سُر ۽ سنگيت سان چاهه اُنهيءَ زماني ۾ پيدا ٿيو. هن ڊولڪ وڄائڻ جي سکيا پنهنجي استاد محمد صفر منگيءَ کان ورتي. شاهنواز فقير اٽڪل ۲۰ سالن کان ٺٽون ديرو ۾ رهي پيو، ٺٽون ديرو ۾ سندس مائٽ اڳ ۾ ئي رهن پيا.

شاهنواز فقير هن وقت شهر جو سريلو وڄتو آهي. هاڻي جيتوڻيڪ گهڻي عمر ٿي چڪي اٿس پر پوءِ به هن جو موسيقي سان عشق پراڻو نه ٿيو آهي. هي اڄ به مختلف فنڪارن سان ويندو آهي.



HISTORICAL SOCIETY NAUDERO

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## منـنار فقير

منٺار فقير ولد شهمير خان ڳوٺ الهه آباد تعلقه ڳڙهي خيرو ضلع جيڪب آباد ۾ پيدا ٿيو. ٻه ٽي درجا سنڌي پڙهيل هو. هو جڏهن ننڍو هو ته پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ سڪندر علي شاهه، رسول بخش شاهه جي ميخاني تي ويندو هو. جتي سدائين سُر ۽ سنگيت جون محفلون ٿينديون هيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن اوري پري جا فنڪار به ايندا هيا. بس اتان ئي هِن فقير کي راڳ جي رمز لڳي ۽ راڳ ڳائڻ لڳو. راڳ جي ابتدائي سکيا صيفل فقير کان ورتائين. جيڪو اُنهي ۾ زماني ۾ ان تر جو مشهور ڳائڻو هو. راڳ جي سکيا بعد منٺار فقير ڳائڻ شروع ڪيو پر بدقسمتيءَ سان کيس اوچتو اهڙو بخار ٿي پيو، جنهن ڪانئس راڳ ڳائڻ واري سگهه کسي ورتي، انهيءَ بخار کان پوءِ منٺار فقير جو آواز بيهجي ويو. پوءِ هن پنهنجي سوٽ شاهنواز فقير کان ڍولڪ جو فن سکيو، ڏسندي ڏسندي هي انهي ۾ ماهر ٿي پيو. ٻڌندڙن کي ته ائين محسوس ٿيو ته جڻ خدا هن کان هڪ سگهه کسي، کيس ٻي سگهه ڏني آهي.

اِنهي عرصي دوران داٽو پاٽي هن کي ننون ديرو ڏانهن گهلي آيو. بعد ۾ هتي ئي مستقل رهڻ لڳو. هتي هي مقامي فنڪار غلام قادر شيخ سان ڍولڪ تي سنگت ڪرڻ لڳو. ۽ زندگي جي آخري گهڙين تائين غلام قادر سان گڏ رهيو. ڪڏهن ڪڏهن خير محمد سومرو الغوزه نواز سان به ويندو هو. پر هن جو جوڙ غلام قادر شيخ سان هيو. منٺار فقير ڳر ۽ تار جو پختو ۽ راڳ جو ڄاڻو هو ڍولڪ ڏاڍي سريلي انداز ۾ وڄائيندو هيو.

(منٺار سولنگي)

*

## مائي عجيبان ۽ رحمت

اڄڪلهه شادين وغيره ۾ سهرن جي جڳهه تي اڪثر انڊيا جا گانا يا نون سنڌي فنڪارن جا ڪلام ڳايا وڃن ٿا. جيڪي پڻ گهڻو ڪري انڊيا جي گانن جي طرز تي هوندا آهن. پر ڪجهه سال اڳ تائين ائين نه هو. پنهنجا ٺيٺ سنڌي سهرا ڳايا ويندا هئا ۽ انهن ۾ ايترو ته مزو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



۽ لطف هوندو هو جو ڇا ڳالهه ڪجي؟! ڇوته سنڌي سهرا اسان سنڌي ماڻهن جي ريتن، رسمن ۽ مزاجن جي عڪاسي ڪندا هئا، ۽ اهي اساڻجي فطرت موجب لهيل هئا. جنهن ڪري انهن ۾ پنهنجو مقامي ۽ ثقافتي رنگ دل کي ڏاڍو وڻندو هو.

۽ انهيءَ دور ۾ پنهنجي شهر ٺٽون ديري ۾ هڪڙي جوڙي ايتري ته مشهور ٿي هئي جو اهڙو ڪوبه شادي يا ڇنڇيءَ وغيره جو پروگرام نه هوندو هوجنهن ۾ انهيءَ جوڙيءَ کي نه گهرايو ويو هجي. اها جوڙي هئي مائي رحمت ۽ عجيبان جي. مائي رحمت ذات جي ڪٽبر ۽ مائي عجيبان لاکو هئي.

مائي عجيبان ڌيءَ محمد يوسف لاکو ١٩٢٧ع ڌاري ٺٽون ديري ۾ پيدا ٿي. سندس ننڍپڻ ٺٽون ديري ۾ ئي گذريو. جوان ٿي ته سندس شادي ولايت شاهه پٺاڻ سان ڪرائي وئي جيڪو مدنجي جو رهاڪو هيو. ان کان پوءِ ٺٽون ديري جي غلام رسول ڪوريءَ سان پرڻو ڪري ٺٽون ديري ۾ رهڻ لڳي. شاديءَ جي ڪجهه عرصي بعد سهرا چوڻ شروع ڪيائين پر غلام رسول جي وفات بعد باقاعده طور سهرن کي روزگار جو ذريعو بڻايائين. مائي پاڻ نهايت ئي خوش مزاج هئي ۽ سندس خوش طبعي پوري شهر ۾ مشهور هئي. خوش مزاجي جو مظاهرو نه فقط محفلن ۾ پر عام رواجي زندگيءَ ۾ به ڪندي هئي سندس وفات اٽڪل ٦٥ سالن جي عمر ۾ ١٩٩٢ع ۾ ٺٽون ديري ۾ ٿي.



مائي رحمت خاتون مولانا محمد هاشم ڪٽبر جي ڌيءَ آهي. سندس پيدائش ٢٤ جون ١٩٣٠ع تي ٺٽون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديري ۾ ٿي. جوان ٿي ته سندس شادي عبدالله ڏامراهه سان ڪرائي وئي جيڪو ڏامراهن جو رهاڪو هيو. گهر واري جي وفات کان پوءِ مائي ٻارن ٻچن سميت واپس ننون ديري اچڻ رهڻ لڳي. ٻارن ٻچن جي پالنا واسطي سهرن کي پنهنجي گذر سفر جو ذريعو بڻايائين. عجبيان اڳ ۾ ئي سهرا چوندي هئي پوءِ ان سان ساٿ ۾ شامل ٿي وئي. مائي عجبيان جي وفات کان پوءِ ڪجهه وقت مائي امام ماڇياڻي سان به ساٿ ۾ رهي. هن وقت مائي سهرا چوڻ ڇڏي ڏنا آهن ۽ پيريءَ جا ڏينهن گذاري رهي آهي.

مائي رحمت سهرا چوندي هئي ۽ عجبيان ساڻس گڏ سهرا به چوندي هئي ۽ دهل به وڄائيندي هئي. عجبيان جهمر به ڏاڍي ڀلي هڻندي هئي. ۽ ايتري ته ڀوڳائڻ هوندي هئي جو ڇا چئجي؟ سندس ڀوڳن تي کلي کلي ماڻهن کي پيٽ ۾ ئي سور پئجي ويندو هو. مائي رحمت جو آواز هجي ۽ عجبيان جي دهل ۽ جهمر، پوءِ ته واهه واهه! هونءَ ته سندن ڪيترائي سهرا مشهور هيا پر هيٺ سندن ڳايل ڪجهه سهرا ڏجن ٿا.

(۱) پٽ پينگهن ۾، پينگها ماڙن ۾، ماءُ ڏنس لولي،
ماءُ! ڏنس لولي منهنجي الله پريم جهولي.

(۲) ماءُ جيجل مونکي ڏني آ، ڀيڻ اوڻ مونکي ڏني آ،
پينگهي ۾ لولي الا!

(۳) مارون ڙي مارون منهنجا وسن جبل ۾،
مان ڀانيان مهمان
سانگي ڙي سانگي منهنجا وسن ڏونگر ۾
مان ڀانيان مهمان
مان ڀانيان مهمان تن کي آڻيندو الله

ٻئي مايون شهر جي اهڙن محفلن جي جان هونديون هيون ۽ ايڏو ته مزو هوندو هيو جو دل چاهيندي هئي ته جيڪر هي محفلون سدا قائم ۽ دائم رهن.

(سراج ڪنڀر)

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## خير محمد سومرو

خير محمد ولد محمد چنل سومرو ڳوٺ پنجو ديرو لڳ نئون ديرو ۾ ١٩٣١ع ۾ پيدا ٿيو. غربت جي ڪري صرف پنجن درجن تائين تعليم پرائي سگهيو. موسيقي سان عشق ننڍپڻ ۾ ئي لڳس. شروع ۾ يڪتاري ۽ چپڙي تي ڳائڻ شروع ڪيائين جنهن ۾ سندس استاد سوڀل سهڙايو هيو. پريوءِ پنهنجي آواز مان مطمئن نه ٿيڻ ڪري اهو ڇڏي ڏنائين. ان ڪان پوءِ الغوزي جو عشق لڳس ۽ استاد منل منگيءَ کان ان جي سکيا وٺڻ شروع ڪيائين، استاد منل پنهنجي فن ۾ وڏي مهارت رکندو هو. خير محمد جو پنهنجي استاد بابت چوڻ هيو ته "استاد منل الغوزو وڄائيندو هو ته لونءَ ڪانڊارجي ويندي هئي" ٻه سال سکيا وٺي پنهنجي فن ۾ چڱي خاصي مهارت ماڻيائين. ان ڪان ٽنين سال ئي کيس ١٩٦٢ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پهريون دفعو پنهنجي فن جي مظاهري ڪرڻ جو موقعو مليو. کيس ٽي وي تي پهريون دفعو ١٩٨٨ع ۾ گهرايو ويو. اهڙي طرح سندس فن جي مڃتا زور وٺندي وئي ۽ کيس مسلسل ريڊيو، ٽي وي ۽ سرڪاري توڙي غير سرڪاري محفلن ۾ گهرائي مان ڏنو ويو. کيس اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد طرفان ماهوار پنج سؤ روپيه وظيفو ملڻ به شروع ٿي ويو.

ائين سندس شهرت زور پڪڙيندي وئي ۽ پوري ملڪ ۾ مشهور ٿي ويو.

ڪن گهريلو مجبورين جي ڪري کيس پنهنجو اباڻو ڳوٺ ڇڏڻو پيو ۽ مدئجي ويجهو ضلعي شڪارپور جي ڳوٺ جندو ديرو ۾ وڃي رهڻ لڳو. ۽ جوانيءَ کان پيريءَ تائين گهڻو عرصو اتي ئي گذاريائين. توڙي جو پاڻ وڏو ۽ مشهور فنڪار ٿي ويو ته به پنهنجي اباڻي ڳوٺ هر جمعي رات تي لطيف شاهه تي ٿيندڙ محفل ۾ ضرور شريڪ ٿيندو هو ۽ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو هو.

هن پنهنجي زندگي جا پويان ٻه سال ضلعي شڪارپور جي شهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’ڊڪٽ‘ ۾ گذاريا. آخري ڏينهن ۾ ڪيس ٽي- بي ٿي پئي ۽ هي اعليٰ پايي جو فنڪار اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو. سندس وفات ۱۴ آڪٽوبر ۱۹۹۹ع تي ٿي.

(قلب سومرو)

*

## محمد بخش ميراثي

محمد بخش ميراثي جو تعلق ڦلپوٽن جي ميربحرن سان آهي. شروع کان وٺي بينون وڄائڻ سان گهڻو شوق رهيو اٿس. پيرن فقيرن جي مزارن تي ۽ ميلن ملاکڙن ۾ اڪثر پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو رهندو آهي. ان کان سواءِ بزرگن جي مزارن تي جاڳر به ڪندو آهي ۽ اها ئي سندس وجهه شهرت آهي. پنهنجي علائقي ۾ بينون وڄائڻ جي فن ۾ استاد جي حيثيت رکي ٿو ۽ هن وقت تائين ڪيترائي شاگرد تيار ڪيا اٿائين. شگرمل ۾ ملازم به رهيو آهي. هن وقت توڙي جو پوڙهو ٿي چڪو آهي پر پوءِ به پنهنجي فن سان نڀائيندو اچي پيو.

*

## غلام قادر ڪٽپر

غلام قادر ولد درمحمد ڪٽپر هڪ سٺي استاد هجڻ سان گڏ شوقيه فنڪار به رهيو آهي. ڳائڻ جي شروعات ننڍي وهيءَ کان ئي ڪيائين. جڏهن پاڻ پائلٽ اسڪول پڙهڻ ويو ته اتي حجاب جي ڪري ڪونه ڳائيندو هو پر پوءِ اتان جي هڪ استاد نظام الدين گوپانگ (جيڪو پنهنجي دؤر جو وڏو شاعر به هو) کيس هڪ ڏينهن ڳائڻ لاءِ چيو. جنهن تي پاڻ انڪار ڪندي چيائين ته هو ڳائڻ نه ڄاڻي. تنهنتي گوپانگ صاحب کيس چيو ته ’خدڻ‘ ويراڳي سندس بابت سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو آهي. پوءِ کيس ٽيچرس روم ۾ ڳارايو ويو. اتي ويٺل سڀني استادن سندس ڳائڻ کي تمام گهڻو پسند ڪيو ۽ اسڪول جي طرفان اسڪائوٽ جي ٽوليءَ سان ڳائڻ واسطي حيدرآباد موڪليو.

سندس گهر گهاڙ پرتي آهي. اڳي شهر جا ماڻهو ساوڻ ۾ رات جو گهاڙ ۾ وهجندا هئا ۽ سائين غلام قادر پنهنجي ڪوني تان ويهي ڪين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام پڙهائيندو هو. سندس سريلي ۽ مٺي آواز هجڻ ڪري ماڻهو ڪيس وري وري پڙهائڻ جي فرمائش ڪندا هئا. ان کان سواءِ پاڻ ١٩٦٠ع واري ڏهاڪي ۾ اسٽيج ڊرامن ۾ هيرو جو ڪردار به ادا ڪندو هو ۽ ان دور ۾ هيرو گانا پنهنجي زبان سان چوندو هو. سندس گانا ان دؤر ۾ تمام گهڻا پسند ڪيا ويا. پاڻ ڪجهه وقت استاد نبن مهيسر سان به ساٿ ۾ رهيو. ريڊيو تي گڏجي وڃڻ جو پروگرام هئين پر استاد نبن جي وفات ڪري نه وڃي سگهيا.

اڄ توڙي جو سائين پيريءَ ۾ آهي تڏهن به ڪڏهن ڪڏهن گذارش ڪرڻ تي ڪو سٺو ڪلام پڙهائيندو آهي. سندس آواز اڄ به من موهيندڙ آهي.

*

## محبوب علي سولنگي

محبوب علي سولنگي جيتوڻيڪ تعليم کاتي ۾ هڪ استاد هيو پر هو نوجواني واري دؤر ۾ ڏاڍو سٺو بانسري وڄائيندڙ ۽ بينجو نواز هو. هو انهن ٻنهين سازن کي تمام گهڻي مهارت سان وڄائيندو هو. هو جڏهن ايليمينٽري ڪاليج حيدرآباد ۾ ٽريننگ ڪرڻ لاءِ آيو تڏهن ڪيس اتان جي ادبي ثقافتي سرگرمين تمام گهڻو متاثر ڪيو ۽ هي بانسري ۽ بينجو وڄائڻ لڳو. حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج ۾ تڏهن سندس استاد سنڌ جو وڏو آرٽسٽ ع- ق شيخ هيو. جنهن ان سندس ويجهڙائي هئي. انهيءَ دور ۾ هن ڪوڙ ڀيرا ڪاليج طرفان ٿيندڙ موسيقي جي پروگرامن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ۽ انهيءَ دور ۾ ئي هن ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد تان ڪوڙ ڀيرا پروگرام ڪيا. جيتوڻيڪ هو تمام سٺو آرٽسٽ به هو پر پنهنجي انهن ٻنهي شوقن کي برقرار نه رکي سگهيو ۽ عمر جي آخري حصي ۾ ته هو جڻ راڳ رنگ جي دنيا کان ئي ڪنجي ويو. هاڻي جڏهن شهر جي تاريخ پئي مرتب ٿئي تڏهن ضروري ڄاتو ويو ته سندس ذڪر هن ڪتاب ۾ اچي.

محبوب علي ولد غلام حسين سولنگي ١٩٤٠ع ۾ ننون ديري ۾ ڄائو. تعليم کاتي ۾ ڊرائنگ ٽيچر هو. سندس وفات ١٩ آڪٽومبر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۹۹۵ع ۾ ٿي.

(سراج ڪنڀر)

*

## الھڏنو ٻانهاٽي

الھڏني ڪي الغوزه وڄائڻ جو فن ورثي ۾ مليو آهي. هن جو پيءُ لعل بخش ۽ هن جو ڏاڏو به الغوزو وڄائيندا هئا. انهيءَ حساب سان هن کي اهو فن ورثي ۾ مليو آهي. هن انهيءَ فن جي باقائده تربيت پنجوديري جي مرحوم محمد مٺل منگي کان ورتي.

الھڏني جو الغوزي وڄائڻ ۾ پنهنجو هڪ مخصوص انداز آهي. هو ۱۹۶۶ع کان ۱۹۷۰ع تائين ريڊيو حيدرآباد تان به پروگرام پيش ڪري چڪو آهي، پر ٽي پيرا ٽي وي تي به اچي چڪو آهي. شهر ۾ ۽ ٻاهر ڪافي پروگرامن ۾ فن جو مظاهرو ڪيو اٿائين.

(منٺار سولنگي)

*

## علي شير ڪنڀر



علي شير ولد ڪوڙل خان ڪنڀر ۱۹۴۷ع ۾ پيدا ٿيو. سندس شمار شوقيه فنڪارن ۾ ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن کان باقاعده طور سکيا ڪونه ورتائين پر ڳائڻ سان عشق جي حد تائين لڳاءُ هجڻ ڪري ڳائي ڳائي فنڪار ٿي ويو. هو شهر ۾ شادين جي موقعن تي به ڳائيندو هو ۽ شهر ۽ پرپاسي جي بزرگن جي ميلن وغيره ۾ پڻ ڪيس دعوت ڏئي گهرايو ويندو هو. سندس آواز مٺو ۽ درد پريو هيو. خاص ڪري هڪڙي ڪافي هو ڏاڍي سٺي انداز ۾ ڳائيندو هو ۽ اڪثر ماڻهو ٻڌائڻ جي فرمائش ڪندا هئا. جنهنجا ٻول هن ريت هئا.

سڪ جا سانگيڙا موٽي شال ملن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس گذر سفر جو ذريعو واپار هيو. ڪيس زندگي جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ دم جي بيماري ٿي پئي جنهن مان غربت سبب جند آجي نه ڪري سگهيو ۽ ۱۹۸۳ع ۾ وفات ڪيائين. سندس پٽ به شوقيه فنڪار آهن ۽ آواز سٺو اٿن. جن مان قلندر بخش ته ڪجهه وقت باقاعده طور مسجدن ۾ مذهبي موقعن تي مولود پڙ ڇيا ۽ محمد ابراهيم اڪثر ڇتن شاهه بخاري ۾ ٻين بزرگن جي درگاهن تي ڳائيندو رهندو آهي.

*

## امام ماڇياڻي

مائي رحمت ۽ عجيبان ڪانپوءِ شهر جي شادين، ڇٽين ۽ ٽوهرن جي پروگرامن ۾ سهرن جي حوالي سان هن وقت جيڪو نالوءُ مشهور آهي، اهو آهي مائي امام جو. سندس پيدائش ۱۹۴۸ع ۾ ٿي. ذات ماڇي اٿس انهيءَ ڪري امام ماڇياڻي جي نالي سان مشهور آهي. مائي امام جو والد محمد بخش عرف ڪانڌيرو ماڇي پنهنجي دور جو وڏو فنڪار ٿي گذريو آهي. هوءَ انڊيا جا گانا، سنڌي نون فنڪارن جا ڪلام ۽ سهرا وغيره سڻي نموني ڳائڻ جو فن رکي ٿي. سندس آواز سريلو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پروگرام ۾ ڪو اباڻن جو سهرو ڳائي پاڻکي ۽ محفل کي غمگين بنائي ڇڏيندي آهي.

اڄڪلهه شهر ۾ هر خوشي ڀري موقعي تي سهرن وغيره ڇوڻ لاءِ ڪيس ئي گهرايو ويندو آهي. اڃا تائين ته ڪا ٻي اهڙي مائي ڪونه اڀري آهي جيڪا مائي امام جيان شهر جي محفلن کي رونق بخشي سگهي.

(سراج ڪنڀر)

*

## امداد حسين ميراثي

امداد حسين ولد نور محمد ميراثي ۵ مارچ ۱۹۴۷ع تي ٺٽون ديرو ۾ ڄائو. هن وقت الائيڊ بئنڪ لميٽيڊ ۾ آفيسر آهي.

راڳ ڳائڻ جو شوق ڪيس سال ۱۹۶۶ع ۾ ان وقت ٿيو، جڏهن هن سيوهڻ شريف جي ثقافتي شو ۾ مشهور فنڪار مهدي حسن کي ٻڌو. مهدي حسن اِنهي شو ۾ مشهور شاعر فيض احمد فيض جو هي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل ڳايو، "گلون مين رنگ ڀري". بس اتان ئي امداد حسين کي راڳ ڳائڻ جو شوق ٿيو. انهي کان پوءِ هو سڄو ڏينهن مهدي حسن جي انداز ۾ انهيءَ جا غزل چوندو هو. جيڪو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. امداد حسين راڳ جي ڪا باقائده تربيت ناهي ورتي. ڀيريون پيرو هن ١٩٧٠ع ۾ جيڪب آباد جي ڪلچرل شو ۾ هڪ ڪافي ڳائي، جنهن تي ڪيس فقير عبدالغفور ڏاڏو داد ڏنو. اُنهي کان علاوه ٽي سال مسلسل ريڊيو تان به ڳائي چڪو آهي. هڪ ڀيرو ٽي وي تي به آيو آهي. ان کان علاوه ڀين ننڍين وڏن ڪافي پروگرامن ۾ ڳائي چڪو آهي. محرم جي ڌهاڙن ۾ ذاڪري به ڪندو آهي. امداد حسين جو آواز وڏي گرج وارو آهي. سندس آواز جي سنڌ جا وڏا فنڪار به تعريف ڪري چڪا آهن. پر هو گر جو ڪچو آهي.

*

## عبدالغني ٻيٽي



عبدالغني ٻيٽي ٺٽون ديرو شهر جو ڪونه آهي ۽ نه ئي هن جو ڪو هتي ويجهو مٽ مائٽ رهندو آهي. پر پوءِ به اسانکي هي اڪثر ڪري هتي نظر ايندو آهي. بقول سندس ٺٽون ديرو منهنجو پيو گهر آهي. ڪجهه وقت اڳي ٺٽون ديرو ۾ پنهنجي هادي مرشد شاهه ولايت جي نالي پويان شاهه ولايت آرٽس ڪلب ڪولي هٿائين. ٺٽون ديرو جي حوالي سان هن جو اهم ڪارنامو هي آهي ته هن سر سنگيت کي عام ڪيو آهي. اهي نوجوان جن کي راڳ سان بيحد چاهنا هوندي هئي. پر ڪا سهولت نه هجڻ ڪري پنهنجي صلاحيتن جو اظهار نه پئي ڪري سگهيا. هن همراهه انهن نوجوانن جي لڪل صلاحيتن کي اجاگر ڪيو. هن وقت ٺٽون ديرو شهر ۾ ڪافي نوجوان فنڪار ۽ شاعر پيدا ٿي چڪا آهن. جن کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ هن همراهه جو وڏو هٿ آهي. انهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ضروري آهي تہ جڏهن شهر جي تاريخ مرتب ڪجي ٿي تہ اُنهي ۾ هن همراهہ جو ذڪر بہ ٿيڻ گهرجي.

عبدالغني ولد محمد محسن پٽني ۷ فيبروري ۱۹۰۴ع تي ڳوٺ نبي آباد ضلع شڪارپور ۾ جائو، سندس خاندان مولانا دين محمد وفائي جي خاندان سان ڳنڍيل آهي. پرائمري تعليم ڳوٺ آرائين ۽ مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول مدئجي مان پاس ڪيائين. راڳ جو شوق هن کي ننڍي هوندي کان هيو. جيئن تہ هن جو خاندان عالمن جو خاندان هو، انهيءَ ڪري هن جي خاندان ۾ راڳ ڳائڻ عيب سمجهيو ويندو هو. پر جڏهن هن جو سُر ۽ سنگيت مان شوق گهٽجڻ بجاءِ وڌڻ لڳو تہ هن جي وڏن بہ هن مان هٿ ڪڍيو. هن راڳ جي سِکيا نواب علي شاهہ کان ورتي. جيڪو لقمان خيرپور ميرس جو رهندڙ هو. ۱۹۷۰-۷۱ع ۾ هن ٻہ سال ريڊيو تان بہ ڳايو، ريڊيو تي هن کي جهانگير قريشي متعارف ڪرايو.

راڳ سان هن جو جنون جي حد تائين لڳاءُ آهي. راڳ ڳائڻ سان گڏ هي سٺو شاعر ۽ اديب بہ آهي. هفتيوار "آزاد" اخبار، جيڪا علي نواز وفائي ڪراچي مان ڪيندو هو، انهي ۾ ۱۹۸۱ع کان ۱۹۸۷ع تائين ست سال ڪم ڪيو اٿائين. اُنهي عرصي ۾ هن جا لا تعداد تبصرا ۽ شعر هفتيوار "آزاد"، روزانہ "نجات" ۽ "روزانہ هلال پاڪستان" ۾ ڇپيا. ڪراچيءَ ۾ رهائش وقت هي بزم طالب المولىٰ ڪراچي شاخ جو پريس سيڪريٽري ۽ وفائي اڪيڊميءَ جو سيڪريٽري پڻ رهيو آهي.

۱۹۷۲ع ۾ هن کي ٽرانسپورٽ ۾ نوڪري مِلي. هن وقت گورنمينٽ ايليمينٽري ٽريننگ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ ميوزڪ ٽيچر آهي. ديس ۽ ويس جي نالي سان هڪ ڪتاب مرتب ڪيو اٿائين. پنهنجي نثري نظمن جو مجموعو "ٿانڊا گل غبار" ۽ ڪجهہ ٻيا ڪتاب بہ مرتب ڪري رهيو آهي.

ماسٽر چندر جا ڪلام پڻ ان جي ئي انداز ۾ ڳائيندو آهي. جن جي ڪيسيٽ پڻ مارڪيٽ ۾ ايندي رهجي وئي آهي. ويجهڙ ۾ ۲۰۰۰ع جي آخر ۾ سندس هڪ آڊيو ڪيسٽ پڻ مارڪيٽ ۾ اچي چڪي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## عنايت علي ميراثي

عنايت علي ولد ارباب علي ميراثي پهرين ڊسمبر ١٩٥٥ع تي نئون ديرو شهر ۾ ڄائو، پرائمري تعليم کان وٺي مئترڪ تائين نئون ديرو ۾ پڙهيو. ايم. اي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج رتو ديرو مان پاس ڪيائين. ١٩٧٤ع ۾ شاهنواز ڀٽو شگر مل نئون ديرو ۾ ٽيڪنيڪل ملازم ٿيو، شگر مل جي بند ٿي وڃڻ کان پوءِ هاڻي فارغ آهي.

عنايت علي ميراثي ڪو پروفيشنل فنڪار نہ آهي. هُن روزگار جو ذريعو راڳ کي نہ بڻايو آهي. هو شوقيہ فنڪار آهي. سُر ۽ سنگيت سان کيس چاهہ ننڍي هوندي کان رهيو آهي. ٻاراڻي عمر ۾ هو استاد منظور علي خان کي ٻڌندو هو. ۽ انهيءَ جي طرز تي ڳائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. باقائده طور تي هن ڪا راڳ جي سکيا نہ ڪئي ورتي آهي. باقي ٿوري گهڻي راڳ جي ڄاڻ استاد گلزار علي خان کان ورتي اٿائين. هن وقت تائين شهر جي ڪافي پروگرامن ۽ ڀرپاسي جي پيرن تي لڳندڙ ميلن تي ڳائي چڪو آهي. عنايت علي اهل شيعت سان واسطو رکي ٿو، محرم جي ڏينهن ۾ يا ٻي ڪنهن ڏک جي ڏهاڙي تي هو نوحا ۽ قصيدا چوندو آهي ۽ ذاڪري بہ ڪندو آهي. ڪجهہ نوحن جون ڪيسيٽون اهڙيون بہ آهن جن ۾ هي سوري آهي. ڏسڻ وائسڻ جو هي سهڻو ۽ پرمزاح نوجوان پنهنجي دوستن جي محفل جي جان هوندو آهي. شگرمل ۾ نوڪريءَ دوران مزدور يونين جي اڳواڻي بہ ڪيائين.

*

## غلام قادر شيخ

هن وقت نئون ديرو شهر ۾ جيڪي مشهور پروفيشنل راڳي آهن غلام قادر شيخ انهن منجهان آهي. غلام قادر شيخ کي راڳ ورثي ۾ مليو آهي. سندس پيءُ جيئند خان شيخ پنهنجي دور جو مشهور ڳائڻو تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذريو آهي. غلام قادر شيخ تقريباً ١٩٥٦ع ۾ ڳوٺ اڄڻ تعلق ڳڙهي ياسين ضلع شڪارپور ۾ ڄائو. پوءِ لڏ پلاڻ سبب ڳوٺ ڳاهيجا تعلق ڳڙهي ياسين ضلع شڪارپور ۾ ڪجهه وقت رهيو جتي هن ٻه درجا پرائمري تعليم به حاصل ڪئي. جيئن ته راڳ رنگ هنن جو خانداني پيشو هئو ۽ روزگار جو ذريعو به هو. تنهن ڪري جڏهن هي ٩ سالن جو ٿيو ته سندس مامي يار محمد شيخ مسوديرو جي مڱڻهارن وٽ هن کي ڇڏيو جتي هن چير ٻڌي نچڻ سان گڏ راڳ جي ابتدائي تعليم به ورتي. ان وقت سندس استاد فقير غوث بخش مڱڻهار هيو. جنهن هن کي ڳائڻ ٻڌي پنهنجو شاگرد ڪيو. جڏهن هي راڳ جي ان ابتدائي مرحلي مان پاس ٿي نڪتو ته انهي کان پوءِ هن راڳ جي ڪلاسيڪل سکيا پنهنجي پيءُ جيئند خان شيخ ۽ چاچي محمد عالم شيخ کان ورتي جيڪا تقريباً ٥ سال جاري رهي. انهيءَ کان پوءِ هي اڪيلي سر ڳائڻ لڳو.

١٩٧٠ع واري ڏهاڪي جي آخر ۾ جڏهن سنڌي راڳ آڊيو ڪيسيٽن ذريعي متعارف ٿي رهيو هيو ته انهيءَ زماني ۾ لوڪ فنڪار پراڊڪشن لاڙڪاڻي جي طرفان هن جا لڳاتار ٨ آڊيو البم نڪتا جن غلام قادر کي نه رڳو پوري سنڌ ۾ مشهور ڪيو پر انهيءَ دور ۾ هن جي شهرت دبئي ۽ سعودي عرب تائين به پهتي.

غلام قادر شيخ هيل تائين هزارين پروگرامن ۽ ٻين خوشيءَ جي موقعن تي ماڻهن جي دعوت تي وڃي ڳايو آهي ۽ انهيءَ کان علاوه هن تقريباً پوري سنڌ ۾ ڳايو آهي. هن ڪجهه پنهنجا شاگرد به پيدا ڪيا پر انهن مان ڪوبه هن جيان مشهور ڪونه ٿي سگهيو، هن وقت راڳ رنگ سندس شوق به ته، روزگار جو به ذريعو آهي. نئون ديرو ۾ ئي رهائش پذير آهي.

*

## محرم علي ڪنڀر

محرم علي ولد محمد پريل ڪنڀر سال ١٩٥٩ع ۾ نئون ديرو شهر ۾ ڄائو. پرائمري تعليم جا ڪجهه درجا پڙهيل آهي. (محرم علي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪنڀر جو پيءُ فقير محمد پريل ڪنڀر به راڳ رنگ جو وڏو شوقين ۽ ڄاتو هو ۽ صوفي مسلڪ سان واسطو هيس) ڪيس راڳ جو شوق عبدالغني ڀٽيءَ جي صحبت ڪري ٿيو. تقريباً سال ۱۹۸۲ع کان راڳ ڳائيندو پيو اچي. محرم علي يڪتاري چپڙيءَ تي ڳائيندو آهي ۽ رڳو صوفيانه ڪلام ئي ڳائيندو آهي. هن وقت نئون ديرو شهر جي ڪافي پروگرامن ۽ ٻاهرين شهرن ۽ ميلن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. پنهنجو ٻني ٻارو ۽ مزدوري ڪري پيٽ پاليندو آهي..

*



## انور علي ڪنڀر

انور علي ولد محمد پريل ڪنڀر سال ۱۹۶۱ع ۾ نئون ديرو شهر ۾ ڄائو، انور علي، محرم علي جو ننڍو ڀاءُ آهي. هي به پنهنجي ڀاءُ جيان پرائمريءَ جا ڪجھ درجا ئي پڙهيل آهي. راڳ جي شروعات ۱۹۸۴ع کان ڪيائين. شروعاتي دؤر ۾ سندس اصلاح عبدالغني ڀٽيءَ ڪئي. هي به پنهنجي ڀاءُ جيان يڪتاري چپڙي تي ڳائيندو آهي ۽ اڪثر ڪري پنهنجي ڀاءُ سان گڏجي ڳائيندو آهي. اڄ ڏينهن تائين شهر جي ڪافي پروگرامن ۾ ۽ ڪجھ ڀيرا ٻاهر به ڳائي چڪو آهي.

(منٺار سولنگي)

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## نذير عباس ڪنڀر

نذير عباس ولد محمد عالم ڪنڀر ۴ اپريل ۱۹۶۳ع تي ٺٽون ڏيرو شهر ۾ ڄائو. پرائمري کان مئٽرڪ تائين ٺٽون ڏيرو ۾ پڙهيو. انٽر ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو ۽ بي- اي ڊگري ڪاليج رتوديرو مان ڪيائين. هن وقت ٽيليفون کاتي ۾ ملازم آهي. سندس تعلق اهلِ تشيع سان آهي. انهيءَ ڪري ننڍي هوندي کان ئي مجلسن ۾ نوحه خواني وغيره ڪندو هيو. سندس والد مرحوم محمد عالم ڪنڀر به پنهنجي دور جو سٺي آواز جو مالڪ ٿي گذريو آهي. هي نوجوان مريد عباس جو وڏو ڀاءُ آهي. پنهنجي ڀاءُ جي شهادت کان پوءِ هن باقاعده طور تي راڳ طرف توجه ڏني. انهيءَ ۾ سندس مرضي به هئي ۽ مريد عباس جي پرستارن جو بيحد زور به هيو ته، هو موسيقي جي دنيا ۾ اچي. پر پنهنجي سياءُ توڙي زياده مذهبي انسيت جي ڪري پنهنجي فن کي پوري طرح وقت نه ڏيئي سگهيو آهي. هن وقت تائين سندس ٻه البم مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن. سندس آواز ۾ مريد عباس سان ڪافي هڪجهڙائي آهي.

(سراج ڪنڀر)

*



## امداد علي مگريو

امداد علي مگريو اسان جي علائقي جو اهڙو نوجوان آهي، جنهن کي موسيقي جي علم تي تمام گهڻي دسترس حاصل آهي. هن ڪيترين ئي ڪلاسيڪل، نيم ڪلاسيڪل ڌنون ترتيب ڏنيون آهن ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي خانصاحب فنڪارن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هارمونيم تي سنگت ڪئي آهي. پاڻ شوقيه طور تي ڪڏهن ڪڏهن ڳائي به وٺندو آهي. هي نوجوان شهر جي ڪيترن ئي نوجوان راڳين کي سکيا ڏئي ۽ انهن جي پسمنظر ۾ رهي انهن کي اڳتي وڌائيندو رهيو آهي. هن شهر ۾ موسيقي جي ڪلب به قائم ڪئي هئي.

هن راڳ جي بنيادي سکيا ملڪ جي نامور ڳائڪ خانصاحب غلام عباس خان کان ورتي. ڪيس هارمونيم وڄائڻ تي تمام گهڻو عبور آهي.

امداد علي ولد اعتبار علي مگريو جو جنم پهرين فيبروري ١٩٦٥ع تي ٿيو. ١٩٨١ع کان ڳائڻ جي دنيا ۾ آيو. سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. سندس شاگردن جو تعداد لڳ ڀڳ سئو آهي. جيڪي سڄي سنڌ ۾ پکڙيل آهن. سندس چوڻ موجب سندس شاگرد بلوچستان ۽ پنجاب ۾ به رهن ٿا. پاڻ سرڪاري ملازم آهي. هن وقت سکر ۾ راڳ جي سکيا جو ننڍڙو ادارو هلائي رهيو آهي.

(منٺار سولنگي)

*

## پسند علي گوپانگ

پسند علي ولد محمد يعقوب گوپانگ ١٢ مئي ١٩٦٦ع تي ڳوٺ باغ علي گوپانگ لڳ سعدو ديرو (ٺٽون ديرو) ۾ پيدا ٿيو. تعليم سنڌي پنج درجا اٿس. موسيقي جي دنيا سان ١٩٩٢ع کانوٺي وابسته آهي. راڳ جي سکيا امداد علي مگريو کان ورتي اٿائين، هي نوجوان صوفي ۽ جديد ٻئي راڳ ڳائيندو آهي. شهر ۽ اوسي پاسي جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڳائي چڪوآهي. ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تي پڻ پروگرام ڪري چڪو آهي. ڪافي وقت کان ٺٽون ديري ۾ رهائش پذير آهي.

(سراج ڪنڀر)

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شمن ڪوري



شمن جو پورو نالو شمس الدين ولد محمد جمن ڪوري آهي. سال ١٩٦٧ع ۾ ڄمي ٿي ڄائو. پڙهيل ڪونهي. ننڍي هوندي کان ئي ولي محنت مزدوري ڪندو ٿو اچي. هن وقت رازو آهي.

راڳ جو شوق ڪيس ميان ڇٽي جي مڻ خاني تي اچڻ وڃڻ جي ڪري ٿيو. انهي مڻخاني ۾ شهر جا ٻيا مقامي فنڪار ۽ سيڪڙات نوجوان سڄو ڏينهن راڳ ڳائيندا آهن. بس اتان ئي هن جي راڳ ڳائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. راڳ ۾ سندس رهنمائي امداد علي مگريو ڪئي. هن جو آواز مٺو آهي. هر قسم جي گاني يا ڪلام جي ڪاپي جلدي ڪري ويندو آهي.

ڳائڻ سندس پيشو ته نه آهي، پر بهرحال پنهنجي لڳاءَ ۽ دل جي تسڪين لاءِ ڳائڻ جي فن سان لاڳاپيو ٿو اچي.

*

## واجد علي پنو



واجد علي ولد محمد پنجل پنو ٢٣ مئي ١٩٦٩ع تي هن ئي شهر ۾ ڄائو، ٺٽون ڏيري مان مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج رتوديرو مان ڪيائين. بعد ۾ B.A. به ڪئي اٿائين. هن وقت گورنمينٽ گرلس هاير سيڪنڊري اسڪول ٺٽون ديرو ۾ ڪلارڪ آهي.

واجد علي کي راڳ رنگ جو شوق ان وقت پيدا ٿيو، جڏهن هو پنهنجي پاڙي جي پرسان محرم علي ڪٽپر جي مڻخاني تي ويندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شبير سمون کان راڳ جي باقاعده سکيا ورتي ۽ پنهنجي محنت ۽ رياضت سان سنڌ سطح تي نالو ڪمايائين. شروع ۾ هن ڪي پنهنجون ڌنون به تخليق ڪيون.

نه رڳو سنڌ جي ڪيترن ئي ننڍين وڏن شهرن ۾ ڳايائين پر T.V تي ۽ ريڊيو تي به ڪافي پروگرام ڪيائين. ان کان علاوه خاص ڪري محرم جي ڏهاڙن تي، نوحه خوانيءَ لاءِ به ڪيس دعوت ڏئي گهرايو ويندو هو. اهڙيءَ طرح نوحن ۽ قصيدن سميت اٽڪل ويهه البم جاري ٿي چڪا اٿس.

عبدالغني پنيءَ جي هتان هلئي وڃڻ کان پوءِ هن شاهه ولايت سنگيت ڪلب کي ساڳئي نالي سان برقرار رکيو. ان کان علاوه شهر ۾ وڏي پيماني تي موسيقيءَ جون ڪجهه يادگار محفلون به منعقد ڪرايون. هن ڪيترن ئي نوجوانن کي سکيا ڏيڻ شروع ڪئي هئي، جيڪي سندس وفات کان پوءِ سندس ورثي کي سنڀاليون پيا اچن.

٢٧ مارچ ١٩٩٩ع تي هن نوجوان سريلي فنڪار جي ڪُهلي ۽ دردناڪ قتل ٿيڻ جو جيءُ جهوري وڌو. سندس جنازي توڙي سندس قتل خلاف احتجاجي جلوس ۾ شهرين ۽ خاص ڪري نوجوانن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن لاءِ ايترا ته ماٺهو روڏن تي نڪري آيا جو پُني صاحب کي چِڏي ڪري شايد ئي هن شهر ۾ اڳي ڪنهن لاءِ نڪتا هجن. سندس قتل جي واقعي کي اخبارن پنهنجي پهرئين صفحي تي نمايان جاءِ ڏني ۽ واقعي جي مذمت ڪندي ڪيترائي مضمون/ ڪالم توڙي ايڊيٽوريل به شايع ڪيا ۽ ڪيترن ڳائڻن ته پنهنجي ڪيسٽن ۾ سندس ياد ۾ ڪلام پڻ ڳايا. سندس استاد غلام شبير سمون جي هڪ پوري ڪيسٽ سندس ڏک ۽ سندس ياد ۾ جاري ٿيل آهي.

(عبيد ڪنڀر)

*

## غلام علي سمون

غلام علي ولد محرم علي سمون ٢٦ نومبر ١٩٧٤ع تي ننون ديري ۾ پيدا ٿيو. سندس تعليم انٽرميڊيٽ آهي، جيڪا هن پنهنجي شهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺٽون ديرو مان ئي ورتي. ڳائڻ ڏانهن لاڙو ننڍپڻ کان ئي هيس. اهلِ تشيع سان تعلق هجڻ ڪري مختلف مجلسن ۾ قصيده ۽ نوحه خوانيءَ سان پنهنجي فني زندگي جي شروعات ڪيائين. فن موسيقي ۾ مشهور فنڪار غلام شبير سمون کان متاثر ٿي آيو. راڳ جي باقاعده شروعاتِ ١٩٩٠ع کان ڪيائين. سندس ڳائڻ جي تربيت مشهور راڳين غلام شبير سمون ۽ مريد عباس ڪئي. هي نوجوان سريلو فنڪار آهي ۽ پنهنجي فن کي سنو وقت ڏئي ٿو. سندس ٻه البم مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن. شهر ۽ پرپاسي کان علاوه سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ راڳ ڳائي پاڻ مڃائي چڪو آهي. سندس آواز ۾ مريد عباس ۽ غلام شبير سمون جو گڏيل رنگ ملي ٿو.

*

## عبداللطيف قاضي



عبداللطيف ولد انور علي قاضي جو ڪيسٽ جي دنيا ۾ نالو لطيف عباس آهي. سندس جنم ٨ ڊسمبر ١٩٧٧ع تي قاضي محلہ ٺٽون ديرو ۾ ٿيو. مئٽرڪ ۽ انٽر تائين تعليم ٺٽون ديري مان ئي ورتائين. هن وقت ٽيليفون کاتي ۾ ملازم آهي. ڳائڻ جي شروعات ١٩٩٠ع کان ڪيائين. راڳ جي سکيا مشهور فنڪارن غلام شبير سمون ۽ مريد عباس کان ورتائين. هن وقت تائين سوين محفلن ۾ ڳائي چڪو آهي. ڪيترن ئي بزرگن جي درگاهُن تي ڳايو اٿائين. ان کان علاوه ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻو، ريڊيو پاڪستان خيرپور ۽ ٽي- وي تي پڻ ڪافي دفعا پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. ڪيسٽ جي دنيا ۾ ٻه پاڻ مڃرايو اٿائين.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## منور علي ابڙو

منور علي والد انور علي ابڙو ١٩٧٧ع ۾ نئون ديري ۾ جنم ورتو. باقاعده طور ڳائڻ جي شروعات ١٩٨٧ع ۾ ڪيائين. طبيعتاً صوفي منش ماڻهو آهي ۽ رڳو صوفياڻو ڪلام ڳائيندو آهي. سندس استاد فقير عبدالڪريم بروهي لاڙڪاڻوي آهي. صوفي ڪلامن تي مشتمل سندس هڪ البم مارڪيٽ ۾ اچي چڪو آهي ۽ ٻيو تياريءَ هيٺ آهي. سندس انٽرويو مختلف اخبارن ۾ ڇپجي چڪا آهن ۽ ٽي- وي تي به ڪجهه پروگرام ڪري چڪو آهي. هي، پنهنجي فن سان ۽ صوفي طريقي سان عشق جي حد تائين لڳاءُ رکي ٿو، جنهن ڪري ڀرپور محنت ڪري ٿو.

هونءَ ته بروهڪي، بلوچي، انگريزي ۽ عربي ۾ به ڳائي چڪو آهي، پر عبور سان سنڌي، سرائيڪي، اردو، فارسي ۽ هنديءَ ۾ ڳائيندو آهي. جن وڏن بزرگن جي شاعري ڳائي چڪو آهي، انهن ۾ سائين رکيل شاهه، سائين چيزل شاهه، يناڻي گهوٽ، سچل سائين، بلي شاهه، بيدل فقير، بو علي قلندر، قلندر شهباز، اچي وڃن ٿا، پر سچل سائين کي سڀ کان وڌيڪ ڳايو اٿائين. فقير منور پاڻ اڻ پڙهيل آهي، پر هتي ذڪر ڪيل سڀني شاعرن جي شاعري پنهنجي لکيل پڙهيل دوستن کان پڙهائي پڪي ڪري ۽ پوءِ ڳائيندو آهي. هر ٻوليءَ جي شعر جو ترجمو پڻ ياد رکندو آهي. سندس حافظو تمام تيز آهي ۽ سڀني شاعرن جا شعر برزبان ياد اٿس. هن دوست جي ذهانت ۽ قابليت کي ڏسي ڪيس داد ڏيڻ کان رهي نه ٿو سگهجي.

ملڪ جي ٽن صوبن سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي گهڻن ئي شهرن ۾ فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. ان کان علاوه ڪيترن ئي وڏن وڏن بزرگن جي سالياني ميلي ۾ ڳائيندو رهندو آهي.

(سراج ڪنڀر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## صدرالدين راشدي

صدر الدين راشدي نئين نسل جو نوجوان راڳي آهي، هن کي راڳ جو شوق ورثي ۾ مليو آهي. سندس والد صاحب جيتوٽيڪ باقاعده طور تي پروفيشنل فنڪار نہ آهي، پر پوءِ بہ سندس راڳ ۽ سازن سان بي انتها عشق رهيو آهي. هو ڏاڍي سريلي انداز ۾ الغوزو وڄائيندو آهي. جنهن کي ڏسي صدرالدين بہ راڳ طرف مائل ٿيو. هو اڃا راڳ جا ابتدائي مرحلا طئي ڪري رهيو آهي. سندس استاد پسند علي گوپانگ سٺو مقامي فنڪار آهي. جنهن کان هو راڳ جي تربيت وٺي رهيو آهي. صدرالدين هن وقت تائين شهر ۾ ۽ شهر کان ٻاهر ڪيترن ئي پروگرامن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. سندس آواز بہ ڪافي سٺو آهي. اميد آهي تہ اڳتي هلي راڳ جي دنيا جو سٺو نالو ٿي اڀرندو.

(منٺار سولنگي)

*

اهڙي طرح هن شهر ۽ انجي پسگردائيءَ ۾ راڳ جو هڪ ثقافتي تسلسل ٿو ملي. هن وقت ڪيترائي فنڪار ۽ سازنده هن شهر ۽ انجي پسگردائي ۾ آهن، جيڪي راڳ ۽ ساز جا ڏيئا جلايون وينا آهن. هاڻي راڳ ۾ جيتوٽيڪ اڳي وارو اهو رس ۽ چس تہ نہ رهيو آهي، پر پوءِ بہ هڪ تسلسل ضرور آهي.

هن ڪلاڪارن جي سلسلي ۾ اگر ڪنهن ڪلاڪار جو نالو رهجي ويو آهي تہ ان کي اسانجي خيانت نہ سمجهندا.

(ادارو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



عبداللطيف سولنگي هن شهر جو خوبصورت نوجوان هو، جنهنکي نوجوانيءَ ۾ ئي قتل ڪيو ويو هو. هو ذهين انسان، سُٺو شاعر ۽ سٺو آرٽسٽ هو. سندس اوچتي وڇوڙي سندس خاندان سان گڏ، پوري شهر جي ماحول کي به سوڳوار بڻائي ڇڏيو هو.



غلام قادر شيخ



محبوب علي سولنگي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪردار

شهر جي محبتن ۽ پيارَ ۾ اضافي جو ڪارڻ هتان جي ڪردارن جو به رهيو آهي، جن جي مالي حيثيت سان اهميت نه هجڻ جي باوجود سماجي طرح هو تمام گهڻو اهميت رکندڙ هُئا ۽ آهن، سندن مخصوص حيثيت ۽ هيئيت ڪين امر ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن به شهر جي تاريخ جو ذڪر ٿيندو ته انهن مخصوص ڪردارن ڪي وساري ڪين سگهبو (ادارو)

ليکڪ:

پير علي محمد راشدي

قمرالدين قاضي

حسين بخش ناريجو

پروفيسر نذير احمد سومرو

عبيد ڪٽپر

عبداللطيف ڪرٽيو

ظهيرالدين 'خادم' شاهاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ياد ڪونہ هوندس، بس عطري ڪوريءَ جي نالي سان شهر ۾ مشهور هيو. ڏينهن جي ١۴ ڪلاڪن مان گهڻو وقت سندس ڏڪڻ فقير جي مڪان تي گذرندو هيو. وقت بوقت پيو ڪلام جهونگاريندو وتندو. نہ ڪنهن کي ڏي نہ ڏکوئي مصداق صرف پنهنجي ڪم سان ڪم، پر ڪم بہ ڪوئي ڪو نہ. چرس جو سوٽو سندس سڀ ڪجھ هيو. مواليءَ جو پورو سمبل سندس شخصيت ۾ سمايل هيو. همراهہ هڪ دفعي چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ ڏڪڻ فقير جي مڪان جي اڳڻ تي اونهاري ۾ کٽ تي چرس جو سوٽو هڻيو گهور ننڊ ۾ پيو هيو تہ ڪن شرارتي دوستن سندس کٽ کي ڪلهو ڏنو ۽ کڻي ڪجھ ڪلو ميٽر پري دادو ڪئنال تي ڇڏي آيا پر همراهہ کي جاڳ ڪونہ ٿي. صبح جو اٿي تہ نہ ڏڪڻ فقير جو مڪان هجي ۽ نہ ئي شهر جا آواز هجن، نا معلوم ماٿهن تي گار جي ڳهي پئي پئي ۽ پو پاڻ کٽ کي مٿو ڏئي اچي شهر پرو ٿيو ۽ اهو راز اڄ تائين معلوم ٿي نہ سگهيو تہ ميان عطريءَ کي دادو ڪئنال جي پر تائين ڪهڙن فرشتن پهچايو هيو، البت اُهي دوست اڄ بہ اها ڳالھ ياد ڪري پيا محظوظ ٿيندا آهن.

٭

## مائي صدوري:

کهڙن ۽ مهرن جي پاڙي ۾ رهندڙ سيءَ عورت نالي جي تہ مائي صدوري هئي، پر هُليو مردن وارو هيس. ڪيترا دفعا گوڏ ۽ وڏي پٽڪي سان گهٽين ۾ گهمندي نظر ايندي هئي. سٽ جي ڍاڪي ۾ ڪرڙوڊ عمر ۾ نظر آئي. عمر جو پويون حصو هوس. شهر جا ماٺهو چوندا آهن تہ پنهنجي جوانيءَ ۾ هن مائيءَ مردن وارا ڏاڍ مڙسيءَ جا ڪم پڻ ڪيا ۽ راتين جو اٿي ڪجھ سر ڦرين سان گڏجي ڪيئي چوريءَ واريون وارداتون پڻ ڪيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## کانل دائي:

شهر سڄي جي دائي امان، مرحوم رسول بخش دائي جي گهرواري هئي. قد هلڪو، ڪڻڪ رنگو چهرو، شهر جي خوشين جي نشاني، نئين نسل جي نوجوانن مان پنجانوي ماٺهو سيڪڙو سندس ڄڻايل آهن. خوشين ۽ مسرتن جو هر رنگ سندس شخصيت ۾ رچيل هيو. ٻار ڄڻائي سهرو شروع ڪندي، خوبصورت آواز جلترنگ وڄائي ڇڏيندو. ڇٺي هجي يا شادي، طوهر هجن يا سالگره، مائي کانل کانسواءِ مڪمل ڪونه هوندي. عورتن جي محفلن ۾ ڪافي ڳائڻ جو سندس مخصوص انداز هوندو هيو. چند سال اڳ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي آهي ۽ سندس جڳهه اجان تائين پرجي ڪونه سگهي آهي.

*

## ٽلي پنجابي:

نالو جيڪوبه هوس، پر ٽلي پنجابي سندس شناختي نالو هيو. هيوته هندستانيءَ پر الائي ڇو ٽلي پنجابيءَ جي نالي سان مشهور هيو ٻت جو ٿلهو، وڏو ٿالهه جيڏو پيٽ، گنجو ته ڪونه هيو پر وار به خال خال هيس ۽ اڪثر ئورهو رهڻ پسند ڪندو هيو وڏو بافتي يا هرڪ جو چولو ۽ پنجابي اسٽائيل گوڏ سندس مخصوص لباس هيو. هليئي ۽ ڏسڻ جو ته ائين هيو پر مزاج عاشقانا هوس. شايد پنهنجي انهيءَ مزاج جي ڪري ئي شهر ۾ پهريون فينسي اسٽائل جو هوٽل کوليو هيائين. جيڪو پاڪستان چوڪ جو بارونق هوٽل هيو. اها ڳالهه ١٩٦٠ع جي ڏهاڪي جي آهي. ٻن دڪانن کي يڪي ڊاهي هڪ وڏو ريسٽارنٽ ٽائيپ هال ٺهرايو هيائين، جنهن ۾ ان وقت جي حساب سان فينسي فرنيچر پيل هوندو هيو. هال جي ڪنڊن سان ڪاٺيءَ جي پارٽيشن سان پردا هڻائي ننڍا ڪمرا ٺهرايا هيائين ۽ انهن ۾ هلڪي روشنيءَ وارا بلب لڳل هوندا هيا. جتي ڌيمي انداز ۾ عشقيه نغما ۽ پيارو واري موسيقي هلندي هئي. هوٽل ۾ اڪثر شوقين مزاج جا ماڻهو پنهنجن خوبصورت ڇوڪرن سان ڪنهن ڪنڊ پاسي پردي جي اوٽ سُس پُس ڪندي نظرايندا هيا، ۽ ميان ٽلي ڪائونٽر جي پويان ويهي اهي چسڪا به وٺندو هيو ۽ روزگار به ڪندو هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪول جا ڇوڪرا جڏهن به ڪاوڙيا هيا ته جلوس جو نشانو ٽُلي جو هوٽل هوندو هين ۽ هوٽل جي برنين مان سندس بسڪيٽ ڪٽي برنيون ڀڃي حڪومت تي پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪندا هيا ۽ ميان ٽُلي اهي سڀ ڳالهيون برداشت ڪندي، وري وجي نيون برنيون وٺي ايندو هيو ۽ اهڙيءَ طرح سندس سلسلو روان دوران هوندو هيو.

*



## جڳو سونارو:

جڳو مل، مذهب ته هندو هيس پر لڳندو پڪو مسلمان هيو شاهي طور طريقي سان رهڻ، ميلا ملاکڙا ڪرائڻ، پيرن جي مقبرن کي آباد ڪرائڻ سندس مشغلا هيا. شهر جو مشهور سونارو هيو سندس سونارڪو دڪان شهر ۾ اوائلي دڪانن مان هڪ آهي. پڙهيل لکيل به پورو سارو پر ڏيک وڏن سيٺين وارو هيس. سيٺ به ڪڙڪيدار بوسڪيءَ جي قميض، اڇي هرڪ جي سلوار سندس مخصوص لباس هيو ڪنهن زماني ۾ سونا سڳڙا ۽ سونيون منڊيون پائڻ سندس عام عادت هئي. اڳين وقت ۾ سٺو بگي گهوڙو رکڻ جو شوق هيس ۽ آخري عمر ۾ ١٩٧٤ع جي ڪرولا ۾ ڊرائيور سوڌو گهمندو هيو. مدنجي روڊ تي سندس تي چانورن ڇڙڻ جو ڪارخانو اڄ به موجود آهي.

(سندس وصيت مطابق سندس مڙهه ساڙڻ بدران ڪيس پنجو ديري ۾ لطيف شاهه جي قبرستان ۾ دفنايو ويو).

*

## حاجي بهار:

حاجي بهار اصل لاڙڪاڻي جو هو. مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي بنگلي "المرتضيٰ" جو مالهي، يوٿ ڪلب جي ڊرامن جو مشهور ڪاميڊين هيو. ڪوبه ڊرامو حاجي بهار کانسواءِ اڌورو هوندو هيو. پورو پُنو، منهن مسخرن جهڙو، پوريون ساريون مڇون، اسٽيج تي انٽريءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ٿهڪار پئجي ويندا، سنڌس انٽري ۽ ڊائلاگ جو هر لفظ ٻڌندڙن کي پيو کلائيندو هيو. اڄ نه يوٿ ڪلب آهي، نه ئي اُهي ڊراما، نه حاجي بهار ۽ نه ئي اُهي خوشيون ۽ کل پيدا ڪندڙ ماحول. شال اهڙا ڏينهن واپس ورن.

*



**شهبازي:**

شهبازي موچي، اصلي ڳوٺ ڦلپوٽا، ڏنڊو بوٽن ٺاهڻ جو هوس. پاڻ ته شايد ڦينچي ۽ سوئو هٿ ۾ کنيون ئي ڪونه هونداڻين البت دڪان بوٽن ٺاهڻ جو هوس، جتي سنڌس چوڪرا وينا ڪم ڪندي نظرايندا هيا. ٻت جو پريل، قد هلڪو، مٿي تي مولهي ٽائيپ اڇو پٽڪو، پهرياڻ ۽ ڳوڏ سنڌس مخصوص لباس هوندهو هيو. حوالن جو نڙاڪي، نماز به پڙهندو هيو پر جيڪو وقت مليس، پر مذهبي جلسا ڪرائڻ سنڌس خاص مشغلو هو ۽ جلسا به اُهي جن ۾ بحث مباحثو هجي، مسلڪ بريلويءَ جا مناظري وارا عالم گهرائي ڏهين محرم يا چهلم جي ڏينهن عيدگاهه ۾ جلسو ڪرائي، شيعا مسلڪ جي مخالفت ۾ تقريرون ڪرائڻ سنڌس خاص مشغلو هيو. گهڻي ڪري مرحوم مولوي دوست محمد قاضي خانواهي ۽ مُولوي داد محمد سنڌس پسنديده عالم هيا. جلسي کان پوءِ جلسي جي تقريرن جو ذڪر ڇهه مهينا پيو هلندو بازار هجي يا ڪو دڪان، گهٽي هجي يا گهر شهبازي پيو وڏي واڪي گذريل تقرير جا اختلافي حوالا ڏيندو. مرحوم خدن ويراڳي سنڌس خاص مذهبي مخالفن مان هيو، چوته هوبه ساڳي قسم جا جلسا اهل تشيع جي طرفان پيو ڪرائيندو هيو، جنهن ۾ سنڌ ۽ پنجاب جا وڏا عالم ۽ ذاڪر پيا ايندا هيا، هونئن ته ٻئي مرحوم پاڻ ۾ يار به گهاٽا هيا. پر مذهبي مخالف جلسا ڪرائي حظ حاصل ڪرڻ سنڌن پسنديده ڪم هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏاءُ نہ ٿيندو. هن عظيم عورت جو تعلق ڪابل جي پٺاڻ خاندان سان هو. پر هن ڪڏهن بہ شهر جي ماڻهن کي اهو محسو س ڪرڻ نہ ڏنو تہ هوءَ ڪا هن شهر جي ماڻهن کان مختلف آهي. سندس ولادت مڪي شريف ۾ ٿي. سندس ولادت جوبہ هڪ دلچسپ ۽ خوبصورت پسمنظر آهي. سندس والده کي ڪابہ اولاد نہ بچندي هئي، تنهن ڪري جيئن ئي هن جي ولادت ٿي تہ سندس دائيءَ کيس ڪعبي شريف ۾ سمهاري آئي. هن جي والده جو نالو غلام فاطمہ هو، جيڪا پڻ هن شهر جي نيڪ سيرت عورت هئي ۽ هن چوڏهن حج ڪيا هيا. هن جو والد سعودي عرب ۾ ئي ڪنهن معرڪي ۾ جهاد ڪندي شهيد ٿي ويو هو. جنهن کان پوءِ هي خاندان مستقل طور تي ڪراچيءَ منتقل ٿيو. سورنهن سالن جي عمر ۾ انور ماءُ (خديجه بيگم) جي شادي هڪ سنڌي خاندان ۾ ٿي ۽ پوءِ مستقل طور تي هتي ئي رهائش اختيار ڪيائون. سورنهن سالن جي هن ڇوڪريءَ جي شادي کان پوءِ سنڌي سماج جي سيني روايتي ۽ ثقافتي قدرن کي پاڻ ۾ سموهي ڇڏيو.

غريبن جي هڏ ڏوکي، حد درجي جي مهمان نواز، خوش مزاج، خوش گفتار ۽ عوام جي خدمت گذار هئي. ڪيترائي زندگي جي درد جا ستايل ۽ بي گهر ماڻهو سندس درتي پناهہ وٺندا هئا. جن جي هوءَ ڀرپور مدد ڪندي هئي. اڪثر ڪري لاعلاج مريض عورتون (جن کي ڊاڪٽر جواب ڏئي ڇڏيندا هئا) وٽس اچي ٽڪنديون هيون. انهن ۾ ڪجهہ اهڙيون بہ عورتون هونديون هيون جن کي ڏسي ڪراهت ايندي هئي. ڇاڪاڻ تہ انهن جي جسم تي ڦٽ ڦرڙيون هونديون هيون. پر هيءَ ٺٽون ديري جي مدرٽريسا انهن جي گندگيءَ ۾ ائين هٿ وجهندي هئي ڄڻ گلاب جي گلن کي ڇهي رهي هجي.

اکين جي بيماري ۽ سرجريءَ جي ماهر هئي ۽ پنهنجي وڏي پٽ عبدالحميد ڀٽو (جيڪو ٺٽون ديري شهر جو پهريون MBBS ڊاڪٽر هو) جا سرجريءَ جا اوزار استعمال ڪندي هئي. ٻارن جي بيمارين جي پڻ ماهر هئي. ٽُڪ جون رليون بہ بي انتها خوبصورت ناهيندي هئي. هوءَ هر فن مولا هئي. سندس وفات ١٩٩٥ع ۾ ٿي.

(حسين بخش ناريجو)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



**وڏيرو جيئو ٻرڙو:**

وچولي قد کان ٿورو مٿيرو، ٥ والن وارو پٽڪو. ڍگهو سواءِ ڪالر جي پهراڻ، ۽ هيٺ تي ور وڪڙن سان سلوار. سنڌي اوائلي جُتي ۽ ٻوچڻ ڪلهي تي، هي هو وڏيرو جئيو ٻرڙو، جيڪو خانبهادر احمد خان پيٽي جي بنگلي تي، سواءِ ڪنهن ناغي جي ڪچهري ڪرڻ لاءِ روزانو ڳوٺان گهوڙيءَ تي چڙهي ايندو هو سندس ٣ يا ٤ سؤ جريب زمين هئي، جيڪا درياهُ پائي ويو، پر هي پوءِ به ڪنهن نه سواريءَ تي نئون ديرو ايندو هو، آنڌي هجي يا طوفان هجي، گرمي هجي يا سردي، پر وڏيرو جيئو نئون ديرو، ضروري ايندو هيو. نئون ديرو اچڻ ڪانپوءِ اول صبح جو ڏهين وڳي واري ٽرين جو انتظار ڪندو، ڇاڪاڻ ته ان ۾ اخبارون ايندڙيون هيون، ان زماني ۾ سنڌي ۾ فقط ٣ اخبارون "عبرت"، "مهراڻ" ۽ "نواءِ سنڌ" نڪرنديون هيون. جيئو "عبرت" اخبار وٺندو هو، جنهن ته پاڻ صفا اڻپڙهيل هو، ان ڪري هو اخبار کي ويڙهي سيڙهي، پهراڻ جي پاسي واري کيسي ۾ وجهندو هو... ۽ پوءِ پير ڳوٺ واري حڪيم، حاجي محمد بخش قاضي مرحوم (جنهن جو مطب خانو گُتي جي چوڪ تي هو) جي مطب خاني تي پهچي، اتي ويٺل مريضن مان ڪنهن به پڙهيل لکيل کي اخبار ڏئي چوندو هيس ته اخبار پڙهي ٻڌاءِ پر اهو اول ٻڌاءِ ته صاحب ذوالفقار (وڏيرو جئيو ڀٽي صاحب کي هميشه صاحب چئي پوءِ سندس نالو ڪٺندو هو) جو ڪو بيان به اٿس، جي اٿس ته پهريائين اهو پڙهي ٻڌاءِ...! ان زماني ۾ ڀٽو صاحب پاڪستان جو "وزير خارجه" هيو. پر جي ڀٽي صاحب جو اتفاق سان ڪو فوٽو يا بيان ڪونه هوندو هو ته چوندو هو ته "مڙئي اخبار وارن بيان نه لکيو (ڇاپيو) هوندو، نه ته خارج وزير (هو خارجه کي خارج چوندو هو) ۽ بيان ڪونه....!!"

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ فوراً بعد، لاڙڪاڻي ضلعي جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ کي خبر ناهي ته ڇو بوئو سڏرائيندا هئا. انهن بوئن مان هڪڙو ڪردار "ماڪوڙي بوئي جو به آهي" جيڪو ڪم مهوسين ۽ سنياسين جو آهي اهو ڪم هي ڪندو هو. ۽ پاڻ کي جراح حڪيم سَمجهندو هو ۽ سدا پاڻ سان گڏ گشتي دواخانو ساڻ هوندو هئس، هر ميلي ملاڪڙي يا بس اسٽينڊ ۽ ريلوي اسٽيشن وٽ ماڻهن جي گذرگاهه وٽ پنهنجو گشتي دواخانو کولي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪري دوائون کپائيندو هو چون ٿا ته "حڪيم پورل شاهه پير ڳوٺ واري حڪيم جو بڌايل پاري مارڻ وارو نسخو، ماڪوڙي بوئي وٽ هيو، جنهن ڪري سندس دوائون نيڪال ٿينديون هيون. تڪ بند مزاحيه شاعر به هو. پنهنجي ڳوٺ جي سونارن بابت هڪڙو هن جو نظم به لکيل آهي ان نظم جو هڪ بند هن ريت آهي.

"نئين شهر ۾ نور چٽو ٿيو ڪاڏئين ڪل سونارا،
تاجوءَ کي ڏسي هٽ کوندا، پيجو سپ هاٽي يڪتارا

ڪيس هڪ پٽ الله بخش نالي هيو جيڪو ڪنهن اسڪولي استاد جي مار کانپوءِ صفا گهل ٻوڙو ٿي پيو هو، ۽ پٽ جي ان صدمي جي ڪري ماڪوڙو بوئو به ڏينهن به ڏينهن جهرندو ويو. ماڪوڙو ١٩٧٠ع ۾ نئين شهر ۾ گذاري ويو. سندس اولاد خيرپور ميرس ضلعي جي مشهور شهر پريالوءِ (پرين جي لوءِ) ۾ حجامڪو، ڪم ڪري زندگي گذاري ٿو.

*

## منڊم عيسائڻ

نئون ديرو شهر جي پراڻن واسين کي به هن عورت جي نالي جي پوري ڄاڻ ڪانهي، پر جي ڪاٿن پڇبو ته "ڏيو خبر توهان منڊم ڏٺي...؟ ته يڪدم چوندا ته " هوءَ ڊاڪٽرياڻي....!!

سندس پورو نالو ته الائي ڇا هيو مگر، پاڻ کي ايچ- وي حَسن سڏرائيندي ۽ لکندي هئي... هئي ته الائجي ڪٿان جي؟ مگر نئون ديري جو آئي ته نئون ديري جي ٿي وئي، اصل ۾ نرس جو ڪورس پاس ٿيل هيس، ۽ عيسائي مذهب سان تعلق رکندڙ هئي، پر نئون ديرو ۾ واحد بخش ڀٽو ميٽرنٽي هوم (ويم گهر) جي انچارج ۽ ضلع ڪائونسل



HISTORICAL NAUDERO SOCIETY

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لباس وارو آهي. سندس عجيب انداز هو!
مامو آچر پڙهيل صفا ڪونه هو پر ڳالهين جو ڳهير ۽ زبان زبردست هوندي هيس. ڳالهائڻ ويهندو هو ته ائين لڳندو هو جڻ ڪو وڏو عالم ۽ ڏاهو ماڻهو هجي. ڪچهرين جي هن ڪوڏيي ۽ محفل جي مور کي تقريباً سڄو ئي شهر مامو چوندو هو. مامي آچر کي وڏي عمر نصيب ڪونه ٿي. سٺ سالن جي عمر ۾ هي جوانو شخص وفات ڪري ويو. اڄ به ڳهاڙ پرجون اهي اوطاقون خاموشي جي زبان ۾ سندس ڪچهرين جا قصا ٻڌائي رهيون آهن.

*

## مينهون خان ماڇي



جڏهن به شهر جي خاص ڪردارن جو ذڪر ٿيندو، تڏهن مينهون خان جو نالو به اچي اڳيان بيهندو. قداور جوان، ڀرپور صحتمند جسم جو مالڪ، منهن موڪرو ۽ ان تي ٿلهندڙ مُڇون، جڏهن سلوار قميص پائي مٿي تي جناح ڪيپ پائيندو تڏهن نوابن جهڙي ڏک ڏيندو ۽ جڏهن وري انهيءَ لباس سان هٿ ۾ لڪڻ به کڻندو ته ڪيس ماڻهو پوليس جو آفيسر سمجهندا، وري جڏهن ڀهراڻ ۽ ان هيٺان مخصوص گوڏ (جيڪا هو خاص طور تي اچي هرڪ جي ڪپڙي مان ٺهرائيندو هو) پائيندو ۽ وري پوءِ سرائڪي يا پنجابي ڳالهائيندو ته ڪنهن کي محسوس ئي نه ٿيندو ته ڪو هي سنڌي آهي. هونءَ ته صفا غريب هو پر تڏي ۽ دل جو ڪشادو هو. شايد ئي ڪو اهڙو ڏينهن هجي جنهن ڏينهن ڪنهن ماڻهوءَ کي چانهه يا ماني نه ڪارائي هوندائين. سندس هوٽل جيڪو صرف نالي ۾ هوٽل هو ۽ سندس ڪچهري جو مرڪز هوندو هو. شل نه ڪو واقفڪار مُنهن تي چڙهيس ڪيس زوريءَ سڏي اچي ڪچهريون ڪندو ۽ سندس خاطر تواضع ڪندو. سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان جا سڀ ميلا گهمي ڏٺا هئائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳائيندا کھڻ واري مسجد وٽ آخوند ايوڙو جو سلام ڪري وري واپس پنھنجي ماڳ مڪان تي ايندا ھئا. لڪ مزا ھوندا ھئا. عيدن جي ھر موقعي تي وڏيون خوشيون ٿينديون ھيون مرحوم سومر سوائي مري چا ويو ويچارو اھي خوشيون ئي پاڻ سان کڻي ويو. ڏکڻ فقير جي مڪان ۾ ھر وقت رونق ھوندي ھئي شھر جا ماڻھو واندڪائي ۾ اچي مڪان ۾ کنا ٽيندا ھئا ڪي تاس راند کيڏن تہ ڪي لوڏيو تہ ڪي راڳ ڳائن. راڳ جي محفل خاص ڪري مرحوم علي شير ڪنڀر مچائيندو ھو. واہ جو مرحوم جو آواز ھو. سندس ھڪ ڪافي جو ٽلہ اڄ بہ ذھن تي نقش ٿيل آھي وڏي آلاپ سان چوندو ھو، "آيا ڪين مارون وساريون وطن کي" عجيب ڏينھن ھئا يار وري پنھنجي راندين ۾ مشغول ھوندا ھئا، ڪي لغڙا اڏائن تہ ڪي ونجھ وٽي تہ ڪي ڏٽي ڏکر کيڏن، مڪان ۾ وڏا وڏا وڻ، نمن ۽ گدامڙيءَ جا ھوندا ھيا. ھڪ وڏو ٻڙ جو وڻ جنھن جي پرسان کوھ بہ ھوندو ھو، وڻن ۾ قسمين قسمين پکي اچي گڏ ٿيندا ھئا. مٺيون مٺيون لاتيون لوندا ھئا.

*

## گجو مگڻھار:

گجو مگڻھار منگتو فقير ھو. ھر وھانءُ شاديءَ ۾ نمايان نظر ايندو ھو. سندس ھڪ خاص ڳالھ اھا ھوندي ھئي تہ بھار جي موسم ۾ جڏھن سرنھن جو ڦولھار ٿيندو آھي ان موسم ۾ صبح ويل ساجھري سرنھ جا گل گھرن جي درن تي کڻي ايندو ھو ۽ اسر ويل رت بسنت جي راڳڻي شھنائي ۾ ڳائي ھر در تي گلن جي مٺ ڏئي موسمِ بھار جي خوشين جو پيغام پھچائيندو ھو ۽ ماڻھو جيڪو ڪجھ سري سگھندا ھئا، اھو کيس ڏيندا ھئا. گجو فقير جي مري وڃڻ کانپوءِ رت بسنت جي رسم بہ موڪلائي وئي.

*

## رسول بخش دايو:

رسول بخش دايو فقير شھر جو ھڪ عزت ماب، خوش طبع، مزاحيہ ماڻھو ھو. چوپائي مال جو وڏو ڏاھو ھو شھرمِ ڪنھن جي مينھن، ڍڳي وغيرہ بيمار ٿيندي ھئي تہ اھو ڍڪي اچي رسول بخش دايي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ٻه ڪاهي پوندو ۽ پوءِ جڏهن ڇڏ ڇڏاءَ ۾ ٻه چار چنبا لڳي ويندا ته انهيءَ کي قومي فرض سمجهي در گذر ڪري ڇڏيندو. بهرحال جمعو هڪ وڏو ڪردار هيو هن جون کهڙيون ڳالهايون ڪري کهڙيون ڳالهيون ڪجن. جمعو پنهنجي من موجي طبعيت جي ڪري ڪڏهن اوچتو راڳين، ناچن جي ٽوليءَ سان نڪري هليو ويندو هو. پنهنجي پڇاڙڪي عمر ۾ ٻه اوچتو گهران نڪري ويو ۽ تقريبن هڪ سال کن ڪان گم آهي.

*

### ڪمال شيخ:

ڪمال جهڙو نالو هوس اهڙو ئي ڪمال هو. هر فن مولا هو. جيڪو ڪجھ ڪمائيندو هو سوکائيندو هو. لٽي ڪپڙي جو شوقين ڪڏهن ڪڏهن پوشاڪ اهڙي پهريندو هو جڻ ڪو پير آهي. وڏو اوور ڪوٽ جنهن جي ڪناري تي پرت جو ڪم ٿيل هوندو هو شايد ڪنهن راشدي پير جو تحفو مليل هيس. اکين تي ڪاري عينڪ، هٿ ۾ لڪڻ سوبه شاندار قسم جو، آواز ڪڙڪيدار ڪير سمجهي، ته ڪمال، شيخ آ. ڪيترائي ماڻهو پلجي ڪيس پيرين پوندا هئا. ڪمال ننڍپڻ ۾ پير علي محمد راشدي سان گڏ رانديون ڪيڏيون هيون. ڪمال هڪ ذهين ماڻهو هو. ڪڏهن ڪاتيون ڪپائيندو هو، ته ڪڏهن نيلامي پڙيون ته ڪڏهن منجيون. ڪمال جو هو ڪو ڏيڻ نهايت من موهيندڙ هوندو هو. "اچي ويو مائي ڪمال اچي ويو" اڄ نه وڻندو ته ڪڏهن وڻندو" اهڙو ولائتي مال وري نه ملندو." "اچي ويو مائي ڪمال اچي ويو" "هاٿي وچي ٿو ڪمال مائي" اهڙي ريت لڪ مزا هوندا هئا ڪمال جا. پاڻ ويچارو گذاري ويو، مزا ۽ محبتون ڪنيون ويو.

(ظهير الدين 'خادم' شاهاڻي)

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ادارا ۽ اوسر

## تعليمي ادارا

ليکڪ

ڊاڪٽر غلام علي سولنگي

سراج ڪٽپر

*

## صحت جا مرڪز

ليکڪ

سراج ڪٽپر

*

## صنعتي ادارا

ليکڪ

مختار گهمرو

سراج ڪٽپر

*

## سماجي ادارا

ليکڪ

سراج ڪٽپر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



شهيد ڀٽي پاران مقرر ڪيل سيد شمن شاهه، لاڙڪاڻو شگر مل جي
سائيٽ ڏسڻ لاءِ آيل چيني ماهرن جي وفد سان شهيد ڀٽي جي بنگلي تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



قاري عبدالحميد واري مسجد



ٺٽون ديرو فيڊ مل



رورل هيلٿ سينٽر

۱۹۴۰کان ۱۹۵۰ تائين مسٽر ارجن داس استاد واپاري مل جو پاءُ هن ڪرت ۾ سيني کان اڳرو رهيو. ان کانپوءِ مسٽر محمد صديق ولد استاد ولي محمد ميراڻي ۱۹۸۲ع تائين پنهنجو وارو وڄائي ويو ۽ سندس شاگردن اسڪالر ۾ ضلعي سطح تي پوزيشن ڪنئي. ان کانپوءِ محمد پناهه ولد واليڏنو لوهر، مسٽر غلام سرور ولد عبدالهادي قادري نه رڳو انهي ڏن کي جاري رکيو، پر اسڪول جي روايتي نالي ۾ واڌارو آڻي ڇڏيو، جو پڻ ضلع لاڙڪاڻي ۾ هڪ زنده جاويد مثال آهي. اهڙن استادن جي سرڪاري نموني نمائش ڪري، ڪينهه انعام ۽ آفرين ناما ڏيئي، تعليم جي ميدان ۾ اتساهه جاڳايو وڃي ته گهڻو سٺو ٿي پوي.

## نئون ديرو مئن پرائمري اسڪول جا هيڊ ماسٽر

هاڪاري هيڊ ماسترن جي سڀني سکيا ۽ تربيت جي ڪري نئون ديري ۾ ابتدائي سنڌي تعليم مثاهين رهي. جن جو وچور رهيو آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| (۱) | ۱۸۹٦ع | هيڊ ماسٽر | مسٽر عبداللطيف ولد غلام حسين بولاڻي |
| (۲) | ۱۹۰٦ع | هيڊ ماسٽر | محمد عالم ولد محمد عمر قاضي روهڙي، ضلع سکر ۾ ۱۷آڪٽوبر ۱۸۵۵ع تي پيدا ٿيو. نوڪري ۾ ۱۸۷۴ع اندر گهڙيو. ۱۸۹۳ع ۾ نارمل اسڪول شڪارپور ۾ تربيت ورتائين. پارسي ۽ سنڌي ٻوليون ڄاڻ ۾ هئس. |
| (۳) | ۱۹۲۵ع | هيڊ ماسٽر | محمد موسيٰ ولد پرو خان سنجراڻي. آگاڻي، تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ۱۸۷۱ع ۾ ڄائو. |
| (۴) | ۱۹۲۷ع ۳-۲٦ | هيڊ ماسٽر | سنگت راءِ |
| (۵) | ۱۹۲۷ع ۸-۲۷ | هيڊ ماسٽر | محمد علي |
| (٦) | ۱۹۳۰ع ۷-۵ | هيڊ ماسٽر | محمد يوسف ولد محمد پنهل سهتو |
| (۷) | ۱۹۳۲ع-۴-۲٦ | هيڊ ماسٽر | نوتن داس |
| (۸) | ۱۹۳۲ع - ۸- ۲۷ | هيڊ ماسٽر | محمد يوسف ولد محمد پنهل سهتو |
| (۹) | ۱۹۳۲ع | هيڊ ماسٽر | واپاري مل پٽ ڇيتا نند |
| (۱۰) | ۱۹۵۰ع جولاءِ | هيڊ ماسٽر | محمد جڙيل ولد محمد خان ناريجو |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| (١١) ١٩٦٨ع | هيڊ ماستر | جمعا محمد جعفر ڪلهوڙو |
| (١٢) ١٩٦٨ع | هيڊ ماستر | علي حسن پٽ چتو خان ميراڻي |
| (١٣) ١٩٧٠ع | هيڊ ماستر | غلام علي ولد علي بخش سرهيو |
| (١٤) ١٩٧٣ع | هيڊ ماستر | علي حسن چتو خان ميراڻي |
| (١٥) ١٩٧٦ع | هيڊ ماستر | غلام علي علي بخش سرهيه |
| (١٦) ١٩٨٠ع | هيڊ ماستر | عبدالحق گاهي خان جروار |
| (١٧) ١٩٨٢ع | هيڊ ماستر | غلام قادر در محمد ڪنڀر |
| (١٨) ١٩٨٣ع | هيڊ ماستر | محمد آچر محمد عمر ڪنڀر |
| (١٩) ١٩٨٤ع | هيڊ ماستر | نبي بخش الاهي بخش منگنيجو |
| (٢٠) ١٩٨٩ع | هيڊ ماستر | غلام قادر در محمد ڪنڀر |
| (٢١) ١٩٩٢ع | هيڊ ماستر | نبي بخش ولد الاهي بخش مگنيجو |
| (٢٢) ١٩٩٥ع | هيڊ ماستر | غلام رسول ولد بخش خان دايو |
| (٢٣) ١٩٩٧ع | هيڊ ماستر | حسن علي ولد امير بخش جوڻيجو |

## ننون ديرو گرلس پرائمري اسڪول

١٩٣٢ع ۾ هن پوتر ڪم ۽ عوامي ڀلائي لاءِ پراڻي ٽاڻي پرسان هندو جي مسواڙي جاءِ ۾ جاري ٿيو. ١٩٤٧ع کان پوءِ ساڳي جڳهه هڪ مهاجر ڪليم ۾ ڪنئي، جنهن اڳتي هلي ١٩٧٧ع ۾ مارشلا جي لاڳاپي سان جاءِ خالي ڪرائي. جنهن کانپوءِ گرلس اسڪول بنا وٽي جي زناني اسپتال جي هڪ ڪمري ۽ نم جي ڇانوَ ۾ هلندو هيو. ١٩٨٧ع ۾ پراڻي ڊڪ تي ان جي نئين عمارت تعمير ٿي جنهن ۾ هاڻوڪو گرلس پرائمري اسڪول جاري ساري آهي.

### گرلس پرائمري اسڪول جون هيڊ مسٽريسز:

(١) ١٩٣٢ع- ١٩٥٢ع زبيده خاتون ڌي اميد علي لاڙڪ
(٢) ١٩٥٢ع- ١٩٥٦ع سڪينا ڌي ماستر محمد عيسيٰ چنو
(٣) ١٩٦٦ع- ١٩٥٦ع وزير زادي ڌي الاهي بخش منگي
(٤) ١٩٨١ع- ١٩٦٦ع حاڪم زادي ڌي عزيز الله پير زادو
(٥) ١٩٨٩ع- ١٩٨١ع غلام سڪينا ڌي متوخان سميجو
(٦) ١٩٨٩ع- ٦- ١ کان اسلام خاتون ڌي لعل بخش مشوري
(٧) ١٩٩٨ع کان تاحال غلام سڪينہ ڌي متو خان سميجو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نئون ديرو گرلس هاءِ اسڪول

گرلس هاءِ اسڪول جي جڳهه

نئون ديري ۾ اي- پي ڪلاسز جي شروع ڪرڻ سان جڳهه جي چونڊ وچ شهر ۾ ٽپيدارن جي ديري جي ڪئي ويئي. جتي ١٩٧٣ع ۾ ٽن ڪلاسز کي هڪ مسٽريس هلايو، جنهن لاءِ ٻه ڪمرا ٺهرايا ويا.
١٩٧۴ع ۾ اي- پي ڪلاسز کي مٽي، ان جاءِ تي گرلس مڊل قائم ڪيو ويو جو پنج ئي سال هليو.
هلنڊڙ هاءِ اسڪول جي ساڳي هنڌ تي نيئن اڏاوت ڪئي ويئي جنهن ۾ ست ڪمرا، هيڊ مسٽريس جي آفيس ۽ ڪلارڪ جي آفيس قائم ڪئي وئي.

**گرلس اي- پي ڪلاسز**

هي سلسلو ١٩٧٣ع ۾ مسز نصيبان ذي محمد بخش ڪٽپر شروع ڪيو، جو پنج سال سوا هليو.

### گرلس مڊل اسڪول:

هي سرشتو ١٩٧۴ع ۾ جاري ٿيو. جنهنجي قيات جي واڳ هيٺن هئي.

(١) هيڊ مسٽريس امام زادي ذي علي نواز شاهاڻي
(٢) هيڊ مسٽريس صغريٰ ذي تراب علي بروهي لاڙڪاڻ
(٣) هيڊ مسٽريس نسيم ابڙو
(۴) هيڊ مسٽريس فيروزه ذي محرم علي ڪوکر

**گرلس هاءِ اسڪول جون هيڊ مسٽريسز**

(١)فيروزه ڏيءَ محرم علي ڪوکر ١٩٨٥ع- ١٩٧٧ع
(٢) گلشن آرا ڏيءَ مجيد ملڪ ١٩٩٠ع- ١٩٨٥ع

١٩٩٠ع ۾ هن هاءِ اسڪول کي درجو ڏئي هاير سيڪنڊري اسڪول بڻايو ويو جنهن جون پرنسپال صاحبان هن ريت رهيون:

(١) زينت ڏوگر ١٩٩٢ع- ١٩٩٠ع
(٢) رضيه بيگم سيد ١٩٩۴ع- ١٩٩٢ع
(٣) بدرالنساءِ جتوئي ١٩٩٦ع- ١٩٩۴ع
(۴) زرينه منگي ١٩٩٧ع- ١٩٩٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥) جهان آرا سومرو ١٩٩٨ع- ١٩٩٧ع
(٦) حڪيم بيگم کهڙو ١٩٩٩ع- ١٩٩٨ع
(٧) رضيہ بيگم سيد تاحال- ١٩٩٩ع

## نئون ديرو هاءِ اسڪول جي اوسر

١٩٣٢ع ۾ لاڙڪاڻي لوڪل بورڊ پاران اي پي ڪلاسز جو سلسلو شروع ڪيو ويو جنهن جو انتظام ۽ سنڀال نئون ديرو پرائمري اسڪول کي ڏني وئي. اي پي ڪلاسز جي جڳهہ، موجوده پرائمري ٽري اسڪول جي پرسان هڪ هندو جي مسواڙي جاءِ ۾ هئي. جڳهہ جي مٿان بہ ڪمرا، هڪ پرائمري ۽ ٻيو ڪمرو اي. پي ڪلاسز لاءِ هو، جنهن ۾ ٽي درجا هڪ ٽيچر پاڙهيندو هو. اهو سلسلو ١٥ سال جاري رهيو.

### (١) نئون ديرو ايس - ايم اسڪول:

نئون ديري ۽ ويجهڙائي جي وڏندڙ آبادي جو انگريزي تعليم لاءِ اسرندڙ شعور ساڻيہ جي سپورنج سنگتين کي مجبور ڪيو تہ اي- پي ڪلاسز کي ڦيرائي ان جي جاءِ تي سيڪنڊري مڊل اسڪول آڻجي. نيٺ پراڻي جوڙجڪ ٽوڙي، نڪور رٿابندي کي جون ١٩٤٧ع ۾ ايس- ايم اسڪول جي شڪل ۾ آندو ويو. ان لاءِ نويڪلي جاءِ ورتي وئي، جا مکين جي پاڙي ۾، گهاڙ جي پرپاسي ۾ هندن جي ٻن مسواڙي جڳهن تي مشتمل هئي. هڪ کي چار ڪمرا ۽ پنجون ورانڊو ۽ ٻي ان جي پرسان ٽن ڪمرن واري جاءِ هئي، جنهن ۾ هڪ ڪمرو هيڊ ماستر جي آفيس ۽ ٻيو سندس رهائش ڪاڻ ڪم ايندا هئا.

### (٢) لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول:

نئون ديري واسين انگريزي تعليم جو ڦل ۽ لاڀ ماڻي ڏٺو هو. هينئر هن ڏس ۾ اڳرا هئا. سندن جاڳرتا وهي چڙهي هئي. ايس- ايم اسڪول نئين ٿهي جون گهرجون پوريون نہ ٿي ڪري سگهيو. ان ڪري ان کي ١٩٦١ع ۾ نئون ديرو لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول ۾ تبديل ڪيو ويو. جنهن جي حيثيت ٣ آڪٽوبر ١٩٦٤ع تائين برقرار رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### (۳) گورنمينٽ هاءِ اسڪول:

ضلعي جي مڪاني جوڙجڪ جا اڌورا اپاءَ ٺٽون ديري جي سجاڳ ۽ سجاڻ عوام لاءِ اڻپورا هئا. شهر واسين ملڪي ميدان تي سهڪار لاءِ واجهائڻ شروع ڪيو. نيٺ سندن اڏمن جي اٽل پٽل هٽي هنڌ ڪيو ۽ ۲۱ نومبر ۱۹۶۳ع تي نئين جڳهه جي پيڙهه جو پٿر پيو جيڪو قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ جي وزير خارجه جي حيثيت سان رکيو. اسڪول جي بلڊنگ انگريزي اکر "H" جي نموني تي ٺهيل آهي ۽ سنڌ ۾ اهڙي نموني جا ٽي اسڪول قائم ڪيا ويا هئا: هڪ سانگهڙ، ٻيو پير ڳوٺ (ڪنگري) ۽ ٽيون ٺٽون ديرو ۾. جڏهن اڏاوت مڪمل ٿي چڪي، تڏهن ٺٽون ديرو لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول جي ۵۰۳ شاگردن کي هاٿوڪي هلندڙ هاءِ اسڪول ڏانهن ۱۹۶۴ع- ۱۰- ۴ تي منتقل ڪيو ويو، جنهن جو پڻ اهو پهريون ڏهاڙو هو. ٺٽون ديري لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول پنهنجو سامان، دفتر ۽ اٿالو ڪٽي ڪوٽ لعل بخش مهيسر، تعلقي ميرو خان ۾ نئين سر پڪ ڪوڙيا ۽ سکيا ڏيڻ شروع ڪئي.

### ٺٽون ديرو اي- پي ڪلاسز جو اٿالو

اي - پي ڪلاسز ۱۹۳۲ع کان ۱۹۴۷ع تائين ۱۵ ورهيه هليا- ان دور ۾ هڪ ڪلاس ٽي درجا هڪ استاد پاڙهيندو هو، سندن وچور هيٺين ريت آهي

(۱) ۳۳- ۱۹۳۲ع رضا محمد ڀٽو

(۲) ۳۹- ۱۹۳۴ع علي حسن منگي، (مرحوم)

(اڳوڻو ايم- اين- اي سکر)

(۳) ۴۱- ۱۹۳۹ع حامد علي وڳڻ

(۴) ۱۹۴۲ع باشا رام پٽ پارو مل ٺٽون ديرو

(۵) ۱۹۴۳ حاجي در محمد پٽ واحد بخش سومرو، پير ڳوٺ (ٺٽون ديرو)

(٦) ۱۹۴۴ع علي اڪبر ولد الله بخش جلباڻي، مسو ديرو، تعلقو رتو ديرو

(۷) ۴۷- ۱۹۴۵ع باشا رام پارو مل.

### ٺٽون ديرو سيڪنڊري مڊل اسڪول جو عملو

ايس- ايم - اسڪول سانده ۱۴ ورهيه هليو. جيڪو ۱۹۴۷ع ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قائم ٿيو. جنهن جو پهريون سرشتو هي هو:
(١) هيڊ ماستر عبدالرزاق ڀٽي
(٢) نائب ماستر حاجي در محمد سومرو
(٣) نائب ماستر حاجي عبدالحميد سومرو
(۴) نائب ماستر باشا رام
(٥)نائب ماستر غلام رسول ڪلهوڙو
باقي هيڊ ماسترن جي ترتيب هن ريت ڏجي ٿي:
(١) عبدالرزاق ڀٽي جون ١٩۴٧ع کان ١٩٥١ع
(٢) محمود الحسن ١٩٥١ع
(٣) شير محمد ٻرڙو ١٩٥٢ع
(۴) عبدالرزاق ڀٽي ١٩٥٢ع کان ١٩٦١ع

## ٺٽون ديرو لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول جا ڪارندا:

هي ادارو ١٩٦١ع ۾ جاري ٿيو. ٽي سال اوچ تي رهيو ۽ ١٩٦۴ع ١٠- ٣ تي پڄاڻي ڪي پهتو. هن جو پهريون اتالو هيٺين واٽ هو.
(١) ١٩٦١ع ۾ هيڊ ماستر غلام رسول ڪلهوڙو
(٢) نائب ماستر ڪريم بخش کهڙو
(٣)نائب ماستر عبدالرزاق ڀٽي، بي- ٽي جو امتحان نہ ڏيڻ ڪري پنهنجي شاگرد جو نائب ٿيو.
(۴) نائب ماستر حاجي عبدالحميد سومرو
(٥) نائب ماستر غلام حسين ميرائي
(٦) نائب ماستر غلام نبي شاهاڻي
(٧) نائب ماستر بخشل خان مهر ڊرائينگ ٽيچر
١٩٦٢ع ۾ انچاج هيڊ ماستر مسٽر ڪريم بخش کهڙو ٿيو، جيڪو ٣ آڪٽوبر ١٩٦۴ع تائين رهيو.

## ٺٽون ديرو گورنمينٽ هاءِ اسڪول جا سرڪردا

نڪور جڳهہ راس ٿي چڪي، ٺٽون ديري جو نئون دؤر شروع ٿيو.١٩٦۴ع- ١٠- ۴- تي سرهاڻ ۽ سگنڊ جو ڏهاڙو شروع ٿيو. هن سرشتي جا سرڪردا هن ريت ٿيا:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣) گورنمنٽ پرائمري مسجد اسڪول ع ٢ (١٩٨٩ع کان)
(۴) گورنمنٽ پرائمري مسجد اسڪول ع٣ (١٩٨٩ع کان)
(٥) گورنمينٽ پرائمري مسجد اسڪول قاسم آباد (١٩٨٩ع کان)
(ڊاڪٽر غلام علي سانگي)

## گورنمينٽ ڊگري ڪاليج نئون ديرو:

هي ڪاليج ريلوي اسٽيشن جي پريان رتو ديرو روڊ سان ساڄي هٿ تي واقع آهي. علائقي جي آبادي جي شرح ۾ تيزي کي مدنظر رکي هي ڪاليج تعمير ڪيو ويو. هن ڪاليج جي منظوري ١٩٩٢ع ۾ ڏني وئي ۽ اڏاوت جو ڪم ١٩٩٧ع ۾ مڪمل ٿيو. ۽ ان ئي سال کان داخلا شروع ڪئي وئي. پهرين سيشن يعني ٩٨-١٩٩٧ع ۾ ڪل ٻه سؤ پاويه شاگردن داخلا ورتي. هن وقت استادن جو تعداد نَوَ آهي جيڪي سڀ جو سڀ ڊيپوٽيشن تي مختلف ڪاليجن کان گهرايل آهن. ڪاليج جو پهريون پرنسپال ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر صاحب ٿيو. هن وقت تائين اٺ ڪلاس رومس ۽ ست ليبارٽريون ٺهي راس ٿي چڪيون آهن. ڪاليج جي ڪجهه حصن جي اڏاوت جو ڪم اڃان هلندڙ آهي. هن ڪاليج ٺهڻ سان علائقي جي ماڻهن کي تمام گهڻي سهولت ٿي آهي. جو ته اڳ ۾ شاگردن کي لاڙڪاڻي ۾ رهي ديري وڃڻو پوندو هو.

ڪاليج ۾ پرنسپال صاحبان هن ريت رهيا آهن:

| | |
|---|---|
| (١) ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر | ١٩٩٧ع-٧-٢٨ — ١٩٩٧ع-١-٢ |
| (٢)عبدالڪريم مگريو | ١٩٩٧ع-٩-٩ — ١٩٩٧ع-٧-٢٩ |
| (٣) امداد علي ميمڻ | ١٩٩٩ع-٢-١ — ١٩٩٧ع-٩-٩ |
| (۴) نذير احمد سومرو | ١٩٩٩ع-١١-١٣ — ١٩٩٩ع ٢ -١ |
| (٥) انور علي ڪوريجو | ٢٠٠٠ع-١٠-٩ — ١٩٩٩ع-١١-١٣ |
| (٦) علي گل بروهي | تاحال- ٢٠٠٠ع-١٠-٩ |

## پرائيويٽ اسڪول

### (١) زيڊ- اي ڀٽو ماڊل اسڪول:

هي اسڪول ١٩٩۴ع ۾ قائم ڪيو ويو. هن اسڪول جو بنياد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجهندڙ جام نظام الدين ڏاماراه آهي، پر هاڻي هن جو مالڪ عبدالخالق کنڌڙ آهي. هن اسڪول ۾ پهرين ڪان پنجين درجي تائين پڙهايو ويجي ٿو. هن اسڪول ۾ سنڌي ۽ انگريزي ٻنهي زبانن ۾ پڙهايو ويجي ٿو.

**(٢) بينظير انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشن:**

هي اسڪول ١٩٩٥ع ۾ وجود ۾ آيو. هن اسڪول جو بنياد محترم پروين بشير قائمخاني وڌو. هن اسڪول ۾ پهرين ڪان پنجين درجي تائين تعليم ڏني وڃي ٿي. هن اسڪول ۾ سنڌي ۽ انگريزي ۾ گڏيل تعليم ڏني وڃي ٿي.

**(٣) بختور ماڊل اسڪول:**

هي اسڪول ١٩٩٥ع ۾ کوليو ويو. هن اسڪول جو بنياد وجهندڙ محترم بينظير ڀٽو صاحب آهي. هن اسڪول ۾ پهرين ڪان ستين درجي تائين تعليم ڏني وڃي ٿي. هن اسڪول ۾ سنڌي ۽ انگريزي ٻنهي زبانن ۾ تعليم ڏني ويندي آهي.

**(٤) ننون ديرو ماڊل اسڪول:**

هن اسڪول جو بنياد ١٩٩٦ع ۾ پيو. هي اسڪول محترم ڪريم بخش کهڙو هلائي ٿو. هن اسڪول ۾ نرسري ڪان اٺين درجي تائين پڙهايو وڃي ٿو. هن اسڪول ۾ سنڌي ۽ انگريزي ۾ گڏيل تعليم ڏني وڃي ٿي.

**(٥) مارني اسڪول:**

هي سنڌي ميڊيم اسڪول آهي. هي اسڪول ٢٠٠٠ع ۾ کوليو ويو آهي. هن جو بنياد وجهندڙ محترم محمد بخش ڪنڀر ۽ غلام رسول کنڌڙ آهن. هن اسڪول ۾ پهرين ڪان پنجين درجي تائين تعليم ڏني وڃي ٿي.

## ووڪيشنل ٽريننگ سينٽر:

هي ادارو حڪومت سنڌ طرفان کوليو ويو آهي. هن اداري جو بنياد ١٩٩٤ع ۾ پيو. شروع ۾ يو- بي- ايل بئنڪ لڳ ڪرايي جي جڳهه ۾ هلندو هيو. هن وقت گرلس هاير سيڪنڊري اسڪول لڳ ان جي پنهنجي بلڊنگ آهي. هن ۾ پنج ڪلاس رومس، هڪ هيڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسٽريس آفيس، ڪلارڪ جي آفيس، اسٽور روم ۽ ٻه وڏا ڪمرا آهن جيڪي هاسٽل طور ڪم آڻڻ لاءِ آهن. هن اداري ۾ تقريباً سڀ عورتاڻا هنر سيکاريا وڃن ٿا جن لاءِ جديد مشينون استعمال ڪيون وڃن ٿيون. مثلاً: هٿ ۽ مشين تي ڀرت جو ڪم، ڪپڙن جي ڪٽائي، ڪپڙن جي سلائي ۽ هٿ ۽ مشين تي سٽيٽر وغيره ناهڻ. هن اداري ۾ چار استادياڻيون ۽ چار هيٺيون اسٽاف آهي. هن اداري جي انچارج ميڊم سلميٰ آهي. هونءَ ته ڊپلو ماڪورس ٽن سالن جو آهي پر هتي اهو ٻن سالن ۾ به ڪرايو ويندو آهي. هن وقت تائين ڪافي ڇوڪريون ڊپلو ماجي ڊگري وٺي چڪيون آهن. شروع ۾ هن اداري ۾ ماٺهن تمام گهڻي دلچسپي ورتي پر افسوس جو هن وقت هي ادارو ماڻهن جي بي توجهي جو شڪار ٿي ويو آهي ۽ تمام ٿوريون شاگرداڻيون سکيا وٺي رهيون آهن. ٺٽون ديري ۾ ٻيو به هڪڙو ووڪيشنل ٽريننگ سينٽر پراڻي ڏڪڻ فقير جي مڪان لڳ قائم ڪيو ويو آهي پر ان جي فقط بلڊنگ ئي مڪمل ٿي سگهي، باقي ٻيو ڪجھ به نه. هي سينٽر سنڌ سمال بزنيس انڊسٽريزڪارپوريشن طرفان قائم ڪيو ويو هيو. ان ڪانسواءِ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ پڻ هڪ ووڪيشنل ٽريننگ سينٽر آهي جتي عورتن کي ساڳئي قسم جي سکيا ڏني ويندي آهي.

## گورنمينٽ ڪمرشل ٽريننگ سينٽر:

هي ادارو حڪومتِ سنڌ جو آهي ۽ ١٩٩٨ع کان وٺي ٺٽون ديرو شهر ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هن اداري ۾ سنڌي ۽ انگريزي ٽائيپ رائٽنگ ۽ انگريزي شارٽ هينڊ سيکاري ويندي آهي. ڪورس ڇهن مهينن جو ٿيندو آهي. هن اداري ۾ جملي ست ملازم ڪم ڪن ٿا. جن ۾ هڪ انچارج جيڪو سترهين گريڊ جو ٿئي ٿو، ٻه استاد جيڪي چوڏهين گريڊ جا ٿين ٿا. هڪ ڪلارڪ جيڪو پنجين گريڊ جو ٿئي ٿو، ٻه چوڪيدار ۽ هڪ نائب قاصد (پٽيواليو) آهن. هن اداري ۾ جملي ٢٥ شاگردن کي داخلا ڏني ويندي آهي. هن اداري جي بلڊنگ ۾ پهرين سنڌ سمال بزنيس انڊسٽريز ڪارپوريشن وارن جو ريڊيو، ٽي- وي ۽ ٽيپ جي مرمت جو سکيا گهر هيو. اڄاڻل سببن جي ڪري ان کي بند ڪيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصل ۾ هي ادارو ڳڙهي خيري لاءِ منظور ٿيل هو پر ان کي اتي پنهنجي بلڊنگ ڪونه هئي. سنڌ سمال بزنيس انڊسٽريز ڪارپوريشن وارن پنهنجون ڪجھ عمارتون ڊائريڪٽر ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن سنڌ کي ڏنيون جن ۾ هن اداري جي عمارت به هڪ هئي. ڳڙهي خيري جي ماڻهن جي عدم دلچسپي، عملي سان تعاون نه ڪرڻ ۽ ڪجھ ٻين سببن جي ڪري انهيءَ کي ٺٽون ديري شهر ۾ منتقل ڪيو ويو.

## ڪلاسڪ اڪيڊمي آف ڪمپيوٽر سائنس:

هي ڪمپيوٽر سينٽر سيپٽمبر ١٩٩٩ع ۾ وجود ۾ آيو جنهن جو بنياد وجهندڙ انچارج اظهر علي ڪلهوڙو آهي. هي ڪمپيوٽر سينٽر، سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن سان لاڳاپيل آهي. هتي ڊپلوما ۽ ننڍيا ڪورس ڪرايا وڃن ٿا. ڊپلوما هڪ سال ۾ به ڪرائي وڃي ٿي ته ٻن سالن ۾ به. هن اداري ۾ جملي ٥٨ شاگرد ڪمپيوٽر جي سکيا وٺي رهيا آهن. ڊپلوما جي هڪ سال واري ڪورس ۾ ٢٣ شاگرد ۽ ٻن سالن واري ڪورس ۾ ٣ شاگرد داخل ٿيل آهن. جڏهن ته ننڍن ڪورسن ۾ ٣٢ شاگرد داخل ٿيل آهن. هن ڪمپيوٽر سنيٽر ۾ چار استاد: امام علي سپڙو، اظهر علي ڪلهوڙو، امام الدين سومرو ۽ برڪت علي آهن.

## الخيرڪمپيوٽر سينٽر ٺٽون ديرو:

هن ڪمپيوٽر سينٽر جو بنياد سيپٽمبر ٢٠٠٠ع ۾ پيو. هي ڪمپيوٽر سينٽر الخير يونيورسٽي ڄمون ۽ ڪشمير سان لاڳاپيل آهي. هن ڪمپيوٽر سينٽر ۾ ڊپلوما، ماڊيول ۽ ننڍيا ڪورس ڪرايا وڃن ٿا. هن ڪمپيوٽر سينٽر ۾ ٽيهه شاگرد داخل آهن. سينٽر جو بنياد وجهندڙ مدد علي شاهه ۽ انچارج آصف علي لاڪٽي آهي. استاد، مجيد ميان پنو، آصف علي لاڪٽي ۽ غلام شبير ميراڻي آهن.

(سراج ڪٽپر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ميٽرنٽي هوم ۽ اسپتال

هي اسپتال ننون ديرو لاڙڪاڻو روڊ تي ساجي هٿ تي شگر مل جي اوريان واقع آهي. هي ادارو محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي وزارتِ اعظميٰ جي ٻئي دؤر ۾ وجود ۾ آيو. هن جي بلڊنگ جو ڪم ۱۹۹۴ع کان شروع ٿيو جيڪو هن وقت مڪمل ٿي چڪو آهي. هن اسپتال ۾ ٻه جنرل وارڊ جن ۾ ڇهه ڇهه بسترا آهن، ٻه آپريشن ڪرڻ جا ڪمرا، ٻه ڊريسنگ جا ڪمرا، هڪ انتظار گاهه، ٻه آفيسن جا ڪمرا، هڪ اسٽور روم ۽ ٻه ڪائونٽر آهن. هي اسپتال جديد طرز تي ٺهيل آهي ۽ سنڌ ۾ پنهنجي قسم جي پهرين اسپتال آهي. ان طرز جون اسپتالون اسلام آباد ۾ آهن. هن ۾ مردن لاءِ پڻ هڪ او- پي- ڊي آهي. هتي عورتن جي وڏي آپريشن پڻ ڪئي ويندي. هن وقت اسپتال ۾ هڪ ڊاڪٽر ۽ هڪ ڊاڪٽرياڻي رکيل آهن. هن اسپتال کي اڃان فرنيچر ۽ جديد اوزار مهيا ڪونه ڪيا ويا آهن. پر توقع آهي ته هن اسپتال کي جديد قسم جي سهولتن ۽ اوزارن سان آراسته ڪيو ويندو. شهر ۾ اڳ ۾ ٻه هڪ ويم گهر موجود آهي پر اتي ايتريون سهولتون نه موجود ناهن ۽ وڏي آپريشن به ڪونه ڪئي ويندي آهي. اميد آهي ته هي اسپتال جلد شروع ٿيندي ۽ هتان جا ماڻهو انهيءَ مان لاڀ پرائيندا.

## رول هيلٿ سينٽر ننون ديرو

هي صحت جو مرڪز ننون ديرو- رتوديرو روڊ تي شهر جي اترئين پاسي ۾ واقع آهي. هن جي اڏاوت انگريزي اکر ايڇ 'H' جي نموني تي ٺيل آهي جنهن جو ڪم ۱۹۷۴ع ۾ شروع ٿيو ۽ ۱۹۷۷ع ۾ تڪميل تي پهتو. هن سينٽر ۾ پهريون ڊاڪٽر بشير احمد ميمڻ صاحب ۱۹۸۰ع ۾ مقرر ڪيو ويو. هن هيلٿ سينٽر ۾ هڪ ڊينٽل يونٽ، هڪ ليبارٽري ۽ عملي جي رهائش لاءِ ٻه بنگلا ۽ ڇهه ڪوارٽر ٺهيل آهن. هتي ايمبولنس سروس ۽ ايڪسري جي سهولت به موجود آهي. ان کان سواءِ ٻارن کي ڇهن خطرناڪ بيمارين کان بچاءُ جا ٽڪا پڻ لڳايا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويند آهن. محترم بينظير ڀٽو صاحبہ جي ٻئي دور ۾ (١٩٩٥ع ۾) هن هيلٿ سينٽر کي هڪ ويهہ گهر ٺهرائي ڏنو ويو جنهن مان پڻ شهر جا ماڻهو مستفيد ٿي رهيا آهن.

هن هيلٿ سينٽر ۾ هيٺيان ڊاڪٽر صاحبان انچارج رهيا آهن:

(١) ڊاڪٽر ڪيپٽن بشير احمد ميمڻ
(٢) ڊاڪٽر مير محمد شيخ
(٣) ڊاڪٽر نسرين خالق
(۴) ڊاڪٽر خان محمد شيخ
(٥) ڊاڪٽر عبدالوهاب وڌو
(٦) ڊاڪٽر عبدالوحيد شيخ
(٧) ڊاڪٽر ڪيپٽن غلام علي هُليو
(٨) ڊاڪٽر شمس الدين سومرو
(٩) ڊاڪٽر سري چند
(١٠) ڊاڪٽر شمس الدين سومرو
(١١) ڊاڪٽر عبدالواحد ٽگڙ
(١٢) ڊاڪٽر امداد علي سومرو
(١٣) ڊاڪٽر عبدالواحد ٽگڙ
(١۴) ڊاڪٽر علي اصغر عباسي
(١٥) ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو
(١٦) ڊاڪٽر محمد يعقوب شيخ
(١٧) ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو (موجوده)

(سراج ڪنڀر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لاڙڪاڻو شگر مل نئون ديرو

## وضاحت

جيئن ته هي مضمون اڄ کان تقريباً ڏهه ٻارهن سال اڳ جو لکيل آهي. ان وقت مل هلندڙ هئي ۽ اڄ ڪلهه لاڙڪاڻو شگر مل تالابنديءَ جو شڪار آهي. تنهن ڪري ان وقت ۽ هن وقت جي حالتن ۾ ڪافي فرق آهي.
اسان نظرثاني ڪري تحرير ۾ بيان ڪيل حالتن ۽ واقعن کي موجوده وقت جي حالتن مطابق بڻائڻ جي ڪوشش ته ڪئي آهي پر پوءِ به جيڪڏهن ڪٿي ڪا گهٽ وڌائي رهجي وئي هجي ۽ پڙهندڙ کي ڪو مونجهارو پيش اچي ته ان لاءِ اسان معافي جا طلبگار آهيون. ادارو

پهريائين لاڙڪاڻو شگرمل وري شاهنواز ڀٽو شگر مل ۽ وري لاڙڪاڻو شگرمل ۽ هن وقت تالابند شگر مل بنجي چڪي آهي. ان جي ڪهاڻي ايتري پراڻي ڪونه آهي. ڪلهه ڪلهوڪي ڳالهه آهي. نئون ديري جي اولهه طرف جتي اڳ ويرانيءَ جو راڄ هو ۽ ساڳي جاءِ تي تقريباً 24 سالن لاءِ مزدورن جو شهر آباد ٿيو ۽ انهن چوويهن سالن ۾ هر سياري ۾ لاڙڪاڻو شگرمل جي چمنيءَ مان نڪرندڙ دونهون ۽ ڏينهن ۾ ٽي دفعا ڏيوٽي مٽجڻ وارو سائرن پورهئي ۽ پورهيت جي عظمت جو اعلان ڪندو رهيو.
اڄ ساڳي جاءِ تي بند ٿيل جبل جيڏي ويران مل جون مٽيءَ ۾ ڀيوت چمني، در ۽ ديواريون مزدور سان ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتي جو ثبوت خاموشيءَ واري زبان سان ٻڌائين ٿا.
مون هي مضمون اڄ کان تقريباً ٽيرنهن سال ڪن اڳ مل جي ڪارڪردگيءَ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ لکيو هو پر وقت جي لٽ سبب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لئجي ويل منهنجو هي مضمون شايع ڪونہ ٿي سگهيو. ۽ جن دوستن "ٺنون ديري جا نوان ۽ پراڻا ورق" ڪتاب لاءِ هي مضمون ورتو سي وقت جي حالتن ۽ مجبورين سبب ڪتاب شايع ڪونہ ڪرائي سگهيا. انهن ئي دوستن وري سجاڳ ٿي ڪتاب جي ڇپائيءَ جي طرف توجهه ڏنو آهي پر هاڻي تہ ويچاري شگرمل ئي استحصالي قوتن جي جڪڙ ۽ پڪڙ ۾ اچي بند ٿي چڪي آهي. پر پوءِ بہ تاريخ تہ وري بہ تاريخ آهي پوءِ حال جي ڳالهہ ماضيءَ ۾ تبديل ٿي ئي تاريخ بڻجي ويندي آهي. تنهن ڪري هاڻ شگرمل جي ڪهاڻي پراڻي ڪهاڻي ئي سهي پر اهميت واري ضرور آهي.

هن ڪارخاني جي تعميرات جو ڪم سيپٽمبر 1972ع کان شروع ٿيو. چين کان 40 ماهرن ۽ ٽيڪنيشنس جي ٽيم مارچ 1973ع ۾ پهچي ويئي، جنهن جي رهنمائي ۾ سندس ئي نقشن مطابق تعميرات جي شروعات ڪئي ويئي. جيئن تہ هي پلانٽ چين/ ٽيڪسيلا جي گڏيل سامان سان جوڙيو ويو هو. انهيءَ ڪري ساڳي دور ۾ چين مان سامان (FABRICATION OF MACHINARY) فٽ ڪرڻ لاءِ اماڻڻ شروع ڪيو، ۽ هتان ايچ ايم سي ٽيڪسيلا (HEAVY MECHANICAL COMPLEX) کان بہ وڏيون مشينيون نصب ڪرڻ لاءِ گهرايون ويون. چيني ماهرن ڪي سمورو ڪم آڪٽوبر 1974ع تائين پورو ڪرڻو هو، چوتہ نومبر 1974ع ۾ آزمائشي سيزن هلائڻي هئي. انهي ڪري A.D.B.P جي معرفت آبادگارن لاءِ قرض جو بندوبست ڪيو ويو. چوتہ ٻج ۽ ٽريڪٽرن جي سهوليت ڏيئي 3000 ايڪڙن تي آبادگارن کان ڪمند پوکائڻو هو.

پاڪستان جي سابق وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽو اربع 30 جنوري 1974ع تي مِل جو فائونڊيشن اسٽون رکيو.

HMC ٽيڪسلا کان آيل وڏيون مشينيون جولاءِ آگسٽ 1974ع ۾ ويهاريون ويون ۽ چين تعميرات ۽ مشينري جا ٻارهن جهاز موڪلي ڏنا.

مشينري جي بنيادي اڏاوت جو ٺيڪو ميشرز اسٽار مغل ڪمپني گجرانوالا کي ڏنو ويو. جنهن کي سمورو ڪم آڪٽوبر 1974ع تائين


HISTORICAL SOCIETY NAUDERO
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پورو ڪرڻو هو.

ننڍيا وڏا 1670 ٽنيا (بيمر) تيار ڪري فيڪٽري جي اڏاوت لاءِ بنياد نصب ڪيا ويا. جنوري 1974ع تائين تقريباً سڀ بلڊنگيون تعمير ڪيون ويون.

فيڪٽري بلڊنگ کان علاوه کنڊ جا گدام، جنرل اسٽور، ورڪ شاپ، آفيسون، پورهيتن جي رهائش لاءِ ننڍيا وڏا 90 ڪوارٽر، آفيسرن لاءِ بيچلرس هاسٽل، گيسٽ هائوس، آفيسرن لاءِ ننڍيا وڏا 21 بنگلا تعمير ڪرائي ڏنا. ان وقت سموري فيڪٽريءَ تي =/112450000 روپيه (يارنهن ڪروڙ چوويهه لک پنجاهه هزار) خرچ ٿيو.

جيئن ته مٿي عرض ڪري آيو آهيان ته هن فيڪٽري جي وجود جو سبب مقامي ماڻهن جي زندگي کي بهتر بنائڻ هو، انهيءَ ڪري مقامي 70 تعليم يافته نوجوانن کي ڀرتي ڪيو ويو. جن کي ساڳي فيڪٽري ۾ فني سکيا ڏني وئي.

75-1974ع ۾ ٽرايل سيزن تي فيڪٽري هلائي وئي جنهن لاءِ چين کان 17 ماهرن جو پيو جٿو گهرايو ويو. جن جي سرپرستيءَ ۾ 1687500 مڻ ڪمند پيڙي 135000 مڻ کنڊ پيدا ڪئي. جنهن جو افتتاح شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي هٿن سان جمع 14 مارچ 1975ع تي ڪيو ۽ خوشيءَ ۾ سيني پورهتين کي ٻه بونس ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

جيڪڏهن فيڪٽري باقاعدي هلائي وڃي ته 6750000 مڻ ڪمند پيڙي 590248 مڻ کنڊ تيار ڪري سگهجي ٿي. پر افسوس جو هن مل سيزن 82-1981ع کان سواءِ پنهنجي سورهن سالن جي ڄمار ۾ ڪڏهن به ٽارگيٽ مطابق کنڊ پيدا نه ڪئي هئي.

ضياءَ شاهي دور ۾ هن مل کي نظر انداز ڪيو ويو، جيئن عام سنڌي ۾ چوڻي آهي ته "ڏڻ ته ڏٺي نه ته وڪڻ ڪٽي" هن نڌٽڪي مل سان به ساڳي حالت رهي انهي ڪري ڪڏهن سمنڊ ۾ اڇلائڻ جا احوال ته ڪڏهن وڪري لاءِ سيٺن سان ڳالهيون. هونءَ به جيڪڏهن سرڪاري ادارن يا ڪارخانن تي نظر اچلائبي ته ڪامورن ڪرٽي پنهنجا پيٽ ڀري ڪارخانن کي تباهي جي ڪناري تائين پهچايو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذريل سالن ۾ هن فيڪٽريءَ سان به ساڳي جُٽ ڪئي وئي آهي.

شاهنواز ڀٽو شگر مل 75-1974ع جي سيزن کان ڪنڊ ٺاهڻ شروع ڪئي. هڪ سال کي ڇڏي باقي چوڏهن سالن جي مل جي ڪارڪردگيءَ تي نظر وجهي ڏسون ته چوڏهن سالن ۾ مل ڪيتري ڪنڊ پيدا ڪئي، ڪنڊ مان ڪيترو ناڻو حاصل ٿيو ۽ ڪيتري رقم ايڪسائيز ڊيوٽي ۾ خرچ ٿي. نفعو يا نقصان ڪيترو ٿيو.

هيٺ هڪ ٽيبل جي ذريعي مڪمل وچور ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

| سال/ سيزن | ڪنڊ جي اپت M. Tonnes | ايڪسائيز ڊيوٽي | نفعو | نقصان |
|---|---|---|---|---|
| | 1922.00 | 1542000.00 | — | |
| 1974-75ع | 10620.00 | 7100000.00 | — | 1413273.33 |
| 1975-76ع | 11365.90 | 12501000.00 | — | 7872611.00 |
| 1976-77ع | 10670.00 | 15891000.00 | — | 8472611.81 |
| 1977-78ع | 8780.00 | 14515000.00 | — | 16346874.00 |
| 1978-79ع | 10288.00 | 17303760.00 | — | 11955764.00 |
| 1979-80ع | 15776.30 | 16272274.00 | 9606335.00 | — |
| 1980-81ع | 22110.00 | 24464850.00 | 11980000.00 | — |
| 1981-82ع | 14433.90 | 12570405.00 | — | 28879896.00 |
| 1982-83ع | 7228.90 | 15736710.00 | — | 30085677.00 |
| 1983-84ع | 11597.80 | 38459200.00 | — | 36635108.00 |
| 1984-85ع | 14770.00 | 22069105.00 | — | 19961175.00 |
| 1985-86ع | 11525.00 | 17820903.00 | — | 37594000.00 |
| 1986-87ع | 18227.90 | 16677550.00 | — | 45000000.00 |
| 1987-88ع | | | | |
| سيزن 88-1987 مان رهيل | | 18210170.00 | | |
| ڪنڊ تي ايڪسائيز ڊيوٽي | | 250533927.00 | 2,15,86,335.00 | 244216990.14 |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿي ڄاڻايل چارٽ جي انگن اکرن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته، چوڏهن سالن جي سموري عرصي ۾ مل صرف ٻن سالن 81-1980ع ۽ 82-1981ع جي ڪرشنگ سيزن ۾ منافعو ڪمايو آهي. سو به اتفاق سان. جيڪو ٽوٽل نفعو 21586335.00 ٿئي ٿو، باقي ٻارهن سالن ۾ مل جيئن پوءِ تئين وڏيڪ نقصان ۽ خساري ۾ وئي آهي. هن وقت تائين ڪل نقصان 244216990.00 روپيه ٿي چڪو آهي. جيڪڏهن سموري نقصان مان ٻن سالن جو منافعو ڪٽ ڪبو ته 22,26,30,655.00 روپيه صافي بچي ٿو. پر ٻئي طرف وري هن وقت تائين 250533927.00 روپيه رقم ايڪسائيز ڊيوٽيءَ طور سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪئي وئي آهي. جيڪا نقصان کان اندازاً ٽي ڪروڙ وڌيڪ آهي. جيڪڏهن ايڪسائيز ڊيوٽي واري رقم کي نظر ۾ رکي حساب ڪبو ته ثابت ٿيندو ته مل ڪافي ڪجهه بچايو آهي ۽ وڃايو ٿورو آهي. مل ٻن سالن وارو ڪمايل منافعو ان وقت جي مزدورن ۽ انتظاميه جي محنتن جو نتيجو آهي. جيئن ته سرڪار هرگڏيل ٽن سالن جي سراسري پيداوار کان وڌيڪ اپت تي ايڪسائيز ڊيوٽي معاف ڪندي آهي. انهيءَ ڪري ٻن سالن وارو ڪمايل منافعو به ڊيوٽي (Rabit)معاف ٿيڻ سبب ٿيو آهي، پوءِ ايترو ضرور چئبو ته جيڪڏهن ٽن سالن جي سراسري حساب کان ڪنڊ جي اپت گهٽ ٿئي ها ته اهو نفعو وڏي نقصان ۾ تبديل ٿي وڃي ها. جنهن جو سبب انتظاميه جي صلاحيت آهي.

مٿين انگن اکرن ۽ حساب ڪتاب مان ثابت ٿيو ته جيڪڏهن ايڪسائيز ڊيوٽيءَ طور جمع ڪرايل رقم مل جي منافعي ۾ شامل ڪبي ته مل نقصان ۾ ڪونه وينديي، پر ائين ناهي، پيون شگر مليون خاص طور تي پرائيويٽ سيڪٽر ۾ ڪم ڪندڙ مليون هر سال خرچ به ڪن ٿيون ساڳي ايڪسائيز ڊيوٽي به ڀرين ٿيون. ان ڪانسواءِ ٻيو خانگي ۽ غير سرڪاري خرچ به ڪن ٿيون پوءِ به هرسال منافعو ڪمائين ٿيون. ان مان صاف ظاهر آهي ته اسان جي مل کي ڪاٺ لنجهڻ لڳل آهي جنهن ڪري هر سال نقصان ۾ ٿي وڃي. انهيءَ جي مڪمل سروي ٿيڻ گهرجي ته ڪهڙن سببن جي ڪري هيءَ مل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خساري ۾ وڃي ٿي. ان جا فوري طور تي اپاءَ ورتا وڃن ته جيئن هي قومي ادارو تباهي ۽ بربادي کان بچي.

## هن مل جا اعليٰ انتظامي سربراهه

ڪنهن به اداري جو انتظامي سربراهه وڏي اهميت رکي ٿو. اداري جو سمورو انتظام سربراهه جي سهاري تي هلندو آهي، جيڪڏهن اداري جو اڳواڻ باصلاحيت ۽ محنتي هوندو ته سڄو ادارو ڪاميابي سان ترقي جون منزلون طئي ڪندو.

شاهه نواز ڀٽو شگر مل جي تعميراتي ڪم شروع ٿيڻ کان وٺي وقت بوقت انتظامي سربراهه تبديل ٿيندا رهيا آهن. تقريباً ڏهه سربراهه هن مل جي نگراني ڪري چڪا آهن. هيٺ ڏنل هڪ ٽيبل ۾ هن جي اعليٰ انتظامي سربراهن جو تفصيل ڏنل آهي. هن ٽيبل مان مل جي نگران اعليٰ انتظامي سربراهن جو عهدو ۽ سندن عهد ڏنل آهي.

| نمبر | نالو | عهدو | ڪم جو وقت |
|---|---|---|---|
| ١ | منظور احمد شيخ | پروجيڪٽ مئنيجر | |
| ٢ | ميجر ايس. ايم احمد | جنرل مئنيجر | ---کان 28-6-1975 |
| ٣ | اين- ايڇ بخاري | پروجيڪٽ مئنيجر | 29-6-1975 کان 10-1-1977 |
| ۴ | عبدالسميع صديقي | پروجيڪٽ مئنيجر | 12-1-1977 کان 5-9-1977 |
| ٥ | فياض علي شيخ | مئنيجنگ ڊائريڪٽر | 05-9-1977 کان 07-9-1984 |
| ٦ | محمد هاشم سومرو | ايڪٽنگ-پي ايم | 8-9-1984 کان 12-11-1984 |
| ٧ | محمد اسلم سنجراڻي | مئنيجنگ ڊائريڪٽر | 13-11-1984 کان 08-8-1985 |
| ٨ | آر- اي ڀٽو | پراجيڪٽ مئنيجر | 28-8-1985 کان 24-6-1987 |
| ٩ | چوڌري اڪرام الحق | مئنيجنگ ڊائريڪٽر | 24-6-1987 کان 10-1-1989 |
| ١٠ | ايم سليم اختر | مئنيجنگ ڊائريڪٽر | 11-1-1989 کان ....... |

**مختيار گهمرو**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فيڊ ڊولپمينٽ سينٽر نئون ديرو

هي فيڊ ڊولپمينٽ سينٽر رتوديرو روڊ تي اسٽيشن جي پريان واقع آهي. هي فيڊ مل محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي وزارتِ اعظميٰ جي ٻئي دور ۾ وجود ۾ آئي جيڪا پاڪستان ايگريڪلچرل ريسرچ ڪائونسل اسلام آباد پاران لڳائي ويئي آهي. هي مل اپريل ١٩٩٦ع کان وٺي ڪم ڪري رهي آهي. هتي کير ۽ گوشت ڏيندڙ گهرو جانورن جي فيڊ (خوراڪ) تيار ڪئي ويندي آهي. فيڊ ۾ کٽي، ککڙا، سرنهن جي کڙ، لوڻ، مٽر جو ڏارو، ڪڻڪ جو ڏارو، ڪمند جو شيرو ۽ وٽامن پائوڊر استعمال ٿين ٿا. هي فيڊ خالص سائنسي بنيادن تي تيار ڪئي وڃي ٿي. هن جي عمارت جا ٻہ حصا آهن. هڪڙي حصي ۾ آفيسون آهن ۽ ٻئي حصي ۾ فيڊ پلانٽ آهي. فيڊ پلانٽ بلڊنگ جي هڪ حصي ۾ ڪچي مال جو اسٽور، ٻئي حصي ۾ مشينري جتي فيڊ تيار ڪئي وڃي ٿي. هن ٻئي حصي ۾ گرائينڊنگ مشين، مڪسنگ ۽ ڊولپمينٽ مشين آهن ۽ ٽئين حصي ۾ تيار ٿيل مال رکيو ويندو آهي. هن فيڊ مل ۾ روزانو اٺن ڪلاڪن ۾ هڪ هزار ٻورين تيار ڪرڻ جي صلاحيت آهي. هر هڪ ٻوري ٣٧ ڪلو جي ٿئي ٿي. عام ماڻهن جي سهولت خاطر پنج ڪلو جون ٿيلهيون پڻ تيار ڪيون وڃن ٿيون. مل جو وڏو آفيسر پراجيڪٽ مئنيجر ٿئي ٿو. هن وقت پراجيڪٽ مينيجر ڊاڪٽر بنده علي بگٽي آهي. ان کان اڳ ۾ هي پراجيڪٽ مينيجر رهيا آهن: ڊاڪٽر امان الله چيما، مختيار احمد نديم ۽ ڊاڪٽر امداد حسين مرزا.

نئون ديري جي هن اداري طرفان بلوچستان جي ڏڪار سٽيل علائقن چاغي ۽ خضدار جي متاثره ماڻهن کي ٽي ٽرڪون فيڊ جون امداد طور ڏنيون ويون. هن ئي اداري طرفان سنڌ جي ڏڪار سٽيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علائقي ٿر جي متاثر ٿيل ماروئڙن کي پڻ تي ترڪون فيڊ جون امداد طور مفت ۾ ڏنيون ويون. هن فيڊ مل جي تيار ٿيل مال جي معيار کي ڏسي ٽرڊيپ سماجي تنظيم مٺي، برطانيه جي هڪ سماجي تنظيم سيو دي چلڊرين (Save the Children) ٿجي سهڪار سان ٢٥٠٠٠ بوريون مل کان خريد ڪري ٿر جي مالوند ماروئڙن ۾ ڏڪار دوران مفت ورهايون. هن فيڊ مل جي فيڊ ملڪ جي مختلف علائقن ۾ سٺي مقدار ۾ استعمال ڪئي وڃي ٿي.

مثلاً: اوستا محمد، بلوچستان، ڪوئيٽا، سيوهڻ شريف، ڪراچي، حيدرآباد، بدين، گولاڙچي، سانگهڙ، ميرپور خاص، ڪنري، ڏيپلو، ننڊو، نواب شاهه، ڪپرو، هٽونگو، ٽنون ڪوٽ، سوراهه، گهوٽڪي، پنو عاقل، خانپور مهر، سردار ڳڙهه، نصيرآباد، قمبر ۽ ڏوڪري وغيره. ان کان علاوه پاڪستان رينجرس جي ڊيئري فارمن ۾ پڻ هتان جي فيڊ وڏي مقدار ۾ استعمال ڪئي وڃي ٿي. هن مل مان ملڪ جا ڏورانهان علائقا ته مستفيد ٿي رهيا آهن پر افسوس جو هتان جو مقامي ماڻهو انهيءَ ۾ گهٽ دلچسپي وٺي ٿو. هي فيڊ مل هتان جي ماڻهن جي فائدي لاءِ لڳائي وئي پر افسوس جو هتان جا ماڻهو انهيءَ کان بلڪل لاتعلق آهن.

هي فيڊ مل جنهن ايراضي ۾ آهي اتي اصل ۾ ڪافي ننڍا ننڍا پلانٽ لڳائڻ جو منصوبو رٿيو ويو هو. هي فيڊ مل به انهيءَ جو هڪ حصو آهي. هتي رائيس پراسيسنگ زون ٺهڻو هيو، جتي ٽوٽڙن مان سيمنٽ، تيار ڪيو وڃي ها، ۽ ڪٽي فيڊ مل ۾ خوراڪ ٺاهڻ جي لاءِ استعمال ٿئي ها. هڪ سرنهن پيڙڻ واري مشين لڳڻي هئي، جنهن مان تيار ٿيل کڙ فيڊ مل کي خوراڪ ٺاهڻ لاءِ ڏني وڃي ها ۽ آئل پروسيسنگ پلانٽ (Oil Processing plant) لڳائي عام تيل کي ڪاچرو تيل ۾ تبديل ڪيو وڃي ها.

اصل ۾ هي فيڊ مل واپاري خيال کان نه لڳائي وئي هئي پر هي هڪ تحقيقي ادارو هيو. پروگرام مطابق هن پراجيڪٽ ۾ هڪ چلنگ پلانٽ لڳڻو هو. انهيءَ جو مقصد اهو هيو ته مالوند ماڻهن کان کير خريد ڪري انهيءَ جي بدلي ۾ انهن کي فيڊ ڏني وڃي. کير مارڪيٽ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئون ديرو گرڊ اسٽيشن

نئون ديرو گرڊ اسٽيشن نئون ديري شهر جي اوير ۾ پيرجان محمد ڏانهن ويندڙ لنڪ روڊ تي ڪابي پاسي واقع آهي. ان جي بنياد جو پٿر محترم بينظير ڀٽو صاحبہ بحيثيت وزير اعظم پاڪستان، تاريخ ٢٨ سيپٽمبر ١٩٩۴ع تي رکيو. انجي اڏاوت جو ڪم تقريباً ڏيڍ سال ۾ مڪمل ٿيو. ان تي ڪل ٣١ ملين روپيہ لاڳت آئي. گرڊ اسٽيشن جي ڪل ايراضي ٢٢ جريب ڪن آهي. ان ڪي مڪمل ڪنٽرول روم آهي ۽ ملازمن جي رهائش لاءِ ڏهہ ڪمرا پڻ آهن. جملي عملو ١۴ آهي. گرڊ اسٽيشن جو وڏو آفيسر گرڊ انچارج آهي جيڪو گهٽ ۾ گهٽ يارهين گريڊ جو ٿيندو آهي.

هي گرڊ اسٽيشن 66KV (ڇاهٺ ڪي- وي) جي آهي ۽ آٽو چارج آهي. هن گرڊ ۾ 11KV جا ٽي فيڊر آهن. هڪ نئون ديرو سٽي، ٻيو ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۽ ٽيون عزت خان جي وانڊ. ٽرانسفارمر 10/13 MV جو آهي، جيڪو ٦٥٠ ايمپيئر لوڊ کڻي سگهي ٿو. هن گرڊ اسٽيشن مان پرپاسي جا تمام گهڻا ڳوٺ ۽ شهر مستفيد ٿي رهيا آهن. اوير ۾ پيرجان محمد، راهوجا، ڪڪراٽي، ناريجا، عزت خان جي وانڊ، يونيٽ پور، شاهاٽي، ٻهمڻ، جيهن جو ڳوٺ، ڏکڻ ۾ قلپوتا، منشي خدا بخش ۽ ڪچي جا ڳوٺ، اولهہ ۾ نئون ديرو، حسن واهڻ، گنوهر ڀٽي، سعدو ديرو، ڪٻڙو، ميتلا، آگاٽي، ڪيهر، ماهوتا، ٽڳڙ، چوهڙپور ۽ دودائي، اتر ۾ پنجو ديرو، ڏڙو الاهي بخش، وانڊ علي محمد ڪرٽيہ، وسايو جيهو، الهندو جيهو، جت ڀٽا، پير متارو، ڳڙهي خدا بخش ڀٽو، گڏاٽي، سانول، جروار، ڇهواڻن جو ڳوٺ ۽ خانواهہ وغيره اچي وڃن ٿا.

هن گرڊ کي بہ لائينيون مليل آهن. هڪ سکر جي طرف کان ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي لاڙڪاڻي جي طرف کان، ڪنهن ۾ سبب جي ڪري جيڪڏهن هڪ طرف کان بجلي جي فراهمي منقطع ٿي ويندي آهي ته ٻي پاسي کان بجلي ورتي ويندي آهي. جنهن ڪري شهر کي بجلي جي فراهمي ۾ گهٽ رڪاوٽون پيدا ٿين ٿيون. گرڊ اسٽيشن قائم ٿيڻ سان شهر وارن کي سٺا فائدا مليا آهن. جن مان سٺي وولٽيج ۽ بجلي جي فراهمي ۾ پڻ آساني آهن. ان کان علاوه جيڪڏهن ڪٿي ڪنهن لائين وغيره ۾ ڪو نقص ٿي پوندو آهي ته ان کي جلدي ٺيڪ ڪيو ويندو آهي. هن وقت گرڊ جو انچارج عبدالغني چانڊيو آهي. ان کان اڳ ۾ هن گرڊ اسٽيشن تي هيٺيان انچارج رهي چڪا آهن:

(۱) محمد اجمل چانڊيو (۲) غلام شبر شاهاڻي (۳) ڪليم الله دل






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ميونسپل ڪاميٽي نئون ديرو

نئون ديري شهر ۾، شهر جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريائين انگريزن جي دور ۾ سينيٽري ڪميٽي وجود ۾ آئي، جنهن جو آخري چيئرمين خانبهادر احمد خان پنو هيو. ان کان اڳ ۾ خانبهادر احمد خان پنو جو والد وڏيرو رسول بخش خان پنو انهيءَ ڪميٽيءَ جو چيئرمين هو. ڪميٽيءَ جا ميمبر هر دؤر ۾ شهر جي معززين مان کنيا ويندا هئا. هن ڪميٽي جا خاص طور به ڪم هئا. هڪ شهر جي صفائي وغيره جو بندوبست ڪرڻ ۽ ٻيو شهر ۾ روشني جو انتظام ڪرڻ، شهر ۾ رات جي وقت روشني ڪرڻ لاءِ فانوس استعمال ڪيا ويندا هئا ڇوته ان وقت شهر ۾ اجان بجلي ڪونه آئي هئي. فانوس خاص طور تي مختلف گهٽين جي ملڻ واري هنڌ تي ڪنهن اهڙي پٿ ۾ ٿهيل جاري ۾ رکيل هوندا هئا جتان سيني گهٽين ۾ روشني ويندي هئي. فانوس کي ٻارڻ ۾ گاسليٽ ڪم ايندو هو. بعد ۾ جڏهن ايوب خان جي دؤر ۾ ١٩٦١ع ۾ لوڪلباڊيز اليڪشن ٿي ته انهيءَ دور ۾ سينيٽري ڪميٽي کي ٽائون ڪميٽي جو درجو ڏئي ان کي آڪٽراءِ جي سهولت ڏني وئي جنهن ڪري ان جي حد وڌائي وئي ۽ شهر ۾ ڇهن مختلف جڳهن تي ناڪا قائم ڪيا ويا. هڪ پير جان محمد ڏانهن ويندڙ سڙڪ تي، ٻيو اسٽيشن ڏانهن ويندڙ سڙڪ تي، ٽيون سعدو ديرو ڏانهن ويندڙ سڙڪ تي، چوٿون پيرگوٺ ڏانهن ويندڙ سڙڪ تي، پنجون امام بارگاهه (الڳ گهاڙ واهه) پرسان ۽ ڇهون قلپوٽن ڏانهن ويندڙ سڙڪ تي. سڀ جو سڀ رستا ڪچا هيا. ٽائون ڪميٽي ٽيڻ کان پوءِ شهر جون حدون هن ريت هيون: اوڀر ۾ پنٽي صاحب جو بنگلو، اتر ۾ پراڻي دودا واهه جو سڪل پيٽ، جتي هن وقت سڪندر آباد محلو آهي، اولهه ۾ ايريگيشن وارو فرسٽ ڪلاس بنگلو (جيڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شگرمل جي اوريان واقع آهي) ۽ ڏکڻ ۾ گهاڙ واهه. ٽائون ڪميٽي محدود آمدني جي آڌار عملي ڪي پگهار به ڏيندي هئي ۽ شهر جي صفائي ۽ روشني جي بندوبست سان گڏ ڪجهه ترقياتي ڪم به ڪرائيندي هئي. مثلاً: ناليون ٺهرائڻ، مخصوص گهٽين جي فرش بندي ڪرائڻ وغيره. ٽائون ڪميٽي جو پهريون چيئرمين آغا محمد حسن پٺاڻ هيو. جنهن ٻين ڪمن سان گڏ خاص طور گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ ٻه کوهه ٺهرايا. هڪ قاضي محلا ۾ ۽ ٻيو گهاڙ واهه واري امام بارگاهه ڀرسان. انهن کوهن جو پاڻي موٽر ذريعي گهاڙ واهه ۾ نيڪال ڪيو ويندو هو. ان کان علاوه واٽر سپلاءِ جي ٽانڪي، ٽانگا اسٽينڊ ۽ شهرين جي تفريح لاءِ مائي نوران جي هوٽل (جيڪو هينئر الفتاح شاپنگ سينٽر جي نالي سان مشهور آهي) جي سامهون ٻن رستن جي وچ تي ٽڪنڊي نموني هڪ پبلڪ پارڪ ٺهرايو جنهن ۾ هڪ ڦوهارو پڻ ٺهرايو ويو هيو. پر وقت جي وير انهيءَ پارڪ کي اجاڙي ڇڏيو ۽ هن وقت اتي دڪان ٺهيل آهن. انهيءَ پارڪ کي تعمير ڪرائڻ ۾ آغا صاحب تمام گهڻي دلچسپي ورتي هئي. ان کان بعد حاجي يار محمد پٽو جي دؤر ۾ پراڻي ويمر گهر کان ڪورين جي مٺائيءَ جي دڪانن تائين ١٥ ڪچا پڪا دڪان تعمير ڪرايا ويا. شروع ۾ ٽائون ڪميٽي کي پنهنجي بلڊنگ ڪونه هئي. تنهن ڪري سڄو ڪارو هنوار خانبهادر احمد خان پٽو جي بنگلي تي هلايو ويندو هو. موجوده بلڊنگ ١٩٦٥ع ۾ انگريزي اکر "T" (ٽي) جي نموني تي ٺاهي وئي. هيءَ بلڊنگ به آغا محمد حسن پٺاڻ جي ڪوشش جو نتيجو هئي. ٺٽون ڊيرو شهر ۾ جيئن ئي ٽائون ڪميٽي وجود ۾ آئي ته ڀرپاسي جي ماڻهن جي ٺٽون ڊيري طرف لڏ پلاڻ شروع ٿي وئي ۽ ٺٽون ڊيري جي آباديءَ وڌڻ شروع ڪيو.

ٽائون ڪميٽيءَ کي ١٩٧٦ع ۾ ميونسپل ڪاميٽيءَ جو درجو ڏنو ويو جنهن جو خاص ڪارڻ شگرمل جي تعمير هئي. ٽائون ڪميٽي مان ميونسپل ڪاميٽي ٿيڻ سان اخراجات ۾ اضافو ٿيو. انهيءَ ڪري آمدني وڌائڻ لاءِ انهيءَ جي حدن کي وڌايو ويو. اوڀر ۾ ڳوٺ الهورايو سولنگي، اتر ۾ واند جوڳي لڳ رائيس ڪئنال، اولهه ۾ ڀرچوند، اولهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکڻ ۾ پيرگوٺ ۽ ننڍيا موهل کي ٺٽون ديرو شهر ۾ شامل ڪيو ويو.

١٩٧٦ع کان ١٩٨٨ع تائين ميونسپل ڪميٽي روڊن رستن جي مرمت وغيره ڪرائڻ ۽ ٻيا ترقياتي ڪم پنهنجن فنڊن مان ڪرائيندي رهي. انهيءَ عرصي ۾ غريب آباد محلو به وجود ۾ آيندو ويو ۽ اتي به گهٽين جي فرش بندي ۽ نيڪال جي نظام وغيره جا ڪم ڪرايا ويا ۽ ٻيا پرپاسي جا ڳوٺ جيڪي شهر ۾ شامل ڪيا ويا هيا انهن ۾ به صفائي ۽ روشني جو بندوبست ڪيو ويو ۽ روڊ رستا ۽ نيڪال جا نظام وغيره ٺهرايا ويا. انهيءَ ڪانپوءِ عبدالقيوم خان جي دؤر ۾ به ڪافي ڪم ڪرايا ويا جن ۾ قابل ذڪر ڪم هن ريت آهن: بس اسٽينڊ ۽ انهيءَ جي ڏکڻ ۾ ڇهه دڪان تعمير ڪرايا ويا. شهر جي چوڪيداريءَ جي نظام کي ميونسپل پنهنجي اختيار ۾ ڪنيو. اڳ ۾ چوڪيدار هندن جي پنچائت جي طرفان رکيل هيا. شهر ۾ موجود ڏڙ جي آمدنيءَ مان انهن چوڪيدارن کي پگهار ڏني ويندي هئي پر پوءِ ميونسپل ڏڙ کي پنهنجي دائره اختيار ۾ آندو ۽ موجوده سبزي مارڪيٽ تعمير ڪرايو. هندن کي لکت ۾ ڏنو ته چوڪيدارن کي پگهار ميونسپل ڪاميٽي ڏيندي. ان کان بعد عبدالغفار تبسم صاحب جي دور ۾ هڪ فائر برگيڊ ۽ صفائي جي نظام لاءِ پڻ ٽريڪٽر (هڪ ننڍو ٻيو وڏو) ورتا ويا ۽ هڪ لائبريري "سالم لائبريري" جي نالي سان کولي وئي پر انجي رڳو بلڊنگ ئي تعمير ٿي باقي ڪتاب مهيا ڪونه ڪيا ويا. اڳي ٽائون ڪميٽيءَ واري دؤر ۾ به هڪ لائبريري قائم ڪئي وئي هئي. جنهن ۾ پڻ ڪيترا ڪتابن جا فراهم ڪيا ويا هيا پر اها اڳتي هلي ختم ٿي وئي جو ميونسپل ٽيڻ کان پوءِ ڪجهه آفيسرن جي رهائش جو مسئلو ٿي پيو. انهيءَ ڪري لائبريري ختم ڪري آفيسرن کي اتي رهايو ويو ۽ ڪتاب به جيڪي ماڻهو پڙهڻ لاءِ کڻي ويا ته انهن واپس ڪونه ڪيا. لائبريريءَ جو هڪ خالي ڪٻٽ ميونسپل ڪاميٽيءَ جي هال ۾ اڄا تائين نشاني طور پيو آهي.

١٩٨٨ع کان پوءِ ميونسپل ڪاميٽي جي مالي حالت ابتر ٿيندي وئي. سبب اهو هيو ته پگهارون ته مرحليوار وڌنديون رهيون پر آمدني جا ذريعا محدود هيا. ناهديو صاحب جي دؤر ۾ محترم بينظير ڀٽو صاحبه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حڪومت ڪان اٿڊ ورتي وئي ۽ ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا ويا جن ۾ مخصوص گهٽين ۾ فرش بندي جي جڳهه تي ڊامر جا روڊ ٺهرائڻ، جن گهٽين ۾ پڪا رستا نه هيا اتي فرش بندي ڪرائڻ، ناليون نئين سر پڪيون ڪرائڻ، نيڪال جي نظام کي درست ڪرائڻ، ٽائون ڪميٽي جي دور ۾ ٺهيل بلڊنگ ۾ ڪجهه نوان حصا ٺهرائڻ، پاويهه دڪان ٺهرائڻ (جن مان ڪجهه ميونسپل جي اوپر ۾ ۽ ڪجهه اتر ۾ پير گهر گهل ڏانهن ويندڙ رستي سان آهن)، راندين لاءِ اسٽيڊيم ٺهرائڻ، هڪ ميسي ٽريڪٽر خريد ڪرڻ، فاير برگيڊ لاءِ هڪ اعليٰ معيار جو جاپاني موٽر خريد ڪرڻ اچي وڃن ٿا. سٽيپرس ڪالوني لاءِ پلاٽ خريد ڪيو ويو پر ڪن سببن جي ڪري انهيءَ جي تعمير نه ٿي سگهي. بعد ۾ شهر جي مسئلي کي نظر ۾ رکي، اهو پلاٽ گورنمينٽ گرلس هاير سيڪنڊري اسڪول لاءِ مفت ڏنو ويو. ان کان علاوه ٺٽون ديرو- لاڙڪاڻو روڊ تي هڪ "باب شاهنواز خان ڀٽو" ۽ ٺٽون ديرو- رتوديرو روڊ تي "باب ذوالفقار" تعمير ڪرايا ويا ۽ هڪ ٻالڪ پارڪ "لطيف ٻالڪ پارڪ" جي نالي سان هاءِ اسڪول جي حدن ۾ ٻارن جي دنيا سنگت تنظيم جي سهڪار سان تعمير ڪرايو ويو.

ناماديو صاحب جي دور کانپوءِ ميونسپل ڪاميٽي مسلسل مالي گهوٽالي جو شڪار ٿيندي وئي. هن وقت به سخت مالي گهوٽالي جو شڪار هجڻ سبب ملازمن کي اٺ اٺ ڏهه ڏهه مهينا پگهارون نه ٿيون ڏنيون وڃن جنهنجا شهر جي ترقي ۽ صفائي ستٿرائي تي برا اثر پيا آهن.

هن وقت تائين ميونسپل ڪاميٽيءَ جا چيئرمين ۽ ايڊمنسٽريٽر هن ريت رهيا آهن:

(١) آغا محمد حسن پٺاڻ چيئرمين ١٩٦٩ع - ١٩٦١ع
(٢) حاجي يارمحمد ڀٽو چيئرمين ١٩٧١ع- ١٩٦٩ع
(٣) ڏيان داس. ڪي پنجواڻي ايڊمنسٽريٽر ١٩٧٨- ١٩٧١ع
(۴) عبدالقيوم پٺاڻ چيئرمين ١٩٨٣ع-١٩٧٩ع
(٥) عبدالغفار تبسم چيئرمين ١٩٨٧ع- ١٩٨٣ع
(٦) ناماديو رام کياٽي چيئرمين ١٩٩٠ع- ١٩٨٧ع
(٧) عبدالرزاق ڀٽو چيئرمين ١٩٩١ع- ١٩٩٠ع

NAUDERO HISTORICAL SOCIETY



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨) فاروق علي پنو ائڊمنسٽريٽر ١٩٩٣ع- ١٩٩١ع

(٩) خورشيد نعيم ملڪ (ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو) ائڊمنسٽريٽر

ڊسمبر ١٩٩٣ع- اگسٽ ١٩٩٣ع

(١٠) شمس الدين جعفراڻي (ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو) ائڊمنسٽريٽر

آڪٽومبر ١٩٩۴ع- ڊسمبر ١٩٩٣ع

(١١) قاضي بشير احمد (ايس ڊي ايم رتوديرو) ائڊمنسٽريٽر

فيبروري ١٩٩٦ع- آڪٽومبر ١٩٩۴ع

(١٢) اسداسلام (ايس- ڊي- ايم رتوديرو) ائڊمنسٽريٽر

اپريل ١٩٩٧ع- فيبروري ١٩٩٦ع

(١٣) رام ڪمار اوڏ (ايس- ڊي- ايم رتوديرو) ائڊمنسٽريٽر

سيپٽمبر ١٩٩٧ع- اپريل ١٩٩٧ع

(١۴) نياز علي عباسي (ايس- ڊي- ايم رتوديرو) ائڊمنسٽريٽر

آڪٽوبر ١٩٩٧ع- سيپٽمبر ١٩٩٧ع

(١۵) رياض احمد مسڻ (ايس- ڊي- ايم رتوديرو) ائڊمنسٽريٽر

٣٠ آڪٽومبر ١٩٩٧ع- ٢٣ آڪٽومبر ١٩٩٧ع

(١٦) عطا محمد عباسي (ايس- ڊي- ايم رتوديرو) ائڊمنسٽريٽر

جولاءِ ١٩٩٨ع- نومبر ١٩٩٧ع

(١٧) غلام مصطفيٰ ڦل (ايس- ڊي- ايم رتوديرو) ائڊمنسٽريٽر

تاحال- جولاءِ ١٩٩٨ع

(مٿين معلومات محترم روشن علي ميراڻي رٽايرڊ سينيئر ڪلارڪ ميونسپل ڪاميٽي نئون ديرو جي تعاون سان ملي.)

(سراج احمد ڪٽپر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون

ليکڪ :

قمر الدين قاضي

منظور منگي

آغا رفيق وقار کهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙي طرح ٺٽون ديرو سياسي، ادبي ۽ تعليمي طور ويهين صديءَ جي شروعاتي دؤر کان وٺي ئي ڪافي سرگرم رهيو آهي، اهڙي طرح شهر واسي ٻين حوالن سان گڏوگڏ راڳ رنگ ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ پڻ تمام گهڻو اڳتي رهيا آهن. ورهاڱي کان اڳ واري عرصي ۾ هندو سيٺيا پنهنجي ڏڻن ۽ تهوارن تي ڀڳتن جو انتظام ڪندا هئا. ۽ وڏا وڏا راڳي جهڙوڪ ڀڳت ڪنور رام ۽ ماسٽر چندر سميت سنڌ ۽ هند جا ڪيئي وڏا نالا هتي راڳ ۽ ڀڳتن جو محفلون رچائي ويا آهن. ڀڳتن جا ماڳ خاص طرح سان پائي وارو باغ (موجوده مورين فقيرن جو انبن جو باغ) ٺاروءَ وارو باغ (اهو باغ اڳتي هلي احمد فاروقي صاحب جي والد خريد ڪيو، هي باغ ٻه ڏسڻ وٽان هيو. ۴۰ ، ۵۰ ايڪڙن تي ڦهليل باغ جو هڪ پاسو گهاڙ واهه سان لڳندو هيو، جيڪو بعد ۾ مائينر ۾ تبديل ٿي ويو، ٻيو پاسو دادو ڪئنال سان. هن باغ ۾ دنيا جو هر ميوو موجود هوندو هيو. انبن جا ڪيئي قسم، مالٽا، ليما، ڦاروان، جمون ۽ ٻيا ڪيئي ميون جا وڻ. هاڻي به اهو باغ احمد فاروقيءَ جي ملڪيت آهي، پر مالڪن پراڻا وڻ ڪٽرائي هاڻي زيتونن جا وڻ رکرايا آهن) هندن جو آکاڙو ۽ راشدين جي بنگلي سامهون هندو سيٺين جي گهرن آڏو ميدان خاص اهميت رکندا هيا. جتي هر مهيني ڪيئي پروگرام شهر واسين جي تفريح جو سامان ميسر ڪندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ به جيتوڻيڪ ڪيئي هندو ڪٽنب هجرت ڪري هندوستان هليا ويا، پر پوءِ به ڪيترا خاندان پنهنجي جنم ڀوميءَ سان چنبڙيا رهيا ۽ ساڳين روايتن کي زنده رکيون آيا. آخري ڀڳتون ۱۹۶۰ع واري ڏهاڪي ۾ اسان واري ٿيءَ به ڏٺيون ۽ ٻڌيون ۽ عمر رسيده هندو توڙي مسلمانن ماضيءَ کي ياد ڪري مزا ورتا.

ورهاڱي کان پوءِ به زوار درمحمد (استاد نورمحمد ميراثيءَ جو والد بزرگوار) ميلن ملاکڙن ۽ راڳ رنگ جي محفلن رچائڻ جو وڏو شوقين هيو. اهو ڪٿي چئجي ته زوار در محمد ميراثي ٺٽون ديرو ۾ ثقافتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرگرمين جو اڳواڻ هيو ته وڏاءُ نه ٿيندو. اهڙن ئي زنده دل ماڻهن جي ڪاوشن سان سنڌ ڌرتي جي مشهور ڳائڻي الله وسائيءَ به ١٩٦٠ع ڌاري پراڻي ڍڪ جي ٻاهران هڪ پروگرام ڪيو، جيڪو تاريخ جو حصو آهي، انهيءَ وقت خدن ويراڳيءَ جي شاعري به جهر جهنگ ڳائبي هئي ۽ الله وسائي خدن ويراڳيءَ کي ڳائي خوب داد حاصل ڪيو.

آغا محمد حسن جي چيئرمين شپ جي زماني ۾ ١٩٦٠ع جي وچن سالن ۾ پياري منگيءَ جي دعوت تي پراڻي بس اسٽينڊ جي ميدان ۾ (موجوده مننار سولنگيءَ جي گهر جي سامهون) استاد منظور علي خان جي محفل متي ۽ پوري رات پڌنڌڙ استاد جي راڳ جي جادوءَ ۾ غرق ٿي استاد جي محفل ۾ مدهوش رهيا. ان کان علاوه سڻ واري ڏهاڪي ۾ الهڏنو نوناري ۽ ٻين ڪيترن ڳائڻ محفلون مچائي شوقينن جو داد حاصل ڪيو.

١٩٦٠ع وارو ڏهاڪو جتي راڳ رنگ، ميلن ملاکڙن،سرڪسن ۾ اڳتي هيو، اتي اسٽيج ٿيٽر ۽ ڊرامن ۾ به شهر واسين پنهنجي فن ۽ ذوق ۾ گهڻتائي ڪونه ڪئي. انهيءَ ئي دور ۾ چند باذوق اثر رسوخ رکندڙ نوجوان حيدرآباد جي ٿيٽر ڪمپنيءَ کي شهر ۾ وٺي آيا. محمود نالي هڪ اڌيڙ عمر جو شخص انهيءَ ڪمپنيءَ جو مالڪ هيو ۽ هي ٿيٽر ڪيترن سالن تائين عيدگاهه جي پرسان واري اتي جي پيهائيءَ واري مشين جي گرائونڊ ۾ هلندو رهيو. اهو زمانو سڻ کان چند سال اڳ وارو زمانو هو. روزانو نئون اسٽيج ڊرامو هلندو هو، سڄي شهر ۾ ٽانگن تي لائوڊ اسپيڪر رکي پبلسٽي ڪئي ويندي هئي ۽ رات شروع ٿيڻ سان ئي ڊرامي جي اسٽيج سجندي هئي. رحمت گجراتيءَ نالي هڪ خصوبصورت نوجوان هيرو جو ڪردار ڪندو، ڪڏهن مجنون، ڪڏهن فرهاد، ڪڏهن رانجهو ته ڪڏهن چا، همراهه سريلو به ڏاڍو هو، چمني جي ڏن تي سنڌس راڳ واهه جو سمان ٺاهيندو هيو. اهي ڊراما اردوءَ ۾ ٿيندا هيا.

انهيءَ ڪمپنيءَ جي وڃڻ کان پوءِ شهر جي نوجوانن کي اچي شوق جاڳيو ۽ ڏسندي ڏسندي يوٿ ڪلب جي نالي سان هڪ ڊراماٽڪ سوسائٽي جوڙي ورتائون. هن ڪلب ۾ ڳوٺ جا ناميارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺهو ميمبر هئا جهڙوڪ: ڪريم بخش کهڙو صاحب، محمد صديق ميراڻي، عبدالغفور ميراڻي، محمد عالم ڪنڀر، محمد آچر ڪنڀر وغيره، ڪين شهر جي ٻين دوستن ۽ معززن جو ڀرپور ساٿ هيو. آغا محمد حسن، قاضي علي گوهر خان، محمد بخش ڪنڀر به سندن ساڳي پائيوار هيا. هن ڪلب پهريون اسٽيج ڊرامو "باغبان" جي نالي سان پيش ڪيو. جيا ته ڊرامو هيو، آغا حشر ڪاشميريءَ جو ڊرامو، هنن همراهن رات ڏينهن محنت ڪري شاهڪار بڻائي ڇڏيو، ائين لڳندو هيو جهڙوڪ زنده فلم پئي هلي. ڊرامو ٽن ڏينهن لاءِ رٿيل هجي، جيڪو ماڻهن جي پسند ڪري ڪيئي هفتا هليو. هن شاهڪار ڊرامي جو ڊئريڪٽر گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي جو ڊرائنگ جو اُستاد مرحوم مصري خان هيو، جيڪو ولين جو ڪردار به ڪندو هيو، هيرو باغبان مرحوم محمد عالم ڪنڀر، جهڙو سهڻو هوندو هيو، تهڙو سريلو آواز هيس، مٿس ولين جو جبر ۽ ڏاڍ ٿيندو ڏسي، شائقين ڏيکرون ڏئي روئيندا هيا ۽ ولين (مصري خان) کي پيٽ ماءُ جون گاريون ڏيندا هيا. هيروئن برجليس جو ڪردار سائين محمد پنهل پنجو ميراڻي ڪندو هيو، جيا ته سونهندو هيو برجليس جي روپ ۾، ڪو سمجهڻ کان قاصر هو ته اهو ڇوڪرو آهي يا عورت. ساڳي ڊرامي لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور جي سنڌ ليول تي ٿيندڙ مقابلي جي ڊرامن ۾ ڪيئي دفعا پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ساڳيءَ ڪلب ٻيا به ڪيترا ڊراما ڪيا جهڙوڪ: "خانه بدوش"، "ليلا مجنون"، "قسمت"، "بيداري" وغيره پر "باغبان" جهڙو رڪارڊ ٻئي ڪنهن ڊرامي ناهي نه سگهيو. هن ڊرامي جي افتتاحي ڏينهن تي مرحوم سڪندر علي خان پنو مهمان خصوصي هيو.

انهن ئي ڏينهن ۾ نياز حسين ميراڻيءَ به هڪ ڊراماٽڪ ڪلب جو وجود قائم ڪيو. ۽ ٻه چار ڊراما ڪيا، جن ۾ هيرو جو ڪردار نياز حسين ميراڻي ادا ڪندو هيو. ۽ هيروئن جو ڪردار پناڻ جت. نياز حسين ميراڻيءَ جي ڪلب به چند سالن تائين سرگرم رهي ۽ پوءِ آهستي آهستي اهي سرگرميون ٺڏيون ٿي ويون.

١٩٦٧ع ۾ محفلِ مهراڻ جي نالي سان ادبي ۽ ثقافتي سنگت جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجود پيو جنهنجو روح روان محمد آچر مخمور هيو. هن محفل جي ٻين سرگرم ميمبرن ۾ الهڏنو ناريجو، استاد گهايل، محبوب علي پنهور ۽ عبدالغفار تبسم هيا. هن ادبي ۽ ثقافتي سنگت جون هفتيوار گڏجاڻيون ٿينديون هيون ۽ طرحي مشاعرو ننڍي پيماني تي ٿيندو هيو. اڳتي هلي عبدالغفار تبسم جي سنگت ۾ قمرالدين قاضي به انهيءَ سنگت جو ميمبر بڻيو. انهيءَ ئي سنگت جي پليٽ فارم تان به ٽي سال لاڳيتو "شاه جي ورسي" جي حوالي سان ادبي ۽ ثقافتي پروگرام ۽ راڳ رنگ جون محفلون ٿيون. پهرين نشست مقالن جي، ٻي مشاعري جي ۽ آخر ۾ راڳ رنگ. مشاعرن ۾ وڏا وڏا شاعر جهڙوڪ: عبدالله اثر، نثار بزمي ۽ ٻيا ڪيئي محترم نالا شريڪ ٿيندا رهيا ۽ ڳائڻ ۾ استاد گلزار علي خان، سينگار علي سليم، مائي ڀاڳي، ڊول فقير، استاد خورشيد علي خان، رجب علي، وحيد علي ۽ ٻيا ڪيترائي راڳي شريڪ ٿيندا رهيا.

عبدالغفار تبسم انهيءَ دور جي راڳ رنگ، ڪلا ۽ ڪويتا جو روح روان هيو، اڻين چئجي ته راڳ، موسيقي ۽ ڪويتا سندس رڳ رڳ ۾ سمايل آهن ته وڌاءُ ڪونه ٿيندو. پنهنجي خوش اخلاقيءَ ۽ مسڪراهٽ سان ماڻهن کي موهيندڙ هن ماڻهوءَ وڏن وڏن استادن کي به پنهنجو گرويدو بڻائي ڇڏيو. انهن ساليانا فنڪشن کان علاوه به جڏهن تبسم جو موڊ ٿيندو، استاد گلزار علي خان ۽ استاد خورشيد علي خان کي نينڊ ڏيندو هو، ۽ هو مرحوم به پنهنجا سمورا پروگرام ڇڏي اچي تبسم جو سڏ پريندا ۽ پوري رات ڪلام ۽ ڪويتا جو رنگ هلندو هو. صبح جو ٿهل ٽڪور، ناشتا وغيره ڪرائي فنڪارن کي خدا حافظ ڪبو هو.

ساڳين سالن ۾، تبسم چند قريبي دوستن جهڙوڪ قمر الدين قاضي، غلام سرور ناريجو، گل محمد جوکيو، غلام شبير ميراڻي ۽ ٻين دوستن سان گڏجي اسٽار ڪلب جي نالي سان هڪ ڊراما سوسائٽي ٺاهي ۽ چند ڊراما، شيرين فرهاد، انصاف ۽ ٻيا پيش ڪيا ۽ چند سالن تائين هيءَ ڪلب سرگرم رهي ۽ ان کان پوءِ ١٩٧٠ع کان وٺي ١٩٩٠ع تائين (پورا ٢٠ سال) شهر جي ثقافتي رنگ تي جمود طاري رهيو ۽ ڪا قابل ذڪر سرگرمي ڪونه ٿي، وري پوءِ ١٩٩٠ع کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوجوان نسلَ حسين بخش ناريجو صاحب جي سرپرستيءَ ۾ فعال ٿيا انهن جو تفصيل هيٺين ريت آهي.

(قمر الدين قاضي)

۱۹۹۰ع ۾ ٺٽون ديرو جي اسڪائوٽ گروپ "قاتل" جي نالي سان هڪ ڊرامو پيش ڪيو جنهن جو ليکڪ جبار آزاد منگي ۽ هدايتڪار ايم رفيع لغاري هو. هن ڊرامي جو هيرو رشيد ڪرتيو هو جڏهن ته امان الله قاضي، واليءَ ڏنو سيڙهو ۽ دليپ ڪمار اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. ان کان پوءِ هي سلسلو هڪ دفعو ٻيهر رُڪجي ويو ۽ هر شخص ڪاروبار زندگيءَ ۾ گم ٿي ويو۽ ۱۲ فيبروري ۱۹۹۳ع تي ٺٽون ديري جي هڪ نوجوان آغا رفيق وقار نيو اسٽار ڪلچرل سوسائٽيءَ جو بنياد وڌو. هن تنظيم جو صدر آغا رفيق وقار، نائب صدر خليل الله کهڙو ۽ جنرل سيڪريٽري اختر علي جوکيو ٿيا. نيو اسٽار ڪلچرل سوسائٽي اختر جوکئي جي لکيل ڊرامي "وفا جو امتحان" سان سيپٽمبر ۱۹۹۴ع ۾ شروعات ڪئي، جڏهن ته ڊرامي جو هدايتڪار ۽ هيرو به اختر جوکيو هيو. هن ڊرامي ۾ منير ڪنڀر ۽ امان الله کهڙو سٺي ڪارڪردگي پيش ڪئي جڏهن ته سليم عباسيءَ ڊبل رول ڪيو. ائين نيواسٽار ڪلچرل سوسائٽيءَ جي محترم حسين بخش ناريجي جي زير سرپرستي شروعات ٿي. ۱۹۹۵ع جي شروعات ۾ عيدالفطر تي نيو اسٽار ڪلچرل سوسائٽي طرفان ڊرامو "عيد، ۽ لاٽ جي لاءِ" پيش ڪيو ويو. هن ڊرامي جو ڪهاڻيڪار ۽ هدايتڪار آغا رفيق وقار هو، هن ڊرامي ۾ منصف راهي ۽ فهيم حسن جي مزاحيه اداڪاري ڇانيل رهي. بعد ۾ عيدالاضحيٰ کان ۳ ڏينهن اڳ ۾ اسڪائوٽ گروپ هڪ ڀيرو ٻيهر ايم رفيع لغاريءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ ڊرامو "سجاڳي کان پوءِ" پيش ڪيو. هن ڊرامي جو هيرو رشيد ڪرتيو هو، هن ڊرامي ۾ غريب مسڪين جي روپ ۾ عبدالرحمان سوائيءَ ۽ ننڍڙن ڪردارن ۾ رضوان مگريو ۽ فوزيه مگريو جي ڪارڪردگي پڻ بهترين رهي، جڏهن ته ولين جو ڪردار ايم رفيع لغاريءَ ادا ڪيو نيڪ ٿي ڏينهن پوءِ عيد الاضحيٰ جي ڏينهن نيواسٽار ڪلچرل سوسائٽيءَ طرفان ڊرامو "احساس" پيش ڪيو ويو. هن ڊرامي جو ڪهاڻيڪار ۽ هدايتڪار آغا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪردار ياسين ناريجي ادا ڪيو. زنانون ڪتائيندڙ ڇوڪرن جي ڪردار ۾ جاني امجد ۽ اعجاز جماڻيءَ سٺو پرفارم ڪيو، آخوند صالح جو ڪردار امان الله کهڙو ۽ ليڊير ڪردار عمران لاڙڪ سٺو نڀايو. نومبر ۱۹۹۸ع ۾ نيو اسٽار ڪلچرل سوسائٽيءَ طرفان ڊرامو ”روهڙيءَ ۾ رونشا“ پيش ڪيو ويو. امر جليل جي مجموعي ”دل جي دنيا“ مان ورتل هن ڊرامي جي ڊرامائي تشڪيل آغا رفيق وقار ڏني، هدايتڪار منصف راهي هو. ڊرامي ۾ قيوم ڪرتيو، منصف راهي ۽ ياسين ناريجو سٺو پرفارم ڪيو. منصف راهي ڊبل ڪردار ۾ آيو ليڊير ڪردار ”برڪا“ ۾ عمران لاڙڪ اعليٰ ڪارڪردگي ڏيکاري. مارچ ۱۹۹۹ع ۾ نيو اسٽار ڪلچرل سوسائٽيءَ طرفان ڊرامو ”اسپيشل ڊيوٽي“ تيار ڪيو ويو. جنهن جو ڪهاڻيڪار آغا رفيق وقار ۽ هدايتڪار منصف راهي هو ان ڊرامي واري فنڪشن ۾ نامياري شاعر عبدالغفار تبسم جي دستاربندي ۽ مرحوم مريد عباس جي تاجپوشيءَ جو پروگرام رٿيل هو ليڪن مريد عباس جي قتل ٿي وڃڻ ڪري هي پروگرام ختم ڪيو ويو. نومبر ۱۹۹۹ع ۾ نيواسٽار ڪلچرل سوسائٽيءَ طرفان ڊرامو، ”جو ڏاڍو سو گابو“ پيش ڪيو ويو. ماهتاب محبوب جي ڪهاڻيءَ ”پوري وِچ“ کي ڊرامائي تشڪيل آغاز رفيق وقار ڏني، هدايتڪار عبدالقيوم ڪرتيو هيو. ڊرامي ۾ شفيق کهڙو، عبدالله عادل ۽ فياض سيال سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري. جنوري ۲۰۰۰ع تي عيدالفطر جي ڏينهن نيو اسٽار ڪلچرل سوسائٽي طرفان ڊرامو ”اپٽي گهوٽ ته نشا ٿيوني“ پيش ڪيو ويو هن ڊرامي جو ڪهاڻيڪار آغا رفيق وقار، هدايتڪار منصف راهي هو، هن ڊرامي جو هيرو عبدالقيوم ڪرتيو هو، هن ڊرامي ۾ ثناءُالله مگنيجو، فهيم حسن ۽ منصف راهي ڪاميڊي ڪردارن ۾ بهترين پرفارمنس ڏني، جڏهن ته ليڊير ڪردار ”سارا“ ۾ حسب معمول عمران لاڙڪ اعليٰ ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪيو. هن ڊرامي ۾ محمد علي سولنگي، اختر جوڻيجو، ۽ رجب سومري جي ڪارڪردگي به لائقِ تحسين رهي. نئون ديرو ۾ هن وقت نيو اسٽار ڪلچرل سوسائٽي ئي واحد تنظيم آهي جيڪا اسٽيج ڊرامن جي حوالي سان سرگرم عمل آهي.

(رفيق وقار کهڙو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ادبي سنگت نئون ديرو

هن وقت نئون ديري ۾ ادبي سرگرميون عروج تي آهن، انهن سرگرمين جو مرڪز آهي سنڌي ادبي سنگت. سنڌي ادبي سنگت جو باقاعده طور تي قيام نومبر ١٩٨٦ع ۾ ان ڪري پيو، جڏهن سنڌ جي ناليواري شاعر آئم ناٿن شاهي جي اعزاز ۾ قائم ٿيل آئم ادبي سنگت پاران ساٿس ملهايل شاندار رهاڻ جي موقعي تي، هن پنهنجي نالي پٺيان ۾ قائم ٿيل بزم کي سنڌي ادبي سنگت ۾ ضم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. تنهن بعد نوجوان شاعرن منٺار سولنگيءَ ۽ اياز جانيءَ انجو باقاعده طور تي اجراء ڪيو. ساڳي ئي مهيني سنڌي ادبي سنگت مرڪز پاران ٽنڊو آدم ۾ ٿيل ڪاروباري ڪميٽي جي اجلاس ۾ کيس پڪو الحاق ڏنو ويو. ان کان پوءِ سنڌي ادبي سنگت جا باقاعده طور تي ادبي ڪلاسز شروع ٿيا. ان کان پهرين ٧٧_ ١٩٧٦ع واري دور ۾ محترم غلام حسين ڪنڀر ۽ محترم ملڪ آگاڻي سنگت جي شاخ کولڻ لاءِ تحرڪ ورتو ۽ ٻه ٽي گڏجاڻيون به ڪرايون هئائون پر هو ان کي مستقل طور تي هلائي نه سگهيا ۽ جلد ئي اهو سلسلو بند ٿي ويو. ان کان پوءِ ٻيهر ١٩٨٦ع ۾ محترم مهراڻ سنڌيءَ سنگت جي شاخ کولڻ لاءِ ڪجهه ڇر پر ڪئي پر هو به ان ۾ ڪامياب نه ويو. ان کان پوءِ ٽيهر هنن نوجوان دوستن جي ڪوشش سفلتا ماڻي ۽ سنگت جون سرگرميون شروع ٿيون.

هن وقت تائين سنڌي ادبي سنگت نئون ديرو پنهنجي ١٤ سالن جي عرصي دوران ڪيترائي يادگار پروگرام ڪرايا آهن. جن کي سنڌ سطح تي مڃتا ملي چڪي آهي. ۽ هن ئي سنگت جي پليٽ فارم تان ٿيندڙ پروگرامن ۾ سنڌ جا ڪيترائي ناليوارا اديب، شاعر ۽ دانشور شريڪ ٿي چڪا آهن، جن ۾ رسول بخش پليجو، ڪامريڊ سوڀو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيانچندائي، استاد بخاري، فهميده رياض (اردو شاعره)، مختيار نير (هندوڪو شاعر)، توقير چغتائي (پنجابي شاعر)، صابر بلوچ (بلوچي شاعر)، علي اڪبر رضوي (اردو اسڪالر)، حسين انجم (فارسي ۽ اردو شاعر)، تاج بلوچ، طارق اشرف، غلام نبي مغل، واجد، آثم ناٿن شاهي، وفا ناٿن شاهي، نثار بزمي، اميد خيرپوري، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو، فتاح عابد، ادل سومرو، اياز گل، مختيار ملڪ، شڪيل پريالوي، گل حسن گوپانگ "شاد"، احمد خان مدهوش، نشتر ناٿن شاهي، جوهر بروهي، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، ڊاڪٽر بشير احمد شاد، انور ابڙو، ايوب گاد، اخلاق انصاري، رزاق مهر، محمد علي پٺاڻ، سرڪش سنڌي، عنايت ميمڻ، مشتاق بخاري، مقصود گل، مختار گهمرو، پروفيسر اياز قادري، دادا سنڌي، تاجل بيوس، رڪيل مورائي، احمد سولنگي، آسي زميني، يوسف سنڌي، پرويز، اختر درگاهي، ايس- جي ياڳيا، غلام نبي ناشاد سميت ٻيا ٻه سنڌ جا اڻ ڳڻيا قلمڪار اچي وڃن ٿا. ان کان علاوه ٻين ليکڪن جي به ڊگهي فهرست آهي، جيڪي سنگت جي مختلف پروگرامن ۾ شريڪ ٿيندا رهيا آهن.

سنگت ننون ديرو هوندي ته ڪيترائي يادگار پروگرام ڪرايا آهن، جن کي سنڌ جي ادبي حلقن ۾ تمام گهڻي پذيرائي ملي آهي. پر جون ١٩٩١ع ۾ ٿيندڙ "ساڃاهه ۽ سرت ڀري سانجهه" پروگرام هڪ يادگار حيثيت رکي ٿو. ان کان علاوه هن سنگت ڪيترن ئي قلمڪارن ۽ فنڪارن سان رهاڻيون، شامون ملهايون آهن. ڪيترن ئي موضوعن تي مذاڪرا ليڪچر منعقد ڪرايا آهن. ڪيترن ئي ليکڪن جي مان ۾ آجياڻا ڏنا آهن. ڪيترن ئي ڪتابن جون مهورتون ڪرايون آهن ۽ ڪيترا ئي پيرا مشاعرا ۽ موسيقي جا پروگرام منعقد ڪرايا آهن. سنگت ننون ديرو ٻه ڪتاب، پهريون انجنيئر عبدالوهاب سهتي جي ڪهاڻين جو مجموعو "جڏهن بت ٿي چوي ڪافر"، ٻيو ناميارو شاعر محمد علي پٺاڻ جو شعري مجموعو "عاشورا آهن" به شايع ڪرايا آهن. ڪيس بهترين ڪارڪردگيءَ تي ١٩٩٢ع ۾ سنڌ جي بهترين شاخ جو ايوارڊ پڻ ملي چڪو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو ٽي سال سنگت جو مسلسل سيڪريٽري رهيو. ان کان پوءِ امام راشدي، منظور منگي، امتياز ڪلهوڙو، عبدالطيف ڪرٽيو، اسد ڪنڀر ۽ عبيد ڪنڀر، سنگت ٿٽون ديرو جا سيڪريٽري رهي چڪا آهن. هن وقت امتياز سومرو سيڪريٽري آهي. جنهن جي اڳواڻيءَ ۾ سنگت ٿٽون ديرو پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهي آهي.

(منظور منگي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترتيب: عبداللطيف ڪرتيو

# نئون ديرو شهر جو پروفائيل

| | |
|---|---|
| 1998ع ۾ شهر جي آبادي: | 28150 |
| مرد: | 14500 |
| عورتون: | 13650 |
| گهرن جو تعداد : | 4500 |
| ڪچا گهر: | 2733 |
| پڪا گهر: | 1396 |
| ڪچا/ پڪا گهر: | 371 |
| ڪرياني جا دوڪان: (ايسوسيئيشن وٽ رجسٽرڊ) | 32 |
| مختلف پاڙن ۾ قائم ڪريانه جا دڪان: | 100 |
| ميڊيڪل اسٽور: | 25 |
| MBBS ڊاڪٽرن جون خانگي اسپتالون | 17 |
| حڪيم (سند يافته): | 2 |
| عطائي ڊاڪٽر: | 8 |
| مٺائيءَ جا دوڪان: | 7 |
| سبزيءَ جا دوڪان: | 45 |
| وڏي گوشت جا دوڪان: | 13 |
| ننڍي گوشت جا دوڪان: | 2 |
| مڇيءَ جا دوڪان: | 10 |
| درزي: | 45 |
| ڪپڙي جا دوڪان: | 30 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| حجم | 43 |
| مڇارڪا دڪان (جنرل اسٽور): | 28 |
| فوٽو اسٽوڊيوز: | 3 |
| سونارا: | 11 |
| سون جي مرمت جا دوڪان: | 4 |
| لوهارڪا دوڪان: | 12 |
| پان جا دوڪان: | 4 |
| بوڪ اسٽور: | 2 |
| سائيڪلن جا دوڪان: | 16 |
| ٽينٽ ڊيڪوريشن جا دوڪان: | 11 |
| ٻنڪون: | 3 |
| موچي: | 13 |
| شيلر: | 5 |
| هيلر: | 5 |
| آئل انجڻ: | 1 |
| اٽي پيهڻ جو مشينون: | 6 |
| آرا مشين: | 4 |
| ڊراءِ ڪلينر: | 18 |
| مانجٽيون: | 62 |
| چمڙي جا دوڪان: | 2 |
| ٽانگا: | 36 |
| گڏهه گاڏا: | 53 |
| ريڙهيون: | 161 |
| تعليمي ادارا (سرڪاري ۽ خانگي): | 23 |
| گرڊ اسٽيشن: | 1 |
| صحت جا مرڪز (سرڪاري): | 2 |

Soorih Mirani

پينٽور: 2

موٽر سائيڪلن جي مرمت جا دڪان: 7

موٽر گئريج: 5

هوٽل: 52

## دڪاندارن جي مختلف ايسوسيئيشنس جو تفصيل

### (1) ڪرياني مرچنٽ ايسوسيئيشن

صدر: عبدالخالق پنھو

جنرل سيڪريٽري: منو مل

### (2) ميڊيڪل اسٽور ايسوسيئيشن

صدر: هوند راج روهڙا

جنرل سيڪريٽري: مرلي ڌر

### (3) ٽيلر ماسٽر ايسوسيئيشن

صدر: منظور علي ميراڻي

جنرل سيڪريٽري: امان الله قاضي

### (4) ڪلاٿ مرچنٽ ايسوسيئيشن

صدر: محمد خان سيال

جنرل سيڪريٽري: پڄو مل

### (5) هيئر ڊريسر ايسوسيئيشن

صدر: امام بخش منگي

### (6) جنرل اسٽور ايسوسيئيشن

صدر: ٺاڪو مل

جنرل سيڪريٽري: نارو مل

"تيرنهن تاريخ صبح جو اسين اٺ ميل مارچ ڪري نئون ديري ۾ آياسين، رستو سٺو هيو، هي ملڪ ڪافي آباد ٿي ڏسڻ ۾ آيو. ڳوٺن جي پسگرداني انبن ۽ ڪجيءَ جي باغن سبب ڏاڍي وڻندڙ ٿي لڳي. اسين هڪ باغ واري بنگلي ۾ ٽڪياسين" ......

"نئون ديرو وڏو ڳوٺ آهي جو مير محمد خان جو آهي. هن جي طرفان محمد خان سيال نالي هڪ پيرسن شخص ڳوٺ جو انتظام سنڀاليندو آهي. هتي ڪاڏي پيتي جي شين جي حيرت انگيز سستائي آهي. مون ٻن ٻن پئسن ۾ وڏيون ڪڪڙيون خريد ڪيون جيڪي لنڊن ۾ هڪ هڪ ٻن ٻن روپين ۾ به هوند ملن. پيون شيون پڻ اتان جي پيٽ ۾ ڪافي سهانگيون هيون."

(ايسٽ انڊيا ڪمپني جي نمائندي ڪيپٽن ايسٽ ـ وڪ جي ترجمان لطف الله سورتي جي آتو بايو گرافي تان ورتل- ۱۸۳۸ع)

NAUDERO HISTORICAL SOCIETY

نئون ديرو هسٽاريڪل سوسائٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

**books.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهه سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu